


# شمشير الحيدري

## شخصيت ۽ فن

مرتب

مهرالنساء لاڙڪ

سنڌي ادبي بورڊ

# شمشير الحيدري

## شخصيت ۽ فن

مرتب

مهرالنساء لاڙڪ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2013ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

ڇاپو پهريون سال 2013ع تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت
کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم
شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**قيمت: ٻه سؤ پنجاهه رپيا**
**(Price. Rs: 250-00)**

خريداري لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
**تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ**
**(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)**
**Email: sindhiab@yahoo.com**
**www. Sindhiadabiboard.org**

هيءُ ڪتاب الهڏتو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، پيڪاڪ پرنٽرس
ڪراچيءَ مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

شمشيرالحيدري سنڌي ادب ۽ صحافت جو هڪ وڏو نالو آهي. پاڻ هڪ مهان شاعر کان وڌيڪ هڪ نثرنگار جي حيثيت ۾ پنهنجي درد ۽ سوچن جا نقش ڇڏي سنڌ ۽ سنڌ واسين کي ارپيا آهن. سنڌ جو هيءُ مها ڪوي پنهنجي شخصيت ۽ فن ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي.

شمشيرالحيدري سنڌي ٻوليءَ جو نامور شاعر ۽ ليکڪ هئڻ سان گڏ و گڏ هڪ بهترين ايڊيٽر به هو ۽ کين ادب ۽ صحافت ۾ هڪ اعليٰ مقام حاصل آهي. پاڻ 11 سال سنڌي ادب جي علمي، ادبي ۽ تحقيقي رسالن ٽماهي "مهراڻ" ۽ ماهوار "نئين زندگي" جو ايڊيٽر ٿي رهيا ۽ پاڻ جنهن محنت سان انهن ٻنهي رسالن جي معيار کي برقرار رکيو اُهو اُن دور جي پرچن مان نمايان نظر ٿو اچي.

سنڌي ادبي بورڊ پاران سنڌ جي سڄاڻ ۽ برک اديبن، شاعرن ۽ فن سان لاڳاپيل سنڌ جي سرموڙ شخصيتن بابت 'اينٽالاجيز' شايع ڪرڻ جو فيصلو رٿيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب "**شمشيرالحيدري: شخصيت ۽ فن**" به اُن سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي جنهن لاءِ بورڊ سنڌي ادب جي نامياري ليکڪ محترمہ مهرالنساء لاڙڪ صاحبہ جو ٿورائتو آهي جنهن صاحبہ وڏي محنت ڪري سنڌ جي ناميارن ليکڪن پاران سنڌ جي هِن مهان شاعر ۽ نثرنگار جي وفات جي

موقعي تي ڏنل تاثرات ۽ سندن شخصيت ۽ فن لکيل مقالن ۽ مضمونن کي يڪجا ڪري ڪتابي صورت ۾ آندو آهي.

مرحوم شمشيرالحيدري جي قدرشناسيءَ طور، محترمہ مهرالنساء لاڙڪ صاحبہ جي سهيڙيل هِن اينٿالاجيءَ کي آءٌ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ شايع ڪندي فخر پيو محسوس ڪريان. جنهن لاءِ آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمن قبلہ مخدوم جميل الزمان صاحب جن جو بيحد ٿورائتو آهيان، جن پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلي کي آسان ڪيو.

توقع آهي تہ، بورڊ پاران شروع ڪيل 'ادبي اينٿالاجيز' وارو هيءُ سلسلو، ادبي حلقن سان گڏوگڏ، مانائتن ادب دوستن ۽ پڙهندڙن کي پڻ پسند ايندو.

11 شعبان المعظم 1434هہ

21 جون 2013ع

الهڏتو وگهيو

سيڪريٽري

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | پنهنجي پاران | پروفيسر مهرالنساء لاڙڪ | 7 |
| 2. | مقدمو۔ شمشير منهنجو يار | ۔ هدايت بلوچ | 11 |
| 3. | مربو تہ: مُرڪندي | ۔ ڊاڪٽر قاضي خادم | 27 |
| 4. | سُونهن جي درياءَ | ۔ ڊاڪٽر عابد مظهر | 36 |
| 5. | شمشيرالحيدري۔ منفرد ماڻهو | ۔ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال | 41 |
| 6. | شمشير ۽ حسن بانو | ۔ ڊاڪٽر سليمان شيخ | 46 |
| 7. | معتبر شاعر ۔ شمشيرالحيدري | ۔ ڊاڪٽر اسد جمال پلي | 49 |
| 8. | هيءَ من جي موج مثالي آ | ۔ ڊاڪٽر انورفگار هَڪڙو | 58 |
| 9. | شمشيرالحيدري: ترقي پسند تحريڪ جو اهم ڪمانڊر | ۔ ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 64 |
| 10. | حوصلي جو نانءُ هڪ شمشير هو..... | ۔ حفيظ ڪنير | 73 |
| 11. | هزارن ۾ حيدري آهيان | ۔ پروفيسر مهرالنساء لاڙڪ | 78 |
| 12. | سنڌ کان موڪلائيندڙ مور ۽ شمشير! | ۔ عزيز گوپانگ | 84 |
| 13. | اسان جون مسافتون شمشير طئہ ڪيون!! | ۔ ڊاڪٽر مخمور بخاري | 88 |
| 14. | ۽ مان اڄ موٽي وڃان پيو | ۔ زاهده ابڙو | 96 |
| 15. | ڏيئي جي لاٽ تہ هر حال ۾ رهي قائم | ۔ زهير حسين حيدري | 100 |
| 16. | هڪڙو شمشير هو زماني ۾ سو بہ اڄ دنيا مان گذاري ويو | ۔ حسينہ ساند | 104 |
| 17. | شمشيرالحيدري وري پيدا ڪونہ ٿيندو! | ۔ عبدالوهاب منشي | 109 |
| 18. | بهار جي خوشبوئن وارو ماڻهو منهنجا بابا شمشيرالحيدري | ۔ نسيم حيدري | 114 |
| 19. | وقت گذري ڪونہ ٿو پاڻ ئي گذرون پيا | ۔ ڊاڪٽر ايوب شيخ | 123 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 20. | عشق جو آخري سردار ٻه موڪلائي ويو | ـ امين لاکو | 128 |
| 21. | شمشيرالحيدري جون پيروڙيون | ـ مشتاق گبول | 132 |
| 22. | اوهان جي ڳالهه اوهان سان ڪجي ته ڪيئن؟ | ـ نسيم النساء | 139 |
| 23. | برهه جي بستيءَ ۾ شمشير جيهو جوڳي | ـ الطاف ملڪاڻي | 143 |
| 24. | اسين رات ڪي رات چوندا رهياسين | ـ عبدالرزاق عمراڻي | 147 |
| 25. | شمشير ـ جنم جنم جو جوڳي! | ـ مولائي ملاح | 153 |
| 26. | ماٺهو ميگهه ملهار | ـ شوڪت لوهار | 161 |
| 27. | هڪ روشن خيال دانشور | ـ دستگير ڀٽي | 169 |
| 28. | شمشيرالحيدري جو ڏکوئيندڙ وڇوڙو....! | ـ ناصر بلوچ | 172 |
| 29. | شمشير گذاري ويو | ـ مظهر خاصخيلي | 174 |
| 30. | شمشير علي ڪان شمشيرالحيدري تائين! | ـ رازق ڪٽي | 178 |
| 31. | مولا تي ننگ آ | ـ نثار ابڙو | 184 |
| 32. | شمشيرالحيدري جي وڇوڙي تي لکيل | ـ مظهر خاصخيلي | 191 |
| 33. | هڪڙو شمشير هو زماني ۾... | ـ خالد پنهور | 194 |
| 34. | هڪڙو شمشير هو زماني ۾... | ـ رضوان گل | 197 |
| 35. | شمشيرالحيدري جو وڇوڙو ۽ دل جي اڪيلائي جو داستان | ـ محمد بخش ڏاهري | 201 |
| 36. | امڙ جي ياد چوند نثري ٽڪرو | ـ شمشيرالحيدري | 206 |
| 37. | شمشيرالحيدري جو هفتيوار سنسار کي ڏنل يادگار انٽرويو | ـ انٽرويو | 207 |

# پنهنجي پاران

"وِيئي وَرَ مَرِ پُون، سُتي مِلن نہ سُپرين،
جي رندن متي روئن، ساڃن ملي تن کي"
(شاهہ)

بيشڪ، ساڃن انهن کي ئي ملندو آهي جيڪي دنياوي شين کان بالاتر ٿي سوچيندا آهن ۽ پنهنجي ذات کي ڪا بہ اهميت نہ ڏيندي، ٻين انسانن جي ڀلائي ۽ بهتري بابت سوچيندا آهن. اهڙن ئي ٻي لوث ماڻهن ۾ هڪ درويش صفت انسان شمشيرالحيدري هو. هن پنهنجي 80 سالہ زندگي، انتهائي محنت ۽ مشقت ۾ گذاري. خودداري سان ڀرپور هي انسان، جنهن پنهنجي سڄي زندگي قلم سان ۽ دوستن سان دوستيءَ ۾ گذاري، تنهن دنيا مان ويندي ويندي سنڌ واسين کي گهڻو مقروض ڪري ڇڏيو ۽ انهن مقروضن ۾ آئون بہ شامل آهيان. هڪ ننڍڙي اديب جي حيثيت ۾ آئون سمجهان ٿي تہ شمشيرالحيدري، سنڌي ادب ۽ صحافت لاءِ پنهنجي زندگي ارپي ڇڏي هئي. سندس لاڏاڻي تي بہ لڙڪ لاڙڻ سان گڏ مون سوچيو تہ، سائين جي شخصيت ۽ فن بابت ڪجهہ لکڻ گهرجي. پوءِ دل اهو فيصلو ڏنو تہ، سائين جي شخصيت ۽ فن بابت، معلومات گڏ ڪئي وڃي. سندن ويجها دوست جيڪي ادبي حوالي سان پڻ سٺي ساک رکن ٿا ۽ سندس شخصيت بابت تمام گهري ڄاڻ رکن ٿا، مون انهن سان رابطا ڪيا. آئون تمام گهڻي ٿورائتي آهيان، اُنهن سڀني سائين جي، جن فراخدلي سان، سهڪار ڪيو ۽ مقرر وقت اندر پنهنجا مقالا لکي موڪليا ۽ پنهنجن مقالن ۾ انتهائي محبت ۽ محنت جو ثبوت ڏيندي، شمشير جي شخصيت جي ڪافي باريڪ نڪتن تي پڻ روشني وڌي ۽ ايندڙ نسلن لاءِ معلومات ڏني آهي. مون لاءِ ٻيو مرحلو هو ڪتاب ڇپرائڻ جو.

سيني ادبي ساٿين مشورو ڏنو تہ سنڌ ۾ ٽي ادارا اهڙا آهن، جيڪي معياري ڪتاب ڇپرائڻ ۾ ساک رکن ٿا.

(1) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

(2) سنڌ ثقافت کاتو.

(3) سنڌ ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد.

مون تنهي ادارن سان ڪتاب جي ڇپرائڻ بابت، رابطو ڪرڻ جو سوچيو ۽ ليٽر لکي، پهرين سنڌي ادبي بورڊ کي موڪليم ۽ اجان ٻين ٻن مذڪوره ادارن لاءِ، ليٽر لکي رکيا هئم ۽ روانا نہ ڪيا هئم تہ ايترو جلد، سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري الهڏتي وِڳهئي جو فون آيو تہ، اسين اوهان جي، ڪتاب ڇپرائڻ جي ذميداري کڻون ٿا، اوهان ٻين ادارن سان رجوع نہ ڪريو. مون سندن ٿورا مڃيا تہ اِهو ڪم بہ آسان ٿي ويو.

سچ تہ اوهان پنهنجي مَن جي خواهش مطابق، پنهنجي دنيا نئين سر جوڙي سگهو ٿا، توهان هِن ڌرتي تي نوان نقش چٽي سگهو ٿا پر اُن جي تڪميل لاءِ اوهان کي ڪافي محنت ڪرڻي پوندي.

هن مُرتب ڪيل ڪتاب لاءِ، مقدمي لکرائڻ لاءِ بہ هڪ اهم مرحلو هو. جنهن لاءِ اهڙي ماڻهو کي تڪليف ڏيڻي هئي جيڪو اديب هئڻ سان گڏ، شمشير جي شخصيت ۽ فن کان بخوبي واقف پڻ هجي. سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري ياران سنڌ جي ڪجهہ مشهور قلمڪارن سان رابطو ڪيو ويو، پر سيني پنهنجي مصروفيت جو عُذر ڄاڻائيندي اِنڪار ڪيو ۽ آخرڪار، محترم هدايت بلوچ، جيڪو شمشيرالحيدري جو گهاٽو يار آهي، تنهن مقدمي لکڻ جي ذميواري کنئي ۽ واعدي مطابق، وقت سِر، مقدمو لکي موڪليائين. سندس لک قرب ۽ ٿورا_ حالانڪ هدايت بلوچ پاڻ بہ مصروف ماڻهو آهي. پر هيءَ بہ هڪ شمشير جو قرض سمجهي ۽ ادبي فرض سمجهي وقت ڪڍي لکي ڏنائين.

ٿورا مَر ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
ٽر ۾ واري ٽورڙي، تِنهان گهٽيرا،
پلايون پيرا، ڳٽي ڳٽينديس ڪيترا.

مقالا ۽ مقدمو جڏهن Compose ٿي ويا تہ اڳئين مرحلي ۾ ڪنهن نامور اديب ۽ محقق ۽ ٻوليءَ جي ماهر ڏانهن ڪتاب موڪليو ويندو آهي تہ جئين هو ڪتاب جي معيار کي، ادبي معيار تي پرکي سگهي. اِهو ذڪيو ۽ محنت طلب ڪم، سنڌ جي سڄاڻ ۽ ڏاهي اديب ڊاڪٽر ادل سومرو جي حوالي ڪيو ويو. جنهن پڻ پنهنجي ادبي ذميواري سمجهندي هِن ڪتاب کي باريڪ بيني سان پڙهيو ۽ پرکيو ۽ آخر ۾ راءِ ڏني تہ هي مرتب ڪيل ڪتاب، ڇپجڻ جي قابل آهي. آئون، ڊاڪٽر ادل سومري جي بہ ٿورائتي آهيان. جنهن پنهنجي مصروفيتن مان اِنتهائي قميتي وقت ڪڍي، ڪتاب کي پڙهيو ۽ پنهنجي راءِ کان آگاهہ ڪيو. هاڻي حتمي طور ڪتاب کي، مڪمل ڪرڻ لاءِ Proof reading لاءِ موڪليو ويو. 3 پيرا پروف پڙهيا ويا. پُوري ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ ڪٿي بہ ڪا صورتخطي جي يا گرامر جي ڪا غلطي نہ رهجي وڃي پر نادانستہ طور اگر ڪا غلطي ٿي وئي هجي تہ اُن جي نشاندهي ضرور ڪندا تہ جيئن اُن غلطي جو ٻئي ايڊيشن ۾ ورجاءُ نہ ٿئي.

سنڌ جي جِن بہ اديبن ۽ ليکڪن، اسان کي مقالا لکي ڏنا اُهي سڀ انتهائي قابل عزت آهن. پر فهرست ۾ اسان سينيارٽي کي سامهون رکندي، ان شئي جو خيال رکيو آهي تہ، سينئر اديب پهرين اچن ۽ جونيئر پوءِ ترتيب سان اچن. بس اديبن جو بہ هڪ گهراڻو آهي جنهن ۾ ڪجهہ سينئر آهن ۽ ڪجهہ جُونيئر. پر اسان لاءِ سڀ قابل عزت ۽ محترم آهن جِن اسان سان سهڪار ڪيو ۽ سائين شمشير کي پنهنجو سمجهي، ان جي شخصيت ۽ فن بابت لکيو. هي هڪ ريڪارڊ آهي.

ايندڙ وقت ۾ جڏهن اسان جا نسل پڙهندا ته ڪين شمشيرالحيدري جي شخصيت ۽ فن بابت سٺي ڄاڻ ملندي ۽ شمشير جي محنت ۽ محبت پرئي پورهئي بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهندا. اميد تي ڪريان ته منهنجي هي ڪوشش، پڙهندڙن جي دلين ۾ ضرور جاءِ حاصل ڪري سگهندي.

آئون هڪ دفعو ٻيهر، انهن اديبن، ليکڪن جي مشڪور آهيان، جن مون سان سهڪار ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري الهڏتي وگهئي جي به شڪر گذار آهيان جن، وڏي محنت ۽ دلچسپي سان، هِن ڪتاب کي پايہ تڪميل تائين پهچائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي.

شمشيرالحيدري جي شخصت بابت بس آئون اهو چونديس ته:

نہ گناهہ آهيون نہ ثواب آهيون
اسين ڏينهن ڏٺي جا خواب آهيون
اکيون بند ڪرين ته ڪنڊا ئي ڪنڊا
نہ کولين ته گلاب آهيون
جي نہ پڙهين ته آهيون ڪورا ڪاغذ،
جي پڙهين ته ڪيترا ڪتاب آهيون.

**پروفيسر مهرالنساءِ لاڙڪ**

# مقدمو

## شمشير منهنجو يار

سنڌي ادبي بورڊ مون کي خط لکيو تہ سنڌ جي نامياري شاعر ۽ ليکڪ جناب شمشيرالحيدري صاحب جن جي شخصيت ۽ فن تي محترمہ مهرالنساء لاڙڪ هڪ ڪتاب مرتب ڪيو آهي، جنهن ۾ سنڌي ادب جي نامور ليکڪن جا مقالا ۽ مضمون شامل آهن. مون کي چيو ويو آهي تہ مذڪوره ڪتاب تي مان مقدمو لکي بورڊ کي ڏياري موڪليان. ان سان گڏ ڇپجندڙ ڪتاب جي هڪ ڪاپي بہ موڪلي وئي آهي، جنهن ۾ تقريباً چوٽيهہ مضمون ۽ مقالا شامل آهن انهن ۾ هفتيوار سنسار کي شمشير کي ڏنل انٽرويو بہ شامل آهي مون سڀ مضمون ۽ مقالا پڙهيا آهن، جن ۾ شمشيرالحيدري جي زندگي جي هرهڪ پهلو تي روشني وڌي وئي آهي. سندس ذاتي زندگيءَ کان وٺي سندس شاعري ۽ صحافتي زندگي بابت گهڻو ڪجهہ آهي.

ان کان اڳ ڊاڪٽر نذير حسين حيدري اڪيڊمي بدين پاران زهير حسين حيدري، شمشيرالحيدري تي هڪ ڪتاب "مولا تي ننگ" پڻ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي جنهن جي انتساب جي ٻن ٽن لفظن ئي منهنجيون اکيون آليون ڪري ڇڏيون.

انهن ڇپن جي نانءُ
جن مان پهاڙ جيڏين پريشانين هوندي بہ
اهي ئي لفظ تي نڪتا تہ
مولا تي ننگ آ

هن ڪتاب ۾ پڻ انيتاليهہ مضمون شامل آهن جنهن ۾ منهنجو مضمون پڻ شامل آهي. بهرحال انهن ٻنهي ڪتابن کان پوءِ، شمشيرالحيدري بابت اڳتي لکڻ وارن لاءِ ڪافي سهوليت ٿي پوندي.

ان کان اڳ، سنڌ يونيورسٽي جي شعبي ماس ڪميونيڪيشن ۾ ماسٽر آف آرٽس جي ڊگري لاءِ محمد بخش مشڪور ڦلڪاري هڪ ٿيسز لکي هئي جنهن جو عنوان هو "شمشيرالحيدري، شخصيت، صحافتي خدمتون ۽ ڪم" اها ٿيسز 1989_1991ع دؤران لکي وئي هئي، جيڪا شعبي ماس ڪميونيڪيشن ۾ محفوظ هوندي.

مون کي ان ڳالهه تي ڪوبه غرور ناهي ته ايڏي وڏي سنڌ ۾، جتي عالمن اڪابرن جي ڪابه ڪمي ناهي، اتي شمشيرالحيدري بابت شايع ٿيندڙ ڪتاب "شمشيرالحيدري- شخصيت ۽ فن " جو مقدمو لکڻ جو ڪٽو مون تي پيو آهي، اهو انڪري نه ته مان ڪو وڏو اڪابر ليکڪ آهيان پر اهو ڪٽو مون تي ان ڪري نڪتو آهي جو شايد سموري سنڌ ۾ مان ئي شمشير جو وڌ ۾ وڌ ويجهو رهيو آهيان، اهو به ڪونهي ته مان ڪو علمي، ادبي لياقت يا شاعري يا وڏي ليکڪ هجڻ جي حيثيت سبب سندس دوست هوس. يقيناً اسان جي ويجهي هئڻ جو هڪ سبب منهنجي طبيعت شاعري ۽ ليکڪ هجڻ به آهي پر ان جو هڪ وڏو سبب اهو آهي ته اسان ڪراچي جي علائقي پاڪستان ڪوارٽرس ۾ ويجها رهندا هئاسين.

اتي شروعاتي دؤر ۾ تاجل بيوس به رهندو هو پوءِ اسان جو روز ملڻ ٿيندو هو. ڏينهن جو هرڪو نوڪرين بلي هوندو هو. شامون گڏ گذرنديون هيون. اهڙيءَ طرح ادبي دنيا ۾ اسان جو ٽياڪڙ مشهور ٿيو. اسان سان گڏ ويهڻ وارو هڪ غير معروف ۽ غير اديب پر ادب سان چاهه رکندڙ دوست امام پناڻ هوندو هو (آهي) جنهن کي شمشير مام دينا چوندو هو. جيئن سنڌيءَ ۾ پهاڪو مشهور آهي ته سو دل تي. سو ادبي حيثيت سان گڏ اسان جي ويجهڙائي ۾ رهڻ به اسان جي قربت جو هڪ وڏو سبب هو.

هن ڪتاب جو مقدمو لکڻ لاءِ جو مون کي چيو ويو آهي ته سوچيان ٿو ته جيڪر شمشير کان اڳ مان مري وڃان ها ته شمشير مون تي واهه جو ليک لکي ها ڇو ته هن کي لکڻ ايندو هو بقول سندس ته کيس لکڻ ۽ شاعري جي اٽڪل ايندي هئي. ريڊيو ٽيليويزن تي هلندي پروگرام هو پنا لکندو ڏيندو ويندو هو. لکڻ سندس کابي هٿ جو کيل هوندو هو هاٽي مان

هجان ايڏو وڏو ليکڪ تہ شمشير جهڙي ماڻهو تي ويهي لکان. يا تہ اها اٽڪل ڪريان جيئن اڪثر مقدمو لکڻ وارا ڪندا آهن. هومر، شيڪسپيئر ۽ شيلي، ٽي.ايس. ايليٽ کان شروع ٿيان ڪيٽس، رومي جامي سارتر اصل ڪوئي نہ ڇڏيان، ان جو فائدو هڪ تہ اهو ٿيندو جو مقدمو ڏکھو ۽ رعبدار بہ ٿيندو ۽ پنهنجي قابليت جي بہ واهہ واهہ ٿي ويندي، اول تہ منهنجي پنهنجي لائبريري بہ چڱي وڏي آهي نہ تہ بہ اجڪلهہ گوگل زنده آباد آهي. گهڻو لکڻ، ڏکھو لکڻ ۽ دنيا جا وڏا حوالا ڏيڻ تہ ڪاٻي هٿ جو کيل ٿي پيو آهي پر مان اهي اٽڪلون ڪونہ آزمائيندس. جيڪو ٿورو گهڻو لکي سگهيس اهو لکندس.

سنڌي سليمي، جيڪو ڪيڏڻ، هٽڙي ۽ هوسڙي ۾ رهندڙ عام ماڻهو بہ سمجهي سگهي.

شمشير جا انگريزي، سنڌي توڙي اردو اکر پڪا ۽ ڏاڍا خوبصورت هوندا هئا. اڪثر ماڻهو متان اهو سمجهندا هجن تہ شمشير رڳو سنڌي زبان جو وڏو اديب ۽ شاعر هو. شمشير کي انگريزي زبان جي ڊرافٽنگ بہ بهترين ايندي هئي. هو تمام سٺي ۽ رواني سان انگريزي بہ ڳالهائي سگهندو هو.

انور پيرزادي پنهنجي ڪتاب "جديد سنڌي ادب" جي صفحي 181 تي مولا تي ننگ آ، جي عنوان سان لکي ٿو: جيئن سڄي سنڌ هن کي سڃاڻي، تيئن مان بہ هن کي سڃاڻندو هئس، تہ ون يونٽ واري خوفناڪ دؤر ۾ هو سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل هو ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ سنڌس ساٿين سان گڏجي هو سڄي سنڌ ۾ ون يونٽ خلاف مهم هلائيندو هو تہ شمشير واري سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي وڏي ۾ وڏي سياسي پارٽي هئي. جيڪا جڏهن ڪال (سڏ) ڏيندي هئي تہ سڄي سنڌ اُٿلي پوندي هئي تہ شمشير سنڌ جي جديد ادبي تاريخ جي چئن وڏن ٿنڀن مان هڪ هو. اياز، شمشير، تنوير ۽ امداد. هو آزاد نظم جو جادوگر هو.

پر 2004ع ۾ هن سان گڏ سنڌ گزيٽيئر لکڻ دؤران مون کي ساڻس گڏ رهڻ جو پهريون موقعو مليو تہ مون کي حيرت لڳي تہ هن ماڻهوءَ ۾ ڪيترين تہ لڪل خوبيون آهن جن جي اڳ اسان کي خبر ڪانہ هئي ۽

مون کي محسوس ٿيو ته هو سنڌ جو وڏو اثاثو آهي جنهن جو قدر گهٽ ۾ گهٽ اسان هن جي حياتيءَ ۾ ڪري نه سگهيا آهيون.

شمشير کي انگريزي ٻوليءَ تي جيڪا دسترس آهي ان جو مون کي اڳي اندازو نه هو. هن جي ڪنگس انگلش ڏسي مون واقعي انجواءِ ڪيو ۽ انگريزي ۾ ايڊيٽنگ ڪندي مون ڏٺو ته هن جا فل اسٽاپ ۽ ڪامائون ڳالهائي رهيون آهن.

## شمشير جي زندگي ۾ 11 جي انگ جي اهميت:

11 سال شمشير مهراڻ رسالي جو ايڊيٽر رهيو.

11 سال ماهوار نئين زندگي جو ايڊيٽر رهيو.

11 سال سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل رهيو.

## ترقي پسنديءَ جو سفر:

شمشير تي ترقي پسندي جو اثر گهڻو تڻو سندس زندگي ۾ آيل ٻن شخصيتن باعث ٿيو.

(1) سندس مامون، نذير حسين حيدري جنهن وٽ هو پليو ۽ تربيت حاصل ڪئي. ننڍي هوندي ئي شمشير جي والده گذاري وئي. سندس والد ٻي شادي ڪئي والد جي عدم توجهي سبب هو پنهنجي مامي نذير حسين حيدري وٽ پليو. جيڪو بهترين مقرر، صحافي، حڪيم، سماج سڌارڪ ۽ اديب هو. وٽس وڏي لائبريري هئي جتي مذهب، فقه، ترقي پسند ادب ۽ ٻيا ڪيئي ڪتاب موجود هئا. جيڪي شمشير پڙهيا ۽ پرجهيا.

حيدري تخلص بہ هن پنهنجي مامي نذير حسين حيدري کان متاثر ٿي رکيو ورنہ سندس والد جعفري سڏائيندو هو. شمشير جا ٻيا ڇهہ ڀائر حيدري نہ سڏائيندا هئا.

(2) سندس زندگي ۾ سوشلسٽ ۽ مارڪسوادي لاڙا اختر رضوي سان دوستي سبب آيا جيڪو ٻڙ اردو زبان جو وڏو ڪامريڊ ليکيو ويندو هو. هي ڪجهہ اهڙيون ڳالهيون هيون جن لاءِ مون ضروري سمجهيو تہ انهن جو تت ٿورن لفظن ۾ اوهان جي آڏو پيش ڪريان. باقي تہ سندس سموري زندگي جو احوال ڪتاب ۾ هِتي هُتي پکڙيل آهي.

تعليم، ملازمتن ۽ صحافتي زندگي جا تفصيلي احوال لکيا پيا آهن.

مولا تي ننگ آ، شمشير جو تکيو ڪلام هوندو هو جنهن کي اسان سڀ انجواءِ ڪندا هئاسون کلندا هئاسين، ڪڏهن سنجيدگي سان سوچيون ته هن مولائي، مفلس، نادار ۽ ڪمزور جي زبان تي هر وقت اهو جملو چو هوندو هو. سچل سرمست جو ڪلام آهي، "ننگڙا نماڻي دا جيوين تيوين پالڻا" شايد شمشير سچل جي ان ڪلام کان متاثر ٿي ان تڪيي ڪلام جو انتخاب ڪيو هوندو. مطلب ته ڪنهن به دنيادار طاقتور شخص آڏو جهڪڻو ناهي. ائين جڻ قرآن پاڪ جي صورت الفاتحه ۾ هنن لفظن جو عملي جامو هجي. "اياک نعبد و اياک نستعين" ترجمو: اسان فقط تنهنجي ئي ٻانهپ ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا. اڇو ته پيٽ ڪريون ته مسجد جي مُلان ۽ مڏ پيئڻ واري ملنگ شمشير ٻنهي منجهان خدا تي ڪنهن کي وڌيل اعتقاد ۽ اعتماد آهي ۽ ٻنهيءَ مان وڌيڪ خوددار ڪير آهي. مسجد جو مُلان گهٽ ڪري مسجد سان گڏ ٺهيل مفت واري گهر ۾ رهندو آهي ۽ پاڙي مان پنيل مانيون کائيندو آهي، سندس گذر سفر به اڪثر مسجد لاءِ حاصل ٿيل چندي تي هوندو آهي مسجد جي مُلان جي چلهه شايد ئي ٻرندي هجي ۽ شمشير جو مولا تي ننگ هوندو هو. هو پنهنجي دال ماني يا سڪل ڊوڊو به پنهنجي گهران کائيندو هو.

منگ تنهين کان منگڻان جو ڏهاڙي ڏئي.

پر هي ته گهري به نه ٿو هي ته ائين به نه ٿو چوي:

يا الاهي عاجزم، اميدوارم لطب تو

هي ته ائين به ڪونه ٿو چوي:

ڪڄاڙو ڪهاڻ، توکي معلوم سيڪا.

سندس نعرو مولا تي ننگ آهي صدا به آهي، ادا به آهي، ٻانهپ به آهي ته خودداري به آهي. ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي آءٌ جو ئي آهيان سوئي آهيان. شايد سچل جي ان پرولي، ان صوفياڻي صدا جي تعبير شمشير هجي. سيني لکيو آهي ته شمشير غريباڻي حال ۾ وڏو خوددار هو.

ترقي پسند تحريرن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو جيڪو ڏکيو ڪم آهي. دوست اڄ بہ نئين زندگي کي ياد ڪندا آهن. جيڪو هڪ سرڪاري رسالو هو جنهن ۾ بہ هن ترقي پسند شاعري ۽ ادب کي اوساريو اوپاريو نہ تہ سرڪاري رسالا فقط حڪومتي پاليسين کي اڳتي وڌائڻ لاءِ نڪرندا آهن. نئين زندگي تہ شايد هاڻي بہ ڇپجي ٿي پر ڪير ٿو پڙهي؟

هلال پاڪستان کان مهراڻ اخبار تائين سندس لکڻين ۽ اداريا بي ڏپا رهيا. ڪامريڊ هو پر ڪامريڊ هئڻ جي لاف نہ هڻندو هو خاموشيءَ سان ڪم ڪندو هو. ويچاري غير معياري اخبار مهراڻ جو ايڊيٽر ٿيڻ کان اڳ، ان اخبار جي ان وقت جي مالڪ حضرت پير سائين پاڳاري سان سندس تفصيلي ملاقات ٿي هئي. پير سائين سگار پي رهيو هو شمشير کي بہ سگار آفر ڪيائون، پر شمشير کين چيو تہ سائين منهنجو پنهنجو برانڊ آهي. پوءِ شمشير کيسي مان ولس جو پاڪيٽ ڪڍيو ۽ پنهنجا سگريٽ پيئندو رهيو. پير سائين پاران آڇيل سگار کان انڪار ڪرڻ بہ تہ مزاحمت جو هڪ مثال ٿي آهي. ڳالهہ ٻولهہ شروع ٿي، شمشير پير سائينءَ کي چيو سائين توهان جي اخبار ۾ مان توهان جي ذات ۽ حُرن جون خبرون نہ هلائي سگهندس. اهو ڪونہ لکندس تہ حضرت پير سائين هيڏي آيا هوڏي ويا. يا حُرن ڪهڙا ڪمال ڪيا. پنهنجي منطق کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هن پير سائين کي چيو، سائين! انگريزي جي سڀ کان وڏي اخبار ڊان هارون فيملي جي اخبار آهي، ان ۾ توهان ڪڏهن هارون فيملي جي اٿ ويهہ، رهڻي ڪهڻي يا سندن سرگرمين جي ڪابہ خبر نہ پڙهي هوندي.

جنگ اخبار مير خليل الرحمان جي اخبار آهي اخبار آهي اردو زبان جي سڀ کان وڏي اخبار آهي، پر ان ۾ بہ ڪڏهن مير خليل الرحمان يا سندن ڪٽنب جون خبرون توهان کي ڏسڻ ۽ پڙهڻ لاءِ نہ ملنديون. اهڙيءَ طرح مان توهان جي اخبار کي بہ هڪ معياري اخبار بنائڻ چاهيان ٿو. جيڪا توهان جي مريدن کان سواءِ عام ماڻهو، دانشور ۽ ٻيا ماڻهو بہ پڙهي سگهن. سندس منطقي ڳالهيون پير سائين کي پسند آيون ۽ کيس اخبار هلائڻ جا ڪل اختيار ملي ويا. پوءِ توهان ڏٺو تہ جيڪا اخبار مريدن ۽ چند مخصوص

ماڻهن لاءِ ڇپبي هئي ان کي شمشير جي قلم ڪتان جو ڪتي پهچائي ڇڏيو. اتفاق سان اهو ايم. آر. ڊي جو دؤر هو. شمشير جا موقعي مناسبت سان اهڙا ڀرپور اداريا ايندا رهيا، جو ڄڻ انهن ۾ بجلي وارو ڪرنٽ هجي. اخبار، جيڪا سون ۾ ڇپبي هئي سا ڪيئي هزارن تي وڃي پهتي. اخبار ڪپي ويندي هئي تہ ڏهوڻي قيمت تي وري پئي وڪرو ٿيندي هئي. پير سائين جي مريدن کي اخبار جونئون انقلابي انداز سمجهہ ۾ ڪونہ آيو. هنن پير سائين کي منٿون ڪري شمشير کي اخبار مان فارغ ڪرائي ڇڏيو.

آچر 27۔ جنوري 2013ع جي ڪاوش ميگ ۾ فيض کوسو جي قسطوار تحرير ڇپي آهي، سنڌ جي اهم مزاحمتي هلچل ايم. آر. ڊي۔25 ايم. آر. ڊي تحريڪ جا چار ڏينهن ۽ شمشيرالحيدريءَ جو لکيل ايڊيٽوريل هن تحرير ۾ مهراڻ اخبار جي جمعي 19۔ آگسٽ 1983ع ۾ شمشير جي لکيل ايڊيٽوريل جو حوالو ڏنو ويو آهي جيڪو پڙهڻ وٽان آهي.

ڇيو وڃي ٿو تہ مقداري لحاظ سان شمشير گهٽ لکيو آهي، ٿورو لکيو آهي، ائين برابر آهي تہ پوءِ ائين ڇو آهي تہ جن شاعرن، اديبن جا ڏهہ ڏهہ ويهہ ويهہ ڪتاب ڇپيل آهن، ان هوندي بہ اهي ايڏا ڇاتا سڃاتا نہ ٿا وڃن جيترو ٿورو لکندڙ شمشير ڇاتو سڃاتو وڃي ٿو. نہ فقط ڇاتو سڃاتو وڃي ٿو پر دلي عزت، وڏي پيار ۽ پاٻوهہ سان ڇاتو سڃاتو وڃي ٿو. ڪي ڪم پيش منظر ۾ ٿيندا آهن. ڪي پسمنظر ۾ ٿيندا آهن هو يارهن سال مهراڻ رسالي جو سب ايڊيٽر رهيو. يارنهن سال نئين زندگي جو ايڊيٽر رهيو. انهن ٻاويهن سالن جي ايڊيٽري ۾ هن ڪيترن ننڍين توڙي وڏن اديبن جي شاعري توڙي مضمونن جي ايڊيٽنگ ڪري، صاف سٿرو ڪري، سهڻو پڙهڻ لائق ڪري پيش ڪيو هوندو، ڇاپيو هوندو. لاتعداد، بيشمار تحريرون سندس قلم جي نوڪ جي بيوٽي پارلر مان سهڻيون ٿي نڪريون هونديون. ماڻهن کي وڻيون هونديون تہ ان پسمنظر واري ماڻهو جون خدمتن کي تہ ڪوبہ ليکي ۾ نہ ٿو آڻي.

مون تفصيل سان شمشير جي شاعري تي نہ لکيو آهي اهو بہ نہ لکيو اٿم تہ هو آزاد نظم جو باني هو يا بانيڪارن مان هو. شمشير پاڻ ان ڳالهہ تي

چڙ ڪائيندو هو جڏهن ڪنهن شاعر جو مهاڳ لکندي، شاعر جي شاعري جا ڪيئي ڪيئي صفحا حوالي طور ڇاپيا ويندا هئا. جنهن ۾ اصل مهاڳ کان وڌيڪ شاعر جي شاعري اهي صفحا والاري ويندي هئي، شمشير چوندو هو ته اهو طريقو غلط ۽ جان ڇڏائڻ وارو آهي، پڙهندڙ پاڻ ڪتاب پڙهندا ته مٿن سيڪجهه عيان ٿي ويندو. ان سبب مون شمشير جي شاعري جا ڪي به حوالا نه ڏنا آهن، پر هڪڙي حجت ضرور ڪندس. اُها اِها ته لکندڙن شمشير جي شاعري جا ٽوٽا ٽڪرا حوالي طور ڏنا آهن، مان چاهيندس ته هڪ ئي سهي پر سندس پورو نظم هتي پيش ڪريان جيڪو مون کي گهڻو وڻندو آهي ۽ جنهن لاءِ هُن دؤر جي سڀ کان وڏي شاعر امداد حسيني مون کي ٻڌايو هو ته شمشير جو اهو نظم پڙهي اسان به ان وانگر يا ان جي روشنيءَ ۾ نظم لکڻ شروع ڪيا. اهوئي آهي:

مشورا

چوي ڪير ٿو

پلا ڪير ٿو توکي روڪي،

ته تون پنهنجي حسن- دو روزه تي نازان نه ٿي؟

جوانيءَ جي دولت تي شادان نه ٿي؟

چوي ڪير ٿو

ته تون پنهنجي جوڀن جيارل، بهارن جي بخشيل، سريلي ۽

شفاف، نرمل ۽ نازڪ بدن تي،

صدا صاف، ريشم ۽ ڪمخواب و مخمل جي زرتار پوشاڪ پهرڻ

ڇڏي ڏي،

نه ڪر سينڌ سرمو

۽ پنهنجي خيالن کي دل جي ئي ويران خانن ۾ جڪڙي،

تبسم جي چپڙن تي شوخيءَ جي سرخي لڳائڻ ڇڏي ڏي؟

مگر ياد رک،

ته جوڀن جياريل، بهارن جي بخشيل، تنهنجو سريلو ۽ شفاف

نرمل ۽ نازڪ گلابي بدن ۽ زرتار پوشاڪ جو روپ رنگ-

فقط آب و رنگ.

اهو منهنجو حسن- نظر ئي تہ آهي!
۽ تنهنجو تبسم؟
خيالن جي تاريڪ ويرانين جي گمنامين جو پڙاڏو
فقط شور و شر
مقدر جي کهري ۽ ڪاري نرڙ تي،
نهايت ئي مبهم،
فقط چند ليڪا.
۽ صدين کان مان پنهنجي فڪر و عمل سان،
حياتي جي هڏ کي،
تحرڪ جو رت روح ڏيندو رهان ٿو
مصور جي دست- هنر جو ڪرشمو؟
اهو منهنجو خون- جگر ئي تہ آهي!
مگر بنده پرور،
هي تنهنجو ۽ منهنجو فسانو تہ ناهي،
ائين ئي،
خيالن جي لهرن تي لڏندي،
ستارن تي شايد نظر پئجي ويئي
ائين ئي سهي،
ڪڏهن تو بہ ائين ستارن تي سوچيو؟
محبت جي جذب و ڪشش جو عمل!
محبت جواني، محبت مقدر، محبت ئي تخليق جو روپ رنگ
محبت خدا!
تہ اي مهربان، ڪڏهن منهنجي ميرن ۽ ڦاٽل ۽ بوسيده ڪپڙن،
۽ دامن جي چتين تي نفرت جون نظرون سجيندو نہ ڪر
غريبن جي صورت ۽ حالت تي پنهنجي تبسم جا طعنا تجيندو نہ ڪر.

محبت جو منهنڙو متيندو نہ ڪر،
چوي ڪير ٿو
تہ تون ڪجھہ نہ ڪر!
ورجاءُ ٿيندوجيڪو مان ڪرڻ نہ ٿو چاهيان.

سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن هجي، سنڌي ادبي سنگت هجي، پاڪستان ٽيليويزن هجي يا ريڊيو پاڪستان هجي هر هنڌ. هر پروگرام شروع ڪندڙ ڪمپيئر آرگنائيزر شمشيرالحيدري هوندو هو نوجوانن کي همٿائيندو هو انهن جا اسڪرپٽ ٺيڪ ڪندو هو منجهس "مان" نہ هوندي هئي. هو "اسان" جو عادي هو. ڪڏهن ڪنهن جي نہ گِلا ڪندو هو نہ ٻڌندو هو.

هو ٽيڪن جو عادي ڪونہ هو. ڊاڪٽر ايوب شيخ پنهنجي مضمون ۾ اها ڳالھہ لکي آهي: هو ڪرسي يا صوفا تي ويهندو هو تہ اُيو ويهندو هوندو هو ڪرسي يا صوفا کي ٽيڪ نہ ڏيئي ويهڻ جي ڪوشش باوجود بہ نہ سکي سگهياسين. ڪجھہ ماڻهن جي عادت ٿيندي آهي تہ ڄنگھہ ڄنگھہ تي اهڙي طرح چاڙهي ويهندا آهن جو بوٽ جو ترو سامهون ويٺل دوست جي منهن طرف هوندو آهي. مون کي ياد ناهي تہ ڪڏهن شمشير اهڙيءَ طرح ڄنگھہ ڄنگھہ تي چاڙهي ويٺو هجي جو سندس بوٽ جو ترو سامهون ويٺل دوست جي منهن طرف ٿيو هجي.

منهنجو جگري جاني دوست هو مون کي پنهنجا ڇپيل ڪتاب تحفي ۾ ڪجھہ نہ ڪجھہ لکي ڏيندو هو مان فقط مثال طور سندس هڪ ڪتاب جو حوالو ڏيندس جنهن تي جيڪو هن لکي ڏنو هو:

پنهنجي منڙي پياري لعل،
هدايت بلوچ لاءِ
1996_4_25
ڪراچي سنڌ

چاليهن سالن جي دوستي ۽ قربت باوجود هن ڪڏهن بہ هڪ دفعو بہ مون کان اوڌر نہ ورتي. ڪڏهن نہ چيائين تہ يِر هدايت پئسن جي ضرورت

آهي. نہ بلڪل نہ. ڪڏهن بہ نہ. دوستن شمشير جي خودداري جا گهڻا ئي مثال ڏنا آهن. گهڻيون ئي ڳالهيون ڪيون آهن پر هڪ ڳالهہ جيڪا منهنجي پيٽ ورن ۾ آهي سا جيڪڏهن اڄ بہ نہ ٻڌايم تہ ڪڏهن ٻڌائيندس؟

اجان چام صادق علي چيف منسٽر يا سنڌ جو وڏو وزير نہ ٿيو هو. هي انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن هندستان جي سنڌي اديبن جو هڪ وفد سنڌ گهمڻ آيو هو. هتان جي سنڌي اديبن جي دعوت تي. هندستان جي سنڌي اديبن ۽ سنڌ جي اديبن جي دؤرن جي ان متا ستا ۾ تنهن وقت قمر شهباز. شمشيرالحيدري. تاج بلوچ ۽ مان گهڻو تڻوان ڪم سان لڳل هوندا هئاسين. سرگرم هئاسين. هندستان جي سنڌي اديبن جي مانُ ۾ آجياڻو سنڌ گريجوئيٽ ائسوسيئيشن جي ڊاڪٽر سليمان شيخ ڏنو هو رمپا پلازا ۾. جنهن ۾ تقريرون ٿي رهيون هيون. مان اسٽيج سيڪريٽري هئس. سامهون وينل ماڻهن ۾ چام صادق علي پڻ ويٺو هو. چام صادق علي، ڊاڪٽر سليمان شيخ کي چيو تہ هندستان کان آيل سنڌي اديبن جي هو دعوت ڪرڻ گهري ٿو. جڏهن چانهہ جو وقفو ٿيو تہ ڊاڪٽر سليمان شيخ. چام صادق کي وٺي مون وٽ آيو. ڊاڪٽر سليمان شيخ منهنجي ٻانهن جهلي چام صادق کي چيو. هدايت بلوچ انچارج آهي پرڏيهہ مان آيل سنڌي اديبن جي وفد جو. سندن سمورو پروگرام هي رٿيندو آهي. هي توهان کي اهو پروگرام ڪري ڏيندو. تنهن کان پوءِ چام صادق جا لڳاتار مون کي فون ايندا رهيا. هن چيو تہ نہ فقط رات جي ماني پر ميوزڪ پروگرام بہ ٿيندو اهو بہ تون ڪري ڏي. بهرحال، چام صادق علي جي اها دعوت ۽ ميوزڪ پروگرام بہ ڪاميابي سان گذري ويو. اهو ٻڌائڻ جي ڪا ضرورت ناهي تہ اها دعوت ڪيڏي پيماني تي ٿي هئي. اتي بہ اسٽيج تي هڪ پروگرام ٿيو هو جتي پڻ اسٽيج تي مون ڪمپيئرنگ پئي ڪئي. ڪو جڄ هو جيڪو چام صادق پاران هندستان جي اديبن کي ڪيسن جا تحفا ڏئي رهيو هو. چام صادق علي اسٽيج هيٺان سامهون واري قطار ۾ وچ ۾ ويٺو هو. مون کي چورائي موڪليائين تہ مون کي اسٽيج تي سڏ نہ ڪجان ڇو تہ هو اسٽيج تي چڙهڻ جي حالت ۾ نہ هو. خير

مون کي بہ شرارت سُجهي آئي ۽ مون اعلان ڪيو تہ پبلڪ جو بيحد اسرار آهي تہ ڄام صاحب اسٽيج تي اچن ۽ مهمانن کي پنهنجي هٿن سان تحفا ڏين. ڄام کي اها ڳالهہ نہ وڻي پر ٽيڪن سان اسٽيج تي چڙهي آيو ۽ مهمانن کي تحفا ڏنا. چو تہ اناؤنسمينٽ مان ڪري رهيو هئس. ڄام مون کي چيو مائيڪ مون کي ڏي، مون کيس مائيڪ ڏنو هن پاڻ ڳالهايو. هاڻي مان پنهنجي دوست هدايت بلوچ کي تحفو پيش ڪندس، پوءِ هن مون کي بہ کيس تحفي ۾ ڏنو.

مون کي احساس آهي تہ شايد ڄام صادق واري ڪهاڻي ڊگهي ٿي ويئ آهي دراصل جيڪا ڳالهہ مون کي ڪرڻي هئي هاڻي ان طرف ٿو اچان. ان واقعي کان پوءِ جلد ڄام صادق سنڌ جو وڏو وزير ٿي ويو. وڏي وزير ٿيڻ کان پوءِ ڄام صاحب جو مون کي فون آيو پاڻ ڳالهاياٿين. مون کي وڏي حُجت مان چيائين اڙي هدايت پاڪستان ڪوارٽرن ۾ پيا آهيو. مون وٽ اچ. شمشيرالحيدري کي بہ وني اچ تہ توهان ٻنهي کي پلاٽ ڏيان پئسا بہ ڏيان تہ وڃي ڪو بنگلو ٺهرايو... مون کيس چيو تہ حاضر سائين. شمشير کي ٻڌايان ٿو. حسبِ معمول شام جو جڏهن شمشير منهنجي گهر آيو تہ اهو قصو کيس ٻڌايم شمشير ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. وري ڳالهہ ورجايم تہ هن چيو ڇڏيس. ٻيون ڳالهيون ٿا ڪريون. تنهن کان پوءِ چيف منسٽر هائوس مان مون کي لڳاتار فون ايندا رهيا تہ وڏو وزير صاحب پڇن ٿا تہ هدايت بلوچ ۽ شمشير ڪڏهن ساڻس ملندا. مان اهي نياپا شمشير کي ڏيندو رهيس پر هن هر ڀيري ٽنائي پئي ڇڏيو. پوءِ فون اچڻ بند ٿي ويا شمشير ڪونہ هليو مان بہ ڪونہ ويس اهڙي طرح بنگلن جي بجاءِ ان ڪوارٽرن ۾ ويٺا آهيون.

مولا تي ننگ آ کان سواءِ شمشير جا پيا بہ ڪجهہ تڪيي ڪلام هوندا هئا. چوندو هو جوئي ڪام ڪرو جوئي جڏا. يا چوندو هو ايتري قدر. سندس آخري ڏينهن مان مان بدنصيب ملڪ ۾ ڪونہ هوس. آمريڪا ۾ هوس، سندس پٽ سليم حيدري مون کي ٻڌايو تہ توهان جو پڇندو هو هدايت ڪڏهن ايندو. مان کيس ٻڌائيندو هئس بابا چاچا هدايت ٻي هفتي اچي ويندو تڏهن چوندو هو دير ٿي ويندي. ڊاڪٽر ايوب شيخ شمشير جي

آخري ڏينهن ۾ سندس گهٽي پر گهور لهندو هو. هن مون کي ٻڌايو تہ شمشير مون کان بہ پڇيو هو هدايت ڪڏهن ايندو. مون بہ ڪيس چيو هدايت ٻي هفتي اچي ويندو تڏهن چيائين، ايتريقدر.

مان ميڊم مهرالنساء لاڙڪ ۽ سنڌي ادبي بورڊ کي جس ٿو ڏيان جيڪي "شمشيرالحيدري- شخصيت ۽ فن" جي نالي سان هي ڪتاب ڇپرائي رهيا آهن، جنهن ذريعي شمشيرالحيدري کي علمي ادبي ماڻهن پاران کيس پيار ڀريو نذرانو پيش ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ مان بہ آگر ڪٽائي شهيدن ۾ شامل ٿيس، سنڌي ادب ۽ صحافت ۾ گهٽائي عالم، اديب ۽ اڪابر موجود آهن، پيدا ٿيندا رهندا پر ورري ڪو ٻيو شمشير پيدا ٿيندو؟!

بقول ڪنهن اردو شاعر جي:

ہم جس پہ مر رہے ہیں، وہ ہی بات ہے کچھ اور
عالم میں تجھ سے لاکھ سہی، تو مگر کہاں۔

يا بقول ڀٽائي جي:

سوڍا مڙن سئو، تہ بہ مٽ نہ ڀانيان مينڌري.

**هدايت بلوچ**

ڪراچي

29- جنوري 2013ع

# شمشیر الحیدری

## شخصیت ءِ فن

ڊاڪٽر قاضي خادم

# مربوت: مُرڪندي

جديد سنڌي ادب جي ذڪر ڪرڻ سان ئي جن اهم شخصيتن جو تصور ذهن تي تصوير بنجي اُڀري ٿو تن ۾ شمشيرالحيدريءَ جو چهرو ڪجهه وڌيڪ ئي ڳنڀير ليڪن هڪ مستقل مسڪراهٽ سان ڀرپور ادبي ماحول تي ڇانيل نظر ايندو. حالانڪ جديد دؤر جي اديبن ۽ شاعرن ۾ تمام وڏا ۽ سٺا شاعر آهن، جن ۾ شاعر بہ آهن تہ ڪهاڻيڪار بہ، ڪامريڊ/ليکڪ بہ آهن تہ سماج واري ليکڪ بہ، جن ادب جي هر صنف ۾ پاڻ موکيو آهي ۽ تمام گهڻو ڪجهه سنڌي ٻوليءَ کي ڏنو اٿن. نہ صرف شاعري، ناول، افسانې، ڊرامي ۽ ٻين لکجندڙ صنفن، جن ۾ خط، سفرناما، ڊائريون ۽ يادگيرين جا ڪيترائي انمول ڪتاب ۽ جيون توڙي آتم ڪهاڻيون بہ شامل آهن، ۽ ان سان گڏ سنجيده مضمون ۽ مزاحيہ، افسانا ۽ خاڪا، تحقيقي مواد تي مشتمل وڏو قلمي خزانو لوڪ ادب ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ تي تفصيلي ڪتاب اهم شاعرن جهڙوڪ: قاضي قادن، شاهہ ڪريم بلڙيءَ وارو، شاهہ عنايت شهيد، ميون شاهہ عنايت، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ، سچل سرمستؒ، سامي، بيڪس، بيدل، روحل ڪان حيدر بخش جتوئيءَ ۽ شيخ اياز (جنهن جا لازوال مهاڳ محمد ابراهيم جوئي لکيا)، سيني جي زندگي ۽ فڪري ڪارنامن جو ذڪر هاڻ لکت ۾ ملي ٿو ان سان گڏوگڏ تحقيق ۽ ترجمي جي ڪيتر ۾ بہ ڪيترو وڏو ڪم ٿي چڪو آهي جنهن ۾ سنڌ جي ڪئين ماخذن کي عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ مان ترجمو ڪري، سنڌ جي ماضيءَ کي محفوظ ڪيو ويو آهي ۽ چچ نامو، تاريخ طاهري، تاريخ معصومي، لبِ تاريخ سنڌ، تاريخ مظهر شاهجهاني، سنڌ ۾ رهندڙ قومون ۽ سنڌ جي قدامت جي باري ۾ پير حسام الدين راشدي، حنيف صديقي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، محمد ابراهيم جويو، عطا محمد ڀنڀرو، نياز همايوني، پروفيسر غلام حسين جلباڻي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ڪان هيرو ٺڪر ۽ فقير

امداد علي سرائيءَ ۽ ٻين انيڪ نالن هن ڏس ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي، جنهنڪري سنڌن نالا سنڌ جي ادبي ۽ سماجي تاريخ جي زينت بنيا آهن.

هن پسمنظر ۾ 4 صديءَ جي پوئين اڌ ۾ جيڪي اهم شاعرن جا نالا تمام گهڻو ورتا ويا تن ۾ شيخ اياز، شمشيرالحيدري، تنوير عباسي، نياز همايوني، عبدالڪريم گدائي، غلام محمد گرامي ۽ ٻيا ڪيترا وڏا نالا شامل آهن. تن ۾ جيڪڏهن غور سان جانچبو ته شمشيرالحيدري جو هڪ بلڪل جدا انداز ۽ جدا مقام نظر ايندو.

هڪ طرف ڏسجي ته شمشير ٻين شاعرن جي مقابلي ۾ ڪا گهڻي شاعري ڪانه ڪئي آهي، ۽ نه ئي ڪي گهڻا ڪتاب ئي شايع ٿيا اٿس، حالانڪ هن گهڻو ڪجهه لکڻ جي ڪوشش ڪئي لکيو به. پر اڻڇپيل مواد گهڻو اٿس، آزاد نظم تي هڪ طويل مضمون، جيڪو مواد جي لحاظ کان وڏي اهميت رکي ٿو يا ڪي ڊراما ۽ هڪ اڌ افسانو هن لکيا. اهي مخصوص وقت ۾ پڙهيا ويا ۽ هاڻ به 'پورس جا هاٿي' ته شايد ئي ڪنهن نئين نسل جي ادبي يا پڙهندڙ کي هٿ آيا هجن. تڏهن به هن جي شخصيت اهڙي هئي جنهن کي هرڪو تمام گهڻو مانُ ڏيندو هو. ڇا اهو هن جي مهراڻ رسالي اسسٽنٽ ايڊيٽريءَ رهڻ جي ڪري هو يا نئين زندگيءَ جو ايڊيٽر هجڻ جي ڪري؟ اهڙي دؤر ۾ جڏهن دولتمند ۽ صاحب اقتدار هُجڻ ئي مان وارو بنجڻ جو حق رکي ٿو هن ٻُڪي ٺوڪ شاعر جو مان ايڏو مٿانهون ڇو هو جو شيخ اياز هن سان هميشه احتياط سان پيش ايندو هو ۽ تمام گهڻو لحاظ ڪندو هو ضرور ان جا ڪي ڪارڻ هوندا. ويجهي دوست هئڻ ڪري اسان کي به نظر ڪونه ٿي آيا. ليڪن جڏهن هو حيدرآباد ڇڏي ڪراچيءَ ۾ وڃي رهيو ۽ اتي جوئي ٿي ويو ته تڏهن ڪيترا سال ته اسين هن سان ملڻ لاءِ باقاعدي ڪراچيءَ ويندا رهياسين ۽ وٽس نئين زندگيءَ جي آفيس ۾ وڃي ويهندا هئاسين پر جي آءٌ ڪنهن امتحان جي سلسلي ۾ ڪراچيءَ وڃي رهندو هئس ته به هو شام جو پاڻ مون وٽ اچي ويندو هو ۽ پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهريون هلنديون هيون. خاص ڪري جڏهن 1979ع ۾ آءٌ ۽ مسعود قريشي سي.ايس.ايس جو امتحان ڏيڻ ڪراچي وياسين ۽ اتي اختر صديقيءَ جي

تاج مينشن واري گهر ۾ جيڪو اين.جي.وي اسڪول سان ملحق گهٽيءَ ۾ آهي، رهياسين تہ شمشير پنهنجي ننڍي ٽيلهي سميت روز شام جو مون وٽ هليو ايندو هو ۽ ڪچهري هلندي هئي، مسعود ان تي حيران ٿيندو هو جو ڪراچيءَ ۾ وجي واسو ڪندڙ دوستن جو ايترو خيال نہ ڪندا، اڄ بہ هو چوندو آهي تہ مون تنهنجا صرف ہہ دوست ڏٺا هڪ شمشير ٻيو ڪريم بلوچ (جنهن پشاور ٽي.وي جو جنرل مئنيجر هئڻ دؤران اتي اسان جي جيڪا آءُ ڀڳت ڪئي هئي تنهن مسعود کي حيران ڪري ڇڏيو هو). اهڙيءَ ريت جڏهن 1967ع ۾ آءُ پنهنجي پريس يا مڙهي جي هڪ ڪيس جي سلسلي ۾ ڪراچيءَ وڃي روپوش ٿيس تہ اهو شمشيرالحيدري ئي هو جيڪو هر وقت مون سان گڏ هوندو هو ۽ هن جي ڪري اقبال جتوئي، ٺاڪر شرما ۽ تاج بلوچ ٻيا ڪي دوست بہ گڏ هوندا هئا ۽ اسين شامون فريئر هال گارڊن جي ڇپر تي ڪراچيءَ جي هلڪي بوندا بانديءَ جو مزو وٺندي گذاريندا هئاسين ۽ راتيون روما شبانہ ۾ مفت جو ناچ گانو ڏسندي وقت گذرندو هو روپوشي ۾ خوف جو وقت اهڙي مزي سان گذريو مجي، اهو صرف شمشير جي ڪري، جنهن جو ڪم ئي هو مايوس جي دلبري ڪرڻ ۽ سيڪڙاٽن جي رهنمائي ڪرڻ.

شمشير جي شاعري تمام گهٽ آهي ليڪن تمام فڪر انگيز آهي، جنهن ڪري جٽادار ثابت ٿي آهي ۽ اڄ بہ جيڪو هن کي پڙهي ٿو يا ياد ڪجي ٿو تہ هو اڄ جو شاعر ٿو لڳي، زندگيءَ کم، حُسن بانوءَ جا ست سوال ڪونڻ وارو هي اڙٻنگ انسان لمحو لمحو زندگي سان جنگ جوٽيندو رهيو پر مُرڪندي، هن ڪڏهن بہ ڪنڌ نہ جهڪايو. وڏي ڪان وڏو ماڻهوءَ سان اکيون اکين ملائي ڳالهائڻ واري هن بيباڪ اديب جي آواز ۾ هڪ اهڙي گرجي ۽ ڏمڪ جو احساس ٿيندو هو جو سندس لفظ لفظ شعور کان لاشعوريءَ تي حاوي ٿي ويندو هو. ايتريقدر جو سندس ڪيترا دوست ۽ ساٿي هن جي ئي لهجي جو نقل ڪري ڳالهائڻ لڳا هئا. جن مان اڃا بہ هڪ اڌ واڌو واهہ جي ڪپر تي هلندا يا شهر ۾ ڪٿ ملي ويندا، هن جي هلڻ جو انداز سوچڻ جو انداز گفتگو اُٿڻ ويهڻ سڀ متاثر ڪندڙ هئا. مون کي

سنڌي اديبن ۾ شمشيرالحيدري ۽ مراد علي مرزا جهڙا بردبار، ڪم گو ۽ پنهنجن اصولن تي ڪارگر ڪي ٿورائي ماڻهو نظر آيا. خاص طور هو هر ڳالهه ۾ رعايت ڪندا هئا، ليڪن ادبي بدديانتي، ڪوڙ يا غلط رمارڪ ڪڏهن بہ پسند نہ ڪندا هئا. شمشير بہ هونئن تہ مانيٽو هو ليڪن جڏهن بہ ڪو قومي، ادبي، علمي يا سماجي مسئلو درپيش آيو تہ هن جي گجگوڙ ٻڌڻ وٽان هوندي هئي. سچ جي معاملي ۾ ڪنهن سان لحاظ نہ ڪندو هو. مون مختلف وقتن تي شمشير لاءِ ڳالهايو پئي آهي ۽ پنهنجن يادگيرين جي ڪتابن ۾ هن جي مختلف خوبين تي لکيو بہ پئي آهي تڏهن مون جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن، اهي هي آهن:

1. شمشير هڪ سچو ۽ بيباڪ شخص هو
2. هو دوستن جو دوست هو ۽ دشمنن جو بہ دوست هو.
3. هو نوجوان ساٿين جي همت افزائي ڪندو هو.
4. نون اديبن جي نُسرڻ ۾ هن جو تمام وڏو هٿ آهي، جڏهن تہ سنڌ جو ڪوبہ وڏو اديب ۽ شاعر ۽ مفڪر نوجوانن کي وقت ڏيڻ ۽ کين ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي بلڪ وڏن نالي وارا ليکڪ ۽ شاعر اسٽيج تي اچي ڪڏهن ڪنهن نئين لکندڙ جو نالو بہ نہ کڻندا آهن. جنهن مان لڳندو آهي تہ يا تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکجڻ بند ٿي ويو آهي يا وري هنن جديد لکڻيون پڙهيون ئي ناهن ۽ تہ اهو چاهين ٿا تہ نوان اديب سندن همت افزائي واري لفظن مان ڪو لاڀ حاصل ڪري سگهن. جنهنڪري نوان اديب بہ جذبات ۾ اچي ڪڏهن ڪڏهن وڏن جي نامور ليکڪن لاءِ سنا جذبات ظاهر نہ ٿا ڪن.
5. سنڌ جي قومي مسئلن تي شمشير جو مؤقف نهايت سخت پر سچائي ۽ ديانتداري تي آڌاريل آهي، جنهن مان هن ڪڏهن بہ فائدو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي.
6. سنڌي اديبن کي هڪ پليٽ فارم تي آڻڻ ۾ هن جو وڏو هٿ هو.

7. سنڌي ٻوليءَ جي موجوده حيثيت برقرار رکڻ ۾ هن جو تمام وڏو ۽ بنيادي ڪردار رهيو.
8. سنڌي ادب ۾ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ هن ڪنهن جي بہ مدد ڪرڻ کان ڪنڌ ڪونہ ڪيايو بلڪ هن وقت جا وڏا وڏا نالا هن جي ئي ڇانوَ ۾ وڌندا رهيا.
9. هو جت بہ رهيو نوجوان توڙي تجربيڪار اديبن لاءِ رابطي جو ڪم ڏنائين.
10. سنڌ جي ادبي زندگيءَ ۾ هميشہ هڪ باعمل مفڪر وارو ڪردار ادا ڪيائين.

منهنجا هي نتيجا هن سان ويجهو رهي، هن کي ڏسي ۽ پرکي پوءِ قائم ٿي ويا آهن، مون هن کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾، سنڌي شعبي ۾ هڪ شاعر جي حيثيت سان ڏٺو جڏهن تہ ادبي حيثيت ۾ هو تمام گهڻو مٿانهون هو هن شاگرد هجڻ جي مان کي بہ برقرار رکيو ۽ شعبي ۾ فعال وقت گذاريندو هو نہ صرف ايترو پر سنڌي شعبي جي مئگزين ’سوتاري‘ بہ هن جي ڪاوشن جو نتيجو آهي، جنهن کي ڇپرائڻ لاءِ مالي امداد حاصل ڪرڻ خاطر آءٌ پاڻ هن سان گڏ ڪراچيءَ ويو هئس، جتي لڪشمي بلڊنگ جي الانا سان ملاقات ڪئي هئيسين، ۽ حبيب پلازه ۾ سراج الحق ميمڻ سان، جن ڪجهہ اشتهار وغيره ڏئي مالي مدد ڪئي.

شمشير، جنهن جي حيدرآباد ۾ خاص اوطاق ڪراچي هوٽل هئي، اُتي ئي ون يونٽ جي خلاف ڪم هلندو هو تہ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي جائز حيثيت ڏيارڻ لاءِ بہ لڪپڙهہ اتان ئي ٿيندي هئي، هن جدوجهد جي شروعات ۾ احتجاج جا مختلف طريقا بہ هتي ئي طئي ٿيندا هئا جن مان هڪ دلچسپ طريقو اهو بہ اختيار ڪيوسين جو شمشير، ناصر مورائي، چام ساقي، نذير چنا ۽ مون سميت ڪيترا ئي اديب حيدرآباد شهر ۾ بوٽ پالش ڪرڻ لڳاسين ۽ ماڻهن کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪيوسين. اهڙيءَ طرحَ ننڍا ننڍا ادبي احتجاج ايم. آر. ڊي جي تحريڪ جي صورت ۾ وڃي پهتا، انهن ننڍن ننڍن واقعن مبالغ آرائي ڪري ڪيترائي اديب ۽ سماجي ڪارڪن

سرڪار جو در وڏا عهدا پني آيا پر شمشير ڪڏهن به ڪنهن ڳالهه جو ڪريڊٽ نه ڪنيو نه ئي ڪو فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ ڏگهيريائين. جڏهن سنڌ جي هر وڏي مسئلي جو ڳوڙهو اڀياس ڪبو ته پهريان شمشير جو ڳنڀير چهرو نظر ايندو. سنڌي ادبي سنگت کي فعال ڪرڻ، ان جي ساک قائم ڪرڻ ۽ اديبن کي گڏ ڪري هلائڻ ۾ شمشير جيڪو ڪردار ادا ڪيو اهو به وسارڻ جي قابل ناهي، حقيقت ۾ هو سنڌ جي ’ٿنڪ ٽينڪ‘ واري حيثيت رکندو هو ۽ سندس ديانتداريءَ جي ڪري هرڪو مٽس ڀروسو ڪندو هو. تنهنڪري جيستائين شمشير حيدرآباد ۾ رهيو ته ادبي زندگي به نظر ايندي هئي، ڪراچي هوٽل، بسنت هال، لا ڪاليج جو لان، پاڪستان نيشنل سينٽر ريڊيو پاڪستان جي عمارت ۽ پريس ڪلب توڙي اخبارن جون آفيسون اديبن جي ميل ملاقاتن جا وسيلا هيون. جڏهن ميل ملاقاتون هيون ته پيار ۽ خلوص به. جنهن جي ڪٿي به دل نه لڳندي هئي ته شمشير وٽ وڃي پهچبو هو جيڪو هر وقت ڪونه ڪو نئون خيال، فڪر يا فلسفو بيان ڪندو هو. سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۽ ادبي محفلن ۽ سنڌي شامن ۾ هوئي نوجوان اديبن جو ساٿ ڏيندو هو هن جي توجهه جوئي نتيجو هو جو حيدرآباد جي ادبي زندگي ڀرپور انداز ۾ نه صرف ٻڌي هئي بلڪ نظر ايندي هئي، سکر، جيڪب آباد، نوابشاهه، دادو بدين، ٺٽي ۽ ڪراچيءَ جا اديب به هٽ اچي نڪرندا هئا. شيخ اياز جمال رند، عبدالڪريم گدائي، بردو سنڌي، غلام حسين رنگريز شوڪت سنڌي، تاج صحرائي، تاج بلوچ، سراج، تنوير عباسي، رشيد ڀٽي، استاد بخاري، غالب لطيف ۽ ٻيا ڪئين شاعر اديب حيدرآباد ۾ ڀيا نظر ايندا هئا. جڏهن ته حميد سنڌي، مولانا گرامي، آغا سليم، نجم عباسي، غلام علي مغل، طارق اشرف، ناصر مورائي، اقبال آگرو، ظفر ڪاظمي، مراد علي مرزا، ع.ق. شيخ، رسول بخش پليجو محمد ابراهيم جويو ظفر حُسين مهتاب محبوب، ليليٰ بانو خيرالنساء جعفري، رعنا صديقي، سلطانه حقاني، تنوير جوڻيجو چام ساقي، علي بابا، عبدالحق عالماڻي، امداد حسيني ۽ حيدرآباد جا ٻيا ڪئين اديب ۽ شاعر به هنن سان ملڻ لاءِ ايترا هوندا هئا.

حالانڪ وڏن نالن ۾ عهدن وارا اديب جهڙن تهڙن اديبن کي پڇندا بہ ڪونہ هئا، پر جيڪڏهن کين رِٽز هوٽل يا ڪنهن ٻئي هنڌ دعوت ڏني ويندي هئي تہ ضرور ايندا هئا، معزز هوندي بہ کين اها ضرورت ڇو هئي تہ ڪير کين پڇي!

هنن ميلن ميڙاڪن ۾ بہ شمشير جو وڏو هٿ هوندو هو، هو مون کي اهو سمجهائيندو هو تہ اديبن جو ملڻ تمام ضروري آهي، پوءِ هو چاهي سجاڻن يا نہ! مون کي ياد آهي تہ ان دؤر ۾ شيخ اياز يا پير حسام الدين راشدي هرويرو ڪنهن سان هٿ ملائڻ بہ ڪونہ چاهيندا هئا. (حالانڪ هڪ وقت اهو بہ آيو جو هو دل گهريا بزرگ ساٿي بنجي ويا). شيخ اياز حيدرآباد ايندو هو تہ رِٽز هوٽل ۾ اچي رهندو هو جتي تنوير عباسي، رشيد ڀٽي، غلام رباني، الياس عشقي، جمال رند ۽ ڪي ٻيا سندس اردگرد گهيرو ڪيو ويٺا هوندا هئا. (اهڙو سين مون ان وقت بہ ڏٺو هو جڏهن 1963ع ۾ سچل آرٽس ڪاليج ۾ ٿيندڙ هڪ مشاعري ۾ شرڪت لاءِ هنن کي وٺڻ ويو هئس). ليڪن شمشير کي ان جي ڪا پرواهہ ڪانہ هوندي هئي ۽ هميشہ پنهنجي ڳنڀيرتا ۽ ڀرم کي قائم رکيائين. محفلن ۾ هو مون سان، امداد يا اقبال آگري سان رهڻ پسند ڪندو هو ۽ ڪڏهن بہ ڏُک پائي اڳين سيٽ تي ويهڻ جي ڪوشش نہ ڪيائين.

اها هن جي محبت ۽ شخصيت جي ڪشش هئي جو جڏهن سندس طبيعت تمام خراب بہ ٿي تہ آءٌ ۽ تاج جويو وٽس آغا خان اسپتال ۾ ملڻ وياسين، هن جون اکيون بہ بند ٿيڻ کان اڳ ڏسڻ چڏي چڪيون هيون پر جڏهن هڏي جهڙي ٻانهن ۾ هٿ وجهي چيومانس، شمشير! تہ هڪدم نهايت جهيڻي آواز ۾ چيائين قاضي خادم، ڪيئن آهين ۽ مون لڙڪ روڪي چيومانس: شمشير، تون تہ لکوار آهين، اُهو بہ حيدري جو. دل ڇو لاٿي اٿئي، وري بہ آهستي چيائين ير اها مون کي دعا. ان وقت سندس چهري تي هلڪي مسڪراهٽ اچي وئي.

تاج کي ٿي سگهي ٿو تہ حيراني ٿي هجي، ليڪن مون کي ڪانہ ٿي. مون کي خبر هئي تہ شمشير پنهنجي آخري سفر تي هو ۽ يقيناً منهنجي

نالي سان ڪيس ڪيترا اهڙا واقعا ياد آيا هوندا، جن کي ياد ڪرڻ سان اڄ بہ آءٌ پنهنجو پاڻ مرڪي پوندو آهيان، اهائي مرڪ مراد علي مرزا جي منهن تي ان وقت آئي هئي، جڏهن سندس آخري وقت هو ۽ آءٌ محمد ابراهيم جوئي ۽ نصير مرزا سان گڏ سي.ايم.ايڇ ۾ هن کي ڏسڻ ويو هئس. اُت مون ڪيس ڪي اهڙا واقعا ياد ڏياريا، جن تي جوئي صاحب حيران ٿي پڇيس، ادا مراد، قاضي خادم ڇا پيو چوي؟ ڇا توهين رستي تي هلندي شيون وٺي کائيندا هئا؟

ان تي هن جي چهري تي خبر ناهي ڪٿان مُرڪ لڙي آئي، هي تہ اها مرڪ هئي جيڪا مون شمشير جي چهري تي ڏٺي دوست سان موڪلائڻ جو وقت هو ۽ مرڪندي موڪلائڻ وڏي ڳالهہ آهي.

شمشير جي باري ۾ لکڻ لاءِ تہ گهڻا پنا گهرجن ليڪن ڪئين وڏيون ڳالهيون اهڙيون بہ هونديون آهن جن کي چند لفظن ۾ بيان ڪري سگهبو آهي ۽ ڪئين معمولي ڳالهيون ڪرڻ لاءِ بہ ڪيترا ماڻهو لکي لکي ڍانيا ٿي پوندا آهن، اهوئي سبب آهي جو جڏهن منهنجي دل شمشير جي باري ۾ ڪنهن دوست سان ذڪ ونڊڻ چاهيو تہ آءٌ حميد سنڌي وٽ هلي ويس، هن جو شمشير سان ساٿ پراڻو هو جڏهن اسان ادبي ميدان ۾ قدم رکيو هو تہ هو ان وقت هڪٻئي سان ائين جڙيل هئا، جيئن منڊيءَ ۾ ٽِڪ. هن شمشير ۽ نياز همايونيءَ سان بزمِ روح رهاڻ ۾ جيڪا محفل رچائي هئي اها بہ ڏسڻ وٽان هئي، بلڪ ائين چئجي تہ سنڌي ادب ۾ حيدرآباد جي اديبن جي نهايت زرخيز دؤر جو تصور ايندي ئي اهي سڀ شخصيتون هڪ گلدستي جيان نظر اچن ٿيون. تنهنڪري مون کي حميد کان بهتر بيو ڪو ماڻهو ڪونہ سُجهيو جنهن وٽ هلي وڃان، اتي جيئن دوست کي ياد ڪيو نسين تہ اها بہ ڳالهہ نڪتي تہ شمشير جو ادبي دؤر تہ وڏو رهيو پر هن لکيو ان پيٽ ۾ تمام گهٽ! اهو ڇو؟

ان وقت مون کي جيڪو خيال آيو اهو مون حميد جي اڳيان چئي ڇڏيو يرا ڪيترا ماڻهو چند لفظن ۾ بہ وڏيون ڳالهيون ڪري ويندا آهن ۽ ڪيترا وڏا فيلسوف اهڙا ٿي گذريا آهن جن جي ڪا لکٽي ڪانہ ملي آهي

پر هن جي افلاطون جهڙن شاعرن ۽ پونئيرن هنن جي باري ۾ لکي نہ صرف هن کي پر پنهنجو پاڻ کي امر ڪري ڇڏيو آهي، مثال طور سقراط جو نالو ساڍا ٽي سؤ قبل مسيح کان وٺي اجا تائين فڪر ۽ فلسفي جي دنيا جو هڪ مثال رهيو آهي، جنهن لاءِ شمشير بہ هڪ شعر ۾ چيو آهي:

جو زهر پيتو هو سقراط ڪنهن زماني ۾
گلن جي ماڪ، ستارن جو نور بڻجي ويو.

هي بہ سنڌ جي سقراط کان گهٽ ڪونہ هو جنهن زندگيءَ جي سڌ جي وراڻي ان جي ضرورت جي مطابق ڏني ۽ هاڻ وچي پيو مربو تہ: مرڪندي.

ڊاڪٽر عابد مظهر

# سُونهن جو درياءُ

شمشيرالحيدري مذهبي حوالي سان شيعہ اثنہ عشري هو. پاڻ خواجہ هو. خواجہ ٻن مڪتبہِ فڪر سان واسطو رکندا آهن. هڪڙا شيعہ خواجہ هوندا آهن، ٻيا اسماعيلي خواجہ هوندا آهن. اسماعيلي خواجن جا امام، امام جعفر صادقؑ کان پوءِ زندهہ هوندا آهن، هنن جو هاڻوڪو امام ”پرنس آغا ڪريم“ آهي، جڏهن تہ شيعن جو ٻارهون امام مهديؑ غائب آهي. هنن جي عقيدي مطابق امام مهديؑ جو ظهور ٿيڻو آهي. شمشيرالحيدري ٻارهن امامن جو عقيدت مند آهي. ان ڪري پاڻ علي حيدر ڪرار جي نسبت سان حيدري سڏائيندو هو ۽ پاڻ کي حيدري سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندو هو. مولا جي مهرباني سان هن جي وفات بہ 21 رمضان 1433هہ مطابق 10 آگسٽ 2012ع تي ٿي. سندس مزار تاجل ٻيوس جي مزار جي بلڪل پرسان چوکنڊي جي قبرستان ملير ڪراچي ۾ آهي. ياد رهي تہ (21 رمضان حضرت عليؑ جي شهادت جو ڏهاڙو بہ آهي).

شمشير هڪ ئي وقت ڏاهو، عالم، دانشور، ترجمي نگار، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس ۽ شاعر بہ ٿي گزريو آهي، ان سان گڏوگڏ هو هڪ ڀلو انسان هو. جنهن جي دل صاف سٿري ۽ ٻيائي کان پاڪ هئي، هو پڪو مؤمن ماڻهو هو. جنهن جي ڳالهين مان پنهنجائپ جي خوشبوءِ ايندي هئي. مون هن سان گڏ ڪيترائي سفر ڪيا. سفر ۾ انسان جي ماڻ ماپ جي ڄاڻ پوندي آهي. تازو سفر اسان لاڙڪاڻي جو ڪيو هو. جنهن ۾ هدايت بلوچ، شمشير سائين ۽ مان هئاسين، لاڙڪاڻي جي جشن ۾ ذوالفقار سيال جي دعوت تي شرڪت ڪرڻ ويا هئاسين. سيال صاحب اسان ٽنهي کي پاڙي تي ڪار اوٽ موٽ ڪرائي ڏني هئي. اهو جشن سرڪاري طور ملهايو پئي ويو. ذوالفقار سيال چاڪاڻ تہ لاڙڪاڻي جو MS هو پر هو هڪ شاعر ۽ اديب هو ان ڪري ادبي پروگرام ڪرائڻ ان جي حوالي هئا. اسان کي لاڙڪاڻي ۾ هڪ بهترين هوٽل ۾ رهايو ويو ان هوٽل جي سامهون انيس

انصاري جي نالي سان هڪ روڊ هو. انهي هوٽل ۾ هدايت ۽ شمشير سان ڏاڍي ڪچهري ٿي. اچوڪو نوجوان اديب شمشيرالحيدري جي ڏاڍي عزت ڪندو هو پيار به ڪندو هو. شمشير جي جڏهن نور ۾ نور هو تڏهن هو هر ڪنهن مانُ ڏيڻ واري ڪي پنهنجي اکين تي ويهاريندو هو. جڏهن هو نور کان بي نور ٿيو تڏهن به هو نور تي توڪل رکندو هو ۽ پنهنجي چاهيندڙن کي پنهنجي آواز سان پنهنجي ويجهو ڪندو هو. اهو ئي سبب هو جو شمشير سان ملهايل شام جا آرٽ ڪائونسل ۾ ڊاڪٽر ايوب شيخ جي مدد سان ملهائي وئي. مدد ڇا پر مڪمل بندوبست ڊاڪٽر ايوب شيخ ۽ ان جي ساٿين ئي ڪيو هو ان شام ۾ شمشير جا مداح سڄي سنڌ مان آيا هئا. پنهنجي هڙان وڙان پنهنجي خرچ پکي تي ڪراچي جي هوٽلن ۾ رهيا هئا. سندس شاعري جو پهريون مجموعو "لاٽ" هو جيڪو 1961ع ۾ شايع ٿيو هو. جنهن کي پڙهي اسان جهڙا ڪيترائي شاعر ٿيا. هاڻ سندس ٻيو ڇاپو پڌرو ٿيو آهي، پر جيڪا رس سندس پهرئين ڇاپي واري شاعري ۾ هئي ۽ جيڪا لاٽ سياسي ۽ سماجي حوالي سان جلائي هئي، اها هن ٻئي ڇاپي ۾ مون کي الائي ڇو گهٽ محسوس ٿي، بهرحال سندس زندگي ۾ اهو ٻيو ڇاپو آيو جنهن ۾ ڊاڪٽر ايوب شيخ جون گهڻيون محنتون آهن، اهو ڪريڊٽ سڄي جو سڄو ڊاڪٽر صاحب ڏانهن وڃي ٿو.

شمشير مذهبي حوالي سان ڪٽي ڪهڙي به فرقي سان واسطو رکي، پر اصل ۾ هو سنڌ جي مٽيءَ مان جنم وٺندڙ هو. تنهن ڪري هن جو مزاج هڪ سچي صوفيءَ وارو هو. سين سان پيار ڪندڙ سيني کي مانُ ڏيندڙ ياڪر پائي جيءُ ۾ جايون ڏيندڙ فقيراڻي طبيعت ۽ مزاج رکندڙ هن وڏي ماڻهو جو سندس پهرئين ڇاپي ۾ سندس هي نظم پڙهي، مان ته جهومي پوندو هئس. اهو شعر چڻ صوفين ۽ درويشن جي مزاج وٽان هو سندس شعر هو.

"مستن تي نہ ميار او سائين مستن تي نہ ميار"
ڪڏهن ايڪو ايڪ اڪيلا، ڪڏهن بہ ڏون چار،
مستن تي نہ ميار،

شمشير سائين انگريزي سان گڏوگڏ ڪيترين ٻين ٻولين تي دسترس رکندو هو. نظم جي شاعريءَ جو تہ سنڌيءَ ۾ تخليقڪار ئي پاڻ هو. مون ڪڏهن بہ ايترين صلاحيتن هوندي بہ سندس زندگي ۾ ڪو غرور، تڪبر، هٺ تہ مون عام اديبن جيان، هن ۾ ڏٺو ئي ڪين. سندس پهريون شاعريءَ جو مجموعو ”لاٽ“ سنڌي ڊپارٽمينٽ ڪراچي يونيورسٽي جي سِليبس ۾ ”جديد شاعريءَ“ واري سبجيڪٽ ۾ رکيل آهي، ان کان علاوه ”ڪاڪ محل“ ڊرامي جو ڪتاب بہ پڙهايو ويندو آهي. مددي ڪتابن ۾ ”آزاد نظم جي اوسر“ ۽ ”سنڌي شاعريءَ جو اڀياس“ بہ پڙهڻ لاءِ شاگردن کي چيو ويندو آهي، هي ٻئي ڪتاب سِليبس ۾ مددي ڪتابن جي فهرست ۾ شامل آهن.

شمشيرالحيدري سنڌي ادبي سنگت جو ٻارنهن سال سيڪريٽري جنرل رهيو. هن انهي پليٽ فارم تان سنڌ جي حقن لاءِ ڪافي جدوجهد ڪئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ووٽر لسٽون لکائڻ ۽ اينٽي ون يونٽ تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن رهيو. ان کان سواءِ هو جنهن اداري ۾ ملازم رهيو تہ هو پنهنجي ترقي پسند واري نظرئي سان سلهاجندڙ هر ڪم ڪندو رهيو. هن جي زندگيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو اهڙو شاهي فرمان آيو تہ هو تڏي پنهنجي سنڌ جي مارن سان اچي قطار ۾ بيهندو هو. هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ اهڙو ڪم نہ ڪيو جنهن سان هن جي ادبي سرگرمين ۾ ڪا الزام جي بوءِ محسوس ٿئي. هن تي جڏهن بہ ڪا مشڪلات جي سوڙهہ ٿيندي هئي تہ مولا تي ننگ وارو جملو ورجائيندو هو ۽ مولا هن تي سڀ کان وڏي مهرباني ڪئي ــ هن کي دل جو صاف ستر و رکيو هو.

شمشير T.V جو پهريون سنڌي ڪمپيئر، ناٽڪ نويس ۽ ميزباني جي فرائض سرانجام ڏيڻ وارو هو. مون سندس ميزباني ۾ ڪيئي T.V، ريڊيو تي شعر پڙهيا، اتي جو اتي هو ڪيترن نوجوان شاعرن جي شاعريءَ جي اصلاح بہ ڪندو هو. هو ريڊيو ۽ T.V جو اهو ليکڪ هو جيڪو پروڊيوسرن کي ڪڙهہ تي کير پيار ڀندو هو. اهڙو ڪوبہ موضوع ڪونہ هوندو هو. جيڪو T.V اسڪرپٽ لکڻ لاءِ کيس ڏکيو لڳي، اهڙو ڪو پروگرام

جيڪو ييو نہ ڪري سگھندو هو تہ جلدي T.V، ريڊيو جي صاحبن کي شمشير ياد ايندو هو. سائين بہ هنن جا مسئلا جلدي حل ڪري ڏيندو هئن. هو انهيءَ معاوضي مان ئي زندگي جا آخري سال گذر سفر ڪندو هو. سادي زندگي گذاريندڙ هن شاعر جو هڪ اهم دوست هو هدايت بلوچ. جيڪو هن جو پڳ مٽ يار هو. هو ٻئي هڪ ٻئي جا پاڙيسري هئا. رات جي روشني ۾ گلاسن جي ٽڪرائجڻ جي مڌر موسيقي هنن جي محفل ۾ ٻڌبي هئي.

سائين شمشير نظم جو بيحد سگھارو شاعر هو. موسيقي سان سينگاريل نظم هن جا اهم شاهڪار هئا. نظم جي شاعري لاءِ ڪنهن ڏاهي لکيو آهي. "نظم آهي اونهي اپياس بعد اندر جي اڇل يا اندر جي اوت، جيئن "مينهن ڪٽي" سپ جي سيني ۾ موتي بنجي ٻاهر اچي، تيئن سندر سهڻو سپنو ۽ صحتمند خيال شاعر جي من ۾ حرفن جو هيرو بنجي ٻاهر اچي ٿو ۽ اونده ۾ ويٺل انسانن جي پنهنجي جوت جي جهلڪ سان رهنمائي ڪري ٿو". هونئن تہ سندس نظم ڪوڙ سارا سگھارا آهن پر مهراڻ جي پرچي جولاءِ، سيپٽمبر 1996ع ۾ سندس هڪ نظم "الوداع" جي نانء سان شايع ٿيو ان نظم جو ٽڪرو پيش ڪجي ٿو اصلي نظم ڪافي ڊگھو آهي. هن نظم ۾ موت کي مڪڙي گھوڙي سان تشبيهہ ڏني آهي. مڪڙو گھوڙو بہ ڏاڍو تيز هلندو اک ڇنڀ ۾ ڪاٺي ڪان ڪاٺي وجي پهچندو آهي. موت بہ ايندو آهي تہ گھڙي پل جي بہ مهلت نہ ڏيندو آهي.

سونهن جو درياءُ وهي پيو،
ناهي جنهن جو آر پار.
جنهن جي هر قطري ۾ نيرانين نگاهن جو خمار،
هر نظارو جنهن جو، قدرت جو نرالو شاهڪار.
حيرتن ئي حيرتن جي ڪاڪ، جنهن پاسي نهار!
آه ڏاڍي دير ٿي وئي، اي معزز حسن بانو!
مان تہ وينو هئس هاڻي واپسي جي لئہ تيار،
بس سواري جو ڪيم پئي انتظار،
ڪنهن بہ ٿاٽي اچڻو آهي آسماني مڪڙو گھوڙو

جيڪو ڪنهن مهلت بنا ٿيندو فرار.

ائين اوچتو ئي اوچتو شمشير جو انتظار ختم ٿيو مڪڙو گهوڙو اوچتو آيو ۽ هن کي کڻي فرار ٿي هليو ويو ۽ اسان هٿ مهٽيندي ئي رهجي وياسين. هاڻ هن فقير مولائي، شاعر کي ڪٿي ڳولهجي، نہ هاڻ اسان کي هدايت بلوچ وٽ ملندو نہ شاعرن ۾ نہ ريڊيو نہ T.V تي. ها ملندو تہ جنت جي باغ ۾ عليؑ جي هٿ ۾ شمشير جي صورت ۾، اهڙي طرح شمشير اسان کي 31 ڊسمبر 1931ع ۾ مليو ۽ هڪ تاريخ اڳ ۾ ئي اسان کان 30 آگسٽ 2012ع تي گم ٿي ويو.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال

# شمشيرالحيدري- منفرد ماڻهو

شمشيرالحيدري تي ادبي حوالي سان دوستن گهڻو لکيو آهي، مان سندس شخصيت جي حوالي سان لکان ٿو. شمشيرالحيدري سنڌ جو هڪ يگانو محبتي ۽ منفرد ماڻهو هيو. منهنجي هن سان 30 سالن جي رفاقت رهي. اسان ٻنهي گڏجي، جڏهن هڪ سنڌي پروگرام لاءِ پي.ٽي.وي تي ڪم ڪيوسين. ٻئي ٽي. وي جي پروڊيوسرن جون فرمائشون پوريون ڪندي، ڪلام لکندا هئاسين. فلاڻي موقعي تي، فلاڻي موضوع تي، هي لکڻو آهي. ۽ پوءِ شمشير جو قلم هلندو هيو. ڪيترا پيرا ائين به ٿيو ته پروڊيوسر هن کي چانهه، سگريٽ ڏئي، پنهنجي آفيس ۾ ويهاري، در بند ڪيو ويندا هيا ۽ پوءِ شمشير جو قلم هلندو هيو. تان جو اسڪرپٽ انهن جي هٿن تائين پهچي.

شمشيرالحيدري جي چانهه به عجيب و غريب هوندي هئي، هڪ ڪوپ ۾ هڪ چمچو کير، اهڙي چانهه شمشير ئي پي سگهندو هيو. مان کيس چوندو هيس ته "کير کي چو ٿو شرمائين" جواب ڏيندو هيو "اهو ضروري آهي. جو اسان وٽ کير کان سواءِ چانهه جو تصور ئي ناهي. بنا کير واري چانهه کي قهوو چئبو آهي ۽ مان چانهه پيئندو آهيان".

مان جڏهن سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل هيس، تڏهن اسان سينئر اديبن جي هڪ ڪاميٽي ناهي، سنگت جو "گولڊن جوبلي" ملهائڻ لاءِ ان ڪاميٽي ۾ سنگت کان ٻاهر رهندڙ دوست پڻ شامل ڪياسين. جن ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين پڻ شامل هئي. ان ڪاميٽيءَ جو چيئرمين نورالدين سرڪي هيو. سرڪي صاحب جي وفات کان پوءِ شمشيرالحيدري ان جو چيئرمين رهيو. شمشير سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي نهڻ وقت اياز قادري سيڪريٽري جنرل ۽ هو جوائنٽ سيڪريٽري رهيو. پوءِ 10 سال پاڻ سنگت جو سيڪريٽري جنرل رهيو. ان وقت هڪ شوشو ٿيو ته سنڌ سنگت پاڪستان کان اڳ ٺهيل هئي، شمشيرالحيدري اڳيان آيو ۽ "سنڌ روبو" ۾ انٽرويو ڏيندي، چيائين ته "اهو رايو غلط آهي". شمشيرالحيدري سنڌي علم، ادب جي مسلسل خدمت ڪئي. هو بذات خود

سڃي ڄمار غير تڪراري رهيو. ان هوندي به سندس موقف ۽ رايو الڳ رهيو. سندس تڪيه ڪلام هوندو هيو "جو ڪام ڪرو- وو ڪام جڏا".

اسان گڏجي سفر به ڪيوسين. سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ شرڪت به ڪئي سين. شمشير ماني کائڻ وقت ساوا مرچ ڪچا کائيندو هيو. هڪ دفعي نوابشاهه مشاعري تي ويندي هالا وٽ لنچ ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيائين. جڏهن هوٽل تي پهتاسون تڏهن چيائين، ساوا (ننيڙا تيز مرچ) ڪٽي اچو. هو همراهه ٻه ٽي مرچ ڪٽي آيو. شمشير چيس ته پليٽ (ساسر) ڀري اچ. ۽ پوءِ گرهه سا گڏ ڪچا تيز ساوا مرچ کائيندو رهيو. مون ٽيسٽ طور هڪ چڪ هنيو ان جي ڪوڙاڻ ڪري، اکين مان پاڻي وهڻ ۽ وات سڙندو رهيو. پر مجال آهي جو شمشير کي ڪو اثر به ٿيو هجي. سندس ڪاڏي ۾ ساوا مرچ ۽ مانيءَ کان پوءِ هڪ چمچي کير واري چانهه ضروري اسم هيا. باقي الله جو بندو هر شيءِ کائيندو هيو. هو پيئڻ جو به بادشاهه هيو. اسپرٽ به کيس گهڻو متاثر ڪيو. هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت سان ان حوالي سان منهنجو ان سان وڏو بحث به ٿيندو هيو. شمشيرالحيدري طبيعت جو ڏاڍو نرم ۽ ٻاجهارو هوندو هيو. هڪ اهڙو به وقت آيو جو تاج بلوچ جتي هن کي ڏسي اُتان هليو ويندو هيو ۽ اها ڳالهه مون کي سٺي نه لڳندي هئي. ڪراچيءَ ۾ ڪلچرل ڊپارٽمينٽ جي ممتاز مرزا اسٽوڊيو ۾ منهنجي سالگرهه جو پروگرام هيو. تاج بلوچ مطالبو ڪيو ته مان ايندس، ان شرط سان ته شمشير نه هوندو. مون اڳ تاج کي اسٽيج تي ويهاريو. شمشير اچڻ ۾ ٿوري دير ڪئي. جيئن آيو ان کي به اسٽيج تي ويهاريو ويو. پوءِ تاج بلوچ ڏسڻ وٽان هيو. اکين اکين ۾ وڏيون کهاڻيون ۽ ڳالهيون ٿي رهيون هيون. بهرحال منهنجي ڪوشش ڪامياب رهي ۽ ٻئي ويجها رهيا.

شمشيرالحيدري جو پنهنجو خيال ۽ سوچ هوندي هئي ۽ هو ان جو برملا اظهار به ڪندو هيو. انجمن ترقي پسند مصنفين جي پي ايم اي هائوس ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ هڪ اجلاس ۾ پاڪستان جون قومي زبانون کهڙيون هئڻ گهرجن. سيني جو رايو هيو ته سنڌي، پنجابي، پشتو بلوچي ۽ سرائڪيءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي. جڏهن ته اردو رابطي جي زبان

هجي. شمشير اُتي چيو تہ گجراتيءَ کي بہ قومي زبان جو درجو ڏنو وڃي. جنهن جي مون ڀرپور مخالفت ڪئي ۽ چيو تہ اهو باب کليو تہ پوءِ ٻيون ڪيتريون ئي زبانون شامل ٿينديون. دعوائون وڌنديون ۽ هڪ نئون پنڊورا باڪس کلندو. ان اجلاس ۾ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو شمشيرالحيدري ۽ مون ۾ اختلاف رهيو. بهرحال گهڻي بحث کان پوءِ شمشير جو رايو شامل نہ ڪيو ويو ۽ صوبن ۾ رائج مٿيون پنج ٻوليون، قومي درجي لاءِ رکيون ويون.

هڪ دفعي اسان ٿر ادبي پروگرام ۾ وڃي رهيا هئاسين، ٽيندو ائين هيو جو گاڏي مان هلائيندو هيس، شمشير اڳلي سيٽ تي ويهندو هيو. پاڻ تمام گهڻا سگريٽ پيئندو هيو ۽ پوءِ گرميءَ جي موسم ۾ اي. سي هلندي بہ شيشو کوليندو هيو. جو دونهون ڪيئن نڪري؟ ٻاهران ايندڙ گرم هوا جي ڪري گاڏيءَ ۾ ٿڌاڻ نہ رهندي هئي، ۽ ائين بہ ٿيندو هيو تہ اي. سي بہ هلندي هئي ۽ شيشو بہ کليل رهندو هيو. پوءِ سڄي واٽ کل ڀوڳ بہ هلندي رهندي هئي ۽ سچ پچ اسان جو سفر جلدي گذري ويندو هيو. ائين ئي ٿيندو هيو تہ گهڻو ڪري اسان گڏجي ويندا هئاسون مون کي ڪا دعوت ملندي هئي تہ فون ڪري شمشير کان پڇبو هيو يا جيڪڏهن هن کي ڪا دعوت ملندي هئي تہ مون کي فون ڪندو هيو ۽ پوءِ گهڻو ڪري ڪراچيءَ مان گڏ نڪرندا هئاسون. اسان سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن عبدالغفار تبسم بہ شامل ٿيندو هيو.

شمشيرالحيدري، تاجل بيوس ۽ هدايت بلوچ، پاڪستان ڪوارٽرس ۾ رات جو روزانو ٽڪندو هوندو هيو جيڪو هڪ خاص موڊ ۽ مشروب جي حوالي سان گڏبو هيو. اهڙين نعمتن کان محروم هوندي بہ، ڪڏهن ڪڏهن ڪچهري ڪاڻ وڃي شامل ٿيندا هئاسين.

شمشيرالحيدري، پنهنجي سادي ۽ ڀرپور زندگيءَ ۾ هميشہ خوش رهندو ۽ گذاريندو هيو. هڪ ڏينهن تاجل جي وفات کان پوءِ مون کيس چيو تہ "تون پنهنجي شعر ۾ ترميم ڪر، نہ تہ تون پنهنجي خبر، جي هيڊنگ پاڻ ناهي چڏي آهي تہ "هڪڙو شمشير هو هزارن ۾، سو بہ دنيا مان اڄ گذاري ويو". چيائين، "غزل جو خوبصورت مقطع آهي". شمشيرالحيدري جو هڪ رخ ڪمرشل بہ هيو هن زندگيءَ ۾ اهو بہ لکيو جيڪو هن جي طبيعت ۾ نہ

هيو. پر وقت، حالتن ۽ معاش ڪري هن انهن موضوعن تي بہ لکيو. شمشيرالحيدري جو معاشي ذريعو هن جو قلم هو. هو پنهنجي ذميدارين ڪري وقت جي حاڪمن تي بہ لکندو رهيو. جنهن ۾ ٽي. وي ۽ سرڪاري ميڊيا جو وڏو عمل دخل هيو.

شمشير جي سموري حياتي، لکڻ، پڙهڻ ۽ ادب ۾ گذري. ايڊيٽري کان وٺي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري شپ تائين، پي. ٽي. وي کان وٺي اين جي اوز تائين. هن سيني سان ساٿ ڏنو. سيني سان واسطو رکيو ۽ ان تي قائم بہ رهيو. مون کي دوستن ٻڌايو تہ هن جو ڪتاب "لاٽ" واڌاري سان ڇپجي رهيو آهي. مون ڪيس فون ڪيو تہ جڏهن ان ۾ واڌارو ڪري، نئين شاعري شامل ڪئي اٿئي تہ پوءِ ان جو نئون نالو رک. جنهن تي هن چيو تہ. هڪ تہ "لاٽ" نالو سنو آهي ۽ ٻيو اهو ڪتاب ٿوري تعداد ۾ ڇپيو هيو ۽ گهڻو اڳ ڇپيو هيو. ان ڪري نوجوانن وٽ اهو آهي ئي نہ. ان ڪري ان کي ان نالي سان ڇپجڻ گهرجي. باقي ٻيو ڪتاب تيار آهي جيڪو نئين نالي سان ايندو.

شمشيرالحيدري ڪجهہ وقت اسلام آباد ۾ بہ رهيو. خاص ڪري پنهنجي اکين جي علاج جي سلسلي ۾ منهنجو ان سان مسلسل رابطو رهندو آيو. آخري ڏينهن ۾ ڪلفٽن ڪراچيءَ جي پارڪ لائين اسپتال جي سيمي پرائيويٽ روم ۾ داخل رهيو. جتي جڏهن مان ويس تہ اُتي نرس کيس آڪسيجن ڏئي رهي هئي. بہ پوٽا پير ۾ ويٺا هئس، آڪسيجن جڏهن ختم ٿي ۽ نوزل هٽايا ويا تڏهن سلام ڪري، پنهنجو نالو ٻڌايم.

"اڙي ادا، ڪهڙا حال اٿئي". وراڻيائين.

چيم، "طبعيت ڪيئن آهي".

جواب ڏنائين، "جيئن ڏسين ٿو".

"ڊاڪٽر ڇا ٿا چون". کائنس پڇيم

چيائين، "چون ٿا تہ سياڻي موڪل ڏينداسين، پوءِ مان گهر ويندس، اتي اچجانءِ تہ احوال ڪبا".

”الله خير ڪندو“. چئي ڪيس دلداريون ڏنم. جو مون کي خبر هئي تہ الله سائين جي هٿ ۾ هر شيءِ آهي. پر هينئر هن جي ڪينسر سڄي هڏي ۾ ڦهلجي وئي آهي. ٿوري دير کان پوءِ موڪلائي، سندس پوٽي کي صلاح ڏنم تہ تڪڙ نہ ڪجو. ڊاڪٽر چون تہ موڪل ڪجو. ورنہ گهر نہ ويجهو. جيئن تہ شمشير اڳ ۾ ئي اعلان ڪري چڪو هيو تہ هن جي علاج لاءِ ڪنهن کي بہ اپيل نہ ڪئي وڃي. جو هي اسپتال سندس پٽ جي پينل تي هئي. ان ڪري هن کي هن اسپتال ۾ علاج جي سهولت هئي.

مون نرس کي چيو تہ ”هن کي ڪينسر واري ڊاڪٽر ڏي ريفر ڪيو. ڪيموٿراپي يا ريڊيوٿراپي جو فيصلو اهو ئي ڪندو“. جنهن تي هن چيو تہ ”منهنجي نائيٽ ڊيوٽي آهي، پر مان صبح وارن کي اها صلاح ڏيندس“. ٻئي ڏينهن مان ڳوٺ هليو آيس.

ڊاڪٽر ايوب شيخ چيو تہ ”تو وٽ ڪا رڪارڊنگ جي ڪئميرا آهي جو شمشير چوي ٿو تہ ”مان ڪجهہ رڪارڊ ڪرائڻ ٿو چاهيان“. مون کي اها خبر ناهي تہ هن ڪجهہ رڪارڊ ڪرايو يا نہ؟ پر زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ هو هڏن جو پڃرو بچيو هيو. ڏاڍو ڪمزور ۽ نٻل هيو. پر مون کيس مايوس نہ ڏٺو. جينوٽيڪ هن کي سڀ ڪجهہ خبر هئي. تہ ڇا ٿيندو. پر هو پنهنجي اسپتال واري بستري تي بہ حال احوال ڪندو رهيو. سندس شيو وڌيل هئي.

شمشير فقيري طبيعت جو مالڪ هيو. مست الست زندگي گذاريندڙ سيني سان سنو هلندڙ ۽ نيائيندڙ. ڪڏهن ڪنهن تي ڪوسو نہ ٿيو نہ وڙهيو ۽ صبر واري واٽ تي هلندڙ هي اسان جو يار 21 رمضان تي جمعي جي ڏينهن وفات ڪري ويو. الله سائين پنهنجي حيدرين تي بہ مهربان ٿئي ٿو.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال

فون: 0300_2476704

ڊاڪٽر سليمان شيخ

# شمشير ۽ حسن بانو

هيءُ مضمون ڪتاب ”موليٰ تي ننگ“ ۾ ”شمشير مرڻو ناهي“ جي عنوان سان شايع ٿيل آهي. (صفحو- 39).

سنڌ جو هڪ مٽيادار خوددار ۽ خود آگاهه، اردو ۽ انگريزي، اديب شاعر، صحافي، ايڊيٽر ۽ سماج سيوڪ شمشيرالحيدري پنهنجي حسن بانوءَ کي الوداع چئي هليو ويو. ويندي ويندي چئي ويو:

”۽ وري پڌ اي معزز حُسن بانو
کهڙا کهڙا مون وکر آهن ورهايا بي مثل
علم جا مشعل، عمل جون دؤربينيون ۽ عقل جون شطرنجون،
سوچ جا سُونگا، انهن اندر خيالن جي عطر سان ٽَر ٻُڙا
حوصلن جون دہليون، خوداعتماديءَ جا ہتونئڙا
عزم جا گلدان ۽ همت جا ڏُنگ
جن ۾ احساسن جو عنبر، مشڪ جذبن جي ۽ يادن جي گلاب،
پيار جي وکري وکر جي چاڻ لئہ جدوجهد جا جامِ شربت
زندگيءَ جي فهم وارا
۽ صراحيون سُرت واريون“

شمشير لاءِ حياتي حسن بانوءَ جو روپ ڌاري وارد ٿي هئي، جنهن سان هن کي اڻ مَيو عشق هو. حياتيءَ جي تند ڪنهن بهاني سان ٽٽيو پوي تہ ان کي اُميري سان جوڙي نٿو سگهجي. ڪهڙا پيارا پيارا ماڻهو موت اسان کان کسي ويو. موت جي لڪ چپ راند هلي پئي ڪوبہ ان کان بچي نٿو سگهي. شمشير جي چواڻي ”قدرت (نيچر) پنهنجو پاڻ خال پريندي ويندي آهي. هڪڙا ويا ٻيا ايندا“ (حوالو ڪاوش دنيا 19 آگسٽ 2012ع)

هر لمحي پيدا ٿيندڙ نئون ٻار پاڻ سان هڪ نئون عزم، آسرو ۽ ويساهہ کڻي ايندو آهي. هن پونءِ جي ڪک خالي رهڻي ناهي. پر ڪو ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو. جيڪو ڪونہ وڪاڻو اهو املهہ داڻو شمشيرالحيدري هو.

شمشير جي گذاريل زندگيءَ جو اپٽار هڪ مختصر مضمون ۾ نہ ٿو ڪري سگهجي. هو هڪ موضوع بنجي تحقيق جي دنيا ۾ ايريو آهي. شمشيرالحيدري جسماني طور هتان ڪوچ ڪري ويو آهي پر روحاني طور هن جو واس صدين تائين سنڌ جي ٽڙ برن ۾ مهڪندو رهندو.

سائين ابراهيم جويي چواڻي شمشير جمندي چام هو. اسڪول ۾ ڪيس وال پوسٽر جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو هو. سندن استاد ان ڪان پوءِ ڪيس مهراڻ رسالي جي نائب ايڊيٽر جي حيثيت ۾ ڏسي ٿو.

منهنجي هن عظيم انسان سان سڃاڻپ 1963ع ۾ سنڌي ٻولي تحريڪ دؤران ٿي. آئون شاگرد هوس. لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي سنڌي شاگردن پاران سنڌي ٻولي ڏهاڙو ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. مون کي سنڌ جي نامور اديبن سان لاڳاپو ڪرڻ جو فرض سونپيو ويو. شمشير سان ملاقات مون کي اعتماد ڏنو. اسان آڪٽوبر 1963ع ۾ بسنت هال حيدرآباد ۾ هڪ ڏهاڙي ملهائڻ جو بندوبست ڪيو.

1966ع ۾ مون ميڊيڪل جو امتحان پاس ڪيو تہ شمشير ان وقت "نئين زندگي" جو ايڊيٽر بنجي چڪو هو. مون عام بيمارين تي سنڌيءَ ۾ مضمونن جو سلسلو شروع ڪيو. هن سلسلي ۾ طبي هنر جي ڪئين لفظن کي سنڌي جو جامو پهرائڻو هو. شمشير ان ۾ گهڻي رهنمائي ڪئي. اهي مضمون 1974ع ۾ سنڌ سائنس سوسائٽي پاران "انسان جا پراسرار دشمن" جي نالي سان شايع ٿيو.

1970ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پوسٽ گريجوئيٽ تعليم دؤران شمشير سان گهڻو لاڳاپو رهيو. ان عرصي ۾ اسان گهڻو ڪري روزانو 3 وڳي ڏاري ڪيفي نيويارڪ ۾ ملندا هئاسين. سائين بخش ڪلهوڙو مراد علي جوڻيجو ڪڏهن محبوب شيخ ۽ ٻيا دوست جيڪي بہ ڪراچيءَ ۾ ون يونٽ ٽٽڻ ڪان پوءِ آيا تہ انهن لاءِ ملڻ جي جاءِ ڪيفي نيويارڪ ٿي وئي ۽ شمشير اسان جو ميزبان بنجي ويو. انهن ئي گڏجاڻين وسيلي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جو خاڪو جوڙيو ويو ۽ ان تي ٽن ماڻهن بنيادي طور اتفاق ڪيو جن ۾ شمشيرالحيدري، سائين بخش ڪلهوڙو ۽ ليکڪ (ڊاڪٽر سليمان شيخ) شامل هئا. شمشير هن اداري جي بنيادي آئين لاءِ مشورا ڏنا. مونوگرام شمشير جي تصوير جو عڪس آهي.

1978ع کي سگا ”شاهه جو سال“ ڪري ملهايو. ان سلسلي ۾ قومي ڪانفرنس دائود ڪاليج ڪراچيءَ جي آڊيٽوريم ۾ منعقد ڪئي وئي. ان ڪانفرنس لاءِ علمي ۽ ادبي تياريءَ ۾ شمشير سرگرم رهيو. ان ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالن کي شمشير ترتيب ڏنو ”جر ٿر تک تنوار“ ۽ ٻيو Flame & Flute ٻئي ڪتاب شايع ٿيا. ڪانفرنس جي منعقد ڪرڻ وقت Lateef Poet for All Times پروفيسر اعجاز احمد قريشي صاحب ترتيب ڏنو. لطيفي قافلو ان سال جو هڪ ٻيو وڏو معرڪو هو. جنهن ۾ اٽڪل 150 ساٿي اديب، شاعر، فنڪار عورتون مرد گڏجي ريل جي بوگي ڪري ڪراچيءَ کان روانا ٿياسين. مارشل لا جو ڏاڍو وارو دؤر هو ۽ ڪئين وسوسا اسان سان سلهاڙيل هئا. لاهور هاءِ ڪورٽ جي فتويٰ پٺي صاحب خلاف اڳي چڪي هئي. اسان جيئي لطيف جي نعرن ۾ ملتان رسياسين. فدوي ورائي ويا. شمشير پختا جواب ڏنا ۽ سڄي قافلي جي ادبي سٿاءَ ۾ حصو ورتو. اسان ملتان، راولپنڊي، پشاور کان ٿيندا لاهور جو دؤرو ڪري واپس پهتاسين. ان تاريخي سفر ۾ محترمه سلطانه صديقي، زرينه بلوچ، استاد منظور علي خان، ڊاڪٽر نوازعلي شوق ۽ ٻيا ڪافي دوست گڏ هئا.

شمشير مارشل لا جي دؤر ۾ روزانه مهراڻ اخبار جو ايڊيٽر بڻيو ۽ هن اخبار کي سنڌ جي ماڻهن جي ڌڙڪن بنائي ڇڏيو. ضرورت آهي ته سندس اهي ايڊيٽوريل ڪتاب جي صورت ۾ ڇپجڻ گهرجن.

شمشير سگا جي گهڻو ڪري سڀني ڪنوينشن جا ٺهراءَ ترتيب ڏيندو هو. ائين چئجي ته سگا جي نيتيءَ جو ترجمان هو. سال 2000ع ڌاري سگا ماحول بابت مخزن ”ڌرتي“ شروع ڪيو. شمشير ان جو ايڊيٽر هو. ٻن سالن جا اهي پرچا سنڌي ۾ ماحول ۽ بنيادي سائنس کان سواءِ سماج ۽ ادب جو اولڙو آهن. شمشير جو قلمي پورهيو انيڪ آهي ان کي سهيڙي سنڌ جي سينڌ سنواري سگهجي ٿي.

شمشير مرڻو ناهي سدا پنهنجي قلم جي،
صدائن جي روپ ۾ جيئندو رهندو.

ڪراچي

آگسٽ 22، 2012ع

ڊاڪٽر اسد جمال پلي

# معتبر شاعر- شمشيرالحيدري

شمشيرالحيدري پنهنجي عهد جو اهم شاعر ۽ اديب آهي. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ جڏهن سندس ذڪر ايندو ته سندس انفرادي حيثيت کان ڪوبه محقق خواهه نقاد انڪار ڪري نه سگهندو. هو مڪمل تخليقي سگهه رکندڙ شاعر آهي. قابل قبول دليل ڏيندڙ نقاد آهي. سٺي رهنمائي ڪندڙ ليکڪ آهي. سنڌي ادب ۾ ٿيندڙ تخليق ۽ تحقيق کان وٺي، سنڌي معاشرو سنڌ ڌرتي ۽ سنڌ جي پاڻي خواهه ٻين معاشي مسئلن ۾ ٿيندڙ ناانصافين تي سندس نظر آهي ۽ هڪ سجاڳ شهريءَ وانگيان هو پنهنجي قلم جي طاقت سان پنهنجي سماج جي هر ڪنهن فرد کي انهن حرڪتن کان باخبر ڪندو رهي ٿو. هاڻي ڪير ساڻس انهن ڳالهين ۾ اختلاف رکي ٿو يا انهن ڳالهين جي اظهار جي طريقي ۽ طريقي جي حدن ۾ اختلاف رکي ٿو اهو هر ڪنهن جو پنهنجو ذاتي حق ۽ خيال آهي. شمشير هِن سڀ ڪم ۾ ڪنهن گروپ يا اداري جو اصل محتاج ڪونهي. سندس ڳالهه جنهن کي وڻي اهو سندس ادبي گروپ آهي ۽ جنهن اداري کي سندس خدمت جي ضرورت آهي اهو سندس ادارو آهي. مختلف ادارن ۾ منشيءَ کان ڊائريڪٽر تائين روزگار جا ذريعا ڳولهيندي، شمشير ڪٽي به پنهنجي انا جو سودو نه ٿو ڪري، هو روزگار جي سلسلي ۾ ڪڏهن به ڪنهن جي ڪاڻ نٿو ڪڍي پر ڪيس سندس صلاحيتن تي وڏيڪ اعتبار آهي. اسان جي هن ظالم ۽ بي درد معاشري ۾ اهڙا ماڻهو هميشه توفيق جي صاحبن کي کٽڪندا رهيا آهن ۽ ساڻن انصاف نه ٿي سگهيو آهي. انهيءَ انصاف نه ٿيڻ جو اهو به هڪ سبب آهي ته صاحبِ حڪم کي هڪ اڻڄاتل خوف به آهي ته اگر معاشري جو هر فرد متان ڪٿي سڀ فرض ادا ڪندي پنهنجي حقن کان آگاهه نه ٿي وڃي ۽ پوءِ تقاضا جو هٿ اڳتي وڌي پنهنجو مطلوب گريبان ڳولي نه وٺي. انهيءَ خوف کان به انهن معاشي مسئلن ۾ شمشير پارن البيلن کي ڦاسائي رکجي ته جيئن "ايوانن" جي روشني برقرار رهي. انهيءَ پاليسيءَ جو شڪار نه صرف شمشير ٿيو آهي پر سڀ اهي ماڻهو جن ۾ اها "ارڏائي" موجود آهي ۽ جن منصوري سام

پروڙي ورتي آهي. پوءِ شمشير هجي، رشيد احمد لاشاري هجي، قربان علي بگٽي هجي، يا علي بابا هجي.

هيءُ سڄو بحث تہ تمام طويل آهي پر اسان جي اڳيان ڳالهہ آهي شمشير جي، جيڪو جڏهن بہ ڳالهائي ٿو تہ همت ۽ جرئت سان، بهادري ۽ بيباڪي سان. وٽس ڳالهہ جو ڏانوَ بہ آهي تہ موضوع جي گهرائي بہ آهي. هو شهرت جي دنيا جو اڇايل نہ آهي. کيس خبر آهي تہ شهرت آهستي آهستي خود بخود هن جي سلامي ٿيندي. هو پنهنجي شاعريءَ جو ديوان کڻي ڪنهن ريڊيو يا ٽيليويزن جي ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر وٽ فنڪارن جي فرمائش طور نٿو وڃي. کيس خبر آهي تہ اهي شيون سندس راءِ جي اظهار ۾ ڪمزوري پيدا ڪنديون. هو انتظار ٿو ڪري ڪنهن مناسب اسٽيج جو پليٽ فارم جو جتان هو پنهنجي ڳالهہ طاقتور طريقي سان ڪري سگهي. هو شهرت جي طريقن تي پنهنجي فن کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي.

شمشير پنهنجي آخري ٽيليويزن انٽرويو ۾ محترم فيض کوسو صاحب سان، ڪي. ٽي. اين نيوز سان ڳالهائيندي هڪ ڏاڍي سهڻي ڳالهہ ڪئي تہ "کيس شاعري ڪرڻ جي اتڪل اچي ويئي". هن نظريہ ضرورت موجب لکيو. اگر ڪنهن چيو تہ قلندر شهباز جو ميلو آهي تہ انهيءَ لاءِ لکي ورتو. ڪنهن چيو تہ مشاعرو آهي تہ قازم غزل لک تہ لکي ورتو". مون کي شمشير جي هن ڳالهہ هو "رڇي جي ريتو ٿيا" وارو اصطلاح سمجهہ ۾ اچي ويو. سندس نظريہ ضرورت واري شاعري مون ٿماهي مهراڻ ۾ ٻن نظمن ۾ هيئن پڙهي تہ:

"قوم چاهي ٿي وري،
ڪاڪ جا تڪسات سڀ پرزا ٿين،
ڪوٽ ڦهري عمر جا يڪسر ڊهن،
مانگرن لئہ موت جا پڃرا نهن،
قوم چاهي ٿي وري،
شاهہ ۽ سچل جيان،
سچ جا ينيت وڏا پڙڪائجن".

وري ہي نظم ۾ تہ:

شاهہ سائين جو رسالو مون رکيو آهي لڪائي،
پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي،
مورتي مهين جي 'نچڻي' واري آهي،
مون بہ سوگهي ڪئي لڪائي،
پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي،
بس تہ پوءِ ماٺ ڪر، شيطان ٻڌندا،
هائو جيسين سج اڀري.

(جيسين سج اڀري- نظم)

سندس مٿين ٻنهي نظمن جي بندن ۾ جيڪو ميسيج آهي اهو واضح آهي. هاڻي انهيءَ سان اختلاف جو حق هر ڪنهن کي آهي. اهو شمشير جو نياپو سندس لفظن ۾ آهي. هن نياپي جو بنياد شمشير جو پنهنجو علم، عقيدو ۽ مشاهدو آهي. مهين جي دڙي جي 'نچڻي' سان اختلاف راءِ محترم اسحاق اثر هيئن رکي ٿو تہ:

سنڌ جي ڌرتي تي موهن جو دڙو
مظهرِ قهر ذوالجلال آهي.

ٻئي شاعر پنهنجن عقيدن جي لحاظ کان پري آهن، پر فن جي لحاظ کان اگر ٻنهي ۾ ڪو جهول ڪنهن محقق کي نظر ايندو هجي تہ آگر مٿي ڪري.

اگر ڪير شمشير جي فڪر سان اختلاف رکي ٿو تہ شمشير بہ ساڳي طرح اختلاف رکي ٿو. سوال صرف اسان جي برداشت ۽ انصاف جو آهي. شمشير جيڪا ڳالهہ ڪري ٿو اها سماج لاءِ ڪيتري قدر قابلِ قبول آهي ۽ فائديمند آهي اهو فيصلو اجان بہ ٿورو دير سان ٿيندو. شمشير جو فن ۽ ٻولي ٻئي "گرفت" کان آجا آهن. هڪ تہ هو لاڙ جو خمير آهي، ٻيو سندس ابتدا مولانا احمد ملاح جي مڪتب ۾ پٽيون ميٽ سان مهڻ کان ٿئي ٿي. گهرو ماحول کيس سندس مامي محترم نذيرالحيدري کان مليو ٿو. اڳتي هلي

محترم محمد ابراهيم جويو ۽ محترم مولانا غلام محمد گرامي صاحب سندس شعور جي پختگي ۾ سندس رهنما ٿين ٿا. ائين جيڪو شمشير جو فڪر آهي اهو پروان چڙهي ٿو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ شمشير ۽ سندس عهد ۽ فڪر جي شاعرن تي گرامي صاحب جي وڏي ڇاپ آهي. پوءِ جڏهن گرامي صاحب جديد شاعري تي ٿيندڙ تنقيد جي بچاءَ ۾ "مشرقي" شاعري جا قدر ۽ رجحان جانچي ٿو ۽ هڪ طويل مقالو تيار ڪري ٿو تہ اهو بہ شمشير جي تحريرن لاءِ اتساهہ جو سبب بنجي ٿو ۽ شمشير بہ جديد سنڌي ادب جي بچاءَ ۽ وضاحت لاءِ قلم کڻي ٿو. شمشير ڏاهو قلمڪار آهي جو هر ڪنهن مضمون ۾ بحث ڪندي لکي ٿو اهو اجان اٽپورو آهي. يعني تہ اڳتي لکڻ جو گس بند ڪونہ ٿو ڪري. گرامي صاحب وري اها ڪسر مهراڻ جي شاعر نمبر ۾ پوري ٿو ڪري. هن بحث کي آئون آخر ۾ انهيءَ نقطي تي ٿي پاسيرو ڇڏيندس تہ اسان وٽ اهو رَويو بہ ڪافي نقصان ڏيندڙ آهي تہ اگر ڪو جديد ۽ ترقي پسند ادب جو ساٿي ڪا ڳالهہ ڪري ٿو تہ انهيءَ جو ڏوهہ بہ "شمشير" تي، ڇاڪاڻ تہ شمشير بہ جديد ادب جو پسند ڪندڙ آهي، پوءِ اهو ڏوهہ فني هجي يا فڪري اظهار جو هجي. آئون انهيءَ ڳالهہ جو وڏيڪ حامي آهيان تہ شمشير جيڪي اظهاريو اهو انهيءَ جو ذميوار رهندو، ٻئي جنهن جيڪو چيو اهو انهيءَ جو مسئلو.

شمشير انهن بحثن ۽ ڳالهين کان سواءِ بہ دلبر شاعر آهي. هو حجاز جي رنگن ۾ چڱيءَ طرح رنگيل آهي. اهو سندس تمام سهڻو ۽ انوکو مشاهدو آهي جو سجڻ جي ياد کي "چيڙن" جي رنگن ۾ ٿو محسوس ڪري ۽ انهيءَ باهہ جو احساس ٿو ڏياري جيڪا لبڙن جي ڪنارن تي "ياد" سان ٻري ٿي. ساڳي وقت سندس مَن ۾ "البيلائپ" جا جيڪي انگ آهن اهي وري "چورا" جي آلاپ ڏيئي محترمہ زرينہ بلوچ ڪيئن نہ سهڻا چيا آهن تہ "جبل مٿي جهڙ" ۽ پوءِ صدا ۾ ڪشش ڪيئن ٿو پيدا ڪري تہ "مند ڏسي تو مُڙ" حجاز ۾ اهي رنگ صرف شمشير ئي پيدا ڪري سگهيو آهي تڏهن تہ: چئي ويٺو تہ:

اکيور ۾ الستي، اهڙي نہ ڪائي مستي،
مستيءَ جو ٽ نہ هستي، هاري ڇڏيون مجازي!

شمشير يار پنهنجو ڏس ٿي ويو سو ڪنهن جو
ڪونهي قصور تنهنجو دردن ڪيو درازي

صرف ايترو ئي نہ هو "نگاهہ" ۽ "اک" جو الڳ استعمال ڪري ۽ اکڙين کي "لال ڪنواريون" ڪوٺي جيڪو ماحول ٿو ٺاهي اهو صرف شمشير جي فن جي معتبري آهي ٻيو ڪو اگر لال ڪنوار جو لفظ ائين استعمال ڪري تہ "ڪُل" ۽ "جز" جو مسئلو اٿي پوي.

اهي قربتون اهي فاصلا، اهي دل جا دل سان معاملا، وچو هڪ نگاهہ ۾ طئہ ڪري، تنهنجون اکڙيون لال ڪنواريون، مجاز جي هنن رنگن ۾ هو "فراقِ يار" کي ڪيئن ٿو منظر نگاري ڏي تہ:

زندگي زهر ڪيم توکي وسارڻ خاطر
ڪهڙي حالت مون عجب پنهنجي بنائي آهي.

هنن سادن لفظن ۾ اگر فراق جي حالت ڳولهجي تہ مشڪل سان لڀي پر جڏهن "زهر" واري زندگي تي غور ڪبو تہ احساس ٿيندو تہ زندگي ۾ ڪيڏو ڪرب آهي. فراق سان گڏ "وصل" لاءِ واجهائڻ ۾ شمشير جو پنهنجو انداز آهي. هِن انداز ۾ نڪو سوال نڪو منٿون نڪو قسم نڪو نڪ تي جانا، بلڪ دليل آهي تہ:

چنڊ رات چٽي آهي، ڪڪريون بہ وسي هليون، هر بات بٽيل آهي، مَن ڪوئي اچي نڪري هِن برهہ جي بستي ۾، شمشير جيهو جوڳي، وري شاهہ جي رسالي مان جهاتي پائي، "اِير چنڊَ پس پرين" جو سبق پنهنجن لفظن ۾ ٿو دهرائي تہ:

چٽو چنڊ رهيج،
پيارل منهنجو پنڌ ۾ هوندو
وار تہ منهنجا ولهہ ۾،
ٺڏا ٺا پَسيج.......!

پيارل پنڌ ۾ هوندو، اهو ڪيس آسرو ئي ڪونهي پر پڪ بہ آهي، جڏهن هو انهيءَ پڪ بعد راٽل جي رهاڻ مان اٿئي ٿو تہ سندس اندر جو شاعر

انهن احساسن ۽ جزبن جو قدر ڪيئن ٿو ڪري ۽ پنهنجي ڪيفيت ڪي ڪيئن ٿو جهونگاري تہ:

لِڪَ لَڪَ لَڪَ ڪتياسين،
ايڏا پيار پيا جهوليءَ ۾،
ساوڪ، سونهن سڳنڌ ۽ سُرڪي،
چارئي سهنج سرياسين.......!

مٿيان چار ئي سهنج شمشير ڪي تہ سريا آهن هاڻي جنهن ڪي نہ سريا هجن اهو بہ شمشير تي ڪٿڪيون ڪائيندو ۽ جنهن ڪي اهي سهنج نہ ڪپن يا هو انهن ڪي سهنج ئي نہ سمجهي بلڪ اهنج سمجهي شمشير انهيءَ ڪي بہ ڪٿڪندو پر شمشير وٽ هڪ ئي جواب آهي تہ:

مان تہ منزل ڪان گهڻو اڳتي هليو ويو آهيان،
تو ڪٿي موت جي اڄ سين لڳائي آهي.

شمشير جيڪو منزل ڪان گهڻو اڳتي هليو ويو آهي اهو هڪ اهڙو ڊبيٽر آهي جنهن ڪي اگر موضوع ڏجي قلم سگهارو آهي تہ بہ انعام کٽندو ۽ جي موضوع ڏجي تلوار طاقتور آهي تہ بہ انعام کٽندو. اهو سندس وسيع مطالعو آهي. هن جديد ادب جي جيڪا خدمت ڪئي آهي انهيءَ جو اجان ڪيس ڀرپور داد مليو ئي نہ آهي. شمشير پنهنجي ذاتي زندگي ۾ صفا اڇو اُجرو آهي. مٿس سنگت ۾ ڪابہ معيار رهيل ناهي. منهنجون سائس ذاتي طور ڪيئي ملاقاتون رهيون آهن. آئون سندس سخن گوئي جو ۽ صاف گوئي جو باقاعده معترف آهيان حالانڪ منهنجو سندس ڪِن فڪري پهلوئن سان شب و روز جهڙو اختلاف بہ آهي ۽ ٻہ- چار دفعا پاڻ ئي اها ڳالهہ چئي وينو تہ اوهان منهنجي هِن راءِ سان ضرور اختلاف ڪندا پر هِن سان نہ. مون هڪ دفعي ڪيس چيو تہ عبدالڪريم پلي صاحب جي ڪلام تي "مهاڳ" لکي ڏي تہ يڪدم وراڻيائين تہ آئون انصاف ڪري ڪونہ سگهندس. ٻئي ڪنهن ڪي چئو. مون ڪي عجب لڳو جڏهن هو انهيءَ جواب لاءِ اڳ ۾ تياري ڪري وينو هجي. پوءِ مون سان "پلي" صاحب جون ايتريون ڳالهيون ڪيائين جيتريون عبدالقادر جوڻيجو ۽ علي بابا ئي ڪري سگهن

ٿا يا مون سان ڪري چُڪا آهن. تڏهن تہ وفا پلي جهڙو غزل جو ملوڪ شاعر، شمشير ۽ علي بابا جون وفاداريون پيو ساري تہ:

هِڪڙي "شمشير" ۽ "علي" کان سواءِ،
دوست ڪوئي بہ با وفا نہ رهيو.....

شمشير ڪنهن بہ صنف جي فن ۾ ڪمزور بلڪل ڪونهي، پر هن پنهنجي اندر ۾ اٿل جي سمنڊ کي جيئن نظم ۾ پلٽايو آهي ائين ٻين صنفن ۾ شايد نہ. جديد ادب ۾ جيڪا صنف وڏ ۾ وڏ تنقيد جي زد ۾ آئي اهو "آزاد نظم" آهي. انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي تہ "آزاد نظم" جو فني ماهيت تمام ٿورا شاعر سمجهي سگهيا آهن. تماهي مهراڻ جي هڪ پرچي ۾ محترم راج محمد پلي جو گرامي صاحب ڏانهن خط ڇپيو آهي. انهي خط ۾ "امداد حسيني" صاحب جي فن تي لکندي راج محمد صاحب چيو آهي "امداد" بيشڪ "آزاد نظم" فن کي سمجهي سگهيو آهي ۽ صنف جي صحيح ترجماني ڪئي آهي. اها ڳالهہ شمشير سان بہ جيئن جو تيئن لاڳو آهي. بلڪ شمشير گهڻا آزاد نظم لکي جديد شاعري جي پڙهندڙ کي آزاد نظم سمجهڻ جو موقعو بہ ڏنو آهي ۽ نوجوان شاعر لاءِ گس بہ هموار ڪيو آهي.

شمشير جي نظر معاشرتي خرابين تي خوب آهي هو هڪ خاص ڪلاس جي خاص سوچ کي پنهنجي (نظم) "سونهن جي صدقي" ۾ خوب ٿو بيان ڪري تہ:

"منهنجي چڪيل ياڄي، بيو ڪوئي ڪيئن ڪائيندو".

سندس هيءَ سٽ نہ صرف حاصل نظم آهي پر سماجي براين تي هڪ اهم هيڊنگ پڻ آهي. اڳتي وري هڪ وارداتي طويل نظم ۾ جنهن حادثي کي اوتي ٿو اها بہ ڪا خواري ۽ رسوائي جي ننڍي چماٽ ڪونهي تہ:

اي معزز حسن بانو!
منهنجي احساسن جو عبير،
مشڪ جذبن جي ۽ يادن جا گلاب.
۽ تون هي قنديل ۽ فانوس ۽ مشعل سدا روشن رکج،
جيئن اسان جي اڄ جي شاهد هِن اڪيلي وڻ کي،

اونداهي جا پاڇا گم نہ ڪن،

............................... الوداع

........... اي معزز حسن بانو الوداع!

شمشير صرف سچ ڳالهائي خاموش نٿو ٿئي. پر هو ڪوڙ سان بہ باقاعده جٽ ٿو ڪري تہ:

ڳولو ڳولو ڪوڙ ڪون يارو اِٿان ڪٿان هوسي،
وارو وارو مارو مارو اِٿان ڪٿان هوسي.

هنن سيني ڳالهين کان سواءِ شمشير ٻوليءَ جي معاملي ۾ صاف بيٺو آهي. هو ٻوليءَ جو ڄاڻو آهي سندس ٻوليءَ ۾ ”ڪسب“ ڪونهي، انهيءَ ڪري رواني جو زور آهي. ڪيس انهيءَ ڳالهہ جو اونو ڪونهي تہ هيءَ لفظ جيڪو استعمال ٿيو آهي اهو سنڌيءَ ۾ اَلهندي کان آيو يا اُڀرندي کان اتران آيو يا ڏاکڻان بس سندس قاري سندس ڳالهہ جي تهہ تائين پهچي ويندو. هو باقي اصل- نقل يا نج- ڪچ جي ”واويلا“ کا واندو آهي ۽ شاعري جو پهريون ڪارج ئي اهو آهي تہ پنهنجي ڳالهہ پنهنجي ”پنڊال“ کي سمجهائي سگهي. شمشير جي شاعريءَ ۾ اها سگهہ باقاعدي موجود آهي تڏهن تہ هو نيٽن ۾ نهاريندي سنڌوءَ جي هُن ڪناري ڏسي سگهيو آهي. جتي هاٽي حليم باغيءَ جي پوڪيل سفيدن نئين ضلعي کي جنم ڏنو آهي.

شمشير وٽ وقت جا سڀ مستعمل لفظ موجود آهن پر اهي تڏهن وڏيڪ نوان لڳن ٿا جڏهن شمشير جي فن ۾ گم ٿي وري ظاهر ٿين ٿا.

شمشير جو غزل تڏهن تہ دل ۾ لهي بيهي ٿو جڏهن اهو لفاظي ڪسب کان معتبر آهي.

سچي رات سرگوشين ۾ سمهاري،
صبح جو هلياسين، ستارا سمهاري
محبت جي ميلي ۾ ڳل ٿي نہ پيئي،
ڪٿي يار آياسين، دلڙي ڏتاري.

باوجود شمشير سان ڪِن فڪري اختلافن جي اها ڳالهہ سندس دوست دشمن سڀ قبول ڪندا تہ هو پنهنجي دؤر جو تمام اهم شاعر هئو.

ڪيترا سندس شاعري تي رشڪ ڪائيندا هوندا تہ ڪيترا دل ئي دل ۾ داد ڏيندا هئا. ڪيترا سندس شهنشاهي حڪم نہ مڃڻ تي تاڙيون وڄائيندا هوندا تہ ڪيترا سندس سونهن وارن جي سلامن تي اچڻ جي احترام ۾ اٿي بيهندا هوندا. سنڌ جا ڪيترا ئي سڄڻ سنڌ جي هن عاشق کي هميشه ياد ڪندا ۽ هن عشق جي پنڌ ۾ اگر شمشير کان ڪا لغزش ٿي هوندي تہ نظرانداز ڪندا پر اهو قبول ضرور ڪندا تہ:

”هڪڙو ئي شمشير هو زماني ۾“.

ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو

# هيءَ من جي موج مثالي آ

سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ ڪي بيدار دماغ شخصيتون اهڙيون به ميدان ۾ نامور ٿيون، جن جي فڪر، فن ۽ عمل جي نوعيت ٻين جي برعڪس منفرد نظر اچي ٿي. سنڌن برجستگي ۽ اڻٿڪ ڪوشش جو علمي، ادبي ۽ سماجي ڪارج پڻ قابل توجهه رهيو. اهڙن ناميارن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي انفراديت جي ڪارڻ ڏانهن نگاهه ڪنداسين ته هو اسان کي علمي ۽ ادبي دنيا ۾ پنهنجي تحرير ۽ نگارشات سان گڏوگڏ "ادبي صحافت" جي ميدان جا پڻ مدبر ۽ ماهر ڏسڻ ۾ ايندا. سنڌن فڪر، فن، اظهار ۽ عملي جدوجهد جي تسلسل منجهن صلاحيتن ۾ جيڪو ڪثرت سان اضافو پئي ڪيو ان تجربي ۽ مشاهدي سبب ايندڙ فطري تبديلي کين جا نواڻ ۽ تازگي عطا ڪندي رهي، سا بيشڪ سنڌن ناماچار ۾ ڪڏهن ڪمي آڻي نه سگهي. اهڙن مدبرن ۽ ماهرن جي هجڻ ته وڏي ڏسڻي جڙي سگهي ٿي، پر مثال طور به جي چند نمايان هستيون به ڏسو ته گهٽيون ئي پيون ڏسجن: مولانا عبدالڪريم چشتي، مولوي دين محمد وفائي، مولانا قاسمي صاحب، مولانا گرامي، سائين محمد ابراهيم جويو محمد عثمان ڏيپلائي ۽ شمشيرالحيدري وغيره.

شمشيرالحيدري اسان کي 1953،54 جي سالن ۾ اخباري صحافت ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جتان هو تماهي "مهراڻ" ۾ اچي اسسٽنٽ ايڊيٽر مقرر ٿيو ۽ "مهراڻ" جي 1956/4ع جي شماري ۾ سنڌس نالو نمايان نظر ايندو. ان کان اڳ قبله محمد عثمان ڏيپلائي مئنيجنگ ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر جي حيثيت سان پڻ مقرر رهيو ۽ محترم محمد ابراهيم جويو ايڊيٽر هو. جويي صاحب جهڙي چيڙهيالي اديب سان هم قدم ته سنڌس ئي مزاج جهڙو ماڻهو ٿي سگهندو! جويي صاحب کان پوءِ هو مولانا گراميءَ سان پڻ هم قدم ۽ هم رڪاب رهيو. ان وقت سنڌس فڪر ۽ اظهار جو اندازو لڳائڻ لاءِ دل چوي ته ڏسو سنڌس تخليق!

زندگي ڪاڪ محل آهي ڪو رنگارنگي،<br>جنهن ۾ مقصد تو سدا ناز ڪري مومل جان،

دؤر ڪان دل ڪي لپائي، نہ اڇڻ ڏي ويجهو
ڪير آهي جو لنگهي پار پوي مشڪل مان؟

پيار پروڙڻ جي گتِ ڏيئي، وِره وڏي همراهي ڪئي!
سُک سمهڻ شمشير اڃا ڪِٿَ، ڏک جي ڏائڻ جاڳي پيئي!

مهراڻ جهڙي نج علمي ادبي ۽ تحقيقي رسالي ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر جي عهدي تي جوبي صاحب جهڙي ايڊيٽر جي ماتحت ڪم ڪندڙ هن نوجوان جي محنت ۽ صلاحيتن جا جيڪي پرتوا محسوس ٿين ٿا، تن مان لڳي ٿو ته هو نون ۽ نوجوان اديبن شاعرن جي ته بجا خود، پر ڪهنہ مشق عالمن جي تحريرن کي ڏسي، پرکي جا فني ۽ فڪري سکيا حاصل ڪري رهيو هو تنهن هن جي مزاج ۾ ايتري موضونيت ۽ پختگي آندي، جو هو جنهن بہ وقت تي، جنهن بہ صنف ۾ ۽ جنهن بہ موضوع تي لکڻ گهرندو هو تہ آسانيءَ سان اظهار ڪري سگهندو هو. اها صلاحيت ۽ ساڃاهہ هن ۾ 1966ع تائين ايتري ايري ۽ اُسري، جو اڪيلي سر بہ ڪو جريدو جاري ڪرڻ ۾ ڪيس ڪا دشواري درپيش هجي تہ ان سان منهن ڏيئي سگهڻ جي صلاحيت جو مالڪ ٿي ويو هو.

مهراڻ رسالي کان پوءِ هو مشهور ماهوار رسالي نئين زندگي جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. سيپٽمبر 1966ع ۾ مولانا عبدالواحد سنڌي رٽائر ٿيو ته سن 1967ع ۾ شمشيرالحيدري ان جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. ”نئين زندگي“ رسالو پاڪستان انفارميشن اينڊ پبليڪيشن ڊپارٽمينٽ پاران شايع ٿيندو هو ۽ وڏي پابنديءَ سان هر مهيني جي پهرين تاريخن ۾ پڌرو ٿيندو هو. ساڳئي اداري پاران اردو ۾ ”ماه نو“ بہ جاري ٿيندو هو. ٻنهي رسالن تي سرڪار جي ڪڙي نظر هوندي هئي، ٻنهي جا سر ورق تہ ساڳيا هوندا هئا، پر ڪي مضمون ۽ ايڊيٽوريل بہ هڪ ئي پاليسيءَ تحت شايع ٿيندا هئا. ايوبي آمريت جي سخت مارشل لا ۽ ون يونٽ جي ڦهري دؤر ۾ جنهن روشن خياليءَ، تدبر ۽ تندهيءَ سان شمشير ان رسالي کي هلايو سو شمشير جو مولانا کان پوءِ وڏو ڪارنامو هو. هن جي مقرريءَ تي علامہ آءِ آءِ قاضي،

مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ، جي الانا، لطف الله بدوي، مولائي شيدائي ۽ عبدالرزاق راز جهڙن عالمن سرهائي جو اظهار ڪيو ۽ سندس صلاحيتن سان "نئين زندگي" کي اڳي کان اڳرو ٿي نڪرڻ جي توقع وابسته ڪئي، جنهن کي هن نوجوان پورو ته ضرور ڪيو پر ڪي اهڙا اهڃاڻ به قائم ڪيا، جي اڳتي هلي، ٻولي، ادب، تاريخ ۽ تحقيق ۾ اڻ مٽ ثابت ٿيا. اهڙا اهڃاڻ ته هونءَ ڪيترا آهن مگر هن جو ابتدائي ڪارنامو "نئين زندگي" رسالي پاران جنوري 1968ع جو شمارو خاص عنوان "سنڌي ادب جا ويهه سال" شايع ڪري، جنهن ذهانت، روشن خيالي ۽ ڏاهپ جو ثبوت ڏنو سو منهجي نظر ۾ وڏي اهميت رکي ٿو ڇاڪاڻ ته ان وقت تائين ڪابه اهڙي "سنڌي ٻوليءَ جي ادب جي تاريخ" ترتيب هيٺ نه آئي هئي، جا ادب جي لاڙن، عنوانن، تحريڪن، صنفن يا شخصيتن جي ڪارنامن جي رڪارڊ جي حيثيت رکندڙ هجي، "نئين زندگي" جي هن شماري اها ته ڪمي پوري ڪئي، پر سنڌ ۾ قائم علمي، ادبي، تعليمي ادارن جي ڪارڪردگي محفوظ ڪرڻ سان گڏ نشر و اشاعت جي ادارن جي تاريخ ۽ ڪارڪردگيءَ کي به محفوظ ڪري ڇڏيو. "نئين زندگي" جي ان خاص شماري کي نه رڳو ان وقت ساراهيو ويو پر اڄ تائين اهلِ نظر ان جي واڪاڻ مان نه ڍاپندا آهن. اڄ جي وقت جي ادب جا نوجوان محقق جن جا قلم هر وقت تازا رهندا آهن، تن جي مقالن ۾ پڻ ان تان ورتل حوالا پڻ ان جي پائندگيءَ جي ضمانت هوندا آهن.

"نئين زندگي" رسالي ۾ شمشير جي ادارت جو زمانو بيشڪ رسالي جي تاريخي روايت جي برقراريءَ سان گڏ فڪري ۽ فني، موضوعاتي ۽ اصنافي لحاظ کان نئون زمانو هو. ان زماني ۾ ساڻس سهڪاري ساٿي محمد موسيٰ سومري جون اسسٽنٽ ايڊيٽر طور خدمتون ڪڏهن به فراموش ڪونه ٿيون ڪري سگهجن. سومرو صاحب ادب ۽ زبان جو اهڙو ته خاموش خدمتگار هو جو ڪنهن به پنهنجي ڳئي تي ڪيترو ڪلهي ڪونه پاتو. سندس خدمتن تي اسان جو سلام هجي.

شمشير ۽ نئين زندگي هڪ اهڙو عنوان آهي، جنهن تي هڪ تحقيقي مقالي جي گهرج آهي ۽ ان جا هڪ کان وڌيڪ عنوان پڻ ٿي

سگهن ٿا. هن مختصر گفتگو ۾ مان ڪيئن ان جي اپٽار ڪريان!؟ بهرحال هن جي گهڻن ڪارنامن ۾ نمايان ڪارنامو ”نئين زندگي“ جو ”سنڌ نمبر“ بہ آهي، جيڪو جون ۽ جولاءِ 1970ع جو شمارو آهي ۽ هن پهرين جولاءِ 1970ع تي ون يونٽ ٽٽڻ جي خوشيءَ ۾ شايع ڪيو. 215 صفحن تي مشتمل اهو شمارو پڻ تاريخ جو اهم دستاويز آهي، جنهن ۾ هن دل وٺان نظم ۽ نثر جي پاڳن ڪي عنوان وار سينگارڻ سان گڏ نقشا، اڻ ملهيون ۽ ناياب تصويرون شايع ڪري، جيڪو اسان تي احسان ڪيو آهي، سو ڪوبہ ذي فهم ڪڏهن بہ فراموش نٿو ڪري سگهي. ان شماري ۾ هن ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعريءَ مان جيڪا چونڊ ڏني آهي، سا گيڙوءَ رتي ۽ کهنبي رنگت جي امتزاج جو اهڙو تہ انوکو اهڃاڻ آهي، جتان اسان نئين سنڌ جي واٽ وٺي، منزل ماڻي سگهون ٿا.

چڙ خيال خوديءَ جو خام، دوئيءَ جو دام پري پي جام محبت وارو:
وٺ الفت جو انعام، اهو انجام پري پي جام محبت وارو.
هيءَ دنيا دام خيالي آ،
پل پل جي چال نرالي آ،
هيءَ من جي موج مثالي آ.
دل مست و مست مدام، صبح ۽ شام پري پي جام محبت وارو.
ڪو عاشق مست فقيري چوي
ڪو ملحد ۽ بي پير چوي
ڪو شاعر يا ’شمشير‘ چوي
ڪو ڳالهہ اندر جي عام، پلي بدنام پري پي جام محبت وارو.

”نئين زندگي“ رسالي جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ هو ملازم تہ پاڪستان انفارميشن ڊپارٽمينٽ جو هو ان ڪري ان اداري پاران سرڪاري طور تي اشاعت جا جيڪي بہ پروگرام ٿيندا هئا. سي هن جي سهڪار کانسواءِ چن اڌورا رهندا هئا. ڪيترا سرڪاري معاملن تي مشتمل ڪتاب، اشتهار ۽ بليٽن توڙي ميلن ـ ملاکڙن جا خاص رسالا بہ هن جي ئي نظرداري ۽ نظرثانيءَ هيٺ شايع ٿيندا رهندا هئا. هو هر وقت مصروف ۽ مگن رهندڙ

شخص هو. نہ ڪم مان ڪڏهن بور ٿيو نہ بيزار البتہ انساني فطرت جي تقاضا مطابق ڪن خاص ضرورتن ۽ زندگيءَ جي وهنوار جو پڻ خيال رکندو هو. حڪمت سان شوق بہ هئڻ سبب ان موضوع تي بہ توجهہ رهندو هوس. پوءِ بہ "نئين زندگي" جي اشاعت طرف چوڪس رهندو هو. "نئين زندگي" رسالو اديب ۽ شاعر تراش رسالو هو هڪ ٿهي مولانا عبدالواحد جي همٿائڻ سان ميدان ۾ نمايان ٿي تہ ٻي ٿهي شمشيرالحيدري جي همٿائڻ سان. مولانا بہ ٿيلهو بغل ۾ ڪنيو پيو اديب ۽ شاعر کي چوندو: "زوراورا ليک تہ ڏي ڪو شعر تہ عنايت ڪر تہ نئين زندگي ۾ ڇپيان تہ شمشير بہ هر هڪ موقعي ۽ مهل مطابق پيو مختلف اديبن ۽ عالمن کان مضمون مقالا لکرائيندو. شاعرن کان شعر چوائي ڇپرائيندو. اهڙيءَ طرح هن نوان نوان موضوع متعارف ڪرايا ۽ لکندڙن جي عزت افزائي پئي ڪئي. سن 2010ع ۾ انفارميشن ڊپارٽمينٽ پاران شايع ڪرايل ڪتاب "Exploring Sindh" شمشير ۽ انور پيرزادي جي ادارت جو واقعي ڪارنامو آهي، جو ڪنهن حد تائين سنڌ گزيٽيئر جي ضرورت پيو پوري ڪري.

شمشيرالحيدري هڪ اهم ڪارائتو عمل سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ڪراچيءَ پاران شايع ڪيل ماهوار مخزن "حيَاتي" جي ايڊيٽري بہ آهي. "حياتي" نومبر 1999ع کان شروع ٿيو ۽ ماحوليات بابت اهڙي مخزن وري ٻي ڪانہ شايع ٿي سگهي آهي. زاهد ميراڻي "حياتي" ۾ سب ايڊيٽر جي حيثيت ۾ ساڻس سهڪاري رهيو. 32 صفحن جي هن مخزن جا مضمون ماحوليات متعلق گهڻ طرفي ڄاڻ ڏيندڙ آهن. سگها جو اهڙو اهم قدم سنڌي انسائيڪلوپيڊيا ۾ ڪنهن سبب ڪري رهجي ويو آهي، ورنہ ان کي فراموش ڪرڻ جو سوچي بہ نٿو سگهجي. ان جي پهرين پرچي جي ايڊيٽوريل ۾ شمشير هين ڳالهين سان گڏ اها بہ ڳالهہ ڪئي تہ: "ماهوار 'حياتي' جو هي پهريون پرچو ان لحاظ کان بہ 'ايسوسيئيشن' جو هڪ تمام اهم اڳتي قدم آهي جو اهو اڄوڪي انسان جي سڀ کان اهم مسئلي عالمي گدلاڻ کي منهن ڏيڻ لاءِ ماڻهن کي واقفيت ڏيڻ ۽ منجهن سجاڳي پيدا ڪرڻ جي مقصد سان شايع ڪيو پيو وڃي".

مطلب تہ شمشيرالحيدري ادبي دنيا ۽ ادبي صحافتي دنيا ۾ يگاني حيثيت جو مالڪ هو.

شمشيرالحيدري بيدار دماغ شخصيت جو مالڪ هو. مطالعي ۽ مشاهدي جي بنياد تي حاصل ڪيل نتيجن سان مالامال هو. سنجيدگيءَ سان هر شيءِ جو جائزو وٺڻ ۽ راءِ قائم ڪرڻ جي وڏي اهليت رکندڙ هو. بيشڪ هو همعصر دؤر ۾ انفرادي حيثيت جو مالڪ هو. اسان کي کپي تہ سندس فڪر ۽ عمل جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪريون، پنهنجي لاءِ ڪي گس گهڙڻ ۾ سولايون ۽ سهنجايون اختيار ڪريون.

تڪڙو تہ وڃي ٿو پيو،
شمشير کي موٽايو
ڪنهن جي نہ مڃي ٿو پيو!
ا.ف.هہ

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
چيئرمين: سنڌي شعبو وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي

# شمشيرالحيدري: ترقي پسند تحريڪ جو اهم ڪمانڊر

سائين شمشيرالحيدري اسان جي انهن اديبن، شاعرن ۽ سڄاڻن منجهان هڪ هو جن جي رڳي هڪ سڃاڻپ نہ هئي، سنڌن زندگيءَ جا ڪيترائي پاسا هُئا. سائين شمشير رڳو بهترين شاعر ئي نہ هو بلڪ سنڌي ٻوليءَ جو رکوالو سنڌي ميڊيا (اخبارن، ريڊيي ۽ ٽي. وي) ۾ بنيادي ڪم ڪندڙ/ بنياد وجهندڙ بهترين ايڊيٽر، ڇوڪرن جو حڪيم، سنڌي ادبي سنگت جو سرواڻ، ادبي ادارن جو اهم پرزو، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ۽ ٻين ادارن، تنظيمن ۽ ڪميٽين جو بنيادي ميمبر هو.

هُو جتي بہ رهيو، اُتي اعليٰ درجي جا ڪم ڪري ويو. هر هنڌ پنهنجو نالو روشن ڪري ويو. مختلف اخبارن جهڙوڪ: روزاني مهراڻ، هلال پاڪستان، خادم وطن ۽ ٻين اخبارن، تہ ماهي مهراڻ، نئين زندگي وغيره کي عروج تي پهچايائين.

پاڪستان ٽيليويزن ڪراچيءَ تي جڏهن سنڌي پروگرام شروع ٿيا تہ ليڪن ۾ سڀ کان اڳ ۾ شمشير صاحب جون خدمتون ورتيون ويون. سڀ کان ڏکيو ڪم بنياد وجهڻ يا ٻوٽو پوکڻ هوندو آهي. بنياد کان پوءِ وري ڪاميابيءَ سان هلائڻ، اڳتي وڌائڻ بہ کو گهٽ ڪم ڪونهي. شمشير صاحب ۽ پاڪستان ٽيليوزن جي نالي واري پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ گڏجي پي. ٽي. ويءَ جي سنڌي پروگرامن جو بنياد وڌو. هنن Trend سيٽ ڪيا. بلوچ صاحب پروڊڪشن ۽ شمشير صاحب قلم، ڪاغذ ۽ سڄاڻ ماڻهن (قلمڪارن ۽ فنڪارن وغيره) کي گڏ ڪرڻ جو بار پنهنجي ڪلهن تي کنيو. هُنن سنڌي ماڻهن کي معياري پروگرامن ڏيکارڻ جو پڪو پهہ ڪيو. اهوئي سبب آهي تہ هنن سنڌي پروگرامن جي شروعات شاهہ سائينءَ بابت ترتيب ڏنل هڪ پروگرام سان ڪئي. جنهن جو نالو رکيائون رَسُ

رهاڻ ان پروگرام جو ميزبان سائين شمشير هو. اهڙيءَ ريت شمشير صاحب ٽيليويزن جي تاريخ ۾ پهرئين سنڌي ڪمپيئر جي حيثيت ۾ پنهنجو نالو لکرايو. جڏهن تہ ان پروگرام جو پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ هو. اهو پروگرام 22هين جنوري 1970ع تي ٽيليڪاسٽ ٿيو.

اهڙيءَ ريت پي. ٽي. ويءَ تان، جيڪو پهريون ڊرامو پيش ڪيو ويو، ان جي ڊرامائيءَ شڪل شمشير صاحب ڏني هئي. اهو ڊرامو مرزا قليچ بيگ جي ناول "زينت" جي ڊرامائي شڪل هو. زينت ڊرامي جو پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ هو. ان کان پوءِ شمشير صاحب هزارين ٽي. وي پروگرام لکيا ۽ انهن ۾ حصو ورتو. زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين هو پي. ٽي. ويءَ سان سلهاڙيل رهيو.

پي. ٽي. ويءَ کان پهريان هو ريڊيو پاڪستان سان بہ لاڳاپيل هو. هو ريڊيي تي مختلف موضوعن تي تقريرون، ڊراما ۽ ٻيا پروگرام لکندو هو. ريڊيو پاڪستان ڪراچي ۽ حيدرآباد سان هُن جي وابستگي رهي. عبدالڪريم بلوچ سان بہ ريڊيو پاڪستان وسيلي ئي ويجهڙائي پيدا ٿي هئس.

مان جڏهن ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي پروڊيوسر هيس تہ مون کي بہ اهو اعزاز حاصل ٿيو تہ مون سائينءَ سان گڏجي ڪجهہ پروگرام ڪيا. خاص طور تي ادبي پروگرام رسالو جڏهن مون 1999ع ۾ ٻيهر شروع ڪيو تہ ان لاءِ مون شمشير صاحب کي عرض ڪيو تہ سائين اوهان ان پروگرام جا ايڊيٽر ٿيو. هُن منهنجي اها گذارش قبول ڪئي. رسالي پروگرام جو ميزبان ۽ پروڊيوسر مان هُيس، ٻين اديبن ۽ شاعرن ۾ پروفيسر منظور حسين کهڙو، ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، پروفيسر علي راز شر، اقبال شاهين ۽ رکيل مورائي شامل هوندا هئا. پروگرام Live ٿيندو هو. هر هفتي اسان لڳ ڀڳ سيئي گڏبا هئاسين. هر ڪو پنهنجو پنهنجو اسم پيش ڪندو هو. شمشير صاحب جا ايڊيٽوريل سيني جو ڏيان ڇڪائيندا هئا ۽ اسان سيني لاءِ شمشير صاحب جي موجودگي نہ رڳو خوشيءَ جو سبب پر ڄاڻ جو وسيلو بڻبي هئي. شمشير صاحب وقت جو ڏاڍو پابند هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ

ائين بہ ٿيندو هو تہ ڪراچيءَ جي حالتن خراب هجڻ سبب ڪجهہ دوست اچي نہ سگهندا هئا پوءِ 45 منٽن جي پروگرام جو پيٽ پرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو هو مان پيو ڳيتون ڏيندو هوس. ايتري ۾ شمشير صاحب اچي پهچندو هو ۽ اسان ٻئي 45 منٽن جو(Spoken Words) وارو پروگرام پورو ڪندا هئاسين. ڪا اسڪرپٽ لکيل نہ هوندي هئي. شمشير صاحب جهڙي اٿاهہ شخصيت پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ جا در کوليندي هئي پر افسوس آهي ان علم جي خزاني کي اسان هوائن جي حوالي ڪري ڇڏيندا هئاسين. وسيلن جي اڻاٺ سبب رڪارڊ نہ ڪري سگهندا هئاسين. شمشير صاحب وٽ هر ڄمار واري لاءِ عزت هُئي. وڏيءَ عمر هوندي بہ هڪ جيڏن وانگر اسان سان پيو پوڳ ٺڪاءَ ڪندو هو ۽ جيڪڏهن اسان مان ساٿس ڪا مذاق ڪندو هو تہ نہ رڳو اُها برداشت ڪندو پر Enjoy بہ ڪندو هو. باقاعدي ڊاڙا ٺڪاءَ ۽ تارا ملائيندو هو. هُو نالن جي پيروڊي ڏاڍي سُٺي ڪندو هو. نالي جي اکرن/ لفظن کي اڳتي پوئتي ڪري پيو ڪچهريءَ کي کلائيندو هو. جيئن مون کي چوندو هو جمال ڪامڙو ۽ پنهنجي لاءِ چوندو هو ڪفگير الديگڙي وغيره. مطلب تہ ڏاڍو خوش مزاج ماڻهو هو.

هُن جي نوجوانن سان ڏاڍي لڳندي هئي. هو اسان سيني کي پيو همٿائيندو هو. سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن، خاص ڪري شريف ڪميشن، ووٽر لسٽن ۾ سنڌيءَ ۾ نالن لکرائڻ، ون يونٽ، سنڌي ادبي سنگت ترقي پسند تحريڪ وغيره جا قصا ۽ ڪهاڻيون پيو ٻڌائيندو هو. جنهن سان نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ سان پيار ۾ واڌارو ٿيندو هو پر ان کي بچائڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ اتساهہ بہ پيدا ٿيندو هو. اسان جڏهن غلطيون ڪندا هئاسين تہ انهن جي اصلاح ڏاڍي سهڻي نموني ڪندو هو.

ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي هڪ دؤر اهڙو بہ آيو جو اسان پروگرام ڪنڊڙن کي اهو محسوس ٿيو تہ اسان جا پروگرام ڪير بہ نہ ٿو ٻُڌي. تنهن هوندي بہ سنڌي شعبي جي انچارج شيخ ابراهيم صاحب اها پابندي لڳائي تہ "بابا هتي پروگرام ڪنڊڙ ڪمپيئرن ۽ اناؤنسرن کي شاهہ سائينءَ جا بيت صحيح نہ ٿا پڙهڻ اچن، تنهن ڪري اهي نہ پڙهيا وڃن". ان

پابنديءَ هوندي بہ مان شاهہ جا بيت پڙهندو هئس ۽ خاص اجازت وٺي شاهہ سائينءَ بابت پروگرام شروع ڪيو هيم "لطيفي لات".

هڪ دفعي ائين ٿيو جو مان شاهہ سائينءَ جو بيت غلط پڙهيو ۽ غلطيءَ جو احساس بہ نہ ٿيم. پروگرام ڪري ٻاهر نڪتم تہ شمشير صاحب جو ڊيوٽي روم ۾ فون آيو. چيائين اوهان هڪ بيت ۾ لفظ گنيَر کي غلط پڙهيو آهي، ان جي معنيٰ خبر اٿوَ. مون چيو جيءُ سائين. چيائين تہ پوءِ اُچار تي تہ ڌيان ڏيو نہ؟ مون سائينءَ جا ٿورا مڃيا لڄي بہ ٿيس ۽ منهنجو اهو گمان بہ لهي ويو تہ ڪو ريڊيو ڪير بہ نہ ٿو ٻُڌي! شمشير صاحب جي اعليٰ ظرفي اها بہ هُئي تہ هُن منهنجيءَ ان غلطيءَ جو بعد ۾ ڪنهن سان بہ ذڪر نہ ڪيو ۽ نہ ئي مون کي ڪڏهن اهو محسوس ڪرايائين تہ مون کي ڪو شاهہ سائينءَ جو شعر صحيح پڙهڻ نہ ٿو اچي. جيڪڏهن شمشير صاحب منهنجيءَ ان غلطيءَ جي ڳالهہ شيخ ابراهيم صاحب کي ٻڌائي ها تہ يا تہ پروگرام بند ڪيو وڃي ها يا وري مون کي هٽايو وڃي ها. مطلب تہ شمشير صاحب جو مقصد ڪنهن جي بہ خواري نہ پر اصلاح ڪرڻ هو.

هُو سنڌي ادب ۾ نون لاڙن متعارف ڪرائڻ ۽ اصلاح ڪرائڻ لاءِ سڄي عمر سرگرم رهيو. خاص ڪري ترقي پسند سوچ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هُن وڏي جاکوڙ ڪئي، ڏُک ڏٺا ۽ معرڪا ڪيا.

سنڌي ادب جي تاريخ جو جڏهن مطالعو ڪجي ٿو تہ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ بہ وڏا ڌڙا نظر ايندا، جن ۾ تمام گهڻا نظرياتي اختلاف هئا. انهن ڌڙن کي اسين ترقي پسند ۽ روايت پسند/ رجعت پسند ڌڙي جي نالي سان ياد ڪريون ٿا. ترقي پسند ادب ۾ نون لاڙن آڻڻ جا حامي هئا. ڌرتي، ٻولي ۽ عوام سان سلهاڙجندڙ هئا ۽ عالمي ادب ۾ ٿيندڙ تبديلين/ لاڙن/ ترقيءَ جي اثرن کي قبولڻ وارا هئا. هُو ادب تي مذهب جي غلبي جا مخالف هئا. هو اهڙي ادب کي اڳتي آڻڻ چاهين پيا، جيڪو زندگيءَ ۾ (Positive) تبديلي آڻي. ان حوالي سان محترم رسول بخش پليجو لکي ٿو تہ: "انگريزن جي ڦوٽ ۽ تفرقي واري پاليسيءَ سبب. سنڌ ۾ هندوءَ ۽ مسلمان جي وچ ۾ وڌندڙ دشمني ادبي ميدان ۾ ڪاهي پيئي. هندو اڇي سنڌي ٻوليءَ کي شڌ بنائي،

تلڪ لڳائي، ڏوتي ٻڌائڻ جي پويان پيو تہ مسلمان چوي آءُ ڪيس ان ڪان اڳ ۾ چوغو پهرائي، ايراني ۽ عرب بنائي وٺان. اڇي جو ڇتاپيتي لڳي، سو سنڌ جي "پر" ڦري "ليڪن" ۽ "برنتو"، "پاڻي" ڦري "جل" ۽ "آب"، ۽ "سنگتي" هڪ طرف "متر" ٿي پيا. تہ ٻئي پاسي "احباب"! سنڌ جي منڙيءَ پياريءَ ۽ سهڻي ٻوليءَ کي هنن ظالمن انڌي تعصب وچان اهڙو تہ بگاڙي خراب ڪري ڇڏيو جو سڃاڻڻ ڪان پري ٿي ويئي. ان دؤر جون سنڌي لکيتون پڙهي، ماڻهوءَ کي خبر نٿي پوي تہ لکندڙ سنڌيءَ ۾ لکيو آهي، يا هنديءَ ۾ يا عربيءَ ۾: جملن ۾ فقط "آهي" ۽ "ناهي" جهڙا سنڌي اکر ٿنبيا ٿي ويا— ٻيو ٿيو ٻلو!

اها ويا شاعريءَ ۾ تہ خاص ڪري گهر ڪري ويئي. شاعرن جا بہ ٽولا پيدا ٿي ويا، جن سنڌي شاعريءَ تي هندي، فارسي ۽ عربيءَ سان آپريشن ڪرڻ شروع ڪيو. هندن بہ خوب جوهر ڏيکاريا تہ مسلمانن بہ. تان جو سنڌي شاعري موڪلائي ويئي. باقي وڃي هندي ۽ فارسي بچيون. مسلمان شاعرن تہ خاص ڪري ڪمال ڪري ڏيکاريو. شاهہ لطيف وارن ٿرن برن، ڏوٿين، جهانگين، پنوهارن، اونين، ڏٿن ڏوئرن جي ملڪ ۾ هڪدم "لالہ"، "نرگس" "سنبل"، "سوسن" پوکجي ويا؛ ڦرڙا چاريندڙ ٻلر پيئندڙ برسات ۾ مينڊيا پسائيندڙ سنڌي عورتون هڪدم "گلبدن" ۽ "گلفام" بنجي ويون. سندن چيلهيون غائب ٿي ويون. سندن قد سرو جيڏا ٿي ويا. سندن اکين مان نماڻائي، قرب ۽ محبت نڪري ويئي: ڪٽاريون هٿن ۾، عاشقن جي ڇانگ پويان، قيامت جي چال هلنديون، سيني کي آسرا ڏينديون، تڙپائينديون، "صحن چمن" ۾ سير ڪنديون نظر اچڻ لڳيون. عاشقن جي صورت بہ بدلجي ويئي. قميصن ۽ پهراڻن بدران هنن شاعرن ڪٽي ايراني چوغا پهريا هاڻي هر ڪو "آتش سوزان"، "جگر برين"، "شعلہ تپان" ڪٽيو "دامن کي تار تار ڪرڻ" يا "اختر شماري" ڪرڻ کي لڳي ويو! هر ڪو ڏسو تہ "نيم بسمل"، "دم بلب"، "دم واپسين"، تي. "نزع جي عالم" ۾، يعني سدائين سڪرات ۾. جي اتان چڙهيا تہ "ڪوءِ بتان" ۾ نوڪرون پيا ڪائيندا يا

”وحشت صحرا“ سان دل پيا وندرائيندا. هر ڪنهن جي پويان ”روسياه رقيبن“ جو ٽولو“.

(انڊا اونڊا ويچ_ ص: 4 ۽ 5)

روايت پسندي/ رجعت پسنديءَ لاءِ قاضي خادم لکي ٿو ته: ”روايت پسندي Traditionalism ۽ رجعت پسندي Rigidity ۾ تمام وڏو فرق آهي. ادب جي ڪيتر ۾ عام طور تي انهن ٻنهي کي هڪ ڪري سمجهيو ويجي ٿو. حالانڪ روايتون ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ادب کي ماضيءَ جي ثقافتي، تاريخ، مذهبي، توڙي سماجي ورثي سان روشناس ڪرائن ٿيون. ان جي برعڪس رجعت پسندي پنهنجيءَ غير لچڪيداريءَ، سخت ۽ ڪڏهن بہ نہ ڦرندڙ فطرت جي ڪري ادب ۾ جمود جو باعث بنجي ٿي ۽ ادب جو سدا بهار تازو توانو وهڪرو هڪ رُڪجي ويل، سينواريل ۽ بدبودار گندي پاڻيءَ جي ڍُبي ۾ تبديل ٿي ويجي ٿو. تنهن ڪري ائين چئبو تہ صحتمند روايتون ماضيءَ جو ورثو حال کي منتقل ڪن ٿيون ۽ ان طرح مستقبل لاءِ پڻ راهہ هموار ڪن ٿيون“. (ادب ۽ روايتون_ ص: 8)

اسان جي ترقي پسند ڌڙي جو سرواڻ شيخ اياز ۽ سندس ساٿين ۾ رسول بخش پليجو محمد ابراهيم جويو تنوير عباسي، شمشيرالحيدري، امر جليل ۽ پيا شامل هئا. جڏهن تہ روايت پسند/ رجعت پسند ٽولي جو سربراهہ شيخ ابراهيم خليل هو جنهن سان گڏ سردار علي شاهہ ذاڪر، رشيد احمد لاشاري ۽ پيا موجود هئا.

ورڊ جي شاعريءَ جي مجموعي ”لريڪل بئلڊس“ (Lyrical Ballads) سُريلا گيت، لاءِ ورڊس ورٿ جي لکيل مهاڳ جو سنڌي ترجمو ڪيو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي مخزن ”مهراڻ“ ۾ ساڳي سال جي ٻي نمبر شماري ۾ ”سُريلن گيتن جو مهاڳ“ جي سرخيءَ سان شايع ٿيو“.

(سنڌي شاعريءَ جو اڀياس_ ص: 13)

شمشير صاحب ان مهاڳ جي شروع ۾ پنهنجي لکيل مضمون ۾ جديد سنڌي شاعريءَ جي مقصد، موضوع، زبان ۽ اسلوب بابت پيدا ٿيل نون مسئلن کي بحث ۾ آندو آهي ۽ سوچ ۽ فڪر جي دعوت ڏني آهي. اهو

مضمون توڙي جو پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ لکيل آهي پر اڄ بہ ان جي اهميت ساڳي آهي. خاص ڪري جديد ادب کي سمجهڻ لاءِ ان جو اڀياس ڪيو وڃي.

ساڳيءَ ريت سندس جماليات واري مضمون ۾ جماليات جي وصف، پس منظر، سنڌي ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعريءَ ۾ جمالياتي پهلوئن تي بحث ڪيو ويو آهي. هو جماليات جي وصف بابت لکي ٿو تہ ان جي ڪابہ هڪ وصف نہ آهي، عالمن پنهنجي پنهنجي طريقي سان وصف بيان ڪئي آهي "اهو ئي سبب آهي جو حُسن ۽ جمال جون جيتريون وصفون ۽ تعريفون بيان ڪيون ويون آهن، اوترئيون ڪنهن ٻيءَ شيءِ جون نہ ڪيون ويون آهن. "جمال" جي معنيٰ ئي آهي حسن ۽ سُونهن. اها خدائي صفت آهي، جيڪا خود خدا کي بہ پسند آهي: "الله جميل ويحب الجمال".

انهن ڏهي ڏڏن جي تمام وڏي ادبي ويڙهہ هلي، هڪٻئي مٿان الزام بازيون، مختلف اخبارن مضمون ۽ ڪالم ۽ شعرو شاعريءَ جا نڪاءَ هوندا هئا.

روايت پسندن آڏو عربي ۽ فارسي ٻوليءَ جي روايتن، ماحول، لفظن، موضوعن ۽ Technics کي بچائڻ وڏو مقصد هو. جيڪي اديب ۽ شاعر انهن کان مُنهن موڙيندا هئا، انهن لاءِ ڪميونسٽ،لادين ۽ هندستان جي ايجنٽ هجڻ جون فتوائون جاري ٿينديون هيون. نہ رڳو ايترو پر ترقي پسندن کي سرڪاري نوڪرين مان ڪيڊرائڻ لاءِ مهمون هلنديون هُيون.

ان صورتحال ۾ شمشير سميت سڀ ترقي پسند پنهنجي بچاءَ لاءِ ٻچندا ڊڪندا ۽ جواب لکندا/ لکرائيندا وتندا هئا. ان حوالي سان سائين رسول بخش پليجو لکي ٿو تہ: "هڪڙي ڏينهن شمشير ڪاهيندو پوريندو اچي نٿي نڪتو. "ابا، خير؟" چي مڙيئي خير آهي. هيترا ڏينهن پيو چوندو آئين تہ هنن بدمعاشن جي ڪفر جي الزامن جو هيئن جواب ڏيڻ کپي، هونئن ڏيڻ کپي، سو دوستن موڪليو آهي تہ اهو توکان ئي لکائي کڻي اچان، سو لکي ڏي". مون کي ڪيس هئا. واندڪائي ڪانہ هئي. پر تن ڏينهن وارو

شمشير پيو هوندو هو. جن ڇڏي پوت ڇڏي، شمشير نہ ڇڏي“. (انڌا اونڌا ويڄ - ص:06)

شمشير صاحب ترقي پسنديءَ واريءَ جنگ جو اهم ڪمانڊر هو. ترقي پسند تنظيم سنڌي ادبي سنگت جو 11 سال سيڪريٽري جنرل رهيو. ان کان سواءِ ٻين فورمن تي هو سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ لاءِ جاکوڙيندو رهيو. هُن جي هر لکڻيءَ ۾ ترقي پسند لاڙا چٽا ڏسڻ ۾ ايندا.

هُن جي چوڻ تي رسول بخش پليجي صاحب روزاني خادم وطن ۾ روايت پسند، جيڪي اصل ۾ رجعت پسند هئا، انهن جي جواب ۾ 1963/64ع) ڏاري مضمون لکيا، جن کي تمام سُٺي موٽ ملي. اڳتي هلي انهن جوابي مضمونن کي گڏ ڪري ڪتاب ”انڌا اونڌا ويڄ“ ۾ شايع ڪرايو ويو. (انهن تحريڪن تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي) شمشير صاحب جيڪو ڪجهہ لکيو پوءِ اهو سندس ڪتابن ۾ هجي يا اخبارن ۽ رسالن ۾ هُجي سڀني جو مرڪزي نڪتو/ خيال (Theme) ترقي پسندي آهي. سندس ڪتاب ”سنڌي شاعريءَ جو اڀياس“ منهنجي سامهون آهي، ان ۾ لکيل ليک خاص ڪري (1) سنڌيءَ ۾ روماني شاعري (2) سنڌيءَ ۾ جمالياتي شاعري، عالمي ادب ۾ نون لاڙن جي پس منظر ۾ لکيل آهن. هُو روماني شاعريءَ واري مضمون ۾ لکي ٿو تہ ”1959ع ۾ تنوير عباسيءَ ۽ مرزا مراد علي اختر، گڏجي انگريزي شاعريءَ جي روماني دؤر جي اڳواڻ شاعر وليم ورڊس (خدا سهڻو آهي ۽ سونهن سان پيار ڪري ٿو). (سنڌي شاعريءَ جو اڀياس - ص:21)

جيئن الله سائين سونهن سان پيار ڪري ٿو ائين ئي شمشير سان پيار ڪري ٿو ۽ شمشير وري سُونهن سان پيار ڪري ٿو. جنهن جو اولڙو سندس شاعريءَ ۽ ٻين لکڻين مان پسي سگهجي ٿو. ان سونهن کي نروار ڪرڻ لاءِ وڌيڪ جاکوڙ ۽ ڪم جي ضرورت آهي.

**مددي ڪتاب/ حوالا**

(1) شمشير صاحب سان ٽيل ڪچهريون.

(2) پي. ٽي. ويءَ جو شمشير بابت خاص پروگرام- پروڊيوسر غلام مصطفيٰ سولنگي.
(3) ادب ۽ روايتون، قاضي خادم، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1992ع.
(4) انڌا اونڌا ويچ، رسول بخش پليجو، شهيد عوام فاضل راهو اڪيڊمي لاڙڪاڻو سنڌ، 1988ع.
سنڌي شاعريءَ جو اڀياس، شمشيرالحيدري، حيدري انسٽيٽيوٽ آف لٽريچر اينڊ آرٽس، بدين، 1988ع.

حفيظ ڪنير

# حوصلي جو نانءُ هڪ شمشير هو.....

شمشير سائين ۽ منهنجو تعلق شايد ٻن ڏهاڪن جو رهيو هو. اسان جون تفصيلي ملاقاتون پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر جي پروڊيوسرن جي ڪچهري خاني نما آفيس ۾ ٿيڻ لڳيون هيون. شايد 1992ع جو سال هو جڏهن منهنجي سيريل "هٿين گل ميندي" آن ايئر ٿي هئي هن مون سان مخاطب ٿيڻ جو جملو "پڪا رڇ ڪنيار جا" سان ٿيندو هو. پوءِ ڳالهين، ڪچهرين ۾ شمشير سائين هڪ ٻئي جي وچ ۾ ڄمار جي فرق واري حجاب جا پردا پنهنجي مزاحيه انداز ۾ هٽائڻ شروع ڪندو ۽ بيتن جون ڪمال پروڊيز ڪندو ويندو هو. هن مزاحيه حس/ مزاح جي شعبي جا شاهد پاڪستان ٽيليويزن ڪراچيءَ سينٽر جون اُهي آفيسون، ورانڊا، ٽي وي جا تفريحي ۽ ڪجھ رسالن جا اخبار جا صفحا بہ آهن. ڪٿي جو ادبي حلقن جي ڪجھ اجاين وڏن نالن شمشير سائين جي ڪمال جي پيروڊيوز تي اعتراض واريا پر انهن ويچارن کي مزاح ۽ مشڪري ۾ فرق نظر نہ پئي آيو ۽ ادب جي مڙني منتقدڪ هتون جي وارثي دعويٰ سبب اهي صاحب ان شعبي کان ئي ناواقف هئا. شمشير کان ڪي نہ اهڙون پيوروڊيوز مون ٻڌيون جن ۾ هو بيت جي فقط هڪ لفظ کي مزاحيہ بنائي ان کي معنيٰ ۽ مفهوم جا اهي مرڪ پريا لباس ڍڪائي ڇڏيندو هو جو داد مسڪراهٽ سان ئي ڏيڻو پوندو هو ۽ پوءِ هڪ سنجيدگي طاري ٿي ويندي هئي ٻڌندڙ تي شمشير جي زندگي تي هڪ نظر وجهي ٿي تہ اسان کي سنڌي ادب ۾ هو هڪ تربيت يافتہ اهڙي Visionary شخص طور نظر اچي ٿو جنهن Vision قوم پرستاڻو سائنسي ۽ ترقي پسندي وارو ٿي آهي ۽ هو انهي تي پڳسڳون سان اسان کي هر گهڙي هر لمحي سنڌ وطن سان ان وقت بہ بيٺل نظر اچي ٿو جڏهن سنڌ جا ڪي نام نهاد قومي شاعر پنهنجي بيماري جي بسترن تي دهشتگرد ٽولن کان گلدستا ۽ پنهنجي وڪري جي ٽوڪن رقم وصول ڪري چڱيلائي باقاعدي سندن ڪئمپ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آتا هئا نہ ڪي حضرت تڪيتن جي آسري ۾ هئا انهي سچي لقاءَ تي شمشير صاحب جو

اک رُئندي آئي هئي ۽ سدائين اهو چوندو رهيو هو تہ پهرين اسان کي سنڌي جي انهي ڪوس جو حساب ڪتاب گهرجي جيڪو ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ٿيو آهي پوءِ جون ڳالهيون پوءِ ٿينديون هي اها ڳالهہ هئي جنهن هن جي ان سياسي Vision ۽ نظرياتي تربيت کي ٽي ظاهر ڪيو. جنهن جي شروعات ڪامريڊ نذير حيدري تقريرن کان ٿيندي هڪ ڊگهي عرصي واري سنڌ جي سياسي هلچلن تائين پهچي ٿي ۽ انهي طويل عرصي ۾ شمشير صاحب اسان کي هڪ "مزدور مزاج" جو اهو تخليقڪار نظر اچڻ لڳي ٿو. جنهن ادب جي ڪيترن سطحي، مبهم، اجاين اڀمبري انهن تصورن کان ئي لاتعلقي جو اظهار ڪري ڇڏيو. جيڪي نفرتون اديب، ليکڪ کي پنهنجي ماحول کان اجنبي ۽ الڳ الڳ ٿا ڪري ڇڏين. شمشير سائين پنهنجي فني سفر، تخليقي جدوجهد کي ڪڏهن اديب خاص ماڻهو جي رستي سان نہ جوڙيو. هن پاڻ هر پيري قلعي مزر ئي چيو ۽ ايستائين جو هن تخليق جي "ذات" واري هتور کي بہ ڪٽي ڪٽي رد ڪندي ان کي Technic سان جوڙي مشق کي ان لاءِ ضروري قرار ڏنو. هن پنهنجي آڱرين کي moving fingers نہ پر هڪ مزدور جي هٿ جي انهن آڱرين سان پيٽيو جنهن ۾ قلم پڪڙيل هو.

۽ آءٌ سمجهان ٿو تہ سائين جي انهي سمجهڻ جي انداز هن کي گهڻ رُخو ليکڪ بنايو جنهن هر صنف تي ڪاميابي سان طبع آزمائي ڪئي پوءِ اها شاعري هجي، مزاح هجي، فڪشن هجي، تحقيق هجي، ٻاراڻو ادب هجي، ترجمو هجي، ڊرامو هجي، اهڙو ڪهڙو شعبو آهي جنهن تي هن جي ڪامياب دسترس نہ رهي هجي ۽ هزارن ليکڪن ۾ هو يگانو نہ ٿيو هجي

ملنگ مست الستي قلندري آهيان

عجيب آهيان هزارن ۾ حيدري آهيان

قلندري مزاج هن جو ڪو صوفياڻو مزاج نہ پر جدت پريو اهو مزاج هو جنهن ۾ هن جا اها شعوري ڪوشش شامل هئي جيڪا ڪوشش اسان کي ضياءُ آمر جي وحشي دؤر ۾ انهن ايڊيٽوريلز ۾ نظر اچي ٿي جيڪي هن روزاني مهراڻ لاءِ ان وقت لکيا جڏهن ضياء شاهي سنڌ ۾ سنڌي ٻُو سنڌي ٻُو

ڪري رهي هئي ۽ انهي دؤر ۾ شمشير صاحب ۽ ابراهيم جويي صاحب گڏيل ادارت ۾ ”هدايت“ جاري ڪري سنڌي ماڻهن جي شعوري آبياري ڪئي. اهڙي طرح ضياء شاهي جو پورو دؤر هو جنهن ۾ اسان کي شمشير سائين ائين بيٺل نظر اچي جيئن هو پهرين ڏينهن کان آخري ڏينهن تائين نظر اچي ٿو. ڪا هڪ گهڙي بہ اهڙي نظر نہ ٿي اچي جنهن ۾ هن شخص کي ڪا بدي جي قوت پاڻ طرف قائل ۽ مائل ڪري سگهي. لوڀ، لالچ، طمع، حرص جي ديوي ڪيس ڇهي سگهي، ظلم ۽ بربريت جو ديو شمشير کي ڀهڪائي سگهي.

ڪنهن طرح اسين ظلم جا قاتل نہ ٿياسون
زنجير کان وڌ پنهنجو ڪو دمساز نہ آهي
انصار جي آئين جي فتويٰ تو ٻڌايان
زردار کان زياده ڪو دغاباز نہ آهي
هر هر ٿيون اچن وقت جي سوري جون صدائون
افسوس انا الحق جو آواز نہ آهي

شمشير جيڪو سنڌ ۾ انا جي آواز جو ڳولائو رهيو هو ان جي جڏهن اميراڻي ۽ خودي واري مفلسي تي نظر پوي ٿي ۽ هن تخليقي توڙي جسماني زندگي تي نظر ڪريون ٿا تہ گمان ٿو ٿئي تہ ڪٿي واقعي هو سنڌ جي ادبي جهان ۾ وطن جي عاشقي ۾ پنهنجي ان مؤقف تي بيٺل آخري ليکڪ تہ نہ هو!! جنهن

جهان عشق سردار آخري آهيان
حضور حسن ۾ حاضر وري وري آهيان

بي ڊپائي ۽ بي خوفي سان پنهنجو مؤقف رکندڙ شمشير هڪڙي ڏينهن لاءِ سنڌ جي حوالي سان مايوس نہ رهيو. توڙي جو هن جي تجزين ۾ ڪيترو اهي تلخ ڳالهيون هونديون هيون جيڪي سچ کي پهنديون هيون. ڪاوش ۾ شمشير جا آخري انٽرويو ڏسڻ مان اسان کي هن جي همٿ ۽ اميد جو پتو پوي ٿو فيض کوسي صاحب کي ڏنل ٿي وي انٽرويو ۾ جڏهن ڪائنن

پڇيو ويو تہ هن صورتحال ۾ اوهان سنڌ کي ڪيئن ڏسي رهيا آهيو تہ هن بي ڊپائي سان هٿيار بند ويڙهہ جي ڳالهہ ڪندي هي ٽي لفظ چيا آهن.

”اوهان وٽ لفظي مزاحمت بہ صحيح ناهي جو اوهان هنن کي (اسٽيبلشمينٽ کي) اوهان قائل ڪري سگهو. شمشير صاحب عوامي نمائندگي کي بيڪار سمجهندي انهي انٽرويو ۾ چيو آهي تہ عوامي نمائندگي جي پليٽ فارم تي بہ اوهان ڪجهہ نٿا ڪري سگهو. آءٌ تہ شمشير جهڙي نفيس, نازڪ مزاج تخليقڪار واتان اهي لفظ ٻڌي پهرين تہ حيران ٿيس ۽ پوءِ سوچڻ لڳس تہ اهو فقط اهو ئي ليکڪ چئي سگهي ٿو جنهن جي دل وطن سان ڌڙڪي ٿي وطن لاءِ ڌڙڪي ٿي. شمشير صاحب اڳي سوال جي جواب ۾ چئي رهيو آهي تہ ”اوهان کي هينئر تلوار کڻڻ کپي سڄي دنيا هينئر انهي ڪم تي لڳي پئي آهي ۽ اهو ڪم گهٽو وقت اڳ ۾ ٿيڻ کپي ها“.

سائين شمشير جي آخري جملي تي غور ڪرڻ سان سنڌ جي سياسي تحريڪن جي تاريخ تي اسان کي نظرثاني ڪرڻي ٿي پوي ۽ سمورن نظرين کي ڦٽو ڪري اسان کي نيشنلز کي ئي چونڊڻو پوي ٿو.

انهي انٽرويو ۾ جڏهن ڪانئس پڇيو ويو تہ ”تلوار کڻڻ سان ڇا سنڌي ماڻهن جي وڏيڪ بقا ٿي سگهندي يا وڌيڪ مصيبت ۾ پوندا. شمشير صاحب جو اعتماد سان ڀرپور جواب هن طرح آهي ”ڇو نہ ٿي سگهندو؟ شرط اهو آهي اوهان هنن کان وڌيڪ هٿيار رکو ڪراچي ۾ بارود پريو پيو آهي جڏهن ڪراچي جي بارود جو شمشير صاحب ذڪر ڪري ٿو تہ آساني سان سمجهہ ۾ اچي ٿو هن جو اشارو ڪنهن طرف آهي.

شمشير صاحب قوم پرست پارٽين کان تہ مايوس رهيو پر هن سنڌ جي عام ماڻهو کان ڪڏهن بہ مايوسي جو اظهار نہ ڪيو سوال: آخر عام ماڻهو ڇا ڪري؟ جي جواب ۾ هن جڙ تہ حڪمت عملي بيان ڪري ڇڏي هئي. شمشير صاحب چيو تہ عام ماڻهو کي سڏ ڪريو ٿا تہ اچي ٿو وڃي هن کي گس ڏيو منظم ڪريو. هي جيڪي بہ قوم پرست پارٽيون آهن عوام کي انهن منظم ڪيو آهي حيدرآباد, سکر, ڪراچي جي چوڌاري چوگرد آهن.

هي سڀ اسان جي گھيري ۾ آهن. انهن ڳوٺن کي اوهان منظم ڪيو آهي! اهڙي طرح شمشير صاحب ڪيترن سوالن ۾ چڙ ته جواب ڇڏي ويندو هو. شمشير جو آخر تائين سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو ۾ جهڙو مضبوط ويساهه هو. هو سنڌ جي امن کي تاريخي تناظر ۾ ڏسندي؟ انهن ويڙهن ۽ جنگين جا حوالا ڏئي ڳالهه وري ويڙهه جي ڪندو رهيو.

هو سنڌ جي نجات مزاحمت ۾ ڏسندي "مسئلي جو حل" هن طرح ٻڌائي ٿو. موهن جي دڙي مان ڪو به جنگ جو هٿيار نه مليو پيس فل سوسائٽي هئي نه رليجن نه مذهب ڪو هو پر تنهنجي باوجود اسان جنگيون ڪيون آهن اسان جا سنڌي ماڻهو هزارن جي تعداد ۾ ماريا ويا اسان جا واپاري وڏا انٽيليجينٽ ماڻهو هئا. وڏا وڏا دانشور لڏي ويا سنڌ مان جن جو هاڻ پرو به نه ٿو پوي ته هي سنڌي ڪميونٽي جا ماڻهو آهن. ته اسان مزاحمت به ڪئي آهي.

سنڌ جي خمير ۽ ضمير جا اهڙا تجزيا ڪندڙ شمشير ان جو ئي سخن وري شايد اسان کي تاريخ جي ڪنهن موڙ تي ڪم ڏي ۽ اسان کي سنڌ جي اداس محفل کي مچائڻ لاءِ انهي موڙ تي هزارين وچڙي ويل اهڙن حوصلي مند تخليقي ڪردارن، سياسي ڪردارن سان گڏ وري به شمشير سائين کي سڏ ڪرڻو پوندو ته:

شمشير کي سڏ ڪريو "شمشير" ڪٿي آهي
محفل کي مچائيندو ان جو ئي سخن شايد

پروفيسر مهرالنساء لاڙڪ

# هزارن ۾ حيدري آهيان

عظيم ڏاهي ابوالڪلام آزاد چيو آهي تہ "مان گلن جو عاشق ناهيان پر اُنهن سُڪل ٻجن جي تلاش ۾ آهيان جنهن جو هڪ داڻو پورو باغ پيدا ڪري سگهي". مون جڏهن اِنهيءَ قول تي غور ڪيو تہ حيران ٿي ويس تہ دنيا ۾ گهڻا ماڻهو تہ گلن جا شيدائي هوندا آهن. هي ڪهڙو عجيب عاشق آهي جيڪو سُڪل ٻج جي تلاش ۾ آهي. يعني هي عاشق خود غرض نہ آهي هُو پوري باغ جي ڏسڻ جو خواهشمند آهي، تہ جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو گلن جو واس حاصل ڪري سگهن. باغ جي وڻن جي ڇانوَ ۾ گهٽ کان گهٽ ماڻهو ويهي لطف حاصل ڪن ۽ زندگيءَ جو مزو حاصل ڪن. ابوالڪلام آزاد جي اهڙي قول جهڙو سنڌ جو عاشق، برک اديب، بهترين شاعر، بي باڪ اندازِ بيان رکندڙ ارڏو پر مخلص، وفادار، چوويهہ ڪلاڪ، ڪم ڪندڙ سنڌ کي سکيو ۽ ستابو ڏسڻ جو خواهشمند سُورمو سائين شمشيرالحيدري ولد امام ڏنو خواجہ، ضلعي بدين جي ڳوٺ "ڪڏڻ" ۾ 1932ع ۾ ڄائو. بدين ۾ پرورش حاصل ڪيائين. هي باضمير انسان، جنهن سڄي حياتي محبتون ونڊيندي گذاري، درويش انسان گهٽين ئي صفتن جو مالڪ هوندي بہ ڪنهن بہ لوڀ ۽ لالچ کان آزاد ۽ پاڪ هو. هُو سڄي عمر بااصول رهيو. سدائين قلم جو پورهيو ڪري زندگي گذاريندڙ سرڪاري نوڪرين کان پري رهيو. چاڪاڻ تہ اُتي ڪيس خود غرضي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ ٿي آيو. مُلڪ جي خدمت جي نالي تي جوُنر وانگر، قومي خزانن کي هضم ڪيو ٿي ويو. ڪيس نہ تہ خوشامد ڪرڻ ايندي هئي ۽ نہ ئي خوشامد پسند هُئس ۽ نہ ئي چالاڪي ۽ هوشياري ايندي هُئس. سادي ۽ ايماندار طبيعت جو مالڪ، محنت ڪش ۽ ايماندار اِنسانن لاءِ Ideal انسان هو.

سائين شمشيرالحيدري جو قلم، تلوار کان وڌيڪ تيز ڪم ڪندو هو ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ هر وقت حاضر هوندو هو.

حضرت علي ڪرم الله وَجه جو قول آهي تہ جيڪڏهن موتيءَ جي طلب ڪريو ٿا تہ سمنڊ ۾ ٽٻي هڻڻي پوندي آهي. جنهن شخص کي پنهنجي

زندگيءَ ۾ ڪو بلند مقام حاصل ڪرڻو آهي تہ اُن کي راتين جو جاڳڻو پوندو آهي. جيڪڏهن ڪو بُلندي بہ چاهي ٿو پر محنت نہ ٿو ڪري تہ اُهو شخص پنهنجي عمر ضايع ڪري ٿو.

مولا عليؑ جي مٿين قول تي ثابت ٿيندڙ سنڌي ادب جي چمڪندڙ ستاري سائين شمشير، پنهنجي سموري حياتي سنڌ جي سَرهائي لاءِ پاڙ پتوڙيو. جڏهن مُلڪ ۾ جنرل ايوب خان جي ڏنل مارشل لا جو راڪاس ڇانيل هو ۽ وَن يونٽ جهڙو ڪارو اونداهو دؤر هو سنڌ جي فيوڊل سياست جا علمبردار خاموش هئا. تڏهن سنڌ جي اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ صحافين جي ترقي پسند لڏي مزاحمتي بار پنهنجن ڪلهن تي کنيو. جيئن تہ سياسي چُرپُر تي پابندي هُئي ان ڪري جناب جي- ايم سيد بزمِ صوفياءِ سنڌ“ جوڙي سنڌ جي باغي نوجوانن اديبن، شاعرن ۽ دانشورن کي اِظهار جو هڪ مؤثر پليٽ فارم مهيا ڪيو سائين محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز، رسول بخش پليجو، رشيد احمد لاشاري، شمشيرالحيدري ۽ ٻيا گهڻا اُڀري مٿي آيا. 1960ع کان 1970ع وارن ڏهاڪن جو سنڌي ادب اُن وقت جو آئينو آهي.

شمشير، قلم کان تلوار جو ڪم ورتو. سندس قلم، سدائين عوام جي جذبن جي ترجماني لاءِ متحرڪ رهيو. آمرن جي بادشاهي کي للڪاريو پنهنجن تحريرن سان سنڌ جي نوجوان نسل کي اکيون ڏنيون. سائين شمشير، سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد جو سرگرم رُڪن هيو. اياز قادري جي سنڌي ادبي سنگت تان استعيفا کان پوءِ هو سندس جاءِ تي سيڪريٽري مقرر ٿيو ۽ سنڌي ادب سنگت جو 11 سال سيڪريٽري رهي هڪ رڪارڊ قائم ڪيائين ۽ تمام گهڻا ڪم ڪيائين. سندس زندگيءَ جو وڏو حصو صحافت سان پڻ وابستہ رهيو. پهريائين هو هلال پاڪستان حيدرآباد ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿي رهيو.

1956ع ۾ تہ ماهي مهراڻ جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ 1968ع کان نئين زندگي پاڪستان پبليڪيشن جو ايڊيٽر مقرر ٿيو جتان هو شپنگ ڪارپوريشن ۾ هليو ويو.

”روح رهاڻ“ رسالو ان دؤر ۾ هڪ رسالو نہ پر ”تحريڪ“ هو. ائين شمشيرالحيدريءَ جي ادارت ۾ نڪرندڙ اخبار بہ هڪ تحريڪ طور اڀري آئي ۽ رابطن جي آڙ هوند باوجود شمشير جي نگراني ۾ نڪرندڙ اخبار عوام جي جذبن ۽ سياسي ڪاوڙ جي ترجمان تي اُڀري. اُن ئي دؤر ۾ شمشير پنهنجي الڳ سڃاڻپ ناهي ورتي. هُو لابي ناهڻ جي هُنر کان بلڪل ناواقف هو. سندس هڪ الڳ سڃاڻپ هئي قدرت هن کي جنهن ڏات سان نوازيو هو اُها ڪنهن کان اڌاري ورتل ڪانہ هئي. هُن جي رڳ رڳ ۾ خود داري سمايل هئي. پاڻ خود داري جو انوکو مثال هو. هُو مصلحتن کان سوين ڪوهہ پري بيٺل هو.

پاڻ بيباڪ شاعر هو. پاڻ جڏهن 1963ع ۾ سنڌيءَ ۾ ايم- اي ڪئي تہ پاڻ ”آزاد نظم“ تي تحقيقي مقالو لکيو هُئائين. تنهن کان پوءِ پاڻ شاعري جا اَمُلهہ ڪتاب ڏنا اٿس.

”لاٽ“ 1962ع ۾، سنڌ ۾ آزاد نظم جي اوسر 1984ع، سنڌي شاعريءَ جو اڀياس، تاريخ جو ڪچرو 1995ع، پيار جا نوَ گيت (جرمن شاعريءَ جو منظوم ترجمو). ٻارن جا گيت (روشن تارا پروگرام)- لاٽ جو ٻيو حصّو تياري هيٺ. پاڻ، پنهنجي شاعري ۾ پيار، محبت سان گڏ، سنڌ جي مسئلن تي قلم کڻڻ پنهنجو اولين فرض ڄاتو. شاعري جيڪا احساسن جي ٻولي آهي. هڪ حساس ماڻهوءَ جا جذبا، جڏهن لفظن جو روپ ڌاري محسوسات جون سرحدون ڇهن ٿا تہ مقدسيت جو دائرو اُنهن جي گرد ٺهي وَڃي ٿو. اِهو ان ڪري جو دل جي گهراين مان نڪتل جذبن تي مصنوعيت جو Label لڳائي نہ ٿو سگهجي. ڪائنات جي خالق، شمشير جي هٿن کي سهڻي نموني قلم پڪڙي، ذهن جي دنيا ۾ ٽڙيل پکڙيل ۽ اڏرندڙ خيالن کي لفظن جي مالها ۾ پوئي شاعراڻا هار جوڙڻ جي سگهہ ڏني هئي، جهڙي سندس طبيعت ۾ سادگي ۽ اندر جي اُجرائپ هئي، تهڙي سندس شاعريءَ ۾ خوبصورتي ۽ سليقہ مندي نظر اچي ٿي.

جهان عشق جو سردار آخري آهيان،
حضور حُسن ۾ حاضر وري وري آهيان.

ملنگ مست الستي قلندري آهيان،
عجب آهيان، هزارن ۾ حيدري آهيان.

سندس اندازِ بيان ۽ اخلاق جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. قدرت طرفان اخلاق تہ سندس وِجود تي ڇانيل هو. سچ چوندا آهن تہ خوش اخلاقي هڪ اهڙي خوشبوءِ آهي جيڪا ڪئين ميل پري بہ محسوس ڪري سگهجي ٿي. هُو ذهين تہ پيدائشي هو، ويتر محنت سان پنهنجي پاڻ کي چمڪايائين. محنت سان هُو اهڙو گهاٽو وڻ ٿي پيو جنهن جي ڇانوَ ۾ هزارين اديبن، ڏڏڙيون، منڙيون شامون گذاريون، ڪِن، قلم جهلڻ سکيو ۽ ڪِن جي قلم ۾ ايڏي سگهہ پيدا ٿي جو هُو قلم ڏٽي ٿي، زماني جي سامهون آيا.

هُو هڪ دفعو بہ ڪنهن سان ملندو هو تہ هُن جي دل ۾ گهر ڪري ويندو هو. ڪنهن سياڻي چيو آهي تہ گفتگو اهڙي شيءِ آهي، جنهن جي ڪري اِنسان يا تہ دِل ۾ گهر ڪري وجي ٿو يا دِل مان ڪري پوي ٿو. هي عظيم اِنسان ڪنهن سان بہ شڪايت نہ ڪندو هو. هر ڳالهہ پنهنجي اندر سان پيو اوريندو هو. ڀٽائي سائين جي هِن بيت وانگر هُن پنهنجو پاڻ کي ڳولي ورتو هو.

پيهي جا پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،
نہ ڪي ڏونگر ڏيهہ ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون هيس پاڻ، سئي تان سُور ٿيا.

هُن، ڪائنات کي پنهنجي وجود اندر پرکيو ۽ پروڙيو ۽ باعمل ٿي ثابت ڪيائين تہ انسان ڪيڏو عظيم آهي.

1950ع واري ڏهاڪي کان وٺي مرڻ گهڙي تائين پاڻ مُتحرڪ رهيو. ادبي ڪچهرين، سيمينارن، ڪانفرنس ۾ هر جاءِ تي نظر ايندو ۽ پنهنجي صلاحيتن کي ميجرائيندو رهيو ۽ قدر ڪرڻ وارن سندس صلاحيتن جو اعتراف ڪندي کيس ڪيترن ئي ايوارڊن سان پڻ نوازيو. جن جو وچور هي آهي.

(1) پاڪستان ٽيليويزن 3 ايوارڊ
(2) سنڌي ادبي سنگت ايوارڊ

(3) سنڌي اڪيڊمي دهلي
(4) مارئي دهلي
(5) سمبارا تاپ ٽين
(6) سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن ايوارڊ ۽ گولڊ ميڊل
(7) ماهوار نئين زندگي
(8) بزمِ جنگ
(9) پاڪستان جي حڪيمن جي ڪائونسل 2 ايوارڊ

هُو جهڙو عقيدي ۾ حُسيني هو اهڙو ئي عمل ۾ بہ حُسيني هو. وقت جي هر يزيد سان مقابلو ڪندو هو. قلم وسيلي هُن حق ۽ صداقت جو ساٿ ڏيندي زندگي جو 80 سالہ سفر پورو ڪيو. حُسيني قافلي جو هي مجاهد جڏهن 21 روزي تي هِن عارضي جهان کي الوداع ڪري، ابدي دنيا ڏانهن سفر تي اُسهي ٿو تہ سنڌ، غم سان گڏ حيرت ۾ اچي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ تہ هُن اِهو ثابت ڪيو تہ هُو هڪ درويش، صبر ڪرڻ وارو ۽ حضرت علي ڪرم الله وَجه جو ئي محبّ وارو آهي ۽ اڄ اُن سان گڏ روانو ٿي رهيو آهي اهڙو درويش صفت انسان اڄ اسان وٽ موجود نہ آهي. هُو اسان کي ڇڏي ملير جي چوڪنڊي واري مقام ۾، سنڌ جي پلوڙ شاعر، "هِن جنم هُن جنم ۾ وچن ٿو ڪيان، مان جتي بہ هجان، سنڌ تنهنجو ٿيان" جهڙيون اَمُلهہ سِٽون سرجيندڙ تاجل بيوس جي پَر ۾ سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. انسان جي اکين سان گڏ آسمان مان بہ لُڙڪ جاري هئا. سندس زندگي، لبنان جي جبران خليل، روس جي ٽالسٽاءِ ۽ فلسطين جي محمود درويش جهڙي هئي. سنڌ کي اڄان شمشير جهڙي انسان جي ضرورت هئي، پر ظالم وقت ڏاڍو بيوفا آهي، جو شمشير جهڙو ذات ڏٺي اسان کان اڏري هليو ويو. ڪيس، سنڌ جي ڌرتي تي اڃان ڪيترائي گل ٻوٽا پوکڻا هئا، پنهنجي قلم سان ڪيس اڃان ڪيترن يزيدن جو سينو چاڪ ڪرڻو هو. هُو مسلسل جدوجهد جي علامت هو. پنهنجي نالي وانگر حيدر جي تلوار هو. هُو هڪ پارس جهڙي شخصيت جو مالڪ هو ادب جي جنهن بہ صنف کي ڇُهيائين ٿي تہ اُن کي سون بڻائي ٿي ڇڏيائين. سندس لکڻين ۾ ٻولي توڙي معيار عُروج تي نظر

اچن ٿا. هو عزم، ارادي ۽ عمل جو شاعر ۽ اديب هو. هُو پنهنجي لکڻين ۽، ڪردار ۾ زنده آهي. هُو جسماني طور، اسان کان الڳ ٿيو آهي پر روحاني طور اسان سان گڏ آهي. حالانڪ ادبي دنيا ۾، سنڌس وڃڻ سان وڏو خال پيدا ٿيو آهي. شيخ اياز استاد بخاري، حسن درس جو وڇوڙو بہ وڏو ادبي نقصان هو. اهڙا صوفي منش ۽ درويش اِنسان، صدين ۾ جنم وٺندا آهن. اي شمشير!، هي سنڌ ۽ سنڌ واسي توکي قيامت تائين ياد رکندا. بيشڪ تو سنڌ ۾ جيڪو محبت جو باغ پوکيو اُهو سدائين سائو ۽ سُرهو رهندو ۽ اُن جو واس هر هنڌ پهچندو.

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آديسي اُٿي ويا مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا.

عزيز گوپانگ

# سنڌ کان موڪلائيندڙ مورڳ شمشير!

اڄڪلهہ اسان وٽ هر ڏينهن هڪ خبر طور اچي ٿو ۽ اڄ 10 آگسٽ، جُمعي جي ڏينهن جي خبر اِها آهي تہ شمشيرالحيدري گذاري ويو. خبر پنهنجي وقت جي حوالي سان متوقع آهي ۽ اهميت جي حوالي سان تمام وڏي، متوقع. انهيءَ ڪري جو شمشير پنهنجي حياتيءَ جا، اُهي سڀ سال گذاري چُڪو جن ۾ سندس حياتي ڪارج واري هُئي ۽ اهميت واري اِن ڪري جو شمشير پنهنجي وڏي ۽ بي داغ ڪردار جي حوالي سان اهڙو خال ڇڏيو آهي جنهن جي خالي هجڻ ۾ ئي حُسن رهندو ڇو تہ شمشير جي جاءِ پرڻ لاءِ هرويرو جو پَراءُ ضروري نہ آهي.

سٺ، ستر ۽ اسي وارن ٽن ڏهاڪن وارو سنڌ جو دؤر سياسي ۽ ادبي مهم جوئي وارو دؤر هو انهن سالن دوران سنڌ جو نالو وٺڻ، نانگ مٿان پير ڏرڻ جي برابر هو هڪ پاسي سنڌ جا ئي سوين وڏيرا ۽ قلمڪار ”سنڌ وٺو، سنڌ وٺو“ جا هوڪا ڏيئي رهيا هئا تہ ٻئي پاسي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا اديب ۽ شاعر مزاحمتي ادب جي ذريعي غدارن ۽ اُنهن جي آقائن سان هڪ ئي وقت وڙهي رهيا هئا سنڌ خاطر وڙهي ويندڙ اُنهيءَ ڏکهي ۽ ٽڪائيندڙ جنگ جي سرواڻي شيخ اياز سان گڏ شمشير بہ ڪئي، فرق اِهو هو تہ اياز اڳئين محاذ تي وڙهيو پٺي ۽ شمشير هڪ ڪورنگ ڪينڊيڊيٽ“ طور سڄي حياتي ساڻس ۽ سندس فڪر سان گڏ رهيو.

ماڻهوءَ کي وڏي ڄمار جي هرويرو بہ ضرورت ناهي هوندي. دنيا ۾ اهڙا ڪيترائي ماڻهو هئا ۽ آهن جن تمام وڏيون ڄمارون ماڻيون. مگر سندن ڪاتي ۾ چڱن ڪمن جو شمار نہ جهڙو آهي ۽ ٻيا اهڙا ماڻهو بہ آهن جن پنهنجي مختصر ڄمار ۾ وڏا ڪم ڪيا! سو وڏي ڪم لاءِ وڏي ڄمار ئي ضروري ناهي. شمشير انهيءَ حوالي سان سيني ڪان الڳ ٿلڳ رهيو، هُن نہ رڳو ڄمار وڏي ماڻي پر ڪم بہ وڏا ڪيا. جيڪو اسان وٽ گهٽ ئي ٿيندو آهي. ڇو تہ توهان کي زندگيءَ لاءِ جيئندڙ ۽ زندگيءَ لاءِ مرندڙ ماڻهن جي فرق

ڪرڻ ۾ ٿوري ذڪيائي ضرور ٿيندي! شمشير اُنهن ماڻهن مان هو جنهن هميشہ زندگيءَ لاءِ مرڻ کي ترجيح ڏني.

شمشير جي زندگيءَ جو ڇيد ڪجي، اِهو تمام گهڻو مُشڪل ٿيندو اهو طئہ ڪرڻ تہ اهو اصل ۾ ڪهڙي هُنر ۾ يڪتا هو. هو شاعر بہ هو تہ صحافي بہ. نثر نويس بہ هيو تہ ڊراما نگار بہ! لکڻ جا سمورا پاسا هو سهڻي نموني سان پري سگهندو هو. تنقيد جيئن تہ منهنجو شعبو ناهي اِن ڪري اُن جي فني پورهئي جي ڇنڊڇاڻ مان نٿو ڪري سگهان پر ايترو ادراڪ ضرور رکان ٿو تہ هو پنهنجي عهد تي انتهائي گهرا اثر ڇڏيندڙ اديبن مان هڪ هُيو جنهن پنهنجي قلم جي تقدس ۽ لفظن جي حرمت کي آخر تائين قائم رکيو.

ضياءالحق جي دؤر ۾ جڏهن سياست ڪرڻ تہ پري اُن مٿان ڳالهائڻ بہ ڏوهہ هوندو هو. شعور ۽ عقل جي ڳالهہ ڪرڻ تي سؤ قلم لاڳو ٿيندا هئا. جواني منع ٿيل هئي ۽ خواب پس زندان هئا تڏهن شمشير اڪيلو صحافي هو جنهن مهراڻ اخبار جي ايڊيٽر طور آمريت جي اڳيان بيهي چيتي جيان چنگهاڙيو پئي. هُن جي دل ۾ سڀ ڪجهہ هو پر خوف ڪونہ هو. هو نہ ضياء کان ڊنو نہ ئي سندس ظلمت کان. هُن جي دؤر ۾ مهراڻ اخبار جي سرڪيوليشن هزار سيڪڙو وڌي ۽ سنڌ جي صحافتي دنيا ۾ اهڙو پهريون موقعو آيو جو ماڻهن قطارون ناهي اخبار وٺڻ شروع ڪئي! صحافتي ڪيريئر جو سندس اُهو دؤر سندس ذات جي بيباڪيءَ جو ئي نہ سنڌي صحافت جو بہ سونهري دؤر هو. جڏهن اُن پنهنجو مڪمل سماجي ڪارج ادا پئي ڪيو.

خواجہ ڪميونٽيءَ جي گڏيل سماجي تاجي پيتي کان ٻاهر نڪري هُن جيڪو ڪردار ادا ڪيو اُنهيءَ جو مثال اسان واري سماج ۾ گهٽ ملي ٿو سندس مٽ مائٽ، سؤٽ ماسات وٽج واپار ۽ دُڪانداريءَ ۾ وڏا ماهر ليکيا ويندا آهن. هُن بہ هڪ دُڪان کوليو مگر ٿوري فرق سان. سندس دُڪان تان سنڌ جي دردن جي دارون کان علاوه بيو ڪجهہ بہ نہ ملي سگهندو هو. هُن پنهنجي دل کي سنڌ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو ۽ اُن جو ڇيو مڇيو هو! هُن ڪڏهن بہ اهڙو ڪم ڪونہ ڪيو جيڪو سنڌ ۽ سندس دل جي خلاف هُجي. سندس دل جون سرحدون سنڌ جي سرحدن سان سلهاڙيل هُيون ۽ آخر تائين رهيون!

پنهنجي دؤر جي سيني مُروج اصولن ۽ اسلوبن کان بغاوت سندس سرشت جو حصو هُئي، اهوئي سبب آهي جو انهيءَ دؤر جي عام استعمال وارن قلمي نالن کان هو پري رهيو هو نہ گهايل هو نہ فراق، نہ قتيل هو نہ زخمي، نہ قمر هو نہ شمس، نہ صابر هو نہ ساگر، نہ ساقي هو نہ ساغر! هُن جيئن قلم کنيو تہ شمشير بڻيو ۽ اهو بہ حيدري.

پنهنجي نالي جي ساک قائم رکندي هُن پوري حياتي هڪ آئيڊيل آرٽسٽ جيان گذاري، هو اکر لکي پئسا ڪمائيندو هو ۽ اُنهن پئسن سان سگريٽ ٻاري حاسدن جو اندر ساڙيندو هو. سگريٽ ڇڪڻ جو سندس دلڪش انداز ڏسي اُنهن ماڻهن جي دل بہ سگريٽ ڇڪڻ ڏانهن ڇڪبي هُئي جيڪي تماڪ نوشي جي خطرناڪ اثر مٿان مقالا لکندا هئا.

مون شمشير کي ڏٺو تہ ويجهي کان پر ڪيس سمجهيو سندس لکڻين وسيلي، هُن جون لکڻيون ائين صاف سٿريون هونديون هيون جيئن دل ڪيني کان، هُو اڇو اُجرو هِرک جهڙو ماڻهو هو جنهن جو من اصلئون ڏوتل هو.

سنڌ جو اُهو دؤر جڏهن شيخ اياز جي گيتن کان آمر ۽ دوستيءَ کان شاعر ڊنا پئي تڏهن شمشير ساڻس گڏ بيٺل هو هن جمال ابڙي، رشيد ڀٽي ۽ هڪ اڌ ٻين دوستن سان گڏ. آخر تائين اياز جي همراهي ڪئي ۽ ڪنهن بہ لمحي نہ لڏيو نہ لميو ۽ اِهو ئي دؤر هُيو جنهن ۾ چڱا چوڪا سڀ ڀڏرا ٿي بيٺا. شمشير تڏهن بہ پنهنجي خوابن سان گڏ بيٺل رهيو ۽ اُن کان پوءِ بہ. جڏهن سنڌ کي اڪيلي ڇڏڻ جو فيشن عام ٿيو، تڏهن بہ هو سنڌ سان ئي بيٺل رهيو اِها ئي اهڙي وصف آهي جيڪا شمشير کي پنهنجي عهد جي سيني قلمڪارن کان الڳ ۽ مٿانهون بيهاري ٿي.

شمشيرالحيدري جي نالي اُچارڻ ۾ ئي ذڪيائي نہ ٿيندي هُئي، آمريت جي ڏينهن ۾ سندس فڪر کي هضم ڪرڻ ۽ ڪيس ڳولهڻ بہ ذڪيو هوندو هو هو پنهنجي فقيراڻي مزاج جي ڪري ڪنهن هجوم ۾ بہ آرام سان لِڪي سگهندو هو ۽ اڪيلائيءَ ۾ بہ نظر ڪونہ ايندو هو. وقت جا حاڪم ڪيس نہ ڳولهي سگهڻ جي ڪري پريشان هوندا هئا ۽ هو سنڌ جي ڪري.

هُو پنهنجي عقيدي ۾ ٿي حُسيني ڪونہ هو پر عمل ۾ بہ حُسيني هو. وقت جي هر ظالم کي هُو يزيد سمجهي وڙهندو رهيو ۽ ڪيڏي نہ حيران ڪندڙ ڳالهہ آهي تہ جنهن جي تلوار جي نسبت سان پنهنجو نالو چونديو هُئائين اُنهيءَ عظيم هستيءَ جي شهادت واري ڏينهن ئي اکيون ٻوٽيائين. هُو ادب جي دنيا جو حُر هيو!

منهنجون شمشير سان ڪي گهٽيون ملاقاتون ڪونہ رهيون ۽ نہ ئي مان ساڻس پنهنجي دوستيءَ جي دعويٰ ڪري سگهان ٿو مون جڏهن بہ کيس ڏٺو تہ عقيدت ۽ حسرت وچان ڏٺو سندس زندگي جو هڪڙو پاسو منهنجي حياتيءَ سان گهڻو مليو ٿي ۽ اُهو هو مسلسل نوڪريون ڇڏڻ وارو عمل.

شمشير هڪڙي زندگي ڪڏهن ڪونہ گذاري، انهيءَ ڪري هُو هڪڙي نوڪري بہ ڪونہ ڪري سگهيو اِهو تمام گهٽ ٿيندو آهي تہ ڪو ماڻهو هڪ کان وڌيڪ زندگيون گذاري ۽ شمشير اهو ڪري ڏيکاريو هڪ انتهائي وفادار دوست، بنهہ سچو اديب، بي ڊپو صحافي ۽ سماج جو هڪ ذميوار فرد تہ هُو هيو ئي، پر گڏوگڏ هڪ انتهائي پيار ڪندڙ ۽ شفيق پيءُ ۽ سر ساهہ صدقو ڪندڙ ڏاڏو ۽ نانو پڻ هو.

هُن اسي سالن جي هڪ ڏکي ۽ ڀرپور زندگي گذاري، هُن زندگيءَ جي ڏکي انگ انتهائي صبر ۽ ماٺيپي سان کيڏي ۽ ٽڪو ڪٽي بہ ڪونہ! هو اُن وقت تائين کيڏندو رهيو جيستائين زندگيءَ جي ميچ ڏڪليئر نہ ڪئي ويئي. سنڌي اديبن ۽ شاعرن ۾ "بيٽ ڪيري" ڪندڙ هي پهريون ۽ آخري "بئٽسمين" هو جنهن کي نہ لالچ جا بائونسر آئوٽ ڪري سگهيا ۽ نہ ئي غربت جا "اِن سوئنگ ۽ آئوٽ سوئنگ"!!

پيري ۾ طاقت ئي نہ حوصلو بہ گهٽجي ويندو آهي، عام طور تي چئي ويندڙ اِها ڳالهہ شمشير سان لاڳو ڪونہ هُئي، هُو جيترو ضعيف ۽ پيرسن پئي ٿيو سندس خوابن جوانيءَ جا موڙ پئي ڀڏا. تڏهن ئي موت کي سندس ياد آئي هو کيس ڪنيي ڪٽي الائي جي ڪيڏانهن اُڏاڻو؟!

سنڌ هڪ ئي وقت مورن ۽ شمشير کان خالي ٿي ويئي، اها ئي ڳالهہ ڏک جي ڳالهہ آهي!!

ڊاڪٽر مخمور بخاري

# اسان جون مسافتون شمشير طئہ ڪيون!!

حياتي برف جيان هر لمحي ٽيپو ٽيپو ٿي ڳري رهي آهي، پوءِ ان کي ڪير سانڍي سگهندو؟ بس ساري سگهجي ٿو ڪڏهن ڪڏهن وساري بہ ڇڏجي ٿو...! پر سار وسار جي وچ واري پد تي ڪجھ رهجي وڃڻ جو امڪان بہ رهي ٿو. اهو ڇا آهي سار يا وسار!؟ شايد سار جو ئي عڪس آهي. اڻ ڇنو منظر آهي! ۽ اهڙا ڪيترا منظر- عڪس منهنجي ذهن جي خاني ۾ پنهنجي جاءِ ولاري ويٺا آهن جيڪي ڪڏهن ڏاڍا ڇٽا هوندا آهن تہ ڪڏهن ڏنڏليل!! اهڙن منظرن کي ڇنو ڪري آئون جڏهن ڪجھ ڳولهڻ ويهان ٿو تہ مون کي اهي بہ ماڻهو نظر اچن ٿا جيڪي مون لاءِ ڪنهن حوالي سان اهميت رکن ٿا. هڪ قمر شهباز ۽ ٻيو شمشيرالحيدري سائين! هي ٻئي يگانا تخليقڪار پنهنجي تخليق سبب مون کي ياد رهندا!!! پر افسوس ٻنهي سان ملاقاتن جا سلسلا طويل نہ هئا بس ايترا هئا بقول سائين امداد حسيني جي:

هڪڙو سگريٽ تہ پي سگهجي ٿو
ايترو تہ جي سگهجي ٿو

محترم قمر شهباز سان ملاقات جيڪا ياد پئي ٿي، ڪراچي ۾ ريجنٽ پلازا جي ڪوه نور هال جي در تي قلمڪار ڪنوينشن جي موقعي تي ٿي. جتي هن مون کي لکڻ جي حوالي سان سڃاتو ۽ سائين شمشير سان ملاقات پهريون ڀيرو ڀٽ شاهہ ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي عرس تي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي ٿي. جتي هو مون کي ٻري ڪان درگاهہ ڀٽائي جي ڳاني ۾ هڪ يگانو شاعر ۽ واقعي بہ حيدري لڳو ۽ پوءِ سگريٽ دکائيندي دکائيندي سائين جي حال بہ ٿيا تہ ڪي شعر بہ ڪانئن ٻڌڻ جو موقعو بہ مليو ۽ ساڻن آخري ملاقات ڪجھ سال اڳ ڊاڪٽر اسحاق انصاري جي اوطاق تي مچ ڪچهري/ مشاعري جي موقعي تي ٿي. جنهن ۾ هدايت بلوچ، ڊاڪٽر عابد مظهر ۽ پير عبيد راشدي جو ساٿ پڻ هو. پر هي واقعو اڄ هتي ڇو؟ ان سوال جو جواب بہ هنن سٽن ۾ ڏئي ڇڏجي تہ بهتر! هي ٻئي تخليقڪار

پنهنجي ڀرپور تخليقي سگهه ۽ خوبصورت اظهار سان مون سميت ڪيترن ئي جي مشڪل آسان ڪري سگهيا آهن. جگجيت جي ڳايل غزل جيان:

پيار کا پہلا خط لکھنے میں وقت تو لگتا ہے،
نئے پرندوں کو اڑنے میں وقت تو لگتا ہے۔

سو اسان جي ان وقت کي قمر شهباز ۽ شمشير جون سٽون ئي طئه ڪري سگهيون! پوءِ اسان جي پلئه ۾ ڇا آيو. ڳل يا ڪنبا. اها ڪٿا تہ وري ڪنهن ٻئي ڀيري ئي بيان ڪري سگهجي ٿي باقي قمر شهباز جون هي سٽون:

جي سونهن گهرين ها ساٿيئڙا
مان چانڊوڪي چورايان ها
جي گيت گهرين ها منهنجا پرين
مان سڏڪن جي سر ڳايان ها.

۽ شمشير جون هي سٽون:

تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو.
جڻ تہ سنڌو جي ٻئي ڪناري ويو.
تنهنجي وارن جو واس جنهن ورتو
وقت جي سينڌ ڪي سنواري ويو.

الائي تہ ڪيترا ڀيرا اسان جو طويل مسافتون طئہ ڪري، وقت جي سينڌ کي سنواري ويون!"....... پيار بہ عجيب آهي! ڪڏهن ڪٿي ڪهڙي حالت ۾ نروار ٿئي ٿو سو انداز بہ نرالو اٿس ۽ نہ زمان جو قيدي نہ مڪان جو!! بس "سچو عشق ٻُڍا نہ ٿيوي توڙي چٽي هوس ڏاڙهي" ۽ عشق جو پنهنجو ئي رنگ آهي. ڍنگ آهي. اياز بہ ان عشق ۾ ئي گهڻو پوڳيو بہ آهي:

عشق ۾ اڄ بہ نہ ٿو مڙين اي 'اياز'،
پيار ۾ ڪيترو تہ لوڙهيو ٿئي.

پر ڏسجي ٿو عشق جي ڀنيت پڙڪڻ کان سواءِ تخليق جي راڻا ريجهي نہ ٿي ۽ شمشير بہ شاعر هو ۽ سچو پچو شاعر هجڻ وڏي ڳالهہ!! ۽ شاعر ٿيڻ ۽ شاعر هجڻ ۾ بہ وڏو فرق آهي ۽ شمشير سڀ ڪجهہ هوندي بہ

ڪجھ نہ هو ۽ ڪجھ نہ هوندي بہ شاعر هو ۽ فقط شاعر هو! هن جي مالها ۾ رڳو لفظ نہ آهن بلڪ جذبن، احساسن، خوابن، سونهن، سرهاڻ، سڳنڌ، سچ جي ڪيفيتن جا ساھ کڻندڙ عڪس موجود آهن. هن جا لفظ نہ فقط ساھ کڻن ٿا پر اهي سماج کي بہ آڪسيجن مهيا ڪن ٿا ۽ اهو ڪم ڪو سچو عاشق شاعر ئي ڪري سگهي ٿو. پنهنجي هڪ غزل ۾ شمشير نازڪ خيالي جو خوب مثال ڇڏيو آهي:

وئي دل کي وٺي، تنهنجي اک جي اَٽي،
ڪٽي نيڻ وري، تون نهار ڪٽي،
تنهنجي زلفن ۾ اک اٽڪي پئي،
ڪبي اهڙي بہ آهي، سينڌ ڦٽي.

۽ هن وٽ سونهن جي ساراھ ڪنهن ڪمال خوبصورتي سان موجود آهي، اهو سندس ئي نرالو ڍنگ ۽ انداز آهي:

هو سهڻي هئي، ڏاڍي سهڻي هئي ايڏي سهڻي،
جنهن کي ڏسندي، اکيون يڪٽڪ جمي ويون ٿي،
جُهڙ مان سورج ليئو پائي، هن جي اينءَ جهلڪ،
ڳالهيون هن جون کنڊ پتاشا، ماٺ بہ مصري ٽڪ،
هڪ ائين جيئن گنهگهريون گونجن، مُرڪي تہ وَڄَ وَڪَڙَ

عشق جا رنگ بہ نرالا تہ ڍنگ بہ نرالا!! هر عاشق جي عشق ڪتا الڳ الڳ ٿئي ٿي، ڪوئي ڪنهن لاءِ ڪائنات کي محورقص ڏسي ٿو. ڪوئي خود کي پرينءَ جو پرتو پائين ٿو. ڪوئي سڳنڌ سرهاڻ سان سجڻ کي ڀيٽي ٿو ڪنهن کي محبوب چنڊ کان بہ وڌيڪ سوڀيا وارو لڳي ٿو. ڳالھ فقط محسوس ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جي آهي ۽ بس! پر اسان جي هن يگاني شاعر سائين شمشير جي عشق جي ڪتا بہ هن جي انداز جيان الڳ آهي. جڻ ڪڪر وسيا تہ پر دل جي زمين ساڳي نوٺ. اڃايل من ۽ تاسوتن! انڌلٺ رنگ تہ ڪڍيا پر اندر جي دنيا ساڳي ٻسي. بي رنگ، مرجهايل. بس اَهڙي ڪنهن مينهن جو انتظار. اوسيئڙو جيڪو وسي، وسي ۽ بار بار وسي ۽ من جي زمين کي سيراب ڪري وجهي ۽ پوءِ دل جي زمين تي نينهن جا

ڪيترائي گؤنچ ڦٽي پون. ڪيترائي گل گلاب جا نڙي پون ۽ من موتيي ۽ مگري جي مهڪار سان واسجي وڃي. پر اهو اوسيئڙو شمشير وٽ اجا آهي. اها تڙپ اجان ساهہ کڻي پئي اها آنڌ مانڌ اجان بي قراري کي پئي ۽ ڏاڍي ڏيمي انداز سان پنهنجي ان ڪيفيت کي اظهاريندي چئي رهيو آهي:

دروازو ڪليل آهي، من ڪوئي اچي نڪري،
سڀ لوڪ سُمهيل آهي، من ڪوئي اچي نڪري.
چنڊ رات چٽي آهي، ڪڪريون بہ وسي هليون،
هر بات بڻيل آهي، من ڪوئي اچي نڪري.
هن برهہ جي بستي ۾ ’شمشير‘ جيهو جوڳي،
ڪجھہ ڏينهن تڪيل آهي، من ڪوئي اچي نڪري.

۽ هن جو نظم ’اڌ صدي جو داستان‘ نرالو بہ آهي تہ من کي ڇهندڙ بہ!!

شمشير جئن آئون اڳ لکي آيو آهيان تہ هڪ شاعر آهي، تنهن ڪري اسان کي هن جي شاعري جا بہ مکيہ موضوع ملن ٿا: هڪ رومانس ۽ ٻيو مزاحمت! ۽ هن جي مزاحمت بہ ڌرتيءَ لاءِ آهي. سنڌ لاءِ آهي، سنڌو جي بقا لاءِ آهي. ڇاڪاڻ تہ هن جاتو ٿي تہ سنڌو جي بقا ئي سنڌ جي بقا آهي ۽ اهو هزارن سالن جو اتهاس آهي تہ سنڌ جي مٿي هزارن ورهين کان پنهنجي اندر ۾ ڪيترن ئي مذهبن کان ويندي روين، رسمن، رواجن، ريتن ۽ تهذيبن تائين گهڻو ڪجھہ پاڻ ۾ سانڍيو ويٺي آهي ۽ اُها ئي پوتر سنڌو آهي جنهن جي ڪنارن تي ويهي هندو مذهب جي رشين رگو ويد جا اشلوڪ رچيا هئا. هنن جي اهڙن اشلوڪن ۾ پاڪ سنڌو جي ساراهہ بيان ٿيل آهي.

- او سنڌو! سڄ جي رهائش واري هنڌ (زمين) تي تنهنجو ستن ندين جو پاڻي ٽن طرفن کان تو ۾ پوي ٿو. تنهن ڪري تنهنجي پاڻي رلندڙ ندين کان وڏيڪ آهي.
- تنهنجو آواز زمين کان آسمان تائين پهچي ٿو....... جڏهن ڪڪر گجگوڙ ڪري وسن ٿا. تڏهن سنڌو ڍڳي وانگي رنيندي وهي ٿي.

• او سنڌو! ٻيون نديون ڪير ڏيندڙ ڳئوئن وانگي تو ڏانهن ڊوڙن ٿيون، جيئن ٻچن کي کير پيارڻ لاءِ ڳئون ڊوڙن ٿيون. انهن ندين جي تون اڳواٽي ٻنهي طرفن کان ڪرين ٿي. جيئن ڪو بادشاهه جنگ جي ميدان ۾ سينا پتي جا فرائض بجا آڻي ٿو! (تاريخ تمدن سنڌ ـ ص:36)

۽ شمشير به سنڌ جو اهو ئي شاعر آهي، جنهن جي سرشت ۾ سنڌ ۽ سنڌو سان پيار رچيل آهي هو پاڻ کي ان کان پري ڪري به ته ڪيئن ڪري؟ هن جو نظم "تهذيب دشمن" هڪ سوچيندڙ ۽ سجاڳ ذهن جو نظم آهي جنهن ۾ هن اسان جي سامهون ٿيندڙ ۽ نظر نه ايندڙ حقيقتن ڏانهن آڱر کڻي ٻڌايو آهي. پر ڇا ٿو ٻڌائي اسان کي، ڪهڙي مام آهي جيڪا اسان کي سمجهه ۾ نه ٿي اچي. ڪهڙو راز آهي جيڪو شمشير اسان جي آڏو کولي ٿو بيان ڪري؟.... ها! هو ڪجهه ته ٻڌائي رهيو آهي. ڪجهه ته سمجهائي رهيو آهي. اهو ئي ته اسان کي پنهنجا ويري سڃاڻڻا آهن ۽ پنهنجي سنڌو کي بچائڻو آهي. ڇاڪاڻ ته "نجات آهي پاڻي، حيات آهي پاڻي"..... ۽ ان حيات کي ۽ سنڌو جي پاڻي کي جي بچائڻو آهي ته پنهنجو ويري سڃاڻڻو پوندو. ڪڙم قبيلي جو ويري، پوءِ پلي اهو ڪڙم قبيلي جو ويري ڪڙم قبيلي مان ئي ڇو نه هجي، ان جي اصليت کي سڃاڻڻو پوندو! شمشير جو اهو نظم 'تهذيب دشمن' پنهنجي اندر ۾ جامع هجڻ باوجود وشالتا رکي ٿو ان تي ڳالهائڻ جي بجاءِ اهو سڄو نظم ئي هت پيش ڪجي ٿو:

## تهذيب دشمن

ڳالهه ڳُجهڙي به هئي،
ڳالهه پڌري به هُئي:
ڪالهه پوئين پهر
ڪير آيا ويا،
راڄ ساري اڳيان ڏيئي ساري ڪري کي ويا ڇُوچڙي:

باهه پنيت ڪيا،
ڪي ته ماٺهو مُئا،

ڳوٺ جو ڳوٺ ڪن ۾ ويو سارو سڙي.

ڳوٺ جي رَڪ مٿان،
دونهن ۽ دز منجهان،
هڪ جُڳن جي جهُريل جهور ٻڍڙيءَ ٿي دلدوز دانهون ڪيون:
ڇو ڀلا ڳوٺ منهنجو ئي هر هر اُجاڙيو وڃي ٿو
اباڻن ڪکن کي ئي ساڙيو وڃي ٿو؟
اڙي ڪوئي آهي جو مون ڏي اچي؟
اڙي ڪوئي آهي جو منهنجي ٻُڌي؟
اڙي راج وارا،
اڙي راج وارا،
اِها وارتا ڪو تہ مون کان پڇي.
ڪير آيا ويا، ڪنهن ڏني ڇُوڇڙي،
ڪوئي آهي جو مون کي سُڃاڻي سگهي،
ڪو تہ مون کان پڇي.
منهنجي ٻانهينءَ جي ڇُوڙن تي تاريخ جا نقش ڄاڻي سگهي؟
مان تہ آهيان مُهيَن جي دڙي جي اُها نِرتڪي،
جنهن سوين بار هن ”سُک نگر“ جي ڊيبل ڪندرن جي مٿان
ڳوٺ نهندي ڏٺا، ڳوٺ ڊهندي ڏٺا.
ڪير ايندا رهيا.
ڪير ايندا رهيا.
ڪير ڏيندا رهيا هر دفعي ڳوٺ کي ڇُوڇڙي؟
مان جُڳن کان اُنهن کي، اُنهن جي اُريءَ ۽ پُريءَ کي سڃاڻان.
هي دهشت ۽ وحشت جا باني مباني
هي شيطان ثاني
هي تهذيب دشمن، هي تهذيب دشمن، هي تهذيب دشمن ئي آهن نياڳا،

مُهين جي زماني کان، سنڌوءَ ڪنارن جي تهذيب تي جي سَڙن پوسرن ٿا.

اڙي راج وارا،
اڙي راج وارا.
اچو ۽ ڏسو منهنجي هٿ تي هي تهذيب دشمن
خبيثن کي شهہ مات جي چال آهي لکيل:
اوهان جِي جي شهڪار تهذيب آهي قديم ۽ عظيم،
ڪرشمو فقط آهي سنڌوءَ جي پاڻيءَ سندو:
جي پاڻي نہ آهي تہ سنڌو ڪٿي؟
جي سنڌو نہ آهي تہ تهذيب ڇا؟

تہ اڄ راڄ وارا،
وڃي پنهنجي تهذيب جي لاءِ سنڌو بچايو
۽ سنڌوءَ جي لئہ اُن جو پاڻي بچايو:
نجات آهي پاڻي،
حيات آهي پاڻي.

هي پيغام آهي مُهيَن جي دڙي جي ٻُڍي نرتڪيءَ جو
اوهان جي امڙ جو.
شمشيرالحيدري سنڌ جو سچو عاشق هو. هن پنهنجي شعرن سان سنڌ سان محبت جا ڪيترائي نقش ڇڏيا آهن. جيڪي وقت گذرڻ سان گڏوگڏ گهرا ثابت ٿيندا ۽ اهو فيصلو بہ وقت ئي ڏيندو تہ شمشيرالحيدري سنڌي شاعريءَ جي افق تي ڪٿي بيٺل آهي. وقت جيئن جيئن گذرندو ويندو آهي حقيقي شاعري جي پرک بہ خود بہ خود ٿيندي ويندي آهي. باقي هن وقت اسان شمشير جي دؤر ۾ رهندڙ هن جي تخليق کي وڌي مان ۽

احترام جي نگاهہ سان ڏسون ٿا ۽ هنن سٽن کي پڄاڻي تي پهچائڻ جو رستو مون کي شمشير جي هڪ آڳاٽي آزاد نظم "اَنت بحر" ۾ ئي نظر اچي ٿو:

هڪڙي لهر پري کان اُيري، ڊوڙي آئي ڪناري ڏانهن
سر کي پٿر سان ٽڪرائي
ريتيءَ ذرڙن کي جرڪائي
نغمن جو جادو ڦهلائي
گم ٿي ويئي اَنت بحر ۾

اَنت بحر جي اَنت تري ۾
سهسين سهڻا موتي سپجن
جن سان جل پرين جون ٽوليون
پري پري سڀ پنهنجون جهوليون
ويون ڪناري تي ورڪائي
سورج داتا کي شرمائي.

زاهده ابڙو

# ۽ مان اڄ موٽي وڃان پيو

اسان مان هر ڪنهن ڪيترائي ڀيرا پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو هوندو تہ زندگي ڇا آهي؟

۽ ڪنهن ويل ٻين کان بہ ضرور پڇيو هوندو تہ زندگي ڇا آهي؟

پر مان سمجهان ٿي تہ اسان کي ڪڏهن بہ ڪنهن جي جواب مطمئن نہ ڪيو هوندو ۽ نہ ئي پاڻ کي اِها پروڙ پئجي سگهي هوندي تہ آخر زندگي ڇا آهي. ڇو تہ اڄ تائين ڪوبہ زندگي جي وصف ٻڌائي نہ سگهيو آهي.

ڪڏهن زندگي خوشي تہ ڪڏهن ڏک نظر اچي ٿي ڪڏهن ڪڏهن تہ قيد، آزادي، سڪون، بيقراري، موذي مرض، صحت مندي، فرصت، جذباتيت، بيوفائي، تجربو، شدت، سستي، دوکو سونهن، سست فريضي، محبت، نفرت، سپنو سگهہ عزت، دولت، حقيقت، دوستي، دشمني، ظالم، سنگدل، رحمدل، پياري، بدصورت ۽ ڪڏهن ناقابل برداشت نظر اچي ٿي، ۽ ايهي سڀ ڪيفيتون هر انسان سان لاڳو ٿين ٿيون. پوءِ جڏهن ڪنهن هڪڙي لفظ جون سنسار ۾ اسان کي هيڏيون ساريون وصفون ملن تہ پوءِ آخر ڪيئن سمجهي سگهجي تہ آخر زندگي آهي ڇا!

استاد بخاري هڪ هنڌ چيو هو تہ:

جستجو ۾ مان مري ويندس تہ ڇا
زندگي جي پوءِ بہ رهندي جستجو

مطلب تہ استاد بخاري کي زندگي جستجو نظر آئي.

علامہ اقبال زندگي لاءِ چيو تہ:

فریب نظر ہے سکون و ثبات
تڑپتا ہے ہر ذرہِ کائنات
سمجھتا ہے تو راز ہے زندگی
فقط ذوقِ پرواز ہے زندگی

علامہ اقبال کي زندگي اُڏام لڳي.

زندگي ڀلي ڪجھ بہ هجي، پر ان ڳالھ تي سڀ متفق آهن تہ زندگي فقط هڪ ڀيرو ملي ٿي. ۽ ان زندگيءَ کي ڪير ڪيئن ٿو گذاري اِهو هر شخص جو پنهنجو فلسفو آهي.

دنيا ۾ ڪيترائي ماڻهو پيدا ٿيا ۽ مري ويا آمدؤرفت جو سلسلو صدين کان جاري و ساري آهي ۽ دنيا ختم ٿيڻ تائين جاري رهندو. اِها ٻي ڳالھ آهي تہ ڪو گمنام بي مقصد زندگي گذاري ٿو ۽ ڪو اهڙو ڀورهيو ڪندي گذاري ٿو جنهن سان هُو دنيا ۾ تاحيات زنده رهي ٿو. هُو پاڻ کي هڪ روشني جيان روشن ٿا رکن شمشيرالحيدري بہ اهڙن ئي روشن مينارن وانگي جرڪندو رهندو.

شمشير سندس نالو ۽ تخلص حيدري هو بدين شهر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪڍڻ ۾ سندس جنم ٿيو ابتدائي تعليم بہ بدين مان ئي ورتائين پوءِ ڪراچي جي سنڌ مدرسہ ۾ اڳيان پڙهڻ لاءِ آيو. شروعاتي ڏينهن ۾ پي ڊبليو ڊي ۾ ملازمت ڪيائين ۽ پوءِ بدين ۾ ڪوآپريٽو بئنڪ جو مئنيجر ٿيو. سنڌيءَ ۾ ايم اي ڪري آزاد نظم تي هڪ بهترين مقالو بہ لکيو هئائين.

شمشيرالحيدري جي سڃاڻپ صرف هڪ شاعر طور نہ هئي هُو نہ صرف آزاد نظم ۽ گيتن جو ڪوي هو پر ساڳئي ئي وقت ارڏو صحافي، بيباڪ ايڊيٽر، ڊرامہ نگار، ڪالم نويس ڪمپيئر، ۽ ڪراچيءَ ٽي ويءَ جو پهريون اسڪرپٽ رائيٽر رهيو. شمشيرالحيدري جو هڪ وڏو حصو صحافت ۾ گذريو ۽ هڪ اهڙو بيباڪ صحافي هو جيڪو صرف پنهنجي قلم کان سواءِ ڪنهن جو چيو نہ مڃيندو هو.

ضياء جي مارشل لا دؤر ۾ سندس لکيل ڪالم ايترا تہ اثرائتا هوندا هئا جو ماڻهو صبح جو اخبار ۾ شمشيرالحيدريءَ جو ڪالم پڙهڻ لاءِ بيقرار رهندا هئا. ان زماني ۾ آمريت جي دؤر ۾ اسان تہ ايترا سمجهدار ڪونہ هياسين جو ايڊيٽوريل ۽ ڪالمز پڙهي سگهون پر اسان کي پنهنجن بزرگن ضرور ٻڌايو هو تہ شمشير جي ڪالمن جي ڪاٽ آمريت کي پنهنجي مثان ڪا لٽڪيل تلوار نظر ايندي هئي. هي اُهو ظالمانہ دؤر هو جو ٻن ماڻهن جي گڏجي ڪچهري ڪرڻ تي بہ پابندي هوندي هئي، نوجوانن کي ڦٽڪا هڻي

جسماني طور تي مفلوج ڪيو پئي ويو پر شاباش هجي شمشير جي قلم کي جنهن حق سچ ڳالهائڻ کان ڪڏهن ڪونہ ڪيٻايو.

شمشيرالحيدري هميشہ پنهنجي ڪالمن ايڊيٽوريل ۽ شاعري ذريعي نوجوانن ۾ اَتساهہ آڻيندو رهيو. سندس شعر آهي تہ:

اُٺو تہ هاڻ پنهنجي هيءَ جنگ آهي آخري
سنڀاليو پنهنجا مورچہ محاذ تي وري وري

وري چوي ٿو:

سدا ظلم جي مات چوندا رهياسين
سرِ عام هر بات چوندا رهياسين
اوهان ڪيترو ئي دٻايو ڏتاريو
اسين رات کي رات چوندا رهياسين

بهترين شاعر اُهو هوندو آهي جيڪو عام ماڻهوءَ جي دل جي هر جزبي، تصور ۽ حساسيت کي پنهنجي اکين ۽ ذهنن تي آڻي لفظن سان سهٽا ويس ڍڪائي ڪويتائون ۽ گيت لکي. اُها شاعري دل کي ڇهي وڃي ٿي جڏهن شاعر جي هر لفظ کي عام ماڻهو پنهنجي داستان سان ڀيٽ ڏئي. شمشيرالحيدري بہ اهڙو ئي شاعر آهي. سندس شاعري آڱرين جي قيد کان آزاد ٿي ماڻهن جي دلين ۾ قيد ٿي وڃي ٿي.

جڏهن شمشيرالحيدري سنڌي ادبي بورڊ ۾ تہ ماهي "مهراڻ" جو اسسٽنٽ ايڊيٽر مقرر ٿيو هو تہ ان زماني ۾ هن وڏ کان وڏِاها ڪوشش ڪئي تہ ايرندڙ شاعرن ۽ اديبن کي عوام ۾ متعارف ڪرائي اِهو ئي سبب هو جو تنوير عباسي، شيخ اياز ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن کي هميشہ رسالي ۾ هڪڙي اثرائتي جاءِ ڏيندو هو.

شاعريءَ جي حوالي سان ڪيترن ئي ملڪن جي شاعري جا ترجمہ پڻ ڪيائين جن ۾ جرمن ۽ انگريزي ادب جي شاعري قابل ذڪر آهي.

پاڪستان ٽي وي تي ٻارن جي پروگرام "روشن تارا" لاءِ ٻارن جا گيت لکيائين. 150 کان متي اسڪرپٽ ۽ ڊاڪيومينٽري، گيت لکيائين.

شمشيرالحيدري جديد سنڌي شاعري جو لکندڙ آهي. هُن رومانوي سان گڏوگڏ مزاحيہ شاعري بہ گهڻي لکي آهي.

شيخ اياز جي نظم "مان ڏوهي هان" جي پيروڊي ڪندي لکي ٿو تہ:

مان ڏوئي آن، مان ڏوئي آن
مون ڪيئي پٽ رڙايا آهن

وري اڳيان شيخ اياز جي "سچ وڏو ڏوهاري آهي" جي پيروڊي ڪندي چوي ٿو تہ:

پٽ وڏو ڏوهاري آهي
روز ازل کان ڪاڙهيو ويو آ
ڏاٽن ۾ چباڙيو ويو آ
ٿاري ٿاري ماريو ويو آ

شمشيرالحيدري جو مزاج اهڙو هو جو دوست ڪچهري ڇڏڻ جو نالو ئي نہ وٺندا هئا. جڏهن بيمار ٿيو ۽ ڪينسر جهڙي موذي مرض اچي وڪوڙيس تہ بہ بيماريءَ جي بستر تي دوستن سان چرچا پوگ ڪندو رهندو هو. هُو هن خطرناڪ بيماريءَ سان بہ وڙهندو رهيو. همت جوان رکيائين.

وري واپس مان زندگيءَ جي ڳالهہ ڪيان ٿي. زندگيءَ جي هڪ وصف بي وفائي بہ آهي ۽ آزادي بہ آهي خبر ناهي تہ 80 سال زندگي سان گڏ هلڻ بعد هو زندگيءَ سان بيوفائي ڪري ويو. يا پنهنجو پاڻ کي زندگيءَ کان آزاد ڪري ويو. يا شايد اسان وٽ پنهنجيون يادگيريون ڇڏي اسان کي دوکو ڏئي پاڻ هليو ويو. 11 آگسٽ 2012ع تي سيني کي اداسيون ڏئي الوداع چئي الائي جي ڪهڙي ديس ڏانهن هليو ويو.

۽ مان اڄ موٽي وڃان پيو
سونهن جي سنسار جا سارائي سرمايا سهيڙي
زندگيءَ کي پيار جو مفهوم بخشي
هڪڙي سُرهي ساک واري
شاهہ سوداگر جي حيثيت کٽي

_ شمشيرالحيدري

اي سباجهڙا ماڻهو! تو ۾ ڇا لڪيل هو جو تنهنجي وڃڻ بعد سڀ توکي ڳولهين ٿا.

زهير حسين حيدري

# ڏيئي جي لاٽ ته هر حال ۾ رهي قائم

آخري ڏينهن ۾ اسپتال ۾ ڪيس پڇڻ وارن جون قطارون لڳل هيون، سوائي چند جي سمورن دوستن ساٿس دل کولي روح جون رهاڻيون ڪيون، جيستائين همت هيس تيستائين هو به سندس شعرن جيان جڙ انتظار ۾ هو ته منهنجا ساٿي اچن ۽ آءُ ساڻن دل جون ڳالهيون ڪريان.

هن وقت جي پيالي ۾، مڏ پنهنجي حياتيءَ جو
باقي ڪو بچيل آهي، من ڪوئي اچي نڪري،
بي داد هن بستي ۾، شمشير جيهو جوڳي،
ڪجھ ڏينهن تڪيل آهي، من ڪوئي اچي نڪري.

اهو شمشيرالحيدري جيڪو سنڌي ادبي سنگت جو باني ميمبر رهيو جيڪو سنڌي ۾ ووٽر لسٽن جي مهم ۽ ون يونٽ خلاف لکين سنڌين جون صحيحون ڪرائڻ واري مهم ۾ انتهائي سرگرم رهيو. جنهن جي ادب سان عشق ڪيترن نون لکندڙن ۾ ادب لاءِ اتساهه پيدا ڪيو. جنهن لاءِ محترمه سلطانه وقاصي هڪ مضمون ۾ لکيو ته "شمشيرالحيدري انهن اديبن مان هڪ آهي جن کي پڙهي مون جهڙن ڪيترن اديبن لکڻ شروع ڪيو" ۽ محترمه مهتاب اڪبر راشدي آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ ملهايل رهاڻ ۾ پڙهيل مقالي ۾ چيو هو ته "نه چاڻ ڪيترين شخصيتن جا انٽرويو ورتا هوندم جن جا اسڪرپٽس شمشيرالحيدري لکيا. بس انٽرويو نه ڪيم ته شمشيرَ جو پنهنجو...... شايد ان ڪري ته ان جو اسڪرپٽ ڪير لکي ها؟" ۽ محترم امر جليل 1972ع جي هڪ مضمون ۾ لکيو ته "شمشير جا مون تي ايترا احسان آهن جو مان جيڪڏهن ست ڄمارون سندس احسان لاهڻ جي ڪوشش ڪريان ته نئين ڄمار گهرجي، شمشير خلاف هڪ لفظ اچارڻ منهنجي آڏو سنڌ ملڪ جي مٽيءَ خلاف ڳالهائڻ جي برابر آهي، اِهو منهنجو ايمان آهي" 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ڪلارڪي هجي يا تماهي مهراڻ جي اسسٽنٽ ايڊيٽري، عبدالشڪور منشي جي هلالِ پاڪستان

هجي يا نصرت پٽو جي هلال پاڪستان جي ايڊيٽري، نئين زندگي رسالي جي ايڊيٽري هجي.

لاڙ جي آخري شهر ڪڏڻ ۾ 15 سيپٽمبر 1931ع رسول بخش خواجہ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ شمشيرالحيدري پنهنجي مامي نذير حسين حيدري جي علمي تربيت مان تيار ٿي. شاعري، ادب، سياست، صحافت، تصوف، فلسفي، مختلف مذهبن جي کوجنا، علامہ مشرقي کان مولانا ابوالڪلام آزاد جي فڪر، مارڪسٽ لٽريچر کان مزاحمتي ادب تائين مسلسل 81 سال علم جي عرق ريزي ۽ عملي طور انتهائي خودداريءَ کي برقرار رکندي، آخري ڏينهن ۾ زندگي ۽ موت جي چڱواٽي تي، آس ۽ نراس جي ڪشمڪش ۾ انتهائي ڏکيون گهڙيون گهاري 10 _ آگسٽ 2012ع تي ڪراچي جي آغا خان اسپتال ۾ دم ڏٽيءَ جي حوالي ڪري، سيني عزيزن، قريبن، دوستن ۽ ساٿين کان هميشہ لاءِ جُدا ٿي ويو.

آخري ڏينهن ۾ جيڪا سٺي ڳالهہ ٿي اُها اِها هُئي تہ، شمشيرالحيدري کي زندگيءَ ۾ ئي دوستن ۽ گهڻگهرن سندس مڃتا جو احساس ايترو ڏياريو جو هن مطمئن ٿي پنهنجو ساهہ ڏنو. پاڪستان آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ 19 مئي 2012ع تي ڊاڪٽر ايوب شيخ جي ڪاوشن سان جيڪا محبت جي منڊلي مچائي وئي، ان کي هر ڪنهن سارا هيو ۽ ان ۾ جيڪا مڃتا ڏني وئي اُن ۾ دل کولي سيني پنهنجي پيار جو اظهار ڪيو ۽ جڏهن محترمہ مهتاب اڪبر راشدي شمشير جي موجودگيءَ ۾ کيس مخاطب ٿي، پنهنجي مقالي جاهي اکر چيا تہ اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا..... هُن چيو تہ: ”شمشير! اڄ توکي اندازو ٿئي تہ سنڌ ۽ سنڌي محبت ڪري بہ ڄاڻن، پڌائڻ بہ ڄاڻن ۽ موٽائي بہ ڄاڻن. اسان سڀ توسان بي انتهائي محبت ڪريون ٿا. تنهنجي ڪيل محبت پاڻ سان سانڍي رکڻ ٿا چاهيون..... اِها محبت موٽائي ڏيڻ تي دل نہ ٿي چوي..... تون سراپا مالامال آهين. سدائين پاڻ کي فقير، پر امير ايترو جو ڏن، دولت سيني کي هيچ ڄاڻين، خوددار ايترو جو پاڙي ناهي پروڙ تہ رات رنجائي گذري“.

شمشير ڪنهن مُلهه تي ڪڏهن نه وڪيو. ڪيڏي به مشڪل هجي پر چوندو رهيو ته "مولا تي ننگ آهي"

جهانِ عشق جو سردار آخري آهيان
حضورِ حُسن ۾ حاضر وري وري آهيان
ملنگ مست الستي قلندري آهيان
عجيب آهيان هزارن ۾ حيدري آهيان

انهي حيدري نه صرف اڪين جو نور نچوئي پر سڀ ڪجهه سنڌ جي حوالي ڪري ڇڏيو. ظاهري اکين سان نه ڏسي به اُميد جي ڏيئن کي وسامڻ نه ڏنو موت سان مسلسل جهيڙي ۾ به ان حوصلو نه هاريو. بلڪ بستري جي ويجهو رت جي رشتيدارن جي اکين جا لڙڪ اگهي به هو تسليون ڏيندو رهيو. چوڻ چئي رهيو هو ته:

انڌيرن ۾ پلجي پئي روشنائي وڏي ڳالهه آهي
اجان وقت کي پيئي ڳولي سچائي وڏي ڳالهه آهي

آغا خان اسپتال ڪراچي ۾ هر پل سنڌس زندگي جا ڌاڳا ٽٽندا پي ويا. عزيز قريب، دوست يار محبتن جا مڻ ڪٽي سنڌس جهولي ۾ وجهي رهيا هئا. محبتون دلين مان اُڌما بنجي اکين مان لڙڪ ٿي وهي رهيا هئا پر شمشير جون اکيون نه انهن عاشقن جي لڙڪن کي ڏسي سگهيون ٿي. نه سنڌس ڪَنَ اظهارِ محبت کي ٻڌي سگهيا ٿي. اسپتال ۾ ايندڙ سنڌس هر دوست ۽ عزيز سنڌس ئي زباني اِهو چئي رهيو هو ته:

هي ظلم آهي اسان سان اوهان جي محفل ۾
اوهان جي ڳالهه اوهان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي.

حيدر بخش جتوئي جي هاري حقدار اخبار يا سنڌس مامي نذير حسين حيدري جي اخبار "اعلانِ حق" ۾ دونهان دار مضمون، عثمان ڏيپلائي جو ساٽيهه ڊائيجيسٽ هجي يا ماهوار پارس جي ايڊيٽري، روزانه هلچل هجي يا جنرل ضياء جي دهشتناڪ مارشل لا ۾ روزانه مهراڻ جي بيباڪ ايڊيٽوريلن، ۽ "پير تي ڏونڪو" ۽ "فقير بيان ڪري ٿو" ڪالم جڻ شمشير

ظلم جي خلاف ذهنن ۾ بغاوت جون باهيون پارينديون وڏي واڪ واڪا ڪندو رهيو تہ:

سدا ظلم جي مات چوندا رهياسين
سرِ عام هر بات چوندا رهياسين
اوهان ڪيترو ئي ڏتاريو دٻايو
اسان رات کي رات چوندا رهياسين

پي ٽي وي جو پهريون سنڌي ڪمپيئر، پي ٽي وي تي پهريون ڊرامو زينت ۽ پهريون سنڌي گيت لکڻ جو اعزاز بہ شمشيرالحيدري کي آهي. فلم سينسر بورڊ ۽ اردو ڊڪشنري بورڊ جي ميمبري هجي يا پيس ورڪرس يونين حيدرآباد جي جنرل سيڪريٽريشپ، اولهہ پاڪستان ليبر فيڊريشن جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبري هجي يا سنڌي ادبي سنگت جي لاڳيتو ڏهہ سال جنرل سيڪريٽريشپ هجي، سِگا جي باني ميمبر هئڻ جو اعزاز هجي يا پاڪستان رائيٽرس گلڊ سنڌ جي باني ميمبرشپ، روشن تارا اسڪول جو پهريون ايڊمنسٽريٽر هجي يا ايوانِ صحافت بدين جو تاحيات ميمبر هئڻ، شمشير ڏيئي جي لاٽ کي جلائيندو رهيو.

ڏيئي جي لاٽ تہ هر حال ۾ رهي قائم،
اِهو ئي منهنجي مقدر جو فيصلو آهي،
پهاڙ جيڏا ارادو رکان ٿو سيني ۾،
هوا جي زور کان ئي زياده حوصلو آهي.

ڏاڍو ڏکيو هوندي بہ شمشير زندگيءَ ۾ ڪنهن کان قرض نہ ڪنيو بکيو رهي بہ ڪنهن جي اڳيان خيرات جي جهولي نہ ڦهلائي.

حسين ساند

# هڪڙو شمشير هو زماني ۾ سو به اج دنيا مان گذاري ويو

10 آگسٽ جي اياڳي ڏينهن تي اِهو ٻڌندي ته شمشير اج آسان کي ۽ سنڌ کي ڪو گهاءُ ڏئي هليو ويو ته جسم ۾ ڪنبڻي وٺي وئي، اکيون حيراني ۽ پريشانيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن تڪڻ لڳن ٿيون اندر ۾ آنڌ مانڌ جاڳي پوي ٿي. پر سواءِ خالي پن جي ٻيو ڪو به منظر نظر نٿو اچي، اکيون آب هاري اندر کي آلو ڪن ٿيون. وقت جو وار ڪنهن خنجر جيان اندر کي وڍي ٿو وجي ۽ پوءِ اسان وٽ سواءِ افسوس جي ۽ هاءِ هاءِ جي ٻيو ڪجهه باقي نٿو بچي.

هاءِ ڙي حياتي!

توکي ڪاٽي ڳولجي!

الائي ڇو؟ ڪنهن هيري جو قدر اسان کي وقت تي ڇو نٿو ٿئي؟ هيءُ کهڙو احساس آهي. جو شمشير جي نالي جيان ترار ٻڌجي به اسان جي جسم کي اسان جي روح کي ڪا خوشبوءِ اربي ٿو وجي. چاهي هو ظاهري طور تي اسان وٽ نه آهي ته به اسان جي سوچ جي سفر ۾ اسان ساڻ آهي هُو اهڙو ته سچو ۽ کرو ماڻهو هو! جنهن ڪيتري به تڪليف ۾ هوندي ڪڏهن به ڪنهن جي آڏو هٿ نه تنگيو هميشه مرڪندي مسڪرائيندي جيون کي الوداع چوندي، اسان کان موڪلائي هليو ويو. شمشير اُهو اِنسان هو جنهن کي پنهنجي ڌرتيءَ سان ايڏي ته محبت هئي جو سنڌ جي سجدي ۾ هميشه سربجود رهيو!

۽ اُن جي ئي عشق ۾ اناالحق جو نعرو هڻندو رهيو! ۽ ڌرتيءَ جي خاڪ کي سرمو سمجهي اُن جي روشنيءَ ۾ ذات جا ڏيئا چمڪائيندو رهيو.

۽ پنهنجي ذات جيان، هُو منڙو اِنسان پنهنجي ذات ۾ به ائين حسين ۽ جميل شخص هو! هميشه پنهنجو رت ست ڏئي ڌرتيءَ جي ماڻهن کي امر تا

بخشڻ لڳو. هميشہ سنڌ جو هيءُ سھڻو ۽ ارڏو سپوت پنھنجي لفظن جي سچ سان سونھن سان سوپيا سان سنواريندو رهيو.

بلڪل هن شعر وانگي تہ:

سونھن کي سنواريندا هلو!
کري روشنيون ٻاري آگُربو
ڏيڻ ڏياٽيون ٻاريندا هلون
جتي نالو اچي سنڌ جو
اُتي سر گھوريندا هلو
ڪنڌ ڪپائيندا هلو.

هو هميشہ پنھنجي منڙي ۽ سپاه لھجي سان سنڌ جي مان ۾ اڳي کان اڳرو رهيو. بقول سائين ابراهيم جويي جي سائين شمشير جي دل ۾ ٻالڪپڻ کان ئي وٺي سنڌ جي سڪ جو سوز سمايل هو. ۽ اُهو آخري هڏڪي تائين رهيو. ايتري قدر جو الائي ڪيتري عرصي کان ايڏي پيڙا ۾ گذاريندي بہ هن ارڏي ماڻھوءَ پنھنجي گھر جي ڀاتين کي بہ اُن وارتا کان بي خبر رکيو. جڏهن صفا بيماريءَ هن عظيم اِنسان جي هڏن جي رت ست کي چوسڻ لڳي تہ پوءِ ظاهر ٿيو. شمشير وانگي هن اڏول اِنسان ڪيئن نہ بيماريءَ کي جيھليو آهي.

ايڏي وحشت جھڙي بيماري ۾ گذاريندي جڏهن هن موتيءَ جي داڻي جھڙي منڙي ماڻھوءَ جو آواز جھيڻو ٿيڻ لڳو تہ بہ هن جي من تي ڪا شڪايت نہ هُئي. چوندو رهيو بابا مون کي منھنجي سنڌ جيڪو ڏنو منھنجي لاءِ جنت مثل رهيو. اجا تائين مون اُن جي عبادت جي تہ شروعات ئي مس ڪئي هئي. اجان تہ مون تي ڏرتي ماتا جو فرض باقي آ.

هِن بيباڪ ۽ بي ضرر اِنسان ڪڏهن بہ ڪنھن سان شڪايت نہ ڪئي هميشہ هٿ ٻڌي سيني جا ٿورا مڃيندو مسڪرائيندو رهيو.

چوندو رهيو بابا دُعا ڪيو اڳتي جي سفر ۾ بہ اهڙي سھڻي مون کي سنڌ ملي.

پوءِ چڻ تہ جيون کي ٻي جند ملي.

۽ ڏسو! ڪيئن نہ آخري عمر جي گھڙي تائين اُن کي پنهنجون چيل ڳالهيون ۽ منڙا لفظ ياد هئا. جڏهن آپا مهتاب راشدي هن کي چيو تہ چانهہ ناهي اچان ۽ جڏهن مُرڪندي پڇيو تہ چانهہ ۾ کير ڪيترو وجهان. ۽ هن ان وقت بہ اِهو جملو ورجايو جيڪو ڪيترو وقت اڳ هن ڳالهايو هو تہ بقدر اشک چشم بُلبل. يعني بلبل جي ڳوڙهن جيترو کير هجي.

اِهي هوندا آهن اُهي ذهن جن جي يادگيرين جا قصا هميشہ ياد رهندا آهن.

سائين شمشير جي نظم جون ڪجهہ سٽون آهن.

گيت مالائون سريلن ٺهڪڙن جون،
۽ ذڪر جي هير جهڙين ٽڏڙين مُرڪن جون چاندوڪيون
گرم لڙڪن جي ٻاٽ،
سادگي، سچائي، قرباني، وَفا، پاڪيزگي،
صبر ۽ حيا جا جيڪي چندن هار مون ڏوري ڏنا
تن جو ڪوئي ملهہ نہ هو!

۽ واقعي شمشير جي هن نظم جي ٽڪري جيان هن جي حياتيءَ جي ڪنهن بہ احسان جو جيڪو هن اسان تي ڪيو آهي، اُن جو ڪو ملهہ ناهي. شمشير جي رڳ رڳ ۾ سنڌ لاءِ اهڙي تہ سڪ سمايل هئي جو هر ويل، هر هنڌ اِهو چوندو رهيو تہ

اهڙو مخلص تہ ڪنهن ڏٺو هوندو
هڪڙي دل سا بہ ڪِٿي وساري ويو!

واقعي هُو حُسيني عشق ۾ حيدري سڏائيندي سنڌ جي عشق ۾ بہ ائين ئي حيدري رهيو. اها هوندي آ محبت جي انتها ۽ جذبن جي سچائي. جيڪا اِنسان کي اُن منزل تي پهچائيندي آهي، جتي اکيون بند ڪري اُن جي عشق ۾ سڀ ڪجهہ ڇڏي ويهي رهڻ تي دل چوندي آهي!

بلڪل شمشير جي هن شعر وانگي تہ
تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو
ڇڻ تہ سنڌوءَ جي ٻئي ڪناري ويو.

الا، الا اِها هوندي آ اِنسانيت جي پرک جيڪا ماڻهوءَ کي مهانتا بخشيندي آهي، ۽ سائين شمشير حيدريءَ جي محبتن جو وَهنوار اسان جي جيون تي ائين ئي آهي جيئن ڪنهن ابهم ٻار سان ماءُ جو اڻ ڪتو پيار.

ڪاش! اسين وقت جي وار کي سمجهندي اهڙي سچن سپوتن جو وقت تي غور ڪرڻ ساڃاهه رکون، ۽ سرخرو ٿيون! ۽ آخر ۾ شمشير جو چيل هن نظم جو ڪجهه ٽُڪر جي سنڌ واسين جي نانءُ، ڪيان ٿي.

جن سان هو ايڏي محبت ڪندو هو ۽ آخري وقت بہ اِها آس سانڍي هايو تہ وري جيءُ اُٿي پوندس!

جي جنت بجاءِ بہ اُٿي وري مون کي ساڳي سنڌ ملي!\
۽ چوندو رهيو تہ!\
’مُنهنجي احساسن جو عنبر، مُشڪ جذبن جي ۽ يادن جو گلاب‘\
ساهہ سان سنڀالي،\
۽ هي سپ ۽ فانوس\
۽ مشعل سدا رکجانءِ روشن\
جيئن اسان جي اڄ جي شاهد، هن اڪيلي وڻ کي انداهيءَ جا پاڇا گم نہ ڪن!

منهنجي پياري حُسن بانو\
الوداع! الوداع: منهنجي پياري سنڌ\
الوداع\
منهنجي پياري سنڌ\
الوداع منهنجي پياري سنڌ\
ڇا ٿي سوچين حسن بانو!\
ڇا ٿي سوچين\
منهنجي پياري سنڌ

مون کي ويڇڙو تہ آهي\
توکي رهڻو ئي تہ آهي

حسين نازل ٿئي، منهنجي وَيجڻ جي مهل،
ان تہ ملهايو
شادمانيءَ جو جشن
تنهنجي پياري، سُونهن ۽ منهنجي سهڻي پيار جي سنگم
روشن ڪيا سڀ ؟؟؟ ۽ مشعل
پوءِ گڏجي پاڻ ڏيندا سين سلامي.
الوداع منهنجي پياري حسن بانو
الوداع منهنجي پياري سنڌ.

عبدالوهاب منشي

# شمشيرالحيدري وري پيدا ڪونہ ٿيندو!

هن ماڻهوءَ جي ڪردار ۽ شخصيت مٿان ڇا لکي ڇا لکجي، هو هڪ سچو ايماندار، مومن صفت ۽ نيڪ انسان هو جنهن ڪڏهن پنهنجي لاءِ ڪجهہ ناهڻ بدران سدائين سياڻي لاءِ چوندي نظر آيو تہ قسمت ۾ جيڪو اج ڪائڻ آهي سو ڪائي ونجي سياڻي جو بندوبست پاڻ موليٰ ڪندو. هو سدائين چوندو هو تہ "منهنجو موليٰ تي ننگ آهي". اج هو ماڻهو اسان جي وچ ۾ ڪونهي رهيو ها مان اهي لفظ سنڌ ڌرتيءَ جي سپوت بهادر ۽ بيباڪ صحافي، نامياري اديب، محقق سائين شمشيرالحيدريءَ تي رکي رهيو آهيان. اڄوڪو ڪالم شمشيرالحيدريءَ جي متعلق لکڻ مان پنهنجي ضمير تي رهيل قرض ادا ڪري رهيو آهيان. اج شمشيرالحيدري کي (مرحوم) لکڻ ۾ تہ منهنجي ڪيفيت تمام گهڻي غمزده آهي، جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي ڪنهن گهر ڀاتيءَ جي وڇوڙي تي سوڳوار هجي، ها مان بہ اج سوڳوار آهيان، مان ائين سوڳوار آهيان جيئن سڄي سنڌ ۾ شمشير جي لاڏاڻي تي سنڌ واسين ۾ سوڳواري واري ڪيفيت آهي. سنڌ جو هر اديب، صحافي، ليکڪ، دانشور توڙي سول سوسائٽي جي هر ماڻهو جي دل ۾ شمشيرالحيدري جي موت جو تڏو وڇايل آهي. هو ڪو عام ماڻهو ڪونہ هو دنياوي طور تي ضرور هو D/9 پاڪستان ڪوارٽر جي هڪ ننڍڙي جهوپڙي نما گهر ۾ رهندو هجي، پر هو ان سماج ۾ پنهنجو ڪردار ۽ آدرشن سان تمام وڏو ماڻهو سڄاتو ويندو هو. هاڻ هو فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري سنڌ ڌرتي کي هميشہ هميشہ لاءِ الوداع ڪري هليو ويو. پر مان اج اهو تمام گهڻي پختگي ۽ ساک سان لکي رهيو آهيان تہ شمشيرالحيدريءَ جي فڪر ۽ سوچ نہ رڳو اسان جي موجوده پيڙهي پر اها سوچ منهنجي پٽ محمد حسين منشي جي پيڙهي تائين هر سنڌ واسي جي دل ۾ زنده هوندي، هو هڪ فقير صفت انسان هو. جنهن کي موليٰ علي عليہ السلام سان بي پناهہ عقيدت هئي. هو هميشہ علي عليہ السلام کي سخي چوندي نظر آيو. هو موليٰ علي مشڪل ڪشيٰ جو پوئلڳ هو. پوءِ ڇو نہ قدرت ان شخص مٿان مهربان ٿئي، نيٺ سندس

زندگيءَ جو خاتمو 21 رمضان موليٰ عليؑ جي شهادت واري ڏهاڙي واري ڏينهن تي هن دنيا مان ڪٽي ڪيس هميشہ لاءِ امر بنائي ڇڏيو. دنيا ۾ شمشيرالحيدري جهڙا ماڻهو جتي پنهنجي سادي زندگيءَ گذارڻ ڪري جتي سندن ضمير مطمئن هوندو آهي اتي هو مرڻ کان پوءِ بہ سندن روح بہ سڪون جي ڪيفيت ۾ هوندو آهي. قدرت اهڙي الاالمست شخصيت کي نہ رڳو دنيا آڏو سرخرو ڪيو پر ڪيس موليٰ عليؑ جي شهادت واري ڏهاڙي اجل سندس روح قبض ڪري اها نشاندهي ڪرڻ ۾ سولائي ڪري ڇڏي تہ هو حيدري هو هو علي موليٰ کي سخي مڃڻ وارو هڪ ڪميٽڊ ۽ باضمير فقير صفت انسان هو جيڪو ساهہ جي آخري سسڪي تائين پنهنجي اصولي مؤقف تان هڪ انچ پوئتي ڪونہ هٽيو. منهنجي خوش نصيبي چئبي تہ شمشيرالحيدري اسان جي گهر جو هڪ ڀاتي هو ان پنهنجي زندگي جو وڏو عرصو منشي هائوس ۾ رهي سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي ادب جي جيڪا خدمت ڪئي اها سنڌ واسي ڪڏهن وساري نٿا سگهن. شمشيرالحيدري کي جيڪڏهن مان پنهنجي گهر جو هڪڙو حصو بزرگ فرد لکان تہ اهو سچ هوندو. هو منهنجي وڏن مرحوم عبدالشڪور منشي، مرحوم محمد اسماعيل منشي ۽ مرحوم فخرالدين منشي جو بهترين دوست هو. ان خاندان لاءِ پڻ اهو اعزاز حاصل آهي تہ شمشيرالحيدري پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي صحافتي ڪيريئر جو آغاز منشي هائوس مان نڪرندڙ نامياري اخبار ”روزنامہ هلالِ پاڪستان“ (جنهن جو مالڪ ۽ باني مرحوم عبدالشڪور منشي) هو. 1954ع ۾ هن بحيثيت اسسٽنٽ ايڊيٽر هن حيدرآباد مان پنهنجي صحافتي زندگيءَ جو آغاز ڪيو. پوءِ هو منهنجي بابا شهاب الدين منشي جو دوست بنجي ويو. مان اهو لکندي فخر محسوس ڪريان ٿو تہ 1983ع کان 1989ع تائين بابا، سائين شمشيرالحيدري کي جهڙي خطرناڪ دؤر ۽ آمريت واري حالات ۾ پنهنجي گهر ۾ رهايو ۽ اتان شمشيرالحيدري جهڙي طرح سنڌ جي ماڻهن جي حقن جي جيڪا ترجماني ڪئي. جيئن ضياء جي آمريت خلاف جيڪا ويڙهہ ڪئي، يقينن اهو بابا جو معنيٰ خيز ۽ دؤرانديشي جو فيصلو هو تي سگهي ٿو تہ ضرور بابا کي

شمشيرالحيدري جهڙي مقناطيسي شخصيت ضياء جي آمريت توڙي سنڌي ادب لاءِ جيڪو تاريخ ساز ڪم ڪيو سو ڪڏهن وساري نٿو سگهجي، شمشيرالحيدري منشي هائوس حيدرآباد ۾ رهي جنرل ضياء جي ڪاري دؤر خطرناڪ مارشل لا، بندوق ۽ ڪوڙي جي دؤر جو جهڙي طرح مقابلو ڪري سنڌي ماڻهن ۾ ويساهه پيدا ڪيو اهو سندس انيڪ شخصيت جو وڏو ڪمال هو. مون پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ شمشيرالحيدري جڏهن حيدرآباد واري اسان جي گهر ۾ رهندو هو تہ اتي ساڻس ملڻ لاءِ سنڌ جي اديبن، سياستدانن ۽ قوم پرستن جا هڪڙا قافلا ايندا هئا تہ ڀيا ميڙ ويندا هئا. سچو ڏينهن هن فقير صفت ماڻهو وٽ چانهہ جو هندو چڙهيل هوندو هو. اتي ڪڏهن شيخ اياز، استادي بخاري، عبدالواحد آريسر، علي بابا، تنوير عباسي، طارق اشرف، حليم باغي، عابده پروين، اسلم آزاد، علي محمد چنا، غلام رباني آگرو، ناز سهتو، جي اين مغل، قاضي خادم، عبدالڪريم پلي، جي ايم ڀڳت، مير حسن آريسر، دستگير ڀٽي، شهمير چوهاڻ، ڊاڪٽر هرچند لوهاڻو سوڏو سنڌ جي سوين ماڻهن جو شمشير وٽ اچڻ وڃڻ هو. پر سندس فقيري لنگر خاني ۾ ڪڏهن ڪا ڪوٽ ڪونہ آئي، شمشيرالحيدري نہ رڳو سنڌي ٻولي جو ناميارو شاعر، صحافي، اديب، ليکڪ، آرٽسٽ، سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن جو باني هو پر هو روزنامہ هلالِ پاڪستان، نئين زندگي ميگزين ۽ روزانہ مهراڻ اخبار جو ايڊيٽر پڻ هو. سائين شمشيرالحيدري سان خانداني طور تي ويجهو رهڻ ڪري مون کي کيس مان تمام گهڻو سکڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو مليو. هو هڪ ڪمال جي شخصيت جو مالڪ هو جيئن هن ايوب خان جي آمريتي دؤر ۾ سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان نہ رڳو سنڌي ٻولي جي بچاءَ جو ڪيس وڙهيو پر پير صاحب پاڳاري جي روزنامہ مهراڻ اخبار ۾ ايڊيٽر هوندي جنرل ضياء جي آمريت خلاف جيڪي تاريخي ايڊيٽوريل لکيا اهو سندس شخصيت جو وڏو ڪمال هو. ڪو وقت هو تہ مهراڻ اخبار فقط هڪ هزار ڪاپي ڇپبي هئي پر شمشيرالحيدري جي لکڻ جي ڪري سنڌ جي يونيورسٽين جا شاگرد فوٽو ڪاپي ڪرائي پڙهندا هئا، اها اخبار سنڌ جي اسٽالن تي ڳولڻ

سان ڪونہ لينديِ هئي. يقينن شمشير جو ادبي پورهيو تاريخ ۾ ڪنهن جو محتاج ڪونهي. هو تہ سنڌ ڌرتي لاءِ پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪري هليو ويو پر اسان شمشير لاءِ اهو ڪجھہ ڪونہ ڪري سگهياسين جنهن جو هو حقدار هو. مان هميشہ چوندو آهيان تہ اسين موجوده صديءَ ۾ مرده پرست قوم آهيون. اسان وٽ انسان جو جيئري قدر ڪونهي پر جڏهن هو هن دنيا مان موڪلائي وڃي تہ اسان روج راڙي پٽڪي جي سواءِ ٻيو ڪجھہ نٿا ڪريون. پر شمشير تہ سنڌ جي مزاحمت ۽ ترقي پسند ادبي لڏي جو سرتاج هو. شمشيرالحيدري اسان جي وچ ۾ هڪ مهتاب جي معنيٰ رکندڙ انسان هو جنهن جي روشني جي ڪرڻن سان سڄي سنڌ جا اديب ۽ ليکڪ فيضياب ٿيندا هئا. هو پنهنجي ذات ۾ هڪ ادارو هو.

مان هن ڪالم ۾ 19 مئي 2011ع ۾ جي هن يادگار شام جو ذڪر ڪرڻ ضروري مناسب سمجهان ٿو تہ ڪراچي آرٽس ڪائونسل ۾ ڊاڪٽر ايوب شيخ جي محنت ۽ جفاڪشي سان شمشيرالحيدريءَ جي اعزاز ۾ جيڪا شام ملهائي ويئي، اها هڪ تاريخي شام هئي. 19 مئي جي صبح جو سائين شمشيرالحيدري مون کي پاڻ فون ڪري چيو تہ توکي اڄ هر حال ۾ ڪراچي پهچڻو آهي، انفارميشن ڊپارٽمينٽ ۽ ڊاڪٽر ايوب شيخ دوستن سان گڏ ڪراچي مهراڻ آرٽس ڪائونسل ۾ مون سان هڪ شام ملهائي رهيا آهن. جنهن ۾ توکي مون تي ضرور ڳالهائڻو آهي. ها مان هن شام مهراڻ آرٽس ڪائونسل جي آڊيٽوريم ۾ پري کان ويهي شمشيرالحيدري جي اکين ۾ هڪ مخصوص چمڪ ڏٺي. هو تمام گهڻو خوش هو تہ جيئڻ سنڌ واسين شمشيرالحيدري جو ٻڌو تہ ان پنڊال ۾ ماڻهن جو هجوم پيريل هو اهڙي تقريب مون هڪ اديب ۽ شاعر لاءِ ڪڏهن ڪونہ ڏٺي تہ ابترا ماڻهو ڪنهن دعوت ۾ موجود هجن. ها اتي سڀئي ماڻهو فقط شمشيرالحيدري جي شخصيت لاءِ پهتا هئا. جن شمشير کي سندس زندگي جي ڪيل پورهئي عيوض کيس پيپنا ڏيڻ لاءِ آيا هئا. اتي تقريب ۾ شازيہ مري، يوسف شاهين، ميڊم مهتاب اڪبر راشدي، جي اين مغل، ڊاڪٽر سليمان شيخ، غلام نبي مغل، رٽائر جسٽس ديدار حسين شاهہ، نصير مرزا، ايوب شيخ سوڏو سنڌ جا

وڏا وڏا اديب شمشيرالحيدريءَ کي ڌسڻ لاءِ ان پنڊال ۾ پهتل هئا. ان تقريب ۾ سندس ڪيل پورهئي جو قرض چڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون مون اتي شمشيرالحيدري کي پنهنجي تقرير ۾ ڳالهائيندي چيو ته شمشيرالحيدري سنڌ جو ليجنڊ ۽ سنڌي قوم جو آئي ڪون آهي. شمشير ڀيهر ڪڏهن تاريخ ۾ پيدا ڪونه ٿيندو ها مان اڄ به پنهنجي لفظن جو پاسدار آهيان ته شمشيرالحيدريءَ تاريخ ۾ ڀيهر ڪڏهن پيدا ڪونه ٿيندو. "بس هڪڙو شمشير هو زماني ۾ سو به دنيا مان اڄ گذاري ويو". پر شمشيرالحيدري جيڪا واٽ ۽ جيڪو ادبي مواد اسان جي قوم لاءِ ڇڏي ويو آهي سو تاريخ ۾ وڏو اثاثو آهي. يقين ڪريو ته اڄ وري سنڌي صحافت ۽ سنڌي ادب کي شمشيرالحيدري جي واٽ تي هلڻو پوندو ته جيئن اسان وري هڪ نئين خوشحال ۽ مستحڪم سنڌ جا مالڪ ٿي سگهون. اڄ وري اسان جي اديبن، شاعرن، قوم پرستن ۽ سول سوسائٽي جي ڪلهن مٿان اهو بار پوي ٿو ته اسان شمشيرالحيدريءَ جي زندگي ۾ سندس ڇڏيل واٽ ۽ سندس اڻ ڇپيل ادبي مواد کي فوري طور شايع ڪرائي، پنهنجي سنڌ جي نئين نسل ۾ متعارف ڪرايون ۽ تاريخ آڏو پنهنجو پاڻ کي سرخرو ثابت ڪرڻ لاءِ شمشير جي ڇڏيل واٽ تي ڪم ڪرڻ تمام گهڻو ضروري آهي ڇاڪاڻ ته گهٽ ۾ گهٽ هن صديءَ ۾ شمشيرالحيدري پيدا نٿو ٿي سگهي.

نسيم حيدري

# بهار جي خوشبوئن وارو ماڻهو، منهنجو بابا شمشيرالحيدري

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ، جيڪو فطرت جي مشاهدي جو وڏي ۾ وڏو شاعر، اعليٰ سوچ، ۽ سهڻي اظهار جو ڏڻي هو. تنهن ماڻهن ۽ پکين جي صحيح پرک لاءِ پنهنجن خوبصورت خيالن جو اظهار هينئن ڪيو آهي.

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي.

جيئن هنج ٻين پکين کان مختلف ۽ سهڻو هجي ٿو تيئن ڪي ماڻهو پنهنجي انفرادي خوبين، لياقت، پنهنجي الڳ سوچ ۽ فڪر جي بنياد ڪان منفرد ۽ مٿاهان نظر ايندا آهن. اهڙا ماڻهو بسنت بهار جي رت جي سڳنڌ جيان هوندا آهن. بهار جي رت، سيني رتن کان پياري ۽ نرالي هجي ٿي. جنهن ۾ جي اچڻ سان باغن ۾ گل ٽڙيو پون، هر طرف هٻڪار ئي هٻڪار پکڙيو وڃي ۽ من ۾ تازگيءَ جو احساس جاڳيو پوي. انهيءَ ئي ڪري شاهہ سائين خاص ماڻهن کي هن خاص رت سان تشبيهہ ڏني آهي.

هيءَ دنيا مختلف عادتن، طبيعتون ۽ ذهن رکندڙ انسان سان ڀريل رهي آهي. هر انسان ٻئي انسان کان رنگ ڍنگ ۽ سوچ ويچار ۾ الڳ آهي. ڪيئي شاهہ، شهنشاهہ، امير کان امير تر ۽ خوب کان خوب تر انسان هن دنيا ۾ آيا ۽ ويا. پر تاريخ ۾ ڪو نالو نشان ڪونهي رهيو تہ انهن انسانن جو نالو جن دنيا ۾ ڪي ڪارناما انجام ڏنا. جن زندگيءَ کي ڪنهن مقصد ڪارڻ گذاريو دنيا کي ڪو نظريو ڪو فلسفو ڏنو ڪا نئين سوچ ۽ اوچو فڪر ڏنو جن انساني ذهنن ۾ نوان خيال ۽ دلين ۾ نوان ولولا پيدا ڪيا. جن جو مقصد ٻين کي خوشيون ڏيڻ ۽ ڏکويل انسانيت جي خدمت ڪرڻ هو. سخت ڪشالن، ڏکن ۽ ڏاڪڙن جي باوجود هو پنهنجي مقصد جي واٽ تي هلندا رهيا. تہ جيئن ايندڙ نسل کي پنهنجي مستقبل جون راهون نظر اچن.

سنڌ جي علم، ادب جي تاريخ تي نظر وجهنداسين تہ خبر پوندي تہ سنڌ ڌرتيءَ پنهنجي صدين جي سفر ۾ ڪيترين ئي وڏين ۽ مشهور شخصيتن کي جنم ڏنو آهي. ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ ۽ هاڻ موجوده دؤر ۾ پڻ اهو سلسلو جاري آهي. ورهاڱي کان پوءِ ڪيترين ئي شخصيتن سنڌي معاشري ۾ تخليقي، تصنيفي، تحقيقي، ثقافتي ۽ لساني ميدانن ۾ نمايان ڪارناما انجام ڏنا آهن. اهو جديد ادب اديبن جي ڪارنامن جو دؤر هو جديد سنڌي ليکڪن جي قافلي، قومي سجاڳيءَ واري هلچل کي وڏي هٿي ڏني، ون يونٽ خلاف لکيو هارين ۽ مزدؤرن جي حقن کي اجاگر ڪيو ۽ عملي ڪم پڻ ڪيو مارشل لائن جا مختلف دؤر ڏٺا. ۽ ان دؤر جون سختيون سٺيون، مٿن ڪفر ۽ ملڪ دشمنيءَ جون فتوائون نوڪيون ويون. ڪيترن کي تہ جيلن جو منهن بہ ڏسڻو پيو پر سچائيءَ جي واٽ جا شيدائي ساٿيهہ تان سر گهوريندڙ اونداهيءَ ۾ لاٽ جلائيندڙ مقصد کي ماڻڻ لاڳيتي جاکوڙ ڪندڙ سنڌي عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪندڙ ان دؤر جا سرواڻ اهي شاعر ۽ اديب ئي هئا، جن اڳتي وڌڻ جون واٽون هموار ڪيون. انهن وٽ سچا جذبا هيا، ڪجهہ جنون هيو عشق هو پنهنجي ٻوليءَ ۽ ڌرتيءَ سان، هو پنهنجي مقصد جي مورچي تي اٽل هيا جن پنهنجي قلم جي تلوار کي ڪڏهن بہ مياڻ ۾ نہ رکيو پنهنجو نور نچوئي تخليق جي ڏيئي کي روشن رکيو انهيءَ قافلي جي سرواڻن مان هڪ سر موڙ شاعر، اديب، ڊرامہ نويس، دانشور، مفڪر، بااصول ۽ بي باڪ صحافي، پنهنجي غريبيءَ تي نازان، پراعتماد ۽ باهمت، درويشاڻي طبيعت وارا، ”مولا تي ننگ آ“ واري روش تي قائم، نهايت سباجهڙي، شفيق ۽ مهربان شخصيت جا ڌڻي شمشير الحيدري جن هيا.

پاڻ هڪ نهايت مهربان، همدرد ۽ پيار ڪندڙ ۽ انتهائي مخلص دل رکڻ وارا پيءُ هئا. انسان جياپي جي جنگ ۾ هميشہ سکن جو تمنائي رهيو آهي، پر بابا سائين سدائين سخت مفلسي، ڏکن ۽ ڏاکڙن واري زندگي ۾ پراعتماد، خوش ۽ پرسڪون رهيا. سندن چهري تي ڪڏهن بہ مايوسين جون ريکائون نظر نہ آيون. نهايت باهمت ۽ تمام سادي طبيعت رکندڙ شخص هيا. دنياوي عيش و آرام سان سندن ڪابہ دلچسپي ڪانہ هئي، پاڻ ڪڏهن بہ

ٺاٺ باٺ واري زندگيءَ کي پسند نہ ڪيائون. ڪڏهن بہ اوچي پائڻ ۽ اوچي کائڻ طرف توجهہ نہ ڏنائون.نهايت فقيري ۽ درويشي طبيعت جا مالڪ هئا. ننڍپڻ کان وٺي پوڙهاپ تائين مسلسل جدوجهد، جفاڪشي، محنت ڪرڻ، ڪشالا ڪڍڻ، سخت ۽ اٽانگن پيچرن تي هلڻ، ڪٺن تڪليفن کي برداشت ڪرڻ جا عادي هيا.

ڪيسي ۾ ڏوڪڙ هجن چاهي نہ هجن تہ بہ خوش، فڪر ناهي ڪرڻو، هو ذات جو ڏٺي هيو. ڏاتر ڪيس خاص مٽيءَ جي خمير مان ناهي، بي انتها صلاحيتن ۽ خوبين سان نوازيو هو جهڙو سندس نالو تهڙي سندس شخصيت.

سندس نالي جي معنيٰ "حيدر جي تلوار". جيڪا نہ ڪڏهن ٿٽي نہ ڪڏهن ڪنهن جي اڳيان جهڪي، هو حيدر جو حبدار هو اهو حيدري رنگ ئي هو جنهن کين ٻين کان الڳ منفرد ۽ مٿاهون ڪيو هو.

"عجب آهيان، هزارن ۾ حيدري آهيان"

سندس ڪيترائي روپ ۽ پهلو آهن، شاعر، ڊرامہ نويس، ڪهاڻيڪار، صحافي، ڪالم نگار، ايڊيٽر، ڪمپيئر، محقق، دانشور، فلسفي، مصور، حڪيم ۽ عظيم انسان، سندس ڪهڙي پهلو کي اجاگر ڪجي، جيڪڏهن شاعر جي حيثيت سان ڏسون ٿا تہ سندس شاعري جيڪا تمام گهڻي ڪونهي پر جيڪي بہ پاڻ شعر چيا اٿس، اهي معياري، عاليشان ۽ اعليٰ مقام رکندڙ آهن، سندن ٻولن ۾ ترنم ۽ موسيقيت اهڙي نموني رچيل آهي جو زماني گذرڻ کان پوءِ اڄ بہ اهي گيت نوان، سدا بهار ۽ وڻندڙ آهن، جن کي وري وري ٻڌڻ تي دل ڪري ٿو. جهڙوڪ مهہ جبين قزلباش جي آواز ۾ ڳايل گيت، "تون ياد وري آئين" يا وري غفور گل جو ڳايل "اڄ موج آئي من تي" طاهره سيد جي آواز ۾ "بوند بهار واهہ واهہ" زرينہ بلوچ جو "جبل مٿي جهڙ" محمد يوسف ۽ قزلباش جي آواز ۾ "مون کي توسان پيار آهي" شازيہ خشڪ جو "حسينا پوپري" ۽ "تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو" اهڙي طرح ٻيا بہ ڪيترائي ٻارن لاءِ ڳايل گيت آهن جن جو مجموعو نالي "روشن تارا" ڇپجي چڪو آهي. سندن ڪيترائي شعر اسٽيج جي سونهن

ڀٽبا رهيا آهن، سندن بيان رواني، گهاڙيٽو سڀ الڳ ۽ منفرد آهن، پاڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ آزاد نظم جو باني پڻ هيو جيئن،

چوي ڪير ٿو تون ڪجهہ نہ ڪر،

پيلا ڪير ٿو توکي روڪي

هڪ اديب کي لکڻ لاءِ وقت ۽ ماحول جي ضرورت هوندي آهي پر بابا سائين واحد اديب آهن جنهن جيڪو ڪجهہ بہ لکيو، گوڙ شور ۾ ٻين سان ڳالهائيندي ۽ ڪچهريون ڪندي لکيو شعر بہ پيا سرجندا ۽ ڪچهريون بہ پيون هلنديون. ڪنهن چيو تہ گيت لکي ڏيو تہ 5 منٽن ۾ گيت تيار، طبيعت ناساز هجي يا تپ بخار جو حملو ٿيو ۽ بہ روشن تارا پروگرام جو اسڪرپٽ تيار ٿي ويندو هو يا وري ڪنهن ڊرامي جي قسط مڪمل ٿي ويندي هئي.

هو تخيل جي انتهائي بلندين تي پهتل هو قلم جو ڏڻي ۽ لفظن جو جادوگر هو لفظ سندن هٿن جي اشارن جا محتاج هيا. بابا سائينءَ ٽيلي ويزن کي ڪيترائي لازوال گيت ۽ ناٽڪ ڏنا آهن. هو ٽيلي ويزنن جو پهريون سنڌي ڊرامہ نگار آهي، هن ”زينت“ پهريون سنڌي ڪامياب ۽ سلسليوار ڊرامو لکيو بيشمار ڊرامہ لکيا جن ۾ ”ناهہ پلتڻ، مومو ساڳي واردات، ڪاڪ محل، اي زمانن جا ضمير ۽ وفا ڪي پيڪر (حرن تي لکيل ڊرامہ) وغيره مشهور ۽ يادگار آهن. پاڻ ڪيتري ئي وقت تائين پنهنجا آتم ڪٿا، ”فقير بيان ڪري ٿو“ جي نالي سان. ڪالم لکندو رهيو پاڻ دلير صحافي هيو. ”مهراڻ“ اخبار کي ان جي ڪري ئي عروج مليو هو پاڻ نئين زندگي، مهراڻ رسالي ۽ هلال پاڪستان اخبار ۾ ڪم ڪيائون. انهن ادارن کي رجعت پسنديءَ ڏانهن نہ وڃي ويو بلڪہ ان جي معرف سنڌ جي ترقي پسند ادب کي وڌائڻ ۾ هميشہ ڪوشان رهيو. پي ٽي وي تي پهرين سنڌي ڪمپيئر جو اعزاز پڻ ڪيس حاصل آهي.

پاڻ سنڌ جي مشهور سماجي تنظيم سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن جي باني رڪنن مان هيا. سنڌي ادبي سنگت جي باني رڪن جي حيثيت سان پڻ ڪم ڪيائون، اردو ڊڪشنري بورڊ ۽ فلم سنسر بورڊ جا ميمبر پڻ

رهيا. ون يونٽ، ايم آر ڊي، سنڌي ٻولي جي واڌاري لاءِ متحرڪ رهيا ۽ ڪيترن ئي سماجي، سياسي تحريڪن جا سرواڻ رهيا.

سنڌي نوجوانن ۾ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ محبت ۽ سنڌي ادارن جي ترقيءَ جا هميشہ خواهشمند رهيا ۽ ان ڏس ۾ پاڻ پتوڙيندا رهيا. بابا سائين، بااصول ۽ باشعور رهيا، ڪڏهن ڪنهن عامر ۽ جابر آڏو ڪونہ جهڪيا. حق ۽ سچ چوڻ وارا بي باڪ انسان هيا، ڪڏهن بہ اصولن تي سودي بازي نہ ڪيائون، پوءِ چاهي سندن نوڪري رهي يا نہ يا ڪيتريون ئي مشڪلاتون اچن، انهن جي پرواهہ ناهي ڪرڻي. نهايت فقير طبيعت سان گڏ غريب جا هڏ ڏوکي ۽ همدرد هيا. ٻارن سان ٻار، وڏن سان وڏا. عالمن سان عالم، فلسفين سان فلسفي هيا.

بابا سائين پاڻ هڪ ڪامياب حڪيم بہ هيا. ڪيترن موذي مرضن جا علاج ڪيائون ۽ نسخا تيار ڪيائون، ڪينسر جي مرض جو علاج ڪندي خبر ناهي ڪڏهن پاڻ ان موذي مرض ۾ مبتلا ٿي ويا. پر همٿ نہ هاريندي پنهنجي حڪمت ذريعي پاڻ پنهنجو علاج پڻ ڪندا رهيا. افسوس! اسان گهر ڀاتين کي دير سان خبر پئي، کين پنهنجي بيماريءَ جو غم نہ هيو پر اکين جي وڃڻ ڪري، جيڪو سندس تخليقي عمل رڪجي ويو هو تنهن کيس وڏو صدمو رسايو ۽ ان ڳالهہ کين وڌيڪ ڪمزور ۽ بيمار ڪري ڇڏيو هو ذهني ۽ جسماني طور ٻوٽي ٿيندا ويا. ڪاڻ پيئڻ ڇڏي ڏنائون، سندن چوڻ هو تہ "لکان نٿو تہ ڪاوان ڇو؟" جيڪو انسان عمر ساري لکڻ جو ڪم ڪندو رهيو هجي ۽ تمام گهٽ ننڊ ۽ ڪاڏي جي جوانن کان وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي سگهہ رکندو هجي، هلڻ ڦرڻ وارو انسان هڪ جاءِ تي ويهجي وڃي تہ ان جي ذهني حالت ڇا ٿيندي...؟؟؟؟

ظاهري طور بابا سائين اسان کي محسوس نہ ڪرائيندو هو، پنهنجي تڪليف جو ڪڏهن بہ اظهار نہ ڪيائون، نہ وري پريشانين جي شڪايت ڪيائون. نهايت صابر ۽ شاڪر هيا. مون کان ڪڏهن بہ وسري نہ سگهندو بابا سائين جو اهو چهرو جيڪو اسپتال ۾ تڪليفن ۽ اذيتن جي سبب مرجهائجي ويو هو. لفظن ۾ بيان ڪري نٿو سگهجي، نيٺ 21 رمضان

جي رات اسان کي دعائن ۾ اهوچوڻو پيو ته اي الله! بابا کي صحت ڏي يا وري پنهنجي امانت کي پاڻ وٽ گهرائي وٺ. دنيا ۾ بابا سائينءَ جيترين تڪليفون ۽ پريشانيون ڏٺيون، اوترو ئي سندس آخرت ڀلاري ٿي. برڪتن وارو مهينو ڀلارو جمعي جو ڏينهن، 21 رمضان، حضرت عليءَ جي شهادت جو ڏينهن، فجر جو وقت، رحمت خدا جو وسڻ ۽ چهري تي نور جو اچڻ.

اهو ڪو پيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

اڄ اهو ڪمرو جتي ڪتابن ۽ اخبارن جي ڍير جي وچ ۾ بابا سائين، ڪرسيءَ تي ويٺي پنهنجي ڪم ۾ مشغول نظر ايندا هيا. ويران ۽ اداس نظر اچي ٿو. بس بابا جون ڪجهه يادون ان ڪمري سان وابسته آهن. دل کي يقين نٿو اچي ته بابا جن اسان کان جدا ٿي ويا آهن. جڏهن لڳي ٿو ته بابا جاڻ فون ڪري اسان سيني گهر وارن جي خيريت پڇندو.

آءٌ خراج تحسين پيش ڪريان ٿي بابا سائينءَ کي، سلام بابا جي صبر ۽ همٿ کي، سلام ان جي اکين مان وهندڙ لڙڪن کي جيڪي ڪنهن تڪليف جي ڪري نه پر اهي لڙڪ هئا سنڌ ڌرتيءَ کي ڇڏڻ جا ۽ پنهنجن پيارن جي وڇوڙي جا.... شمشيرالحيدريءَ جو موت هڪ شخصيت جو نه، پر هڪ تاريخ ۽ هڪ تحريڪ ۽ هڪ عهد ۽ اداري جو موت آهي. جيستائين سنڌ آهي بابا جو نالو هميشه روشن رهندو. يقين آهي ته رب پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا ڪئي هوندي، هن ڌرتيءَ تي هو هميشه اسان جي دلين ۾ زنده ۽ سلامت رهندا.

نوٽ: (بابا سائين شمشيرالحيدريءَ جي پڇاڙيءَ جوڳي حالت تي لکيل هڪ خيال)

منهنجو بابا

ڏات ڏٺي او ڏات ڏٺي، ڇا ڏاتر توکي ڏات ڏني،
سوچ جي اهڙي سندرتا، جڻ رابيلن تي رات پئي.

هو جيڪو ڪائنات جو تخليقي اسرارن تي نظر رکي ٿو

جيڪو ڌرتي ۽ آڪاش جي رشتن کي ڄاڻي ٿو

هو جيڪو صبر جي انتهائي چيڙن تي بيهي،
اصولن جي پاسداري ڪري ٿو

هو جيڪو مٽي ۽ ماڻهپي جو مان ڄاڻي ٿو،
ڏاڍ ۽ ڏمر اڳيان اڏول.

زندگيءَ جي انيڪ گردشن ۽ مشڪلاتن ۾،
حوصلي سان مرڪندو رهي ٿو.

هو جيڪو حق، حسن ۽ خئير جو پاسدار آهي،
محبتن جو مبلغ ۽ عشق جو امانتدار آهي،
ضعيف هوندي قلم جي ساک سنڀاليندو اچي،
هو جيڪو زندگيءَ جي تلخين کي بي فڪري جي گلاسن ۾ اوتيندو
ماحول جي بيچين پيڙائن کي سگريٽ جي دونهين ۾ اڏائيندو
فڪر ۽ فهم جا چٽ چٽيندو رهي ٿو

هو جيڪو عمر جي آخري ڏهاڪي تي بيهي،
سچ ۽ سونهن جا هوڪا ڏيندو رهي ٿو
سو منهنجو پيارو بابا آهي

شال پنائيءَ جي پوڻ جو فقير صفت ماڻهو
سدا سلامت رهي ۽ سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جا گهڙا ڀريندو رهي.

نوٽ: (ڪجھ سال اڳ بابا جي سالگرهه تي لکيل تاثر)

## بس ڪجھ پل....

اي موت! بيهي رھ،
نہ گهٽاءِ فاصلن کي،

بي نور اکڙين جي ويرانين کي ڏس،
ڏڪندڙ هٿن جي لرزش کي ڏس،

ڏس توسان، اکيون ملائي،
ڪجھ چئي رهيو آهيان،
وڙهي رهيون آهن،

جهور جسم سان ۽ بلند حوصلي سان،
آءٌ ذات ڏٺي، آءٌ سراپا سچ،
توسان هلڻ کان انڪار ڪريان ٿو
ها! آءٌ زندگيءَ سان پيار ڪريان ٿو

دل جي نازڪ رڳن ۾،
اميدن جي لاٽ ٻاري،
آس ۽ نراس جي چؤواٽي تي،
تخليق جي اڏام سان،
آڪاش جي بلندين تان،
ڌرتيءَ جي، خوشبوءَ کي،
پنهنجي ساھ ۾ سمائي،
ڪو گيت لکڻ ٿو چاهيان.

انوکي نور سان سڀ ڪجھ ڏسان ٿو

پنهنجو پاڻ تي حيران ۽ نازان،
امر آهيان، مرڻو نہ آهيان،
بس! قلندري پيڙي جو فقير،
هر فڪر ٿي بي نياز مولائي آهيان.

ڇا آهي؟ درد نٿو ڇاٽان،
زندگيءَ جي تلخين جو زهر،
زم زم ڪري پيتو اٿم،
۽ پي رهيو آهيان،
تون ڇا مون کي مات ڏيندين،
آءٌ توکي مات ڏيان ٿو.

اي موت جا فرشتا!
ڇو منهن گوڏن ۾ هٽي روئي رهيو آهين،
نہ رو پنهنجي بيوسيءَ تي،
ڇا ياد ڪندين،
توسان گڏ هلان ٿو.

پر! ٿورو ترس يار،
توکان ڪجهہ پل گهران ٿو
پنهنجن پيارن سان گڏ گذارڻ واسطي،

اي موت! بيهي رهہ!
نہ گهٽاءِ فاصلن کي،
توسان گڏ هلان ٿو
بس ڪجهہ پل گهران ٿو!

ڊاڪٽر ايوب شيخ

# وقت گزري ڪونہ ٿو، پاڻ ئي گذرون پيا

سنڌ جي ناميारي شاعر، اديب، ايڊيٽر ۽ صحافي، سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي باني‌ڪار، ٽماهي ”مهراڻ“ ڇام شورو ۽ روزاني ”مهراڻ“ حيدرآباد جي ايڊيٽر، روشن خيال ليکڪ شمشيرالحيدري جمعي ڏينهن صبح جو گذاري ويو. بقول سندس شعر جي:

هڪڙو شمشير هو زماني ۾،
سو بہ دنيا مان اڄ گذاري ويو.

شمشيرالحيدري 80 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو. هن گذريل صديءَ جا 68 ورهيہ ۽ هن صديءَ جا 12 ورهيہ ڪل خوشي، زبردست محنت، سنڌي ادب جي بيش بها خدمت ڪندي گذاريا. هن جي زندگي زبردست گذري، اها هن شعوري طور زبردست گذاري، اصل ۾ انسانن جي اڪثريت زندگيءَ کي گهاريندي آهي، پر هن ان کي گذاريو ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڪري ڏيکاريو. هو سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن توڙي صحافين ۽ شاعرن ۾ پري کان نظر ايندڙ اڪيلو شخص هيو جيڪو پنهنجي ذات سان سٽيل، زندگيءَ جي سمورين مجبورين کي بنا رڙ دانهن جي پُٺيءَ تي کڻي هلندڙ هيو. ايستائين جو ڪئنسر مٿس ادائي ورهيہ اڳ حملو ڪيو هيو تہ هن ان کي بہ ساڳئي وهنوار ۽ صبر سان تسليم ڪندي ان سان پاڻ منهن ڏيڻ جو فيصلو ڪندي ڪنهن کي بہ تڪليف ڪانہ ڏني هئي. شمشيرالحيدري سنڌ جي انهن اديبن ۽ ليکڪن ۽ ايڊيٽرن مان هيو جيڪي پنهنجي ويهڻ لاءِ ٽيڪ استعمال نہ ڪندا هيا. بنا ٽيڪ ويهڻ ۽ هلڻ ۽ زندگيءَ جا مزا وٺڻ جا اهي فن رڳو ڪجهہ ماڻهن سکيا آهن. شمشير انهن ۾ شاندار هيو.

سندس زندگيءَ جا آخري ڪجهہ مهينا هن سان الاهي حجت رهي. الاهي ڳالهيون ڪيائين. ڳالهائڻ ۾ بيباڪ هيو آهستي آهستي ماڻهن جي ڪل لاهي، پنهنجو ڪم پورو ڪري ڇڏيندو هيو. تمام گهڻن ماڻهن سان سندس ملاقاتون، واقفيتون، رهاڻيون، رشتا هيا. هن جو خيال هيو تہ انهن سمورن ماڻهن کان هڪ ڳالهہ وسري ويئي هئي تہ انهن کي سمورو وقت سنڌ

جي ادب ۽ سماج لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ ڪرڻو هيو. هن کي ڪنهن بہ ٽڙي ويل، پُليل، پتڪيل ماڻهوءَ تي ڪوبہ افسوس نہ ٿيندو هيو. هو انهن معاملن ۾ پنهنجو وقت وڃائڻ بدران پنهنجي ڪم تي لڳو پيو هوندو هيو.

سنڌي ادبي بورڊ ۾ هن جو اوائلي زماني ۾ هڪ سينيٽر مرحوم سان ڪنهن ڳالهہ تي تڪرار ٿي پيو. سينيٽر صاحب چڙي پيو. هو چڙڻ تي شمشير جي صبر تي. اوچتو پنهنجي شهنشاهي فرمان مان، شمشير کي ”هاٿي جو هاٿي“ گهر خالي ڪرڻ جو حڪم جاري ٿيو. شمشير گهر اندر وڃي پنهنجي گهر واري کي ٿيڙ ڪٽڻ جو چيو. پيئي ادبي بورڊ جي بلڊنگ کي هٿ لوڏيندا، چام شوري جي مين هاءِ وي تي پنڌ ڪندا. زماني جي ”ادائن“ ۽ دلربائين“ تي ٿهڪندا. پيناڙي جي پراڻي روڊ تان پنڌ ڪندا دوائن جي ڪمپني ۾ موجود پنهنجي عزيز وٽ وڃي ترسيا. هڪ هفتي کان پوءِ، سينيٽر صاحب ماڻهن کي وچ ۾ آڻي شمشيرالحيدري کان ”ڦڪي معافي“ عرف ”معذرت“ گهري. شمشيرالحيدري اهڙي سخاوت کان انڪار ڪيو ۽ سنڌي ادبي بور ڊکي باءِ باءِ چئي ڇڏيو. تاريخ جي سيني تي شمشيرالحيدري سان اها ”حڪمران ڏاڍائي“ اڄ بہ پنهنجي مٿان چٿرون ڪري، شمشير کي وڏيڪ مانوارو پيئي بڻائي.

شمشيرالحيدري کي سندس عزيز ۽ اسان جو دوست ڊاڪٽر مسرت خواجہ سندس گهران وٺي ڪلفٽن جي اسپتال ۾ وٺي آيو. اتي ايترو ٿيو جو گرمي ۾ گهر اندر ٿيڙن ڪرڻ ۽ هر ڪرنڊڙ پليٽ تي شمشير جو اهو پڇڻ تہ ”ڇا ڪريو؟“ کان بچي ويو. گهر جي ”ڪرِ ڪرِ“ کان پري ڪئنسر ۾ مبتلا شمشيرالحيدري آرام سان دوستن سان ڳالهائڻ. فون ڪرڻ ۽ خصوصي طور. ٽي وي چينلن سان نہ ڳالهائڻ جي ورزش ۾ لڳي ويو. مون کيس ڪي ٽي اين يا ٻين دوستن جي سٺي هجڻ ۽ انهن سان بہ چار لفظ ڳالهائڻ جي حجت ۽ فرمائش ڪئي تہ هن چيو تہ ”اها گارنٽي ڪير ڏيندو تہ چينلن تان بيوس حالت. حالتِ زار منهنجي مفلسي جون عجيب ۽ هوش ربا ڪهاڻيون نہ ايندين“ قادر لاشاري کيس چيو تہ ”اوهان جيڪي چوندا اهو سڀ ڏينداسين. اوهان رڳو اسان تي مهرباني ڪريو“ پوءِ اخبارن ۽

چينلن سندس مرضيءَ سان خبرون هلايون. عمر جي ان حصي ۾ موت جي واديءَ جي ان مسافر کي پنهنجي مسڪيني حال تي ناز هيو ان تي ڪنهن کي بہ چئر ڪرڻ جو مجاز ۽ مالڪ نہ ٻڌائي سگهندو هو. ان اسپتال ۾ سندس جسم ۾ موجود سرطان سندس جسم جي هڏين کي جڪڙي ڇڏيو هيو. سرطان جسم جي ٻين عضون جي سموري سسٽم کي ختم ڪرڻ لاءِ خرابيون وڌائي رهيو هيو. ان حالت ۾ مون کي ساڻس ڪيئي ڳالهيون پڇڻيون هيون، ڪيئي اهم تاريخي گواهيون وٺڻيون هيون، ڪيئي رڪارڊنگس ڪرڻيون هيون. اهو سڀ ڪجهہ پهرين ٿيڻ گهرجي ها، جڏهن سندس صحت بہ هئي تہ يادگيرو بہ هيو. مون کي ڪجهہ سنڌ جي وڏيرن، انهن جي سنڌ دشمنين تي ڪي حوال پڇڻا هيا. هڪڙي ڏينهن ’چيائين تہ ”بہ ڏينهن ترس، سيني جا ليکا صاف ڪنداسين“ سندس صحت بحال ٿي نہ سگهي. تاريخ جي باري ۾، ارهہ زوراين جي باري ۾ سنڌ جي سجڻ نما دشمنن جي باري ۾ هن کي ڪيئي يادگيريون ٻڌائڻيون هيون. پر اهو سڀ ڪجهہ نہ ٿي سگهيو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪلچر کاتي وارا ڪيس آغا خان وٺي ويا. جتي ساڻس ڪيئي دفعا ملاقاتون ٿيون. اتي سندس ڳالهائڻ، کائڻ پيئڻ بند ٿيندو ويو. شمشيرالحيدريؔ سرطان مخالف دوائن جي ڪري آهستي آهستي ڳري پيو. سندس جسم تان ماس قرض وانگر لهڻ لڳو. هڏن جي سخن ور جمعي ڏينهن ساهہ ڏنو پر ويساهہ نہ ڏنو. هن جي بيباڪي، هن جي مسڪيني حال ۾ خوش رهڻ جي ادا ۽ سنڌي ادب کي سوين ڪتاب ڏيندڙ شمشيرالحيدري اڄ اسان جي وچ ۾ ناهي رهيو. هن موقعي تي، سنڌ جي اديبن، شاعرن، ليکڪن کي اها گذارش آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ”محنت“ اوتري ڪرڻ سکن، جيتري شمشيرالحيدري ۽ ان زماني جا اديب ڪندا هيا. هاڻي وري محنت جو زمانو اچي پيو. اچو تہ ”گوگلي اديبن“ Google Writers ۽ ”ڪٽو ۽ چاپيو“ Cut & Paste واري روش ڏاريندڙ رواجي اديبن جي قلعن کي ڊاهي شمشيرالحيدري جي محنت ۽ ساک سان نهيل قلعن کي آباد ڪريو.

شمشيرالحيدري جا ڪجھ شعر

”وقت“ جي نالي سان هڪ نظم ۾ لکي ٿو:
وقت آهي بادشاھ،
وقت ڪي آهي سلام.
وقت ڪنهن جي لاءِ ترسي ڪونہ ٿو.
وقت ويندو نيٺ گذري، جو ويو گذري سو موٽي ڪونہ ٿو.
وقت ڪيئن گذري ويو ڪل ئي نہ پئي،
سڀ غلط آهي، غلط آهي، غلط!
وقت بي حرڪت، سراسر بي وجود:
لازمانيءَ ۾ مڪانيت جو حُسنِ اتفاق،
ڪهڪشاني روشنين، اونداهين جو کيل، گردش
ابتدا کان انتها تائين فقط هڪڙي خيالي شاهراھ،
جنهن تي دم دم زندگيءَ جا قافلا گذرن پيا،
وقت گزري ڪو نہ ٿو
پاڻ ئي گذرون پيا.

سنڌو ندي جي بچاءَ ۽ ان کي سنڌو سڀيتا جو بنياد ۽ دائمي نشان سڏيندي ان جي حفاظت لاءِ ”تهذيب دشمن“ نظم ۾ شاعر چئي ٿو:
اڙي راڄ وارا،
اڙي راڄ وارا،
اچو ۽ ڏسو منهنجي هٿ تي هي تهذيب دشمن
خبيثن کي شهہ مات جي چال آهي لکيل:
اوهان جي، جا شاهڪار تهذيب آهي قديم ۽ عظيم
ڪرشمو فقط آهي سنڌوءَ جو پاڻيءَ سندو:
جي پاڻي نہ آهي تہ سنڌو ڪٿي؟
جي سنڌو نہ آهي تہ تهذيب ڇا؟
تہ اي راڄ وارا،

وجي پنهنجي تهذيب جي لاءِ سنڌو بچايو
۽ سنڌوءَ جي لئہ اُن جو پاڻي بچايو:
نجات آهي پاڻي،
حيات آهي پاڻي،
هي پيغام آهي مهين جي دڙي جي ہڏي نرتڪيءَ جو اوهان جي امڙ جو.

آئون شمشيرالحيدري جي پونئرن، گهرواري، نياڻين، پٽن، پوٽن، ڏوهٽن ۽ ڏوهٽين، دوستن، اديبن، شاعرن ۽ صحافين سان تعزيت ڪندي انهن کي پڻ گذارش ڪرڻ ٿو چاهيان تہ شمشير جي سمورين لکتن، ٽڙيل پکڙيل ڪاغذن، تقريرن، مقالن کي سهيڙيندي سنڌ جي هن اورچ ادبي هيري کي ياد رکندا اچئون.

امين لاکو

# عشق جو آخري سردار ۽ موڪلائي ويو

سنڌ تان هڪ اهڙو دؤر به گذري چڪو آهي، جڏهن ترقي پسند اديب ۽ ادب جي راهه ۾ ڪيترين ئي رڪاوٽون وڌيون ويون. تنگ نظر ملان ان دؤر ۾ هر ان تحرير تي مذهبي غلبي جي زنجير وجهڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن جي اکر اکر سندس جهالت ۽ گهٽ نظري کي نيس پئي پهچائي، ان دؤر ۾ سنڌ جي جيد عالم مولانا غلام محمد گرامي انهن ملن کي چئلينج ڪيو ۽ هن "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" جي نالي سان عالم آشڪار مقالو لکي، نه صرف انهن مذهبي ٺيڪيدارن جا وات بند ڪيا، پر ترقي پسند ادب جو به ڀرپور دفاع ڪيو. ساڳئي طريقي سان ايوبي آمريت جي دؤر ۾ وري شمشيرالحيدري به علمي محاذ تي سنڌ جو مضبوط مورچو اڏيو ۽ ايم آر ڊي تحريڪ جي سپهه سالار طور ڪم ڪيو. شمشير هڪ ئي وقت شاعر، ڊرامه نگار، صحافي، مترجم، نقاد، ٻولي جو پارکو اسڪرپٽ رائيٽر ۽ مرتب رهيو. هو گوناگون شخصيت جو مالڪ هو. تمام وڏن عهدن تي به رهيو ته بيروزگاريءَ کي به ويجهو کان ڏٺائين. هو سنڌي ادب جو جديد عالم هو ۽ پنهنجي اٺٽي، ويهٽي سميت عملن به اهو ثابت ڪيو ته هو وزندار عالم آهي. ان ڪري هو ڪٿي به سگهٽي ڪنيءَ وانگر نه اپاميو سندس ڀهرين شعري مجموعي "لاٽ" ۾ هن جي شاعريءَ کي تازو پڙهيو اٿم. ان ۾ سندس سنجيده شاعريءَ سان گڏوگڏ مزاحيه شاعري به ڪمال جي آهي. هن مزاح ۾ به جيڪا تيز ۽ تُز طنزيا ٻولي استعمال ڪئي آهي ان ثابت ڪيو آهي ته مزاح ۽ ولگرٽي ۾ ڪيترو فرق آهي. "مزاح" ۾ هن پيروڊيز تي وڏيڪ ڌيان ڏنو آهي. جيتوڻيڪ ادب جي هيءَ صنف اسان وٽ تمام گهٽي پراڻي آهي، پر شمشير ان ۾ به هڪ سنجيده لکٽيءَ کي جهڙي نموني اپاري اڳتي آندو آهي ۽ جهڙو علامت نگاري سان هن ان کي سنواريو آهي. اهو ڪمال صرف شمشير ئي ڪري سگهي ٿو. مثال طور تي قوم جي مجموعي غدارن کي هن جنهن نموني هن پيروڊيءَ ۾ ننديو آهي. اهو اوهان به پڙهي وٺو.

”گهمي ڏسو بازار او يار
سنڌڙي کي سر کو به نہ ڏيندو
جهول جهلي جنهن وقت پٽائي
ٽيندا پوڳ هزار او يار
سنڌڙي کي سر کو به نہ ڏيندو
ڪانگ پلا چا ڪيرائيندا
دوکي جي ديوار او يار
سنڌڙي کي سر کو به نہ ڏيندو“

هن ديس جي غدارن ۽ نعري باز ليڊرن جيڪي سنڌ جو نالو صرف ڪرسيءَ خاطر ڪٽندا آهن. انهن کي ”ڪانگن“ سان تشبيهہ ڏئي کهڙي نموني شمشير سندن شجرو ظاهر ڪيو آهي.

هاڻي پاڻ اچون ٿا شمشير جي سنجيده ڪم تي ”شمشير“ جو هلندڙ سال ثقافت کاتي پاران هڪ ڪتاب پڌرو ڪيو ويو آهي. جنهن جو نالو آهي ”سنڌي شاعريءَ جو اڀياس“ ان ڪتاب ۾ شمشير بنيادي بحث تہ ”آزاد نظم جي اوسر“ تي ڪيو آهي. پر جهڙي نموني هن اوائلي سنڌي شاعري سميت اردو شاعريءَ جو اڀياس ڪيو آهي. اهو ڪمال جو آهي. پنهنجي هن تحقيقي ڪم ۾ شمشير ڪيترائي بحث بہ ڇيڙيا آهن. مثال طور هو لکي ٿو تہ اوائلي سنڌي شاعرن ”گل“ ۽ سانگي عروضي شاعريءَ ۾ فارسي ۽ ايراني اصولن جي سختيءَ کي نہ قبوليو آهي ۽ بيوس کان ويندي سمورن شاعرن عروضي شاعري کي مڪمل طور نہ اپنايو آهي. پر ان ۾ پنهنجي ڪلاسيڪي ورثي کي سامهون رکي زبان، مواد ۽ ماحول ۾ مقامي روايتن جو رنگ قائم رکيو آهي.

اسان وٽ اڄ بہ ڪيترائي اهڙا شاعر آهن. جيڪي آزاد نظم کي نہ ٿا قبولين. پر شمشير آزاد نظم جو بڻ بڻياد ظاهر ڪري ان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ شموليت جي نہ صرف آجيان ڪئي پر دليلن جي بنياد تي ان کي سنڌي شاعري جي مضبوط صنف قرار ڏنو آهي. پنهنجي زندگيءَ ۾ ورهاڱي کان وٺي آمريت جا عذاب اکين سان ڏسندڙ ۽ سهندڙ شمشير جي رڳ رڳ ۾

سنڌيت رت وانگر سمايل رهي. شمشير جي شاعريءَ ۾ بہ اهڙو باغي پڻو سمايل آهي. جڏهن سنڌ جو نانءُ وٺڻ ڪنهن پاپ وانگر هو ۽ وطن سان محبت جي اظهار جو ميوو وقت جي بازار ۾ ممنوع هو ان وقت بہ شمشير پنهنجو آواز ڪجھ هن ريت اٿاريو تہ:

"هر هر ٿيو اچن وقت جي سوريءَ جون صدائون
افسوس اناالحق جو آواز نہ آهي".

هن دؤر ۾ جڏهن سنڌ تي راتاها لڳي رهيا آهن ۽ ڌرتيءَ جو ٻچو ٻچو جڙ تہ جنگي ميدان ۾ بيٺل آهي ۽ سنڌ جي ڪجھ باغيرت ۽ باشعور اديبن پنهنجا ميڊل ۽ تحفا بہ واپس ڪيا آهن ۽ ڪجھ ان سلسلي ۾ خاموش بہ آهن تہ اهڙي وقت ۾ شمشير جي وڏيڪ ضرورت ان لاءِ بہ محسوس ٿي رهي آهي تہ هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪو بہ ميڊل يا تحفو نہ طلبيو. هي درويش ماڻهو اهڙي دؤر ۾ بہ سنڌ سان عشق جي گناهن کي وڏيڪ ترجيح ڏيندو هو هو چوي ٿو تہ:

"خيال توبھ جو مون کي بہ آهي ناصح
ڪرڻ ڏي مون کي گناهن کي بيشمار اجان".

شمشير جي شاعريءَ ۾ ٻيو جيڪو پهلو نمايان آهي اهو محبت آهي چو تہ بنيادي طور تي هر شاعر عاشق هوندو آهي، عشق جي چٽڻگ کان سواءِ شاعري ٿريل ٿانئي کان پوءِ رهجي ويل رک جهڙي آهي، جيڪا روح کي راحت ڏيڻ بدران منهن ۾ ڌوڙ وانگر لڳندي آهي شمشير جيترو سنڌ سان محبت ۾ سنجيده هو اوترو ئي سندس دل ۽ طبيعت رنگين ۽ دلنشين بہ هئي. هن پنهنجي سموري شاعري ۾ پنهنجي اندر جي حسناڪي کي ائين اوتيو آهي جيئن ڪو سونارو سون کي پاڻي ڏيندو آهي ۽ سندس اها ئي حسناڪي سندس شاعريءَ ۾ نمايان نظر اچي ٿي، هو لکي ٿو تہ:

"نگاهون ڪٺي داد جي لئہ نهارڻ جي ڪهڙي ضرورت،
اوهين آهيو سهڻا اوهان جي اهائي وڏي ڳالھ آهي"

شمشير پنهنجي شاعري ۾ هڪ دعويٰ ڪئي ۽ ان دعويٰ تي قائم رهيو اج جڏهن هو اسان ۾ نہ آهي تہ سندس هي سٽون ڪيڏيون نہ معنيٰ خيز بڻجي سندس ڪوٺ ڪي محسوس ڪرائي رهيون آهن تہ:

جهان عشق جو سردار آخري آهيان،
حضورِ حسن ۾ حاضر وري وري آهيان،
ملنگ، مست، الستي، قلندري آهيان،
عجيب آهيان هزارن ۾ حيدري آهيان.

اج واقعي بہ لڳي ٿو تہ عشق جو آخري سردار هاڻ اسان جي وچ ۾ نہ رهيو آهي. *

مشتاق گبول

# شمشيرالحيدري جون پيروڊيون

ارسطو پنهنجي تصنيف شاعريءَ جي مقدمي ۾ لکيو آهي تہ مزاح، سنجيدگي جي ضد ۾ ابتڙ کي چئبو آهي. انگريزي ادب جي اي گڏبن ادبي محاورن تي مشتمل پنهنجي لُغت ۾ پيروڊي جي باري ۾ لکيو آهي تہ:

An immatation of the style of particular writer, Artist or genre with deliberate exaggeration for comic effect.

سنڌي ۾ هيئن چونداسين تہ "ڪنهن ليکڪ، شاعر، آرٽسٽ جي سنجيده لکڻي کي ڄاڻي ٻجهي وڌاءُ ڪري مزاحيہ رنگ ڏيڻ کي پيروڊي چئبو آهي".

پيروڊي ادب، آرٽ، موسيقي جي اهڙي نقل کي چئجي ٿو جنهن ۾ ڪنهن بہ اديب ۽ شاعر جي سنجيده لکڻي کي مزاح جو رنگ ڏنو وڃي، جنهن ۾ ڪنهن بہ اديب ۽ شاعر جي سنجيده لکڻي کي ڦيرائي، تبديل ڪري ان طنز مزاح سمائي ان کي کل ڀوڳ بڻائي پيش ڪجي جنهن جو مقصد فرد يا معاشري جو سڌارو ۽ اصلاح هجي ٿو.

مزاحيہ شاعري ئي پيروڊي لکڻ جو سبب بڻي، توڙي جو پيروڊي ۾ مزاحيہ شاعري ئي آهي پر اها ٻي ڪنهن ليکڪ جي سنجيده لکڻي جي مزاحيہ انداز ۾ نقالي آهي، سو سڀ کان اڳ ۾ ٿورو مختصر نموني مزاحيہ شاعري جي تاريخ تي نظر ڊوڙايون ٿا. شاهہ لطيف جي شاعري کي جڏهن پڙهون ٿا تہ ان جي شاعري ۾ بہ مزاح موجود آهي. شاهہ لطيف جي رسالي جي سُر بلاول ۾ وڳنڌ فقير بابت لکيل ڪجهہ بيت نموني خاطر هيٺ ڏيان ٿو:

اسور سندو آسرو وڳنڌ کي وڏو،
جُسي ۾ جڏو پر ڪيڻ تي ڪڙا ڪڍي.

وڳنڌ وري آئيو پينارئون پوءِ،
محڪم لڳس موچڙا، ڏرو نہ ڏنس جوءِ،

وينو ايھين چوڻ، تہ پيران پاسي نہ ٿيان.

شاھ لطيف جي زماني کان پوءِ ٽالپرن جي دؤر ۾ ثابت علي شاھ ۽ خير شاھ جي مزاحيہ مناظرن کان وٺي حمل فقير جا مزاحيہ شعر بہ پڙھڻ وٽان آھن. ان کان پوءِ روايتي شاعريءَ واري دؤر ۾ شمشير چواٽي تہ شمس الدين ”بلبل“ کي مزاحيہ شاعريءَ جو ابو سڏجي ٿو. تکڙ جتان سنڌي غزل لکڻ جي ابتدا ٿي آھي اتان جي شاعرن ۾ محمد ھاشم ”مخلص“ طنز و مزاح جو وڏو نالو آھي. محمد ھاشم مخلص کان پوءِ محمد خان ”غني“ بہ مزاحيہ شاعريءَ ۾ پاڻ ملھايو. مرزا قليچ بيگ، جمعو خان غريب، ”بسمل“ محمد بخش ”واصف“ کان پوءِ واري دؤر کان اڳ شيخ اياز جي شاعريءَ تي پيروڊي ٺاھڻ جي ابتدا بہ رشيد ڀٽي ڪئي. رشيد ڀٽي لاءِ مشھور آھي تہ ھو شيخ اياز جي شاعري تي پيروڊيون ٺاھي اياز کي ٻڌائيندو ھو تہ ڪنھن شاعر تنھنجي شاعري جي پيروڊي لکي آھي. سنڌي ادب ۾ پيروڊي ٺاھڻ جي حوالي سان رشيد ڀٽي جي ڪيل ابتدائي ڪم کان پوءِ شمشيرالحيدري وڏو نالو آھي. شمشيرالحيدري پڻ رشيد ڀٽي وانگي شيخ اياز جي شاعريءَ جون پيروڊيون ٺاھيون ۽ ڪمال درجي جون ٺاھيون. شمشيرالحيدري جي پيروڊين تي لکڻ کان اڳ ۾ مان شمشير جي ڪتاب ”سنڌي شاعري جو اڀياس“ ۾ شامل ھڪ اھم مقالي سنڌي ۾ مزاحي شاعريءَ مان ھي حوالو نقل ڪندس تہ........ طنز ۽ مزاح جو فن ليکڪ لاءِ پلصراط جيان آھي. جيڪا چون ٿا وار کان سنھي ۽ تلوار کان تکي آھي ۽ جنھن جي ٻنھي پاسن کان تحت الثريٰ آھي جيڪو ٿڙيو سو ويو. سچ ۽ ڪوڙ جون سرحدون ھڪ ٻئي کي ايڏو تہ اوڏيون بلڪ مليل آھن جو انھن جي انتھا تي پھچي سچ تي ڪوڙ جو ۽ ڪوڙ تي سچ جو دوکو ٿيڻ لڳندو آھي. سچ بہ جيڪڏھن حد کان وڌيڪ پچاربو تہ اھو ڪوڙ سمجھيو ويندو ۽ جيڪڏھن ڪوڙ بہ حد کان وڌيڪ ورجائبو تہ ماڻھو ان کي نيٺ سچ ڪري ڀائيندا. سو ھي سچ ۽ ڪوڙ جي انتھا جو فن آھي جنھن کي نڀائڻ انتھائي مشڪل آھي. مزاح جو مطلب مذاق ۽ مسخري کان علحدو آھي بلڪ ھي سنجيدگي جي انتھا جو فن آھي جنھن کي ذري برابر ھلڪڙائپ بہ ختم ڪري ڇڏي.

هاڻي مان ٻيهر پيروڊي تي اچان ٿو جنهن نقل ۽ نقالي ڪرڻ کي مزاح جو رنگ ڏنو وڃي ٿو تنهن کي پيروڊي چئبو آهي. جنهن ۾ معاشرتي برائين تي طنز ڪئي ويندي آهي جنهن ۾ انسانن جي خامين، عيبن ۽ برائين تي مزاحيه انداز ۾ طنز جي صورت ۾ چوٽ ڪئي ويندي آهي.

شيخ اياز جي مشهور وائي آهي تہ......

سهندو ڪير ميار او يار!
سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو.

شمشيرالحيدري انهي وائي جي پيروڊي ناهي آهي تہ........

گهمي ڏسو بازار او يار
سنڌڙيءَ کي سر ڪو بہ نہ ڏيندو
جهول جهلي جنهن وقت پتائي
ٽيندا پوڳ هزار او يار
سنڌڙيءَ کي سر ڪو بہ نہ ڏيندو
گهڙا ڪٽي گهڙنديون سؤ سهٽيون
ڪنگهندا ڪونہ ميهار او يار
سنڌڙيءَ کي سر ڪو بہ نہ ڏيندو
ڪانگ پلا چا ڪيرائيندا
دوکي جي ديوار او يار
سنڌڙيءَ کي سر ڪو بہ نہ ڏيندو
ماهيا وينا ڳائين سنڌ ۾
ٻيجل جا سڀ ٻار او يار
سنڌڙي کي سر ڪو بہ نہ ڏيندو.

هن پيروڊي ناهڻ وقت شمشيرالحيدري سنڌي قوم جي غدارن ۽ ضمير فروشن تي طنز ۽ چوٽ ڪئي آهي جيڪي ڌرتي تي سر ڏيڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي پر پنهنجي ڪرسيءَ بچائڻ خاطر سنڌڙيءَ جو سودو ڪندي دير ئي نہ ٿا ڪن. هي پيروڊي بزدلن، ڀاڙين ۽ ڊڄڻن تي طنز آهي ۽ انهن جي دلين ۾ سنڌڙيءَ جي محبت اڀارڻ جي ڪوشش آهي، انهن جي مثل ضميرن

ڪي جيئارڻ جهڙي ڪوشش آهي. شمشيرالحيدري سنڌي قوم جي نفسيات کان بخوبي واقف هو ان کي خبر هئي تہ سنڌڙيءَ تي سر ڏيڻ جو وقت آيو تہ سر ڏيڻ وارا تمام ٿورا هوندا ۽ اجايون ڳالهيون سڌون ڪرڻ وارا ڍنب ڊاڙي گهڻا هوندا. شمشيرالحيدري وقت شناس شاعر آهي. اڳي وقت هو جڏهن سهڻين جي ڪڍ ميهار مرندا هئا پر هاڻي ميهار رهيا ئي ناهن ۽ اهي سهڻين کي ڪنگهن ئي نہ ٿا.

اڳين زماني جي ڳالهہ آهي تہ هڪڙو غريب ماڻهو پنهنجي خوبصورت زال سان گڏ ڪٿي وڃي رهيو هو تہ رستي ۾ انهن کي ڪجھہ لوفر چور گڏيا، جيڪي انهن جي ڪڍ لڳا. انهن جون نظرون غريب جي زال ۾ هيون، تہ غريب ماڻهو اهو لقاءُ ڏسي هڪ جڳھہ تي پنهنجي زال کي بيهاري پاڻ ڪنهن جي مدد لاءِ واجهائڻ لڳو ۽ اهي چور وڃي هڪ پٽ جي ڇانءَ ۾ ويٺا. قدرت الله جي، انهن مٿان پٽ ڪري پئي تہ زال سڌ ڪندي مڙس کي چيو تہ پاڙين مٿان پٽ، ڪانون ڪيرائي.

شمشيرالحيدري وائي جي پيروڊي ۾ انهي پهاڪي کي طنزيہ طور استعمال ڪيو آهي، چو تہ دوکي جي ديوار ڪانگن کان ناهي ڪِرندي.

شمشيرالحيدري کي مزاحيہ شاعري ۽ پيروڊي تي بہ ايترو ئي عبور هو جيترو هن کي نظم، غزل ۽ چؤسٽي تي هو.

شمشير انهي پيروڊي ۾ مزاح، ٻوليءَ، خيال ۽ فڪر جو خاص خيال رکڻ سان گڏوگڏ وائي جي صنف جي سٽاءُ جو بہ خاص خيال رکيو آهي سموري پيروڊي ۾ ڪٿي بہ هلڪڙائپ ناهي جنهن سان پيروڊي جو مقصد ۽ پيغام مري وڃي ها ۽ ڪٿي بہ اجاين لفظن جي ڀرمار ناهي لفظ توري تڪي ڏاڍي ڪاريگري سان استعمال ڪيا ويا آهن.

شمشير جي سمورين پيروڊين ۾ مزاح جي موج سمايل آهي جنهن کي پڙهندڙ ماڻهو کان سواءِ رهي نٿو سگهي. شمشير پنهنجين پيروڊين ۾ طنز جا تيز نشتر بہ خوب استعمال ڪيا آهن شمشير جون پيروڊيون طنز ۽ مزاح جو بهترين مثال آهن.

شيخ اياز جي مشهور نظم ”مان ڏوهي هان“ جي پيروڊي، شمشيرالحيدري هيئن ڪئي آهي تہ:

”مان ڏوئي آن، مان ڏوئي آن،
مون ڪيئي پٽ رڏيا آهن.

هن گهر جي گدلي رڌڻي ۾،
هيءَ پيچ جي پاٽ بہ ڏوهي آ،
۽ هارڙو ڪوئي ڪڇڻيءَ لئہ،
جي روئي ٿو تہ دروهي آ،
هي ڏوهہ نہ آهي، ماڻهو لئہ،
مون ديڳ جي، دلڙي موهي آ،
مان ڏوئي آن، مان ڏوئي آن،

مون ذات انوکي آندي آ،
ٿو پٽ وڙهي اُقراڻن سان،
هر ٻوڙ جي لذت پنهنجي آ،
مٽرن سان، آلو ٽماٽن سان،
ٿو تنهنجو ياري پيٺ ڏڪي،
ڪيئن دالين جي سُرهاڻن سان!
مان ڏوئي آن، مان ڏوئي آن،

شيخ اياز جو نظم جيترو خوبصورت آهي، شمشيرالحيدري جي پيروڊي بہ اوتري خوبصورت ۽ معياري آهي هي پيروڊي سنڌي مزاحيہ شاعري جو اعليٰ نمونو آهي. جنهن ۾ مزاح ۽ ظرافت جا مختلف رنگ بخوبي پسي سگهجن ٿا هن پيروڊي ۾ شمشير جي تخيل جي قوت کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ٿي، جنهن کي پڙهندي اسان اهو چوڻ ۾ حق بجانب آهيون تہ شمشير سنڌي ۾ مزاحيہ شاعري جو اعليٰ پائي جو شاعر آهي.

شمشير جي انهي سچاٽپ کان گهڻا ماڻهو اڻ واقف آهن. شمشير جيترو غزل، نظم ۽ چؤسٽي جو وڏو شاعر هو ايترو ئي مزاحيہ شاعري جو وڏو شاعر هو. جيتوڻيڪ شمشير جون مزاحيہ شيون تمام ٿوريون آهن پر جيڪي بہ آهن اهي ڳڻائڻ جيتريون آهن ۽ مزاحيہ شاعري ۾ ڪيل شمشير جي انهي ڪم کي ڪير بہ نظرانداز نہ ڪري سگهي. ايندڙ وقت جا مؤرخ جڏهن شمشير جي ڪم تي قلم کڻندا مون کي يقين آهي تہ شمشير جي مزاحيہ شاعري کي نظرانداز نہ ڪري سگهندا. ويجهڙ واري وقت شمشير مزاحيہ شاعري جو تمام وڏو شاعر هو جنهن جي موڪلاڻي سان سنڌي مزاحيہ شاعري کي تمام وڏو ڌڪ رسيو آهي. مزاحيہ شاعري جي حوالي سان پڻ شمشير جهڙي شاعر جو خال پرڻ مشڪل نہ پر ذري گهٽ ناممڪن آهي. هن مضمون کي ويڙهيندي آخر ۾ مان شمشير جي هڪ ٻي پيروڊي لکان پيو جنهن مان شمشير جي اعليٰ مزاحيہ تخليقي قوت کي ڏسي سگهجي ٿو ۽ ان مان ڀرپور حظ ماڻي سگهجي ٿو.

شيخ اياز جي مشهور نظم "سچ وڏو ڏوهاري آهي" جي پيروڊي آهي تہ:

پيٽ وڏو ڏوهاري آهي
روز ازل کان ڪاڙهيو ويو آ
ڏاڻن ۾ چيتاڙيو ويو آ
ٿاري ٿاري ماريو ويو آ

ڪڏهن گيهہ ٽڙڪايو ويو آ
لوڻ ڪڏهن چڙڪايو ويو آ
مرچن سان ڦڙڪايو ويو آ
ٿانئن تيْ ٿهڪايو ويو آ
دم ڏيئي ڏمڪايو ويو آ

ها، پر پوءِ بہ انهي جي ساڳي
رهندي آئي ريت اياڳي
جنهن جي پيٽ ۾ وٽ وجهي ٿو
تنهن جو سارو چين ڪسي ٿو
اڄ تو وٽ مهمان ٿيو آ
پوءِ بہ ڪڏهن تو هي سوچيو آ
ڪنهن سان تنهنجي ياري آهي؟
پيٽ وڏو ڏوهاري آهي.

نسيم النساءَ

# اوهان جي ڳالهہ اوهان سان ڪجي تہ ڪيئن؟

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو ڪا ڳالهہ ڪرڻ ۾ ان ڪري بہ منجهي پوندو آهي جو ڪيس اهو نقطو هٿ نہ ايندو آهي، جتان ڳالهہ شروع ڪرڻي هوندي آهي ۽ جڏهن ڳالهہ وري ڪنهن محبوب جي وڇوڙي جي هجي تہ پوءِ اهو نقطو ڪوهين ڏور نظر ايندو آهي، پر آئون پاڻ کي اهڙي لمحي ۾ اهو دليل ڏئي مطمئن ڪندي آهيان تہ يادن کي ڪابہ ترتيب نہ آهي، يادون نہ صرف پاڻ بي ترتيب هونديون آهن پر اڪثر ڪري اهي ماڻهو کي بہ بي ترتيب ڪري ڇڏينديون آهن ۽ ائين ئي سيني ادب دوستن کي بي ترتيب يادون ڏئي هو بہ ڪنهن محبوب وانگر رسي هليو ويو آهي، هو جيڪو سدائين هڏن جي مٺ جيترو مس نظر ايندو هو ايترو ڪمزور جو لڳندو هو تہ ڪنهن زبري ماڻهو جي ڦوڪ بہ کيس اڏائي ويندي، اهو ئي ڪمزور ۽ نبل ماڻهو جڏهن اسٽيج تي بيهندو هو تہ وڏن وڏن سورمائن جي دل ڌهلائي وجهندو هو آئون سوچيندي آهيان تہ لقب ۽ نالن جو بہ ماڻهو جي شخصيت تي اثر ٿيندو آهي ۽ اهو ئي اثر هن حيدري جي پڪار ۾ بہ عيان هوندو هو. هن غربت ۾ ائين اميري واري زندگي گذاري جو سيني کي ان تي ناز رهيو هو تہ "قديم وڻ" يا "پراڻي شهر" جهڙو شخص، جنهن جي پير ۾ ويهڻ سان ماڻهو کي سڪون ملندو هجي، جنهن ڏانهن ڏسندي پاسندو هجي تہ هن جي اندر ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻيون لڪل آهن. ميڊم مهتاب اڪبر راشدي لکي ٿي تہ هن ڪڏهن وٺڻ سکيو ئي ڪونہ هو رڳو ڏيڻ سکيو ۽ آئون سوچيان پئي تہ ڪيترا نہ خوشنصيب هوندا اهي ماڻهو جن شمشير کان ڪجهہ نہ ڪجهہ ورتو آهي. ميڊم مهرالنساءَ جيڪا مون تي ماءُ وانگر ٻاجهاري آهي، ان جڏهن شمشير جهڙي ماڻهو تي لکڻ لاءِ چيو تہ آءُ ڌهلجي ويس.

شمشير تہ روپ ۾ تاريخ ساز آهي، هو هڪ ئي وقت پنهنجي ذات ۾ ايترا ادارا ڪنيو وتي، جيترا ادارا اسان جي يونيورسٽين ۾ بہ ناهن ۽ آئون؟

هڪ مخصوص چوديواري اندر دائرن ۾ رهندڙ جنهن وٽ آزادي سان ساهہ کڻڻ جو بہ موقعو نہ آهي، نہ مطالعو نہ چاڙ، نہ علم، نہ لکڻ جو فن،

چا لکنديس، بس هي لکڻ نہ لکڻ جهڙو آهي. يوسف جي خريدارن ۾ نالو اچي ويو تہ اها بہ خوش قسمتي هوندي.

چون ٿا تہ عام يا لوڪ چوٽيون جڙڻ ۾ وڏو وقت لڳندو آهي، پوءِ وڃي اهي هر وات جي وائي بڻجنديون آهن شمشير سنڌ ۾ واحد شاعر آهي جنهن جا ڪجهہ شعر تہ انهن عام چوٽين جيتري اهميت اختيار ڪري ويا آهن.

مثال طور،

نظر جي ڳالهہ زبان سان ڪجي تہ ڪيئن ڪجي،
اها ئي ڳالهہ جهان سان ڪجي تہ ڪيئن، ڪجي،
هي ظلم آهي اسان سان اوهان جي محفل ۾،
اوهان جي ڳالهہ اوهان سان ڪجي تہ ڪيئن ڪجي.

يا هي شعر

دل جي پرشوق دلاسن تي هليا آياسين،
سونهن وارن جي سلامن تي هليا آياسين،
ڪنهن شهنشاهہ جو فرمان اسان تي نہ هليو
نينهن وارن جي نياپن تي هليا آياسين.

آئون اڪثر رسالن ۽ ادبي ڪتابن ۾ اديبن جا تڪراري بيان، ڳالهيون ۽ هڪ ٻئي تي چنڊبيل چوهہ پڙهندي رهي آهيان، پر هي واحد اديب، شاعر هو جيڪو پنهنجي سڄي زندگي نہ صرف غير تڪراري رهيو پر سندس حيثيت ثالث واري رهي، لاڙ جي مٽي مان ڳوهيل هن ڳُوڙهي شخص جيترا زندگي ۾ ڏک ڏٺا، ايترا ئي شاعري ۽ ادب ۾ تجربا ڪيا. هن وٽ سدائين نماڻائي رهي پر ان نماڻائي ۾ بہ هڪ عجيب فخر رهيو ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هيم تہ.

"شاعري کي انساني فڪرن جي ترجماني جي سند ڏني وئي آهي اها ئي مرڪزِ فڪر و نظر آهي، ان کي حق ڏنو ويو آهي تہ جيڪي ڪجهہ محسوس ڪري ان کي مذهب ۽ سماج جي خارجي ۽ داخلي پابندين ۽

زنجيرن کي ٽوڙي ٻه بيان ڪري ڪنهن ٻه وقتي مصلحت انگيز قدم تي نه رڪجي، نه ڪنهن وقتي نظام ڪان ڊڄجي، نه ڪنهن قانون جو عذر ڪري“.

۽ اهڙي شاعري صرف شمشير ڪئي آهي چوي ٿو ته.

سدا ظلم جي مات چوندا رهياسين،
سرعام هر بات چوندا رهياسين،
اوهان ڪيترو ئي ڏتاريو ڊڃايو،
اسين رات کي رات چوندا رهياسين.

شمشير هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي ۽ خوب ڪئي پر هن جي اهم خوبي سندس ٻولي ۽ لهجو آهي، هن جي ٻولي نج ۽ چٽي آهي هو عام لفظن ۾ وڏي ڳالهه ڪرڻ جو فن رکندڙ وڏو ليکڪ/شاعر. هن وٽ هڪ عجيب قسم جو ترنگ ۽ ترنم آهي. هن وٽ لفظن جي خوامخواهه واري بناوت نه آهي، ان ڪري هو جيئن سوچي ٿو محسوس ڪري ان کي ائين ئي سادن پر خوبصورت لفظن ۾ اظهاري ڇڏي ٿو ۽ اهو اظهار اعليٰ بنجي پوي ٿو. سندس ساده بياني ۾ اعليٰ خيال جو هن کان وڏو نمونو ٻيلا ڪو ٻيو تي سگهندو ڇا.

تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو
ڇڻ ته سنڌو جي ڀئي ڪناري ويو
اهڙو مفلس نه ڪنهن ڏٺو هوندو!!
هڪ دل سا به ڪٿ وساري ويو.

شيخ اياز پنهنجي هڪ نظم ۾ ننڊ جا نيڻ تي هڪ اعليٰ پيغام آڻڻ جي ڳالهه ڪئي هئي ته وري شمشير ستارن کي پيرن هيٺان لتاڙڻ جي ڳالهه ڪئي آهي.

لتا عرش تي زندگي جا سفينا،
بدلجي ويا بندگي جا قرينا،
نه ڇيڙيو اسان عاشقن کي نه ڇيڙيو
لتاڙي ڇڏياسين ستارن جا سينا.

شمشير پنهنجي سڄي زندگي پنهنجي دل جي بادشاهي ۾ گذاري ائين به نه هو ته هن جيڪو چاهيو اهو نه ڪيو يا نه ڪري سگهيو. هن جنهن به وقت جيڪو چاهيو سو ماڻيو هو گهڻن حوالن سان اهڙو امير رهيو جنهن اميريءَ جي ڪوڙ سارا بيوروڪريٽ اديب صرف سڌ ئي ڪري سگهن ٿا. هن جون زندگي کان ڪي وڏيون طلبون يا تمنائون نه رهيون، ان ڪري هر خواهشن جو غلام نه بڻيو پر خواهش کي پنهنجو غلام بڻائي رکيائين هڪ اردو شعر آهي ته:

*غم کی جاگیر وراثت میں ملی ہے مجھ کو،*
*اپنی جاگیر میں رہتا ہوں نوابوں کی طرح۔*

ته شمشير پنهنجي دل جي جاگير جو نواب هو اهو ئي سبب آهي ته اڄ ڪيس ياد ڪندي سندس ڳالهيون اوريندي اسان کي ڪٿي به ڪنهن به جاءِ تي قلم جو ڪنڌ جهڪائڻو نه ٿو پوي، آءُ شمشير جي نظم ”الوداع“ جي هنن سٽن سان پنهنجي مضمون جي پڄاڻي ڪنديس جنهن ۾ هن اسان لاءِ هڪ وڏو پيغام ڇڏيو آهي جنهن ۾ هن سنڌ ڌرتي کي ”معزز حسن بانو“ جي نالي سان مخاطب ڪندي سمورن سنڌين کي چيو آهي ته هن جيڪا لاٽ ٻاري آهي اها روشن رکي وڃي.

اي معزز حسن بانو
منهنجي احساسن جو عنبر،
مشڪ جذبن جي ۽ يادن جو گلاب،
۽ تون هي قنديل ۽ فانوس،
۽ مشعل سدا روشن رکج،
جيئن اسان جي اڄ جي شاهد
هن اڪيلي وڻ کي اونداهي جا پاڇا گم نه ڪن.
الوداع
اي معزز حسن بانو الوداع.

۽ جيڪڏهن اسان سيئي گڏجي شمشير جي ان لڳايل ٻوٽي کي اونده جي پاڇن کان بچائي وياسين ته تاريخ ۾ اسان سرخرو سڏباسين.

الطاف ملڪاڻي

# برهہ جي بستيءَ ۾ شمشير جيهو جوڳي

”هن وقت جي پيالي ۾ مڌ پنهنجي حياتيءَ جو
باقي ڪو بچيل آهي، من ڪوئي اچي نڪري
هن برهہ جي بستيءَ ۾ شمشير جيهو جوڳي،
ڪجهہ ڏينهن تڪيل آهي، من ڪوئي اچي نڪري.

هونئن تہ هن ڪائنات جو رنگ منچ سينگاريل ئي ڪجهہ ڏينهن لاءِ آهي، هتي هرڪو اچي هليو وڃي ٿو پر هتي ان جو اچڻ سجايو تڏهن آهي، جڏهن هو پيار جو اهڙو پورهيو ڪري وڃي ٿو جنهن جو لاڀ ايندڙ نسلن تائين هلي ۽ شمشيرالحيدري جيڪو سچ بہ اهڙو ڪاهوڙي ۽ جوڳ پچائيندڙ جوڳي هو جنهن جي ٻاريل لاٽ ايندڙ نسلن لاءِ هڪ رهبري ۽ رهنمائي ڪندڙ هوندي.

شمشيرالحيدري جنهن جو جنم 15 سيپٽمبر 1931ع ڏاري ٿيو ۽ جنهن پنهنجي زندگيءَ جون بهارون توڙي خزائون سنڌ ڌرتيءَ جي ڀلي لاءِ پاڻ پتوڙيندي گذاريون، هن ڪي سنڌ سان لنئون تہ تڏهن کان ئي لڳي هئي جڏهن اجان هن شعور جون ابتدائي وکون کڻڻ شروع ڪيون هيون، ۽ هن جون اُهي سچائي پريون سوچون، گهڻن باشعور ماڻهن کي نہ وڻيون جو سنڌ جي مشهور علمي ادارن، سنڌ مدرسي، اين جي وي اسڪول توڙي نور محمد هاءِ اسڪول جا دروازا هن لاءِ رڳو ان ڪري بند ڪيا ويا تہ هو هڪ قومي شعور ۽ سنڌ جي ساڃهہ رکندڙ شخص هو پر هو خوددار ۽ باشعور انسان ڏڪ هجن يا سک، جمهوري حڪومتون هجن يا مارشل لا جو دؤر پر پنهنجي قلم کي شمشير بنائي استعمال ڪندو رهيو هن ڪڏهن بہ صاحب اقتدار ڌرين جا در ڪڙڪائي درٻاري اديب ٿيڻ پسند نہ ڪيو.

جيئن هن جو تخلص ”حيدري“ هو تيئن ئي هو حق جي راهہ تي اڪيلو ئي بيهي رهيو ۽ گهايل پيرن سان بہ ڪنڊائن پيچرن تي پنڌ ڪندو رهيو شمشيرالحيدري زندگي جي سفر ۾ روزگار جي ابتدا تہ منشيءَ جي حيثيت سان ڪئي، پر سنڌ جي مشهور رسالن نئين زندگي، تماهي مهراڻ

جي ايڊيٽريءَ کان وٺي مهراڻ اخبار جي ايڊيٽري توڙي سنڌ حڪومت ۾ اٺوينهين گريڊ جي آفيسري جهڙا عهدا به ماڻيا. پر هن جي عاجزي، فقر يار ويسيءَ ۾ ڪوبه ڦير نه آيو.

سنڌي ادب سنگت پاران هلايل ڪا تحريڪ هجي يا سگا جي سماجي ڀلائي جا ڪي ڪم هجن، ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ هجي يا سنڌي ٻوليءَ ۾ لسٽون ڇپائڻ جي هل چل، ايم آر ڊي جي تحريڪ هجي يا اينٽي ڪالاباغ ڊيم جلسا جلوس، شمشير هر تحريڪ ۽ هلچل ۾ هميشه پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. شمشير اهڙو ته بااصول انسان هو جو جڏهن ضياء مارشل لا ۾ هن مهراڻ اخبار جي ايڊيٽري سنڀالي ته هن جي قلم جي تکائي اقتدار ۾ ويٺل ڏرين کي به ڏڏڪائي ڇڏيو ۽ ڪجهه عرصي بعد شمشير کان مهراڻ اخبار جي ايڊيٽري کسي وئي، شمشير هڪ بااصول، با وفا انسان ۽ سچو سنڌ پرست ۽ سنڌ دوست اديب هو.

شمشيرالحيدري صدارتي ايوارڊ پرائڊ آف پرفارمنس کان وٺي زندگيءَ ۾ ڪيترائي ننڍا وڏا ايوارڊ ماڻيا، پر هو پاڻ لاءِ ايوارڊ سنڌ جي ماڻهن جي محبت ۽ چاهت کي سمجهندو هو هن ڪڏهن به پاڻ کي وڏو اديب. دانشور يا مها ڏاهو سڏائڻ پسند نه ڪيو پر هو پاڻ کي سنڌي ادب جو خادم ۽ سنڌ پرستيءَ جي تحريڪ جو هڪ ننڍڙو ڪارڪن سڏائڻ پسند ڪندو هو. باوجود وڏا عهدا ماڻڻ جي هن جي فقيراڻي حال ۾ ڪو فرق نه آيو. شمشيرالحيدري نه رڳو شاعريءَ ۾ پر مضمون نويسي، خاڪا نگاري، ترجمي نگاري، ڊرامه نگاري، تاريخ، تحقيق ۽ لطيفيات جي شعبن ۾ به تمام زبردست ڪم ڪيو.

شمشيرالحيدري نه رڳو هڪ اديب، هڪ فرد پر هڪ تحريڪ هو جنهن ڪيترن ئي نوجوانن جي ڀڙ رهنمائي ڪئي ۽ انهن کي ريڊيو ٽي وي، اخبارن ۽ ادبي ادارن جا گس ڏيکاري انهن کي مختلف ادارن ۾ متعارف ڪرايو. شمشيرالحيدري سنڌي ادب جو سچ ته اهڙو نانءُ آهي جنهن جو خال واقعي به سنڌي ادب ۾ ڀرجڻ انتهائي ڏکيو آهي ۽ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته شمشيرالحيدريءَ جي وڇوڙي تي رڳو به لڙڪ هاري يا ٻن منٽن جي

روايتي خاموشي اختيار ڪري ڪيس خراج تحسين پيش ڪري ماٺ ڪري نہ ويهجي پر سندس حق تڏهن ئي ادا ٿيندو جڏهن هن جي رهيل لکڻين کي ميڙي چونڊي عوام آڏو آندو وڃي.

"شمشير کي سڏ ڪيو شمشير ڪٿي آهي؟
محفل مچائيندو ان جو ئي سخن شايد".

## ابليس کي چئي ڇڏيو سجدي جي تياري ڪر!!

هن وقت جي پيالي ۾، مڌ پنهنجي حياتي جو
باقي ڪو بچيل آهي، من ڪوئي اچي نڪري

هن برهہ جي بستيءَ ۾، "شمشير" جيهو جوڳي
ڪجهہ ڏينهن تڪيل آهي، من ڪوئي اچي نڪري

تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو
جڻ تہ سنڌوءَ جي ٻئي ڪناري ويو

يا وري

ابليس کي چئي ڇڏيو سجدي جي تياري ڪر
دنيا تي "اناالحق" جا اسرار کُلن شايد!

بلبل جي بيانن تي برهم نہ ٿيڻ گهرجي
آئنده بهارن جا پيغام هجن شايد!

'شمشير' کي سڏ ڪريو 'شمشير' ڪٿي آهي؟
محفل کي مچائيندو ان جو ئي سخن شايد
جڻ ڇڄي پئي ڪار تار!

شب و روز ’شمشير‘ ڳرندو وڃين،
لڳي وئي زماني جي توکي نظر
ڪڏهن ڪڏهن دوستن لاءِ بہ ڳالهہ ڪري ٿو

جن گهري ورتي هئي دل، ياد جو تحفو ڪري،
سي بہ اڄ ’شمشير‘ جي خاطر خبر پلجي ويا

تنهنجا اي ’شمشير‘ هي نغما،
ڇڻ تہ ڇڄي پيئي ڪا تارا

ڪٿي آهي ’شمشير‘ جو چنگ چوري،
زمانو تہ پلجي ويو ”چارڻ“ جون ڳالهيون.

هفتيوار ”عبرت سنسار“

12 آگسٽ 2012ع

عبدالرزاق عمراڻي

# اسين رات ڪي رات چوندا رهياسين

ون يونٽ کان ويندي مڙني تحريڪن ۾ جدوجهدن جي سرواڻي ڪندڙ شمشيرالحيدري، جتي ڌرتي سان چاهه جو سنيهو ڏئي ٿو اتي مذهبي رواداري کي هٿي ونرائڻ لاءِ پڻ جدوجهد جي اڳين صفن ۾ بيٺل نظر اچي ٿو. همٿن ۽ محبتن جي شاعر شمشيرالحيدري زندگي کي پنهنجي نظر سان ڪجهه هيئن ڏٺو جنهن کي لفظن جي مالها ۾ پوئي پنهنجي اظهار کي هيئن ريت اظهاري ٿو:

زندگي تقدير جو تحفو سهي
موت آدم زاد جو ورثو سهي
زندگي چو موت ۾ پائي نجات
موت ڇا جي لاءِ پيئي آب حيات.

شمشير جنهن سنڌ لاءِ شاعري ڪئي، عظيم نثر تخليق ڪيو ۽ جڏهن ساري سنڌ، ڦٽڪن ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جي دونهين سان دوهانٽيل هئي، تڏهن هن قلم جي ڏيئي تي جمهوريت ۽ جمهور لاءِ جانيون ارپيندڙ سنڌ جي عظيم فرزندن کي خراج پئي پيش ڪيو. شمشير سنڌي شاعري ۽ ادب کي پاڻ اربي ڇڏيو سنڌ جنهن جي مانجهي مردن ڪڏهن به جبر آڏو گوڏا ناهن کوڙيا، هنن هميشه باغي بڻجي جاڳرتا جون ڏياٽيون ٻاري شعور کي جلا بخشي آهي ۽ زندانن ۾ پنهنجي رت سان جوت جلائي آهي، اهڙي عملي جاکوڙ ۾ شمشير جي ڪردار کي ڪنهن به ريت وساري نٿو سگهجي.

شمشير جي فني وسعت کي چند لفظن ۾ اظهاري نٿو سگهجي، هن جي ذات لفظ پنجوڙن کان آزاد ۽ اڏار جي بلندين کي ڇهندڙ آهي. هن سنڌي قوم جي نسن ۾ سنڌيت، انقلاب ۽ پنجوڙن کان مڪتي ماڻڻ جي چاشني اوتي. شمشير جي وڪٽري نما آڱرين وچ ۾ دکندڙ سگريٽ ۽ چانهه جي چسڪي سندس وشال من اندر ڪائنات جي اسرارن جي پالوٽ ٿي ڪئي، اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن جي لاڳيتي جاکوڙ روايت جو ٽوڙ ثابت ٿي ۽ ڪيس حياتي ۾ ئي ليکاري لڏي اندر هڪ الڳ سڃاڻپ بخشي.

شمشير سنڌ جيجل سان انسيت ۾ راتين جي پڇاڙڪن پهرن تائين پنن تي نظم توڙي نثر کي حيات بخشيو سندس سرجيل تخليق تخيل جي اڏار جو شاهڪار ڏيک ڏئي ٿي. شمشير پنهنجي پوري حيات رت سان وهنتل سنڌ جي روح کي پنهنجين اکين سان ڏٺو. ان ڪري هو ساري ڄمار بيقرار رهيو زماني جون مڙئي رنگينيون سندس بي چين ۽ پٽڪيل روح کي ڪڏهن بہ شانتي جي واس سان واسي نہ سگهيون. ڇاڪاڻ جو هن پوري عالم ۾ ٽيندڙ اٿل پٿل محسوس ٿي ڪئي، گڏوگڏ حاصل ڪيل مطالعي کيس وڏيڪ حساس بڻائي وڌو جنهن ڪري هن هر وقت مروج نظام کان بغاوت ڪئي ان ڪري ئي هن پنهنجن آدرشن، اصولن ۽ پنهنجي غربت سان اٿاهہ پيار ڪيو. هن سنڌ جي اڪن، پٽن، ڇوئرن، واهڻن، وسندين، ڍهرن، ڏيئن، ٿوهرن، شهرن، ڳوٺن ۽ قديم آثارن کي پنهنجي نثر ۽ نظم ذريعي پنن جي ڪينواس تي امرتا بخشي ۽ قوم کي اها ئي تلقين ڪئي تہ:

اي همسفرو،
بس جاڳ رکي،
هوشياريءَ سان،
هلندا ئي هلو.
هڪ ٻئي کي سنڀاليندي گڏرو!
بس چند قدم،
بس چند قدم منزل آهي!
هلندا ئي هلو،
هلندا ئي هلو،
اي همسفروؤ!

شمشير پنهنجي پوري ڄمار ۾ ڏاڍ ۽ جبر جي نندا ڪئي، هي ڪائناتي حسن جو عاشق هو ان ڪري ئي هن هميشہ پاڻ ۾ هر وقت ڪجھہ نہ ڪجھہ ڪرڻ جي ساهس ۽ سگهہ ساري ٿي، گڏوگڏ قوم ۽ قوم وارن کي پڻ همٿ سان اڳتي وڌڻ جو درس ٿي ڏنائين. جن زمانن ۾ ڪجھہ ماڻهن پيٽي/

چسن مفادن خاطر مراعتون ٿي حاصل ڪيون. ان وقت بہ شمشير بلند آواز ۾ ٿي چيو:

ڪير ٿو ڪنهن لئہ جيئي
ڪير ٿو ڪنهن لئہ مري
ڪير ٿو ٻڌجي زماني جو اسير
ڪير ٿيندو بي ضمير.

ان وقت بہ سندس سوچن ۾ مٿيون سٽون هر وقت پڙاڏو ٻڌجي گونجنديون ٿي رهيون، ڪيس اها چاڻ هئي تہ ڪير بہ ڪنهن لاءِ جيئي ڪونہ ٿو ڪير بہ ڪنهن لاءِ مري ڪونہ ٿو زماني جو قيد ڪير ڪاٽيندو؟ ڪيس پروڙ هئي تہ انهن حالتن ۾ پنهنجو پاڻ بچائڻو آهي ۽ بي ضميري جو طعنو پاڻ مٿان ناهي سهڻو ان ڪري ئي سندس ساري ڄمار هڪڙي ننڍڙي ڪوارٽر ۾ گذري، هن ڪڏهن بہ پنهنجن اصولن، آدرشن جو سودو نہ ڪيو.

شمشير سڄي زندگي جسماني ۽ مالي اذيت سان منهن مقابل ٿي گهاري، پر اها سندس عظمت ئي هئي جو هن ڪڏهن بہ پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ هٿ نہ ڦهلايو. هن جون اوجاڳيل اکيون، جن ۾ ايامن جا سپنا، خواب ۽ ٽڪ هئا، سي لحد ۾ لهڻ تائين جاڳيل ئي رهيا. هن بيماري دؤران بہ ڪا مراعت نہ طلبي، شمشير حيات جي پڇاڙڪن لمحن تائين حق ۽ سچ جو پانڌيئڙو رهيو. پنهنجي جان جڏهن جهان جوڙيندڙ حوالي ڪيائين تڏهن سندس مک تي مرڪ ۽ من ۾ اطمينان ضرور هئس تہ هن ساري زندگي ۾ ڪا بہ اهڙي ڪوتاهي يا ڀڏائي ناهي ڪئي، جنهن سبب هو ڌرتي امڙ ۽ ڪائنات جي خلقيندڙ آڏو شرمسار ٿئي.

شمشيرالحيدري جنهن جو اصل نالو شمشير علي ولد رسول بخش خواجو هو هن 15هين سيپٽمبر 1931ع تي بدين ضلعي جي ڳوٺ ڪڏڻ ۾ اکيون کوليون، هن سنڌي ادب ۾ ايم اي ڪئي ۽ شاعري سان گڏ مختلف موضوعن تي مضمون، ڪتابن جا مهاڳ، انٽرويو، ٽيليويزن جي لاءِ 150 کن ڊراما، ڊاڪيومينٽريون ۽ اسڪرپٽ لکيا. هن شاهہ لطيف جي چونڊ ڪلام جو اردو ۾ ترجمو ڪيو سندس تصنيفن ۽ سنڌي ۾ آزاد نظم جي اوسر،

سنڌي شاعري جو اڀياس، لاٽ شعري مجموعو تاريخ جو ڪچرو شعري مجموعو سجاڳ سانگهڙ گزيٽيئر، سنڌ اپ ڊيٽ انور پيرزادي سان گڏجي انگريزي ۾.

سندس لکيل بهترين سنڌي افسانا، فلم اينڊ فلوٽ انگريزي ۾ شاهه لطيف بابت سهيڙ تي مشتمل مجموعو "پيار جا نو گيت" جرمن شاعري جو منظوم ترجمو ڪاڪ محل ڊرامو روشن تارا ٻارن لاءِ لکيل گيتن ۽ نظمن جو مجموعو ۽ ٻيا ڪيترائي اڻ ڇپيل ڪتاب جيڪي سندس جياتي ۾ ڇپجن ها ته ڪيس وڏيڪ سرهائي ٿئي ها.

سدا ظلم جي مات چوندا رهياسين،
سرِ عام هر بات چوندا رهياسين،
اوهان ڪيترو ئي دٻايو ڏتاريو،
اسين رات کي رات چوندا رهياسين.

بدقسمتي سان سندس چواڻي ۽ مٿئين ڏنل شعر مان سندس باغي ذهن جي عڪاسي نظر اچي ٿي، جنهنڪري ڪيس سندس حصي جي مڃتا هي سماج ۽ وقت جا ناخدا نه ڏئي سگهيا.

سچ جو مچ مثل آهي، اچي جيڪو اچي
دونهين دردن جي دکيل آهي، اچي جيڪو اچي.
مچ تي ميڙ ڪرڻ وارو ته ٻيو ڪو ڪونهين،
حيدري آهي سچل آهي اچي جيڪو اچي.

سندس اهڙي سچائي ۽ دردن جا دونهان دکائي مچ تي ميڙ ڪني ڪرڻ واري سوچ ۽ پوءِ خود اهو محسوس ڪرڻ ته اهڙي مچ تي سچل، حيدر ئي هوندو باقي تي سگهي ٿو ڪير اچي. سندس اهڙي سوچ، طبيعت جي ڪري هن سدائين سادگيءَ واري زندگي گذاري ۽ اهو چوندو رهيو:

زندگيءَ جا سؤ سال
ڪير ٿو پورا ڪري؟
آهي ڪو مائيءَ جو لال،
آهي ڪو حاتم جي همت جو مثال،

موت ۾ ماٺي محبت جو وصال،
زندگيءَ جا سؤ سال،
ڪير ٿو پورا ڪري؟

ڇو جو زندگي جنهن انداز ۾ هن گذاري پئي، سا ڏاڍي ڏکي، بکي پر پوءِ بہ ڪن اصولن ۽ آدرشن سان سلهاڙيل هئي. ان ڪري هن پنهنجي لفظن کي سونهن ۽ سچ جو پانڌيئڙو بڻايو هن جو هينئڙو سنڌ جو عاشق هو. ان ڪري هن هميشہ بغاوت جا اعلان ڪيا. هن سمجهيو ٿي تہ غلامي سڀ کان وڏي گار آهي، هن سمجهيو ٿي تہ ڪمپرومائيز جو ڪلچر ڪنهن بہ شاعر ۽ اديب لاءِ بدنما داغ آهي. ان ڪري هن هميشہ چارڻ وارو ڇنگ ڇوريو هن ڪڏهن بہ پنهنجي جيون ۾ خوشين جي خيرات جي سين نہ هنئين ۽ نہ ئي ڪا تمنا رکي. هن هميشہ اها جدوجهد ڪئي تہ ڪاش اچوڪي سنڌ جون سورن هاڻيون اکيون کلي وڃن. هن هميشہ سسئي وانگر سفر ڪيو جنهن ۾ جاکوڙ هئي، جنهن ۾ خواب هو تہ ڪاش سنڌ جا مايوس نوجوان خودڪشين جو خيال ترڪ ڪن. هو سنڌ جو اهو ڪوري هو جيڪو ٽٽل دلين جا ڌاڳا جوڙيندو هو هن جي دل غمِ حسين[ع] سان سرشار هئي، هو حق ۽ سچ جي قافلي جو سپاهي هو جنهن وقت جي هر ڪربلا ۾ ڪسجڻ قبول ٿي ڪيو پر ڪڏهن بہ يزيديت هٿان شڪست نہ ٿي قبولي. هن اهو محسوس ڪيو ٿي تہ حسين[ع] فقط نينوا جي نگري جو نالو نہ آهي، پر حسين[ع] اهو سچ ۽ حق جو آواز آهي، جيڪو سموري سنڌ ۾ شاهہ عنايت شهيد کان وٺي بينظير ڀٽو تائين هر پيڙهي نئين تاريخ رقم ڪندو رهيو آهي ۽ يزيد هر دؤر جي سچ ۽ عشق سان جنگ جوٽي رت سان پنهنجي هٿن کي رڱڻ جي مشق ورجائي آهي پر سچ ۽ عشق جا پانڌيئڙن مقتل مان هر پيڙهي نوان رستا جوڙي وقت جي يزيد کي للڪاريو آهي ۽ ائين شمشير ان فڪر سان سلهاڙيل جوڌو هو جنهن پنهنجي نظمن، گيتن ۽ نثرن ۾ يزيد کي هر وقت للڪاريو هو ۽ سندس الوداع بہ اهڙي ئي ڏينهن تي ٿي جنهن ڏينهن تي سندس سوچ، محور تي ڇانيل وقت جي امام جي ٿي.

پوري سنڌ ۾ ان جا سيئي ڏاها، شاعر، اديب، مفڪر، ميڊيا جا مهندار ان ڳالهہ جا ساکي آهن تہ شمشير هڪ برهنا تلوار وانگي سدائين بک، بدحالي، ناانصافي، انياءَ، ڏاڍ، جبر، اڻبرابري واري نظام خلاف لفظن جي تلوار وهائيندو رهيو ۽ ثابت قدمي سان هن پنهنجو ڪردار نڀايو. ڪي ڪي ماڻهو تاريخ ۾ پنهنجن ڪردارن سان سڃاتا ويندا آهن. بيشڪ شمشير جهڙو الله لوڪ ماڻهو آخري وقت ۾ هڏڙن جي مٺ هو جنهن جون اکيون نور بہ وجائي چڪيون هيون. پر سندس پاڪيزه سوچ ڪيس ڪنهن پهاڙ جيڏو ڏيک ڏياريو ٿي، سندس گهڻ رخو ڪردار سنڌ ۽ سنڌ وارن لاءِ هڪ امر ڪردار آهي. ماڻهو پنهنجي حياتي ان انداز ۾ بہ جي سگهي ٿو ۽ فنا کان پوءِ بہ ماڻهن جي دل ۽ دماغ تي ڇانيل رهي ٿو سو اسان سڀني لاءِ هڪ زنده مثال آهي. ڪاش اسين بہ پاڻ ۾ شمشير بڻجڻ جهڙي قوت رکون.

هڪڙو شمشير هو زماني ۾،
سو بہ دنيا مان اڄ گذاري ويو.

مولائي ملاح

# شمشير- جنم جنم جو جوڳي!

اَڄُ شمشير جهڙي جوڳيءَ، مست الست، قلندريءَ جهڙي شخصيت تي لکڻ لاءِ ڪنهن ڪتاب جي ضرورت ناهي، ڇوتہ هو پاڻ سڄي حياتي ڪليل ڪتاب رهيو آهي. جيڪڏهن ڪائي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي تہ اُها اِها تہ سندس زندگيءَ ۾ ڪيل علمي، ادبي ۽ سماجي سرگرمين کي سهيڙ جي! جيڪا وقت جي ضرورت ۽ اسانجي قومي ذميواري آهي. ڪيس مفلسيءَ سبب سڄي حياتي ڇڻ تہ اهو پڻ هيو تہ متان ڪٿي ويسر جي واءَ جي وَرِ نہ چڙهي وڃان، جيئن سندس هي شعر آهي تہ:

متان ياد ۾ ئي نہ گم ٿي وڃين تون

اُهي ئي تہ آهن وسارڻ جون ڳالهيون (شمشير)

اڄ، توڙي شمشير اسانجي وچ ۾ ناهي، پراسان ائين چونداسين تہ شمشير وڇڙيو آهي پر وسريو ناهي، ان لاءِ تہ سندس ڪيل ڪمن کي سهيڙڻ وارو ڪم جاري آهي. جيستائين هي جاکوڙي ماڻهو ڊاڪٽر ايوب شيخ، زُهير حسين حيدري، ادي مهرالنساءِ لاڙڪ، ايازجاني (ايڊيٽر پندرنهن وار همرچو)، همسفر گاڏهي (ايڊيٽر ماهوار افيئر)، ادي ثمينا ميمڻ (ايڊيٽر ٽماهي مهراڻ)، عبدالعزيزعقيلي (سيڪريٽري ثقافت)، ميڊم ياسمين ميمڻ (چيف ايڊيٽر ماهوار پيغام) ساڃاهوَند روپ ۾ ڪنهن ادارن ۾ آهن تيستائين شمشير جهڙا جاکوڙي ۽ مزاحمتي ڪردار زنده رهندا. انهن ماڻهن مان ڪن ڪتاب آندو تہ ڪن وري پنهنجي رسالي ۾ شمشير جي شاعريءَ تي مضمون ۽ انٽريو خاص نمبر، وغيره آڻي ڪيس زنده رکيو. اهڙا باشعور ماڻهو جيستائين انهن ادارن ۾ موجود آهن ۽ شمشير کي جڄهي انداز ۾ پڙهندڙ ۽ لکندڙن جو حلقو موجود آهي، تيستائين شمشير ڪنهن کان بہ وسري نہ ٿو سگهي. بيشڪ، هو پنهنجي ڪم ۽ ڪردار ۾ هميشہ زنده رهندو.

هن سنڌي ادب ۾ جدت جي جيڪا جوت جڳائي، اُها ئي جديد صنف اڳتي هلي سندس سڃاڻپ بڻي. جيڪا ڪيس شاعريءَ جي ڪيتر ۾ جيئاريندي رهندي. جيستائين سنڌي ادب ۾ ' آزاد نظم' جا لکندڙ آزاد نظم کي لکندا رهندا ۽ شاعريءَ سان چاهه رکندڙ پاڙهو نوجوان آزاد نظم کي چاهه سان پڙهندا رهندا، تيستائين تاريخ جي ورقن مان شمشير کي ڪوبه ميساري ۽ وساري نه ٿو سگهي.

شمشير، جنهن انداز سان ۽ جن حالتن ۾ آزاد نظم جي صنف کي متعارف ڪرايو اُها هڪ نثري خيال کي نظمائڻ واري ٽيڪنڪ هئي، جنهن اڳتي هلي آزاد نظم جي صورت اختيار ڪئي. شمشير، جي سرجيل 'آزاد نظمن' ڪانپوءِ سنڌي ادب ۾ نظم ۽ آزاد نظم سرجڻ لڳو. آزاد نظم جي رواج اچڻ ڪان پوءِ ڪيترائي شاعر پيدا ٿي پيا. شمشير سنڌي شاعريءَ ۾ تجربو ڪري سنڌي شاعريءَ جي مکيه فني، تاريخي، مسئلن کي چيڙي ان ۾ سنڌي شاعريءَ جي "ڪُل" ۾ آزاد نظم جي "جُز" کي پيش ڪيو آهي؛ جيڪو تجربو سندس ڪامياب ثابت ٿيو. اهو سندس سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ وڏو ڪارنامو هيو.

شمشير چوائي ته: 'آزاد نظم' جديد شاعريءَ جي هڪ نئين روايت آهي، جنهن کي سمجهڻ لاءِ جديد دؤر جي پس منظر کي الڳ نٿو ڪري سگهجي. نون تجربن جي سلسلي ۾ هيءَ صنف به هڪ شعوري ڪوشش آهي. آزاد نظم جيئن ته سنڌيءَ جي 'جديد شاعريءَ'جو ئي جُز آهي ليڪن جيڪي ان تي اعتراض ٿيا سي شاعريءَ جي هڪ صنف طور نه، بلڪ گهڻو ڪري جديد شاعريءَ سان اختلاف ڪرڻ واري رويي هيٺ ڪيا ويا.

فرينچ ۽ انگريزي ٻولين ۾ آزاد نظم جو تاريخي پسمنظر، جنهن کي شمشير پنهنجي ڪتاب : 'سنڌي شاعريءَ جو اپياس' ۾ لکيو آهي ته: 'آزاد نظم' فرانسيسي ادب جي 'علامت نگاريءَ' واري دؤر جي پيدائش آهي. حقيقت ۾، ان جو باني فرانسس ويلي گرئفن (Francis Viele Graffin) نالي آمريڪي شاعر آهي، جيڪو 19هين صدي عيسويءَ جي آخر ڌاري پئرس ۾ رهندو هو ۽ فرينچ ٻوليءَ ۾ شاعري ڪندو هو. شاعريءَ ۾ پنهنجي

ان نئين تجربي سبب ٿي ڪيس اڄ بہ هڪ اهم شاعر مڃيو وڃي ٿو. دراصل اهو هڪ اهڙو حيرت جهڙو ڪم هو جيڪو ڪنهن بہ فرانسيسيءَ جي وس کان ٻاهر هو. فرانسيسي روايتون ايتريون پراڻيون ۽ ايڏيون سخت گير هيون، جو انهن کي ٽوڙڻ نهايت مشڪل هو. فرانسيسي ماڻهو مصوريءَ ۾ ڳوڙهن رنگن ۽ شاعريءَ ۾ نون لفظن جي استعمال جا عادي ڪونہ هئا، بلڪ سندن عروضي قائدا ان وقت جي انگريزي شاعرن کان بہ سخت هئا. ويلي گرڦن نہ رڳو فرينچ ڪلاسيڪي (Alexandrine) شاعريءَ جي روايتن کي قطعي طور ختم ڪري ڇڏيو بلڪ انهن ۾ انگريزي بحر وزن جو استعمال بہ شروع ڪري ڏنائين. پنهنجي تصنيف: "جٽائيز" جي ديباچي ۾ هن فرانس ۾ رائج هڪڙيءَ صنف کي پنهنجن انوکن عروضي اصولن سان 'Le Verse est Libre' جو نالو ڏنو. فرانس وارا سندس انهيءَ قسم جي بحرن کي 'Verse Libre'جو نالو ڏنو. فرانس وارا سندس انهيءَ قسم جي بحرن کي 'verse libre' (آزاد شاعري) چوندا هئا. دراصل سندس شاعري رڳو ايتريقدر آزاد هئي، جو ان جي بحرن جا رڪن سيني مصراعن ۾ هڪ جيترا نہ هئا.

فرينچ ٻوليءَ ۾ انگريزيءَ وانگر مقرر پدن (syllables) تي زور (Stress) نٿو ڏنو وڃي: ۽ 1880ع جي زماني تائين عروضدان ماترائن جي تعداد کي فرانسيسي نظم جو بنيادي اصول سمجهندا هئا، جنهن تي عام طرح ڪلاسيڪي (Alexandrine) شاعرن عمل ڪيو. وڪٽر هيوگو ڪلاسيڪي سختيءَ کي نرم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ علامت نگار شاعرن سندس پوئواري ڪئي.

انگريزي شاعرن مان جيڪي پهرين آزاد نظم کان متاثر ٿيا، سي فرينچ شاعريءَ جو ڳوڙهو اڀياس ڪندڙ شخص آهن، جن مان ٽي. اِي. هيوم (T.A.Hume)، ايف.ايس.فلنٽ (F. S. Flint) ، رچرڊ آلڊنگٽن (Richard Aldington)، ايزرا پائونڊ (Ezra Pound) ۽ ٽي. ايس. ايليٽ (T.S.Eliot) مکيہ آهن.

ڊاڪٽر سحر امداد. پنهنجي ڪتاب 'شعور شاعر ۽ شاعري' ۾ لکيو آهي تہ: اٽڪل هڪ صدي اڳ شايع ٿيل. وٽمئن جي ڪلام جو مجموعو'ليوز آف گراس' (Leaves of Grass) آزاد نظم جي جڳ مشهور تصنيف آهي ۽ غالباً وٽمئن ئي اڪيلو شاعر آهي، جنهن ڪُلي طرح آزاد نظم کي پنهنجي اظهار جو وسيلو بنايو.

شمشير جي مالي مفلسيءَ جي تہ هر ڪنهن ڳالھ ڪئي آهي پر ان جي مالي سهائتا جي تہ ڪنهن بہ ڳالھ ناهي ڪئي...!! جن مهربان دوستن هن جي مفسليءَ جي ڳالھ ڪئي آهي، انهن پاران سندن مالي سهائتا نہ ڪرڻ وارو عمل بہ تاريخ جو ورق ٿيڻ گهرجي. هن جي مسڪيني حال جي هر ڪنهن کي خبر هئي، هن کان گهُريو نہ ٿيو ۽ ڪنهن کان ڪرڻ نہ پُڇُو. شمشير دل جو ڪيڏو نہ امير ماڻهو هيو. جنهن پنهنجي ڪمال مفلسيءَ جي ڳالھ پنهنجن لفظن ۾ هيئن ڪري سيني کي حيران ڪري ويو آهي:

اهڙو مفلس نہ ڪنهن ڏنو هوندو.

هڪ دل، سا بہ ڪٿ وساري ويو (شمشير)

شمشير، سڀ جي ڏهاڪي ۾ پنهنجي شاعريءَ جو 80 صفحن جو ڪتاب سهيڙيو. پر ان کي ڇپرائڻ جيّ نہ تہ ان وٽ سگھ هئي، ۽ نہ ئي سندس دوستن ۾ ادبي بورڊ جي ڪا نيت هئي. ان کي پوءِ، غلام نبي مغل ۽ طارق اشرف قريشيءَ جن پنهنجي قائم ڪيل اداري 'ادارا ادب' پبليڪيشن پاران ڇپرايو. ان اداري جي قيام جي ڪهاڻي بہ عجيب آهي. ادي غلام نبي مغل پئي ٻڌايو تہ: "اسان وٽ سرمايو ڪونہ هيو. پوءِ هڪ وي. سي رکي سين، جنهن مان اسان کي 400 روپيہ هٿ آيا. جنهن مان شمشير جو شاعري مجموعو' لاٽ' جي نالي سان 1963 ـ 1962ع ۾ ڇپايو سين." ان ئي ڪتاب جو ٻيون ڇاپو سندس پٽ سليم حيدريءَ سهيڙيو. جيڪو ڊاڪٽر ايوب شيخ، شمشير جي زندگيءَ ۾ئي جولاءِ 2012ع ۾ نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچيءَ پاران ڇپرائي پڌرو ڪيو. جيڪو جلد وڪري ٿيڻ سبب وري ٽيون ڀيرو آگسٽ 2012ع ۾ ڇپرايو ويو آهي.

اهڙي عمل تي جس لهڻن، غلام نبي مغل، طارق اشرف، ڊاڪٽر ايوب شيخ، ثقافت کاتي جا سرواڻ ميڊم سسُئي پليجو (وزيرثقافت کاتو)، عبدالعزيز عقيلي، زُهير حسين حيدري، همسفرگاڏهي، اياز جاني، ميڊم ياسمين ميمڻ، ادي ثمينا ميمڻ، مهرالنساءِ لاڙڪ. جن ذاتي ڪوششون وٺي شمشير جي زندگيءَ تي ڪتاب، ڪالم ۽ سندس انٽرويو ڇاپي عوام آڏو آندا آهن. شمشير تي اجا ڪن ادارن ۾ ڪم هلندڙ آهي، جيڪو وقت اچڻ تي عيان ٿيندو.

شمشير، سدابهار شاعر هيو جنهن کي پڙهندي، پڙهندي ڪڏهن بہ ڪنهن کي بوريت يا ٿڪاوٽ جو ڪو احساس ڪونہ ٿيندو آهي؛ سندس شاعريءَ ۾ اهڙي تہ محبت جي مناس آهي، جو جنهن ڪيس هڪ ڀيرو پڙهيو يا ٻڌو، اهو سندس مداح بڻجي ويو. ڇو تہ هن جو شاعراڻو اسلوب نرالو آهي. هن جي نظمن ۾ لفظن سان گڏ تخيل جي بہ نواڻ آهي. سندس مقبول' آزاد نظم' همسفروا، پيشڪش، ڪاڪ محل، الوداع، پيدائش، آرزوجو سفر، ... آهن، جن کي هڪ ئي ساهيءَ ۾ ماڻهو پڙهي وڃي ٿو.

شمشير، نظم، آزاد نظم کان علاوه گيت بہ لکيا. جن تي عوام ڪيس ڀرپور موٽ ڏني. سندس شاعري، شخصيت جي اها مهانتا، مقبوليت آهي؛ جو هن جيڪو ڪجهہ لکيو ان کي عوام دل سان قبول ڪيو. جيئن شازيہ خشڪ جي آواز ۾ ڇپيل سندس هن گيت جي ٻولَ ٻُرَڻَ تي هر عمر جو ماڻهون گد گد ٿي جهومي پوندو هو. تہ:

حسينہ ڀوپَري آهي، عجب جي ڇوڪري آهي
ڇوڪري ڙي توکي ڪير ماڻيندو ياڳن وارو ماڻيندو. (شمشير)

شمشير مفلس ماڻهو پنهنجي علم، عقل ۽ ڏاهپ ۾ تمام وڏو ماڻهو هو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪا بہ شاعري سرجي، تنهن ڪيس تمام وڏو ماڻهو بڻائي ڇڏيو. شاعري هڪ قدرتي ڏات آهي، جنهن جي سرجڻ کي هي اتڪل چوندو هو. ميڊم مهتاب اڪبر راشديءَ چواڻي تہ: "خبر ناهي تہ اُها ڪهڙي اتڪل هئي جنهن ڪيس وڏو شاعر بڻائي ڇڏيو." شمشير، شاعريءَ ۾ لفظ ڏانءَ جي جاءِ تي 'اتڪل' استعمال ڪندو هو. شاعريءَ جي ڏانءَ بابت

ڪانئس پڇڻ تي جواب ڏيندو هيو تہ: ”مون شاعري ڪرڻ واري اتڪل سکي ورتي آهي.“

شمشير، جي حياتيءَ جي آخري ڏهاڪن ۾ سرجيل شاعريءَ جي هنن سٽن ۾ تخيل جي ڪيڏي نہ گهرائي ۽ فن جي ڪيڏي نہ اتڪل رکيل آهي:

جـهـانِ عشـق جـو ســردار آخـري آهـيان
حضور حسن ۾ حاضر وري وري آهيان
ملنـگ مسـت الســتي قلنــدري آهــيان
عجيب آهيـان هـزارن ۾ حيـدري آهيان

شمشير، پنهنجي شاعريءَ ۾ حسن بانوءَ جو ذڪر ڪيو آهي: حسن بانو جيڪا حياتيءَ جو روپ ڌاري متس وارد ٿي هئي، تنهنجي وارن جي واس جو ذڪر بہ هن ڪيڏي نہ ڪمال جي اتڪل سان ڪيو آهي تہ:

تنـهـنجي وارن جو واس جنهـن ورتو
وقـت جـي سينڌ کـي سنـواري ويـو

شمشير، جي سڄي شاعريءَ ۾ اسان کي رومانويت، جماليات کان وڌ مزاحمت وارو پاسو سگهارو نظر اچي ٿو. هو پنهنجي مزاجن جيان پنهنجي شاعريءَ ۾ بہ مزاحمتي هو جيئن سندس هڪ شعر آهي تہ:

سـدا ظلم جي مـات چونـدا رهيـا سين
سرِ عـام هـر بـات چونـدا رهيـا سيـن
اوهـان ڪيتـروئـي ڏتـاريـو دبـايـو
اسان رات کي رات چوندا رهيا سين

شمشير، سجاڳ ذهن ۽ روشن خيال ماڻهو هيو هن پنهنجي شاعريءَ ۾ بہ قوم کي اهڙو ئي پيغام ڏنو آهي: جيئن پنهنجي هڪ نظم ۾ چوي ٿو تہ:

اُتو جو هاڻي فيصلي جو سج پيو ڪني ڪڌي
اُتو جو هاڻي هڪ نئون جهـان پيو جنم وٺي
ڏسو تہ هـو روايتن جا ڪاڪ محل پيا ڪرن

ڏسو تہ هُو غلامين جا ڪوٽ ڍير پيا ٿين
اُٿو جوهاڻ پنهنجي هيءَ، جنگ آهي آخري
سنيالـيو پنهنجا مورچا، محاذ تي وري وري

شمشير، پنهنجي ٿهيءَ جو سنڌ جو اُهو يگانو شاعر آهي، جنهن وڏن ميڙاڪن ۾ عام ماڻهن توڙي پنهنجن پرستارن کان علاوه، همعصر شاعرن کان جتي پنهنجي لکيل شعرن تي داد حاصل ڪيو اُتي هن 1967ع ۾ پنهنجي نظرياتي استاد محمد ابراهيم جوئي کان بہ ڀرپور داد حاصل ڪيو. محمد ابراهيم جوئي چواڻي تہ: "مون کي تہ شمشير جي هنن لفظن ۾ شايد ڪائنس بہ زياده ، اعتماد آهي."

حقيقتن کي طبيعت جي روشني پهتي
اچو ڪي دؤر جو دانا ڪري پيو محنت
زمانو طئي ڪري آيو خيال جي بستي
نرالي نور کي روڪي نٿي سگهي طاقت

شمشير، عام زندگيءَ ۾ جيترو سادو ۽ محبتي ماڻهو هيو، عمل ۽ ارادن ۾ بہ اوتروئي سگهارو ۽ ارڏو ماڻهو هيو. هن ڏکين حالتن ۾ بہ ارڏائپ جي عَلم کي بلند رکيو. آمريت اڳيان آڻ نہ مڃي. هن ضيائي آمريت جي دؤر ۾ بہ صحافت جي سگهہ کي جاري رکيو. هن 1984ع ۾ ابراهيم جوئي سان گڏ " هدايت " جي نالي سان اخبار جاري ڪري، ان ۾ ضياءَ شاهيءَ خلاف ڀرپور آرٽيڪل، ايڊيٽوريل لکيا. جيڪا جون کان جاري ٿي ۽ ڊسمبر تائين مس هلي سگهي. آمريت سان اختلاف سبب ان تي سرڪاري پابندي پئجي وئي.

شمشير، جنم جنم جو جوڳي ۽ سنڌ جو روڳي آهي. سنڌ سان سلهاڙيل اُها ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن تي شمشير ڪليل نموني پنهنجي راءِ نہ ڏني هجي. هن سنڌ جي يگاني عاشق، سنڌ جي حقن جي ڳالهہ هر دؤر ۾ پير تي ڏونڪو هڻي ڪئي آهي. سندس شعر جو هڪ بند آهي تہ:

ڪنهن طرح اسين ظلم جا قائل نہ ٿيا سين
زنجير کان وڌ پنهنجو دمساز نہ آهي

شمشير پنهنجي وس، وت ۽ ڄاڻ آهر، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي تاريخي ڪم ڪري، اعزاز ماڻيا آهن. سنڌي ادب ۾ هن جي سڃاڻپ: آزاد نظم جو خالق، ٽيليويزن تي سنڌيءَ ۾ پهريون سنڌي ڊرامو"زينت " جي لکڻ ڪان وٺي پهريون سنڌي ڪمپيئر ٿيڻ واري رهي آهي، جنهن تي كيس اعزاز حاصل ٿيا آهن.

moulaiem@yahoo.com
moulaiemallah@gmail.com

شوڪت لوهار

# ماڻهو ميگهه ملهار

انسان جو ذي شعور هُجڻ ان کي هن وشال ڪائنات ۾ بين سيني ساهوارن لاءِ مختلف ڪري بيهارڻ لاءِ ڪافي آهي. انسان پنهنجي عقل سان ارتقا جا اهي ڏاڪا پار ڪيا آهن. جن لاءِ صرف سوچڻ ئي محو حيرت آهي. انسان پنهنجي عقل ۽ ڏاهپ سان فطرت جي ڪيترين شين کي پنهنجي قابو هيٺ ڪيو آهي.

عقل جا ڏاڪا چڙهندي هن آرٽ، فن، موسيقي ۽ ادب جا اهي معرڪا فتح ڪيا آهن. جيڪي فقط تصور ئي تي سگهيا پئي.

ادب انسان جي پنهنجي تاريخ جيان ئي قديم آهي. ادب، انسان جي ترجماني ڪرڻ جو اهم ذريعو آهي. ادب ذريعي انسان مختلف دؤرن ۾ پنهنجي زندگي، پنهنجي رهڻي ڪهڻي، پنهنجي ثقافت، تهذيب، تمدن، پنهنجن ريتن رسمن کي اظهار جو ذريعو پئي بنايو آهي. ادب ۾ شاعري جو تمام وڏو ۽ اعليٰ مقام آهي. شاعري، انساني تاريخ جيان ئي قديم آهي. شروع شروع ۾ انسان جي ادبي اظهار جو اهم ذريعو شاعري ئي هئي. شاعري جي اهڃاڻن لاءِ ويدڪ علم بعد ۾ رامائڻ نظم، جيڪو دنيا جو قديم ۽ طويل ترين مذهبي نظم آهي. جيڪو هڪ لک بندن تي مشتمل آهي.

يونان جو پهريون شاعر هومر، جيڪو نابين هو. ان جي ڪلاسيڪل تصنيف اوڊيسي Odessay کان ورجل رومن شاعر جي ڪمال جي اينيئڊ رزميہ شاعري تائين ان کان پوءِ چاسر جي Canterbury tales تائين سڀ شاعري جي ذريعي تاريخ جا انمول گيت آهن. انگريزي سجاڳي دؤر ۾ ايڊمنڊ اسپينسر Edmond Spenser جي فيري ڪوئين Farie quine ۽ شيڪسپيئر جا لافاني ناٽڪ سڀ شاعريءَ جي ٻڪ ۾ ڪڙڪندڙ انساني جذبات جا سِڪا آهن.

انگريزي ادب ۾ شاعري جي بابي ۽ فطرت کي پنهنجي ياڪرن ۾ پريندڙ شاعر وليم وردس ورٿ جي زباني آئون شاعري لاءِ سندس الفاظ اُڌارا وٺندس ته:

"Spontanous over flow of powerful feelings recollected in tranquility is called Poetry".

"جذبن جي بيتاب وهڪري کي شاعري چئبو آهي".

يا، چلي جي شاعر پئبلو نرودا چواڻي:

"Poetry works likes refrigerator it does not let go language unfresh".

"شاعري، ٻولي لاءِ هڪ ٿڌي ٿانءُ مثل آهي، جيڪا ٻوليءَ کي ڪڏهن بہ بگڙڻ نٿي ڏيئي".

مٿيان مثال شاعري جي عظمت ۽ اڏولتا سونهن ۽ سوڀيا، شائستگي ۽ فهميدگي کي بيان ڪن ٿا. شاعري نيل ڳگن تي چمڪندڙ چنڊ آهي. جنهن جي چانڊاڻ انسان کي زندگي جي گوناگونيت کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي، ڪنهن خوبصورت نار جي سونهن ڏسي، ڪو ڀڳلو مَن جذهن مچلي ٿو تہ هُو پنهنجي جذبن کي ڪاغذ جي ڪئنواس تي پينٽ ڪري ٿو ۽ ائين حسن، جمال، جبر، ڏاڍ، مٽي جي سڳنڌ، وطن دوستي، عالم انسانيت جي غم خوشي لفظن جي مجسمي ۾ ڍلي ٿاهي، تراشي، جذبن جا رنگ ڀري ٿو ۽ هُو ڪوي ٿي پوي ٿو. سرجڻهار ٿي پوي ٿو. سنڌوجل جي ميٺوڙي پاڻي سان ڳوهيل موهن جي دڙي جي مٽي جي خمير مان ڪيئي اهڙا انمول ڏات ڌڻي هن ڌيهہ جي ڪکي پيا آهن. جن جي ڏات صدين تائين هن قوم توڙي پوري عالم لاءِ سونهين رهي آهي. شاهہ سائين، سچل، سامي، اُستاد ۽ اياز اهڙا لافاني ڪوي آهن. جن جي ڪوتائن پنهنجي دؤر جي تبديلي کي پنهنجي ياڪر ۾ ڀرڻ سان گڏ ماضي ۽ مستقبل جي اونهاين سان آشڪار شبدن جي روپ ۾ سنڌي ٻولي جي لاءِ اهي ڪوٽ قلعا اڏيا آهن. جيڪي ايندڙ ڪيئي صدين تائين هن ٻولي جي هڙ ۾ ٻڌل اڻ ڪٽ هيرا ۽ موتي پيا ثابت ٿيندا. سنڌي ٻولي جي سونهن تهائين ڏاڍي سُندر ۽ من ياوڪ ٿي پيئي آهي، جو هنن ڏات ڌڻين، سهڻن سرجڻهارن پنهنجي ڏات جا ڏيئا روشن ڪيا آهن.

استاڻن چيو آهي تہ:

"The Writers are the engineers of the human souls".

"اديب انسانن جي روحن جا انجنيئر آهن".

اديب پنهنجي لکڻين جي ذريعي ماڻهو جو اندريون ڪول پنهنجي ذات جي ترياق سان ڌوبو صاف ڪريو ۽ نئون ڪري ڇڏين. ماڻهو جي سوچ جو رخ تبديل ڪريو ڇڏين. تاريخ شاهد آهي تہ شاعر جي هڪ اڌ سِٽ قومن جي تقدير بدلائڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

ننڍي کنڊ جي واحد لينن ايوارڊ يافتہ رومانوي ۽ انقلابي شاعر فيض جون مون کي سٽون ياد پيون اچن تہ:

* "اے خاک نشینو! وہ وقت قریب آ پہنچا ہے،
جب تخت گرائے جائیں گے جب تاج اُچھالے جائیں گے۔
اب زندانوں کی خیر نہیں، بازو بھی بہت، سر بھی بہت،
کٹتے بھی چلو بڑھتے بھی چلو، چلتے بھی چلو،
چلتے بھی چلو کے اب ڈیرے منزل پے ڈالے جائیں گے۔

پر ڪي اکيون هُجن ڏسن، ڪي ڪن هُجن ٻڌن. ڪي اهلِ دل، اهلِ قلم هُجن، جيڪي هنن قلم جي مزدورن کي مان ڏين. پر هتي سندن آجيان هميشہ جيلن جي ڪولين ئي ڪئي آهي. قيد جي ڪال ڪوٺڙين ئي انهن کي ياڪر پاتو آهي. بک، مفلسي، ناداري، لاچاري، مجبوري جي انعامن ۽ اڪرامن ڳلن ۾ ڳراٽڙيون پاتيون آهن. تنهن هوندي بہ هي مانجهي مڙس مُڙڻ مهڻو سمجهي ٻُک ڏک ۾ ڪاهيندا هلن ۽ سنڌي ٻولي جي شمعن کي پنهنجي ذات جو جلائون بخشيندا ٿا رهن.

هڪڙا ماڻهو هوندا آهن جيڪي ادب لاءِ پيدا ٿيندا آهن. جيئن اسپينسر جي ساراهہ ڪندي 18 صدي جي لافاني نثر نگار چارلس ليمب "Charles Lamb" چيو هو تہ: "بنا بُرش هٿ ۾ هُجڻ جي، اسپينسر تصور جي اکين سان ڪيڏا نہ رنگين شبد چٽيا آهن. هي تہ شاعرن جو شاعر آهي".

جيئن شيڪسپيئر لاءِ انگريزي ادب جي تاريخ جي سرجڻهار ڊيوڊ ڊچيز چيو هو تہ:

“Shakespeare is not for one age but all ages”.

”شيڪسپيئر ڪنهن هڪ ڏارا جو شاعر ناهي، پر هر صدي ۽ هر دؤر جو ترجمان آهي“.

ساڳي طرح سنڌي ادب ۾ ڪجھہ اهڙا مهان نالا آهن. جن پنهنجي پوري حياتي ادب جي آبياري لاءِ وقف ڪري ڇڏي. سڄي ڄمار سنڌي ٻولي جي ميندي جي ڪيت جي رکوالي ڪندي گذاري ڇڏي. سمورو وقت ٻوليءَ جي سونهن سينگار جي لاءِ صرف ڪري ڇڏيو. ڪڏهن بہ اهو ڪونہ سوچيو تہ ڪو گهر ناهجي، مال ميڙجي، محل ماڙيون ناهجن. هڪ سمي لاءِ بہ اندر ۾ ڪو پڇتاءُ ڪا مايوسي نہ هُجڻ، واقعي ٻولي سان محبت جو ٻوليءَ کي محبوب سمجهڻ جو ٻوليءَ کي پنهنجي اولاد جيان پالي تاتي جوان ڪرڻ جو ٻولي جي سرنهن ڦلار ڪيت جي رکوالي ڪرڻ سندن سونهين.

نئڊي هوندي جڏهن جيجي جو ڳاتل، علي بابا جو گيت:

”اسين ماڻهو لاڙ جا، درياهہ جي پڇاڙ جا“.

ٻُڌندا هئاسين تہ لاڙ کي ڏسڻ جو اشتياق پيدا ٿيندو هو. مولوي احمد ملاح جي هٿن سان سنڌي ٻولي جي ڳچي ۾ لفظن جون مالهائون پائيندڙ سنڌو درياء جي هن پڇڙ واري پرڳڻي تمام وڏا ڪردار تخليق ڪيا آهن. انهن مان شمشيرالحيدري بہ هڪ آهي. پنهنجي ڏُکي ۾ شاعريءَ جي سُتي وئندڙ هي خوجا ذات سان تعلق رکندڙ مانجهي مڙس اکرن جي الهڙ ڪنواري سندر نار سان عشق اڙائي ويٺو. ساهہ جي آخري هڏڪي تائين هو انهي عشق سان پاڻ کي سلهاڙيون آيو.

شمشير هڪ ئي وقت شاعر، صحافي، نثر نويس، مزاح نگار ۽ ناٽڪ نويس هو. هُو ادب جي ڪيتر ۾ هر صنف تي ڪمال ڪاريگري سان پنهنجي هُنر ۽ حرفت جو جوهر ڏيکاريندو رهيو. شمشير سڄي زندگي سنڌي ٻولي ۽ ادب کي اربي ڇڏي. شمشير هر وقت سنڌي ماڻهن لاءِ پنهنجي

ڪوتائن جي بتي سان روشني ڪندو رهيو. ڪنهن بہ ڪونہ چاتو تہ ان بتي ۾ هن ڪوي جو لال، لال خون ٻري رهيو هو!

شمشير انهن ڏينهن ۾ پنهنجي جاءِ تي ڄمي بيٺو رهيو. جڏهن ايوبي مارشلائي راڪاس هن ڌرتي کي ڪٽي پنهنجي خوني چنبن ۾ قابو ڪري رکيو هو. ان وقت شمشير جهڙا جوڳي انهن قاتلن ۽ آمرن سان اکيون اکين ۾ ملائي پنهنجي ٻولي ۽ ڌرتي جي حفاظت ڪئي. ضيائي اونداهي دؤر ۾ ايم. آر. ڊي لاءِ هن ماڻهو پنهنجو هڙان وڙان خرچ ڪري پمفليٽ ڇپرائي، سنڌي قوم ۾ سجاڳي پيدا ڪئي.

شمشير گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ هو. هُو پنهنجي ذات ۾ مڪمل ادارو هو. ان سان گڏ تمام وڏو رومانوي ۽ مزاحمتي شاعر هو. هن جي رڳ رڳ ۾، هن جي نس نس ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي محبت سمايل هئي. شمشير، مارشلائي دؤرن ۾ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ مزاحمت اصل ۾ نالو آهي ڄمي بيهڻ جو پنهنجي ڪيل ڳالهہ سان نڀاءُ ڪرڻ جو. سرينڌر نہ ڪرڻ جو ڀلي ڪيڏيون بہ مشڪلاتون اچن، خطرن جا طوفان وڪوڙي وڃن، ماڻهو بيٺو هُجي، پنهنجي جاءِ تان هڪ ترِ جيترو بہ پُٺتي نہ هٽي. اها ئي مزاحمت. جيئڻ عشق ۾ ٿيندو آهي. ماڻهو بغير ڪجهہ سوچڻ سمجهڻ جي بغير ڪنهن موٽ جي، بغير ڪنهن لالچ جي، پنهنجي پاڻ کي اربي چڏي ۽ بدلي ۾ ڪابہ تمنا نہ رکي، محبوب جي، خوشي ۾ خوش هُجي. ان کي خوش رکڻ لاءِ پل هن کي باهہ جي آڙاهن ۾ پاڻ کي اُچلڻو پوي يا پنهنجو پاڻ سُهڻي جي روپ ۾ ڇولين حوالي ڪرڻو پوي.

شمشيرالحيدري جي وک وک خاص طور سنڌي ماڻهن لاءِ مسلسل جدوجهد، مسلسل مزاحمت، مسلسل لڳو رهڻ، دشمن کي جهل نہ ڏيڻ، دشمن کي پڪڙ نہ ڏيڻ جو هڪ وڏو ڊرامائي ٿرلر آهي. شمشير جي سڄي زندگي، مزاحمت جو هڪ اهم ڊاڪيومينٽ آهي. شمشير جي زندگي هيمنگوي جي "old man and the sea" جي سانتياگو وانگر ئي آهي. جيڪو سمنڊ جي ڏکيائين کي چيريندي هميشہ اڳتي وڌندو رهي ٿو ۽ هر صبح هڪ نئين عزم

۽ نئين جوش ۽ ولولي سان سرشار هُجي ٿو. تڏهن تہ هو پنهنجي چوڪر دوست مارلن کي چئي ٿو تہ:

"A man can be destroyed but can not be defeated".

"ماڻهو کي پيچي پور تہ ڪري سگهجي ٿو پر کيس مات نٿي ڏيئي سگهجي".

جان ملٽن (John Milton) جي ڪتاب "Paradise Lost" "وڃايل جنت" جون ڪجھہ سٽون مزاحمت ۽ للڪار جي حوالي سان پيش ڪندس. جيئن پنهنجي ڳالهہ کي چٽو ڪري سگهان. ٿورو وضاحت ڪندو هلان تہ هي وڃايل جنت جي اهم ڪردار شيطان جي خودڪلامي آهي.

"What though the field be lost,
All is not lost.
The uncouquorable will,
And study of revenge,
Immortal hate and courage,
Never to submit or yield
And what is not to be over come"

شمشير جي شاعري رومانس ۽ جهاد پٺي جو سنگم آهي. هُو زندگي جي ڪيترن ئي تلخ سچائين کي ويجهو ٿيو پر ڪڏهن بہ انهن کان مُنهن نہ موڙيائين. سدائين ڪرو سچو ۽ سنڌي ٻوليءَ جو عاشق رهيو.

"دل جي پُر شوق دلاسن تي هليا آياسين،
سونهن وارن جي سلامن تي هليا آياسين.
ڪنهن شاهہ شهنشاهہ جو فرمان نہ هليو اسان تي،
نينهن وارن جي نياپن تي هليا آياسين".

سنڌي ٻولي جو هي سپهہ سالار اُتي بہ مزاحمتي نغارا وڄائي ٿو جتي مظلومن جي ڳالهہ ڪرڻ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان ٿيل ڏاڍ لاءِ آواز اٿارڻ معنيٰ نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهڻ هو.

”هَر هَر ٿيون اچن، وقت جي سوريءَ جون صدائون،
افسوس اناالحق جو آواز نہ آهي“.
وري فيض جو هي خيال بہ ڏسو:

يوں ہی الجھتی رہی ہے ظلم سے خلق،
نہ ان کی رسم نئی، نہ اپنی ریت نئی۔
یوں ہی کھلائے ہیں ہم نے آگ میں پھول،
نہ ان کی ہار نئی ہے، نہ اپنی جیت نئی۔
اس سبب سے فلک کا گلا نہیں کرتے،
تیرے فراق میں دل بُرا نہیں کرتے۔

سماجي، سياسي ناهمواريون هر دؤر ۾ ساڳيون رهيون آهن. سنڌي ادب مزاحمت، ظلمن ۽ وقت جي آمرن جي خلاف لفظن جي ڪارتوسن ۾ پنهنجي احتجاج کي پري بربريت جا نشانا پئي ورتا آهن.

اياز، امداد، اُستاد، تنوير ۽ ٻين گهڻن ئي هڪ جيڏن شمشير جيان جهاد پٽي لاءِ ڏاڍ ۽ ظلم خلاف مزاحمت لاءِ آواز بلند پئي ڪيو آهي.

شمشير صحافت جي ميدان ۾ آيو تہ پيرن، ميرن، وڏيرن، لٽيرن جي ثناخواني مان صحافت کي ڪڍي آيو ۽ پنهنجي هر لفظ ۾ هر جملي ۾، هر سِٽ ۾ هن سماج جو طبيب بڻجي مسيحائي ڪرڻ لڳو. سنڌي ٻولي خلاف سازشن جو مُنهن ٽوڙ جواب ڏنائين. مهراڻ اخبار جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ سچائي ۽ بيباڪي جا اُهي پينترا استعمال ڪيائين جو دشمن دنگ رهجي ويا. ٿوري عرصي ۾ اخبار جي سرڪيوليشن کي آسمان تي پهچائي ڇڏيائين. اُتان ڇڏيائين تہ پنهنجي هفتيوار اخبار هلچل شروع ڪيائين. جنهن جي سچائي سامراجي قوتن کان برداشت نہ ٿي ۽ ان تي بندش هڻي اُن کي بند ڪرائي ڇڏيائون.

صحافت کان سواءِ پي. ٽي. وي تي تمام خوبصورت ناٽڪ لکيائين. خاص طور تي تاريخي ناٽڪ ”ڪاڪ محل“ تمام گهڻو مقبول ٿيو. ادبي رسالن ’مهراڻ‘ ۽ ’نئين زندگي‘ ۾ بہ پنهنجو پاڻ مڃايائين. شاعري جي

حوالي سان شمشير جا نظم ڏاڍا خوبصورت آهن. انهن نظمن ۾ جهرڻن جي پاڻي جهڙي رواني آهي.

شمشير جيئن تہ جاکوڙي ماڻهو هو ۽ هر وقت پنڌ ۾ رهندو هو ان ڪري سندس شاعري بہ مون کي لڳندو آهي ڄڻ وکون کڻندي اڳتي وڌندي سنڌ جي سينڌ سنواريندي هلندي آهي.

شمشير جي شاعري جي ٿانن کي وڏيڪ کولڻ جي ضرورت آهي.
شمشير جي ڪيل ڪم کي سهيڙي ان کي سنڌي قوم تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي. شمشير جي نانءُ سان ڪو علمي ادارو جُڙڻ گهُرجي. جيڪو سندس ڪيل ڪم تي تحقيق ڪري ۽ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم جي هن خدمتگار جي ڪيل ادبي علمي خدمت کي سنڌي قوم آڏو پيش ڪيو وڃي.

شمشير تمام وڏو ماڻهو هو. پنهنجي ڪردار ۾، پنهنجي سخن ۾، پنهنجي حسن ۾، پنهنجي بيباڪي ۽ پنهنجي اظهار ۾. هُو سڄي زندگي ظلمت سان جهيڙيندو رهيو ۽ سنڌ کي ڌاري ۽ غير جي بدنظرن کان بچائيندو رهيو.

آخر ۾ آئون سندس ئي شعر تي پنهنجي قلم جي جهاز کي لنگرانداز ڪندس تہ:

"جهانِ عشق جو سردار آخري آهيان
حضورِ حُسن ۾ حاضر وري وري آهيان
ملنگ مست الستي قلندري آهيان
عجيب آهيان هزارن ۾ حيدري آهيان".

<u>دستگير پٺاڻ</u>

# هڪ روشن خيال دانشور

سنڌي نوجوان گريجوئيٽن Graduates کي سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ روزگار ڏيارڻ توڙي آباد ڪرڻ واري هن تاريخي مهم دؤران ان زماني ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي روزاني اخبار هلال پاڪستان جو بہ شاندار ڪردار رهيو جنهن لاءِ اخبار جو ايڊيٽر جناب سراج الحق ميمڻ ڪريڊٽ لهڻي ٿو. هونئن بہ اسان جي استاد سراج صاحب جي حب الوطني ۽ سنڌ دوستي واري اٽل سوچ جو ئي نتيجو هو تہ هلال جو سمورو اسٽاف ڪراچيءَ جي چوڌرد ٽڙيل پکڙيل مقامي سنڌي آبادين ۽ قديم ڳوٺن کي ڪراچي ڊيولپمينٽ اٿارٽي KDA جي سنڌي دشمن آرگنائيزيشن وارين پاليسين کان بچائڻ خاطر ڏينهن رات پتوڙيندو هو. اسان کي فخر آهي تہ مرحوم شمشيرالحيدري توڙي سراج صاحب جهڙن روشن خيالن قوم پرست استادن جي صحبت ۽ شاگردي نصيب ٿيڻ ڪري تاريخ جو ڪجهہ ادارڪ ۽ صحافت جا نوان گُر سکياسين. مطلب تہ گهڻو ڪجهہ پرايوسين.

شمشير مرحوم جڏهن ايم آر ڊي واري ائنٽي مارشل لا تحريڪ جي ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو تہ منهنجي گهر پرسان گول بلڊنگ لڳ رهندڙ پيپلز پارٽيءَ جو هڪ دلير دبنگ پر گمنام سپاهي ۽ سچو جيالو شهاب الدين منشي قربائتي ساٿيءَ جي حيثيت سان پنهنجي گهر وٺي آيو. اهو سڄو دؤر شام واري ڪچهري شهاب عرف ابو منشي رچائيندا هئاسين. گول بلڊنگ لڳ منهنجي جڳهہ پرسان منشي فيملي بہ هڪ صديءَ کان آباد هئي. حقيقت ۾ تاريخي اخبار هلال پاڪستان، 1946ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان هڪ سال اڳي شهاب منشي جي چاچي مرحوم عبدالشڪور منشيءَ شايع ڪرڻ شروع ڪئي. ننڍپڻ ۾ اسين شهاب جي والد صاحب مرحوم اسماعيل منشي کي پريس ۾ مصروف ڏسندا هئاسين. عبدالشڪور منشي بہ پنهنجي دؤر جو هڪ نامياري پر صاف گو سياسي رهنما ٿي رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ صحافت جي سلي جي آبياري ڪرڻ ۾ سندس

اڳيرو ڪردار هو. 84-1983ع ۾ جڏهن شمشير مرحوم بيروزگاريءَ جا ڏکيا ڏينهن پئي گهاريا تہ منهنجي دوست شهاب منشيءَ جو وڏو پٽ وهاب ننڍڙو ٻار هو ۽ شمشير توڙي ٻين اديبن جي خدمت ڪندو رهندو هو. اڄڪلهہ عوامي آواز جو مشهور ڪالم نگار آهي. شمشير جي حياتيءَ جي ڏکين ڏينهن جو حوالو ڏيڻ ان ڪري ضروري سمجهان ٿو تہ هِهڙي فقيري حال ۾ بہ بديڻن جو هيءُ بدمست پنهنجي سُتيءَ ۾ ملِيل ائنتي اسٽيبلشمينٽ سوچ ۽ شعور کان بيگانو نہ بڻيو. مثال طور سندس مهراڻ اخبار وارو دؤر سڀ کان نرالو ۽ اوچو آهي. ماهوار نئين زندگي جيان روزانہ مهراڻ جا مالڪ بہ فوجي اسٽيبلشمينٽ سان واڳيل ۽ سنڌ جي عوام پاران هلايل شاندار تاريخي جدوجهد (ايم آر ڊي) جا مخالف هئا پر نئين زندگيءَ جيان مهراڻ کي بہ شمشير پنهنجي جرئتِ رندانہ ۽ قومي شعوز وسيلي وقت جي حڪمرانن خلاف هٿيار طور استعمال ڪري اهڙي تہ جاڳرتا جي لهر پيدا ڪئي. جو سنڌ ۾ شايد پهريون ۽ آخري ڀيرو ڪا اخبار سئنيما جي ٽڪيٽ جيان بليڪ تي وڪرو ٿيڻ لڳي. سو رسالي ۽ اخبار کي قومي مقصدن خاطر قوم مٿان ڇانيل اونداهي فوجي راڄ ۾ عوامي سجاڳيءَ لاءِ هٿيار بڻائي استعمال ڪرڻ وارو آرٽ، فن ۽ ڏات شمشير کي شايد سُتيءَ ۾ مليل هو ڇاڪاڻ تہ سندس تربيت ئي مولوي احمد ملاح ۽ نذير حسين حيدري، محمد عثمان ڏيپلائي، مولانا گرامي جهڙن عالم فاضل سچن ۽ کرن انسانن وٽ ٿي هئي. پنهنجي دوستن ۽ محسن ۽ سنڌ جي هڪ سچي عاشق يوسف شاهين جي برسات مئگزين کي بہ مون شمشير کان پرايل انهيءَ آرٽ موجب ڪجهہ عرصي تائين هلايو ۽ خلق پاران وڏي موٽ ملي هئي.

مٿي مون ذڪر ڪيو آهي. شمشير پاران ڪراچي ۾ سنڌين کي آباد ڪرڻ وارين ڪاوشن جو جنهن ۾ هدايت بلوچ ۽ مرحوم تاجل بيوس پڻ ساٿس ڀائيوار هئا. شمشيرالحيدري جي اِها ئي ڪوشش رهي تہ، ڪراچي ۾ سنڌين جي آبادي بہ ٿئي ۽ اهڙيءَ طرح مالڪي بہ ٿيندي

چاڪاڻ تہ ڪراچي، اسان جو شهر آهي چاڪاڻ تہ انسان جي وڏماڻهپائي فقط سندس ڪردار مان جُڙي راس ٿئي ٿي. شمشير بہ اهڙن بلند ڪردار ماڻهن مان هو جيڪو سدائين ڏرتي ڌڻين جي ذهنن ڪي ولوڙيندو رهيو سنڌي ماڻهن ڪي مايوسي ۽ نااميدي خلاف جنگ جاري رکڻ جو درس ڏيندو هو ۽ مرڻ پڄاڻان بہ ڪين سنڌين واسطي پنهنجي هٿان سرجيل ادب، صحافت ۽ شاعري جو اهڙو تہ شاندار ورثو ڇڏي ويو آهي. شمشير مرحوم، وطن دوست ۽ باشعور سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي انهي پهرين ڪيپ جو مهندار هو. هڪ بهادر ۽ ارڏو انسان، جنهن سڄي عمر، سنڌ جي محبت ۾ گذاري، هو هڪ روشن خيال، ۽ ترقي پسند اديب هو. هِن جهڙي عظيم انسان جو پيدا ڪيل خلا پرڻ ۾ صديون لڳنديون.

ناصر بلوچ

# شمشيرالحيدري جو ڏکوئيندڙ وڇوڙو.....!

سنڌ جو املهہ شاعر، اديب ۽ ايڊيٽر، ڪالم نگار، اصول جو پڪو سخن جو سچو نہ ڪڏهن وڪيو ۽ نہ ئي ڪنهن ڪيس خريد ڪرڻ جو سوچيو. فقير منش، نہ ملڪيتون ناهيائين، نہ ئي ڪيس ڪا اهڙي خواهش رهي، هميشہ سنڌ جو فڪر، سنڌين جي خوشحالي لاءِ پنهنجو قلم استعمال ڪيائين، جنهن جي صلي جي نہ ڪا تمنا ڪيائين ۽ نہ ئي ڪيس ڪڏهن ڪنهن ڪان توقع رکيائين، هر دؤر ۾ ڏسو شمشير سنڌي ادب، علم ۽ سنڌ جي ڀلي لاءِ جدوجهد ۾ اڳئين صفن ۾ رهيو اهڙا ماڻهو ورلي پيدا ٿيندا آهن. جيتوڻيڪ دنيا فاني آهي ۽ جيڪو ڄائو آهي سو هڪ ڏينهن هلڻو آهي، ليڪن ڪن ماڻهن جو وڇوڙو سڄي ڌرتيءَ لاءِ نقصان جو باعث ٿئي ٿو ڇو تہ اهڙا انسان گهٽ پيدا ٿين ٿا. جيڪي پنهنجي بدران پنهنجي سنڌ ماءُ جو سوچين ۽ ڌرتي جي ڀلي ۽ خوبصورتي لاءِ پنهنجو علم، توانائي، جواني ۽ سڄي عمر وقف ڪري پنهنجي لاءِ ڪجهہ نہ سوچين ۽ نہ ئي ڪا ملڪيت ناهين. شمشيرالحيدري اهڙن املهہ داڻن مان هڪ داڻو هو هن پنهنجي اولاد کي صرف تعليم ڏياري، ملڪيت نہ پاڻ ناهيائين ۽ نہ اولاد کي حرام هڏ وڌائين. ون يونٽ تحريڪ جي هر اول دستي جو سپاهي هو تہ ايم- آر- ڊي تحريڪ دؤران صحافت ۾ پاڻ ملهايائين. ان زماني ۾ هو مهراڻ اخبار جو ايڊيٽر هو ۽ صرف شمشيرالحيدري جي بيباڪ سچ ۽ سنڌ جي عوام جي حقيقي ترجماني ڪندي اخبار کي اوج تي پهچايائين.

سنڌي شاعري ۾ شمشير جو پنهنجو مقام آهي هن جو هر سخن سنڌ جي خوبصورتي جي تشبيهہ آهي، مثال طور محبوب جي نيڻن جي خوبصورتي ڏسو تہ ڪيئن ٿو چئي:

تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو
چڙهہ تہ سنڌو جي ڀي ڪناري ويو

۽ هن گيت ڪي تہ ڏسو ڪيڏي نہ خوبصورتي ثو محسوس ڪري، سنڌ جي ڌرتي لاءِ پنهنجي چشم تصور ۾ اها ڳالهہ سواءِ سچي عشق جي چوڻ ناممڪن آهي هن جي من ڪي موج ۾ صرف سنڌ جي سونهن ڪري ٿي اچي، جيئن چوي ٿو.

اج موج آئي من تي،
پهراڻ پيا پٽن تي،
گل گاهہ ٿيا گسن تي،
سانگي وريا وطن تي،
نغما چريا چپن تي.

خبر ناهي ڇو شمشير جي گيت جي اها سِٽ ٻڌندي هميشہ ڏڪيارو ٿي ويندو هئس جڏهن سندس گيت جون اهي سِٽون پڙهندو يا ٻڌندو هئس.

هڪڙو شمشير هو زماني ۾،
سو پيي دنيا مان اج گذاري ويو.

تہ هميشہ اها دعا گهرندو هئس تہ شل شمشير وڏي حياتي ماڻي، ليڪن اج شمشير سچ پچ اسان سنڌين کان موڪلائي انهي پاسي هليو ويو آهي جتان ڪوبہ ورڻو ناهي، پر شمشيرالحيدري جو سنڌ، سنڌين ۽ سنڌي ٻولي سان وفاداري جو ڏنل سبق ياد رکڻ جي اڳ کان وڌ ضرورت آهي. اچو تہ سندس اهو سبق ياد ڪري سندس قدمن تي هلي سنڌ کي خوبصورت بنائڻ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهہ وقف ڪريون، اهو ئي شمشيرالحيدري لاءِ نذرانہ عقيدت آهي جيڪو اسين پيش ڪري سگهون ٿا.

شمشيرالحيدري پنهنجي پورهئي، حب الوطني ۽ سچائي سبب هميشہ زنده رهندو سندس وڇوڙي تي آءٌ سيني سنڌ واسين سان تعزيت جو اظهار ٿو ڪريان ۽ بدين، ڪيڏڻ ۾ رهندڙ سندس مائٽن، عزيزن، اولاد ۽ پياءُ رفيق جعفري سان پڻ دلي تعزيت ڪندي دعا آهي تہ الله جون

"عبرت سنسار"
12 آگسٽ 2012ع

مظهر خاصخيلي

# شمشير گذاري ويو

21 رمضان سڄي دنيا اندر حضرت عليؑ جي شهادت جي حوالي سان تمام عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو. ان ڏينهن تي هڪ اهڙي سنڌ ڌرتي جي چيڪي مٽي مان جنم وٺندڙ حضرت عليؑ ۽ ان جي خاندان سان بي پناهه محبت ڪندڙ شمشيرالحيدري جنهن لاڙ جي بدين ضلعي جي شهر ڪڍڻ ۾ رهندڙ رسول بخش خواجه جي گهر ۾ 15 سيپٽمبر 1931ع تي پنهنجي جيجل ماءُ جي گود ۾ اکيون کولي جنم ورتو اهو شمشيرالحيدري 21 رمضان 10 آگسٽ تي هميشه جي لاءِ اسان کان جسماني طور تي موڪلائي ڪري هليو ويو آهي پر سوال وري به اهو ٿو جنم وٺي ته ڇا واقعي شمشيرالحيدري پنهنجي عقيدي سان ۽ پنهنجي ڌرتي سنڌ ۽ ان جي رهندڙ هر سنڌ ڄائي ماڻهو سان بي پناهه محبت ڪندو هو يا نه. ان جي ڪري جيڪڏهن سندس گذاريل زندگي مٿان نظر وجهي ته حقيقت لکڻ جي لاءِ ويهبو ته سڀ کان پهريان سنڌ جي نالي واري اديب امر جليل جي انهن چيل لفظن کي جاچڻ ضرور گهربو جن ۾ هن شمشيرالحيدري جي باري ۾ اهي لفظ چيا آهن ته شمشيرالحيدري جي خلاف لفظ به ڳالهائڻ سنڌ ڌرتي جي خلاف ڳالهائڻ برابر آهي، ڇو ته شمشيرالحيدري جي سيني ۾ سڄي سنڌ ۽ ان جي رهواسين جو درد سمايل آهي ۽ اهو واقعي سچ به آهي پاڻ جيڪڏهن اصل ۾ اڄ پوري ايشيا جي اديبن جي سڀ کان وڏي تنظيم سنڌي ادبي سنگت جي ان دؤر جي ڳالهه هتي لکنداسين. جڏهن 1956ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل نالي وارو اديب اياز قادري ٿيو ۽ ان پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي هئي، جنهن کان پوءِ ان جي جوائنٽ سيڪريٽري شمشيرالحيدري نئين سيڪريٽري جنرل سنڌي ادبي سنگت جون ذميواريون سنڀاليون. ان کان پوءِ هي پهريون سنڌ جو اهڙو اديب ۽ شاعر آهي، جيڪو لاڳيتو 11 سالن تائين سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري

جنرل رهيو ۽ ان دؤران ون يونٽ جي خلاف جيڪا تحريڪ سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان سنڌ جي اديبن، شاعرن، سياسي، سماجي ۽ سنڌ دوست ڌرين سان گڏجي هلائي اها اڄ بہ مثالي بڻيل آهي ۽ ان کان سواءِ سنڌي ٻولي قومي ٻولي جي حوالي سان جدوجهد ائين ڪٽي چئجي تہ سڀ کان پهريان سنڌي ادبي سنگت شمشيرالحيدري جي وقت ۾ هلائي ۽ اها جدوجهد اڄ بہ جاري آهي ۽ اڄ جنهن موڙ تي سنڌي ادبي سنگت پهتل آهي ان ۾ سڀ کان گهڻي جدوجهد ان محبتي ماڻهو شمشيرالحيدري جي ڪيل آهي. جيڪو 21 رمضان تي پنهنجي سنڌ امڙ جي هنج ۾ سمهڻ جي لاءِ اسان ڪروڙين سنڌي جي رهواسين کي آلين اکين سان هتي ڇڏي پاڻ هليو ويو آهي. شايد 21 رمضان جي حوالي شمشيرالحيدري هيٺيون سٽون تخليق ڪيون هيون. چوندو رهيو تہ مولا تي ننگ آهي.

جهان عشق جو سردار آخري آهيان،
حضور حسن ۾ حاضر وري وري آهيان،
ملنگ مست الستي قلندري آهيان،
عجب آهيان هزارن ۾ حيدري آهيان.

۽ اهو ئي سبب آهي تہ ڏينهن شمشيرالحيدري کي نصيب ٿيو آهي، اهو تہ هو شمشيرالحيدري جو پنهنجي مرشد سان عقيدو پر سچ تہ شمشيرالحيدري پنهنجي زندگي جي گذاريل ڏينهن ۾ سمورن پاسن کان جاچبو تہ هڪ اهڙو سنڌ دوست فرد هو جنهن جي وڇوڙي کي ڪيترو بہ برداشت ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي پر اهو برداشت نہ ٿيندو پر افسوس رڳو هڪڙي ڳالهہ جو آهي تہ پوري دنيا اندر شمشيرالحيدري جهڙن سچن ۽ ارڏن ماڻهن کي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي پر اسان وٽ خاص ڪري سنڌ جي سنڌي زبان جي شاعرن اديبن قلم ڪارن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ سالن کان وٺي جاري رکيو ٿو وڃي. هن وقت تائين سنڌ جا اهڙا کوڙ سارا اديب شاعر اهڙا جسماني طور تي موڪلائي ڪري ويا آهن جن جي جيتري خاص جي نانءُ تي جوڙيل حڪومت کي مدد ڪرڻ گهرجي اها ڪري ناهي سگهي ۽ ان جو وڏي ۾ وڏو افسوس اهو آهي تہ اهي سنڌ جا اديب شاعر

قلمڪار جيڪي پنهنجي قلم جو سودو ناهن ڪندا ۽ سچ کي هميشہ سچ ۽ ڪوڙ کي هميشہ ڪوڙ چوندا رهيا آهن. جيئن شمشيرالحيدري پنهنجي سٽن ۾ هيٺ چيو آهي تہ:

سدا ظلم جي مات چوندا رهياسين،
سر عام هر بات چوندا رهياسين،
اوهان ڪيترو ئي ڏتاريو دبايو،
اسان رات کي رات چوندا رهياسين.

هنن سٽن ۾ شمشيرالحيدري جي اندر جو آواز ظاهر ٿيو آهي ۽ سچ بہ اهو آهي تہ شمشيرالحيدري سمورن پاسن کان جيڪڏهن صحافت جي حوالي سان جاچبو تہ ڪافي اخبارن جو هو ايڊيٽر ۽ ڪيترن رسالن جو ايڊيٽر رهڻ سان گڏ سوين مضمون لکڻ سميت ڪيترائي ڊراما لکيا ۽ سندس ڪافي ڪتاب مارڪيٽ ۾ موجود آهن پنهنجي زندگي ۾ جيڪو پورهيو ڪيو آهي. ان کي ڪامياب چئي سگهجي ٿو چو تہ جيڪو ماڻهو سچ جو راهي هوندو آهي ان جي هر ڳالهہ سچ هوندي آهي جيئن شمشيرالحيدري پنهنجي سٽن ۾ چيو آهي تہ:

ڏيئي رهيو آهي جڻ چئي رهيو آهي تہ،
انڌيرن ۾ پلجي پئي روشنائي وڏي ڳالهہ آهي،
اڄان وقت کي پئي ڳولي سچائي وڏي ڳالهہ آهي.

اهي سچائي جا ڪرڻا شمشيرالحيدري جي سيني ۾ هئا انهن ڪرڻن جي سهاري هميشہ ديش دروهين سان مهاڏو اٽڪائيندو رهيو. جڏهن اسلام آباد واريون قوتون سنڌ سميت سمورن مظلوم قومن کي ون يونٽ واري سنگهر ۾ قيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ شمشير اياز جي بيتن جيان ۽ نياز همايوني جي نظمن جيان للڪاريندو ۽ چوندو رهيو:

منهنجو يار بہ ڪوري. شل سنڌ ٿئي نہ چوري.

هو سچو هن بيتن جيان مزاحمتي ڪردار هو. ان جي جدوجهد جي کهڙي ڳالهہ ڪجي. اهو سچ آهي تہ اڄ جسماني طور تي اسان کان

شمشيرالحيدري موڪلاڻي ڪري ويو آهي پر ڇا ان جي ڪيل سموري جدوجهد ائين وسري ويندي، پاڻ هيٺ چوي ٿو تہ:

هي ظلم اهي اِسان سان اوهان جي محفل ۾،
اوهان جي ڳالهہ اوهان سان ڪجي تہ ڪيئن ڪجي.

اج تہ شمشير سڄي سنڌ جي انهن سمورن محفلن مان جسماني طور تي موڪلاڻي ڪري ويو آهي جيڪي هاڻي ان جي وڃڻ ڪان پوءِ خاص ڪري ڪراچي شهر جون هوائون اداس هونديون. ڇو تہ هن زندگي جو گهڻو حصو ڪراچيءَ ۾ گذاريو ۽ سندس چيل سٽن جيان:

هڪڙو شمشير هو زماني ۾
سو بہ دنيا مان اج گذاري ويو.

”هلال پاڪستان“
آچر 12 آگسٽ 2012ع

رازق ڪٽي

# شمشير علي ڪان شمشيرالحيدري تائين!!

شمشير صاحب سان آخري ڳالهہ ٻولهہ سندس وفات کان هفتو ڏهہ ڏينهن ڪن اڳ ٿي هئي، بيماري جي شدت ۽ تڪليف سبب سندس آواز تمام گهڻو جهيڻو ٿي چڪو هو. پر حوصلو اهو ئي هو جيڪو سڄي ڄمار هُن جو ساٿ نڀائيندي ٿي آيو حال احوال ٿيا. مون پاڻ ڳالهہ ٻولهہ کي انهي ڪري مختصر ڪيو تہ ڪيس وڌيڪ تڪليف نہ ٿئي، جنهن کان پوءِ رابطو ڪٽجي ويو ۽ هاڻي اهو رابطو وري ڪڏهن بہ بحال نہ ٿي سگهندو.....!

شمشيرالحيدري هاڻي جڏهن هي جهان ڇڏي ويو آهي تہ انهي ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ هُن سنڌ تي پنهنجي خدمت عيوض ايترا اثر ڇڏيا آهن، جيڪي نہ رڳو يادگار ۽ خوبصورت آهن، پر انهيءَ مان نڪرڻ لاءِ شعور واري سنڌ ڪڏهن بہ پاڻ کي آماده نہ ڪندي، سنڌ تي هُن جيڪي مهربانيون ڪيون، انهي جو قرض اسان جو نسل ڪڏهن بہ چُڪائي نہ سگهندو، پر هي درويش صفت شخص سدائين خود نمائي کان نفرت ڪندو رهيو ۽ هن ڪڏهن بہ ائين نہ چاهيو تہ سندس خدمتن جو اجورو خراج يا روڪ جي صورت ۾ ملي، اهو ئي سبب هو جو اسان جي انتهائي بزرگ دوست ۽ شمشير صاحب جي حافظ محمد موسيٰ جوکيو چواڻي تہ هو پٽائي جي انهي بيت جيان آهي تہ:

نڪي ڪٽن پاڻ سين، نڪي ساٽن پاڻ
اهڙا جن اهڃاڻ آئون نہ جيئندي ان ري

شمشير صاحب 1931ع ۾ 15 سيپٽمبر تي ضلعي بدين جي شهر ۽ ان دؤر جي وڏي تجارتي مرڪز ڪڍڻ شهر ۾ حڪيم رسول بخش جعفري جي گهر ۾ جنم ورتو حڪيم رسول بخش ان دؤر جو نامور حڪيم هو ۽ سندس دوائون سڄي سنڌ ۾ وڪرو ٿينديون هيون. هِن پنهنجي پهرئين پُٽ جو نالو شمشير علي رکيو هو.

شمشير علي اجا 6 مهينن جو هو تہ سندس والده گذاري وئي، جنهن ڪري هاڻي هِن معصوم ٻار جي پرورش جو مسئلو هو جنهن کان پوءِ ننڍو

شهر ۾ سندس ناناڻن نيو ويو ڪامريڊ نذير حسين حيدري سندس مامون هو جنهن کيس پاليو.

شمشير صاحب تي نذير حسين حيدري جو تمام گهڻو اثر هو اهو ئي سبب هو جو شمشير صاحب پنهنجي ادبي نالي ۾ سندس مامي نذير حسين حيدري کان متاثر ٿي پنهنجي نالي جي پويان حيدري لڳايو ۽ اهڙي ريت هو شمشيرالحيدري ٿي ويو.

ڪامريڊ نذير حسين حيدري عالم دين هجڻ سان گڏوگڏ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي هاري حقدار تحريڪ جو مرڪزي اڳواڻ به هو ۽ وهابي نقط نظر سان تعلق رکندڙ سنڌ جي نامور شاعر ۽ سنڌي شاعري ۾ قرآن پاڪ جو منظوم ترجمو ڪندڙ مولوي حاجي احمد ملاح جو گهاٽو دوست به هو اهو ئي سبب هو جو نذير حسين حيدري جي صحبت شمشير صاحب کي سڄي حياتي ڪم ڏنو هُن پرائمري تعليم بدين مان حاصل ڪئي.

1950ع ڍاڪي نالي واري وڪيل عبدالحفيظ پيرزادي جي والد عبدالستار پيرزادي جي وڏوزارت ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو بنياد وڌو ويو. شمشير صاحب انهن ڏينهن ۾ بحيثيت ڪلارڪ طور پرتي ٿيو. بعد ۾ هو انهي اداري پاران نڪرندڙ رسالي ماهوار نئين زندگي ۽ ٽه ماهي مهراڻ جو ايڊيٽر ٿيو سنڌي ادبي بورڊ جا اهي رسالا انهن ڏينهن ۾ سرڪار جي اثر هيٺ هئا, پر هن جي ڪمال ڪاريگري اها هئي، ته هُن انهن رسالن کي عوامي رنگ ڏئي انهن کي عوام جا محبوب رسالا بڻائي ڇڏيو سنڌ جا نالي وارا اديب ۽ شاعر انهن ئي رسالن جي پيدوار آهن.

هُن 1956ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌو ون يونٽ واري تحريڪ جو هو اڪيلو اهڙو اڳواڻ هو جنهن سڄي سنڌ ۾ نه رڳو پمفليٽ ورهايا, پر سنڌي ماڻهن جي هڪ لک کان وڌيڪ صحيحن سان لکيل ڊرافٽ به سرڪار ڏانهن موڪليو جنهن بعد سنڌ تان ون يونٽ جو طوق لاٿو ويو. اهو دستاويز اڄ به سنڌالاجي ۾ پيل آهي، جيڪو تاريخ جو حصو آهي، ون يونٽ خلاف دستاويز تي صحيحون وٺڻ لاءِ ڪڏهن ميلا ته ڪڏهن مال

پڙيون يا عوامي ميڙ هن جو ٽارگيٽ هوندا هئا. جتان وڏ ۾ وڏ ماڻهن جون صحيحون حاصل ڪري سگهجن.

جنرل ضياء جي دؤر ۾ جڏهن سنڌي ادبي سنگت تي پابندي لڳي تہ شمشير صاحب سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو. جنهن جو هو پاڻ گهڻو وقت چيئرمين بہ رهيو هوَ 1950ع واري ڍاڪي ۾ هلال پاڪستان جو جوائنٽ ايڊيٽر رهيو ۽ بعد ۾ محترمہ بينظير ڀٽو واري پهرين دؤر ۾ هلال پاڪستان جو ايڊيٽر رهيو انهي دؤر ۾ "متان وساريو" جي عنوان سان هو مختصر پيس اخبار جي مُک صفحي تي اخبار جي لوئر هاف تي ڇاپيو ويندو هو جيڪو اصل ۾ ايڊيٽوريل نوٽ هوندو هو جنهن ۾ ڪليل نموني مسئلن جي اپٽار ۽ سرڪار متان تنقيد هوندي هئي. بعد ۾ انهي سلسلي کي ٻين اخبارن بہ شروع ڪيو.

سنڌ جي اڳوڻي وزيراعليٰ ممتاز علي ڀٽو جي دؤر ۾ کيس 19هين گريڊ جي نوڪري ملي، جيڪا گهڻو وقت نہ هلي سگهي، ان بعد انهي ئي گريڊ جي نوڪري محترمہ بينظير ڀٽو جي دؤر ۾ سيد پرويز علي شاهہ جي معرفت ملي، جيڪا حڪومت ختم ٿيڻ سان ختم ٿي وئي، ۽ هن ڪڏهن بہ انهن جي بحالي لاءِ سرڪار کي منٿ نہ ڪئي.

هن جي پير سائين پاڳاري واري اخبار مهراڻ جي ايڊيٽر شپ وارو دؤر تاريخ ساز هو جڏهن هُن اخبار جا انتظام سنڀاليا تڏهن پرنٽ آرڊر 500 جي لڳ ڀڳ هو ۽ 40 ڏينهن بعد جڏهن هن اخبار ڇڏي تہ 22 هزار پرنٽ آرڊر هو اخبار ۾ ايڊيٽر ٿيڻ جو قصو بہ ڏاڍو مزيدار هو هن پاڻ اسان کي ٻڌايو هو تہ هڪ ڏينهن ڪراچي ۾ حميد آخوند رستي هلندي ملي ويو هو چيائين ڏئي خبر اڄ ڪالهہ ڇا پيو ڪرين؟، ٻڌايم تہ واندو آهيان، چيائين تہ اخبار هلائيندين؟ چيم ڇو نہ، ڪنهن جي آهي، منهنجي پڇڻ تي هُن چيو تہ سياڻي ملجانءِ تہ گڏجي هلنداسين، آخوند وڌيڪ ڪجهہ نہ ٻڌايو. شمشير صاحب موجب ٻئي ڏينهن آخوند مون کي ڪنگري هائوس وٺي ويو پڪ ٿيم تہ مهراڻ اخبار آهي، آئون ڊرائنگ روم ۾ ويٺس، آخوند اندر ويو پير صاحب هُن کان منهنجو نالو وغيره پرچي تي لکي پاڻ وٽ

رکيو شايد هُن کي علم العداد جي حساب سان حساب ڪتاب ڪرڻو هو چاڪاڻ تہ هو انهي تي گهڻو يقين رکندو هو بئي ڏينهن اسان حسب هدايت ڪنگري هائوس پهتاسين، پير صاحب پاڻ مليو چيائين ماٺهو چگُو تو لڳين، پلي ڪم شروع ڪر. شمشير صاحب چيو تہ مون ڪيس چيو تہ سائين چند گذارشون آهن، اجازت ڏيو تہ بيان ڪريان، پير صاحب چيو تہ ٻڌائي، چيم تہ سائين پهرين ڳالهہ اها تہ اوهان جي اخبار اوهان جي جماعت جي اخبار آهي، ۽ انهي ۾ اوهان جي حوالي سان جيڪي بيان القابن سان ڇپجن ٿا اهي آئون نہ ڇاپي سگهندس، جنهن تي پير سائين جواب ڏنو تہ ٺيڪ آهي، مون چيو تہ اوهان جي دؤرن جا جيڪي پروگرام ڇپجن ٿا اهي بہ نہ ڇپجي سگهندا. جنهن تي بہ پير سائين چيو تہ ٺيڪ آهي، اخبار جي پاليسي آزاد هوندي، جنهن تي بہ پير سائين ها ڪئي، شمشير صاحب موجب اخبار شروع ٿي، ايم آر ڊي جي تحريڪ هلندڙ هئي، اسان جي اخبار جي فوٽوگرافر جو پاءُ اينٽلي جينس ۾ ڪم ڪندو هو جيڪي بہ واقعا ٿيندا هئا ۽ ماڻهو مرندا هئا هو ڪيس فوٽو ڪيڊرائڻ لاءِ ان کي وٺي ويندا هئا، ۽ اسان کي بہ انهي فوٽو جي هڪ ڪاپي ملي ويندي هئي. اهي فوٽو جڏهن اخبار ۾ ڇپبا هئا. تہ ٻئي ڏينهن فوجي جنتا پريشان هوندي هئي، شمشير صاحب ٻڌايو تہ سب مارشل لا ايڊمنسٽريٽر حيدرآباد گهرايو پر جڏهن هُن جي هدايتن تي عمل نہ ٿيو تہ پوءِ اخبار جي ايڊمنسٽريٽر ڪجهہ اهڙي صورتحال پيدا ڪئي جو مون پير سائين کي اطلاع ڪيو تہ هاڻ گڏجي نٿو هلي سگهجي، جنهن بعد مون نوڪري ڇڏي ڏني، شمشير صاحب چوندو هو تہ پير سائين پاڳاري انهن 40 ڏينهن دؤران ڪڏهن بہ ائين نہ چيو تہ حڪومتي اتحادي هجڻ جي باوجود اوهان ڇا پيا ڇاپيو؟

ڪجهہ سال اڳ ۾ شمشير صاحب حڪمت جو ڪم بہ شروع ڪيو هو گهر ۾ همام دستا ۽ حڪمت ۾ استعمال ٿيندڙ بيا اوزار بہ پيل هئا. هِن جي دعوا هوندي هئي تہ وٽس ڪينسر جي علاج جو فارمولو بہ آهي، پر انهي تي خرچ تمام گهڻو آهي، مشرف جي دؤر ۾ جڏهن هو آمريڪا ۾ سنڌي دوستن جي دعوت تي ويو هو تہ اتي هڪ ڪمپني کي جڏهن ڪينسر جي

علاج بابت ٻڌايو تہ انهي ڪمپني کيس اها آڇ ڪئي تہ هو آمريڪا هليو اچي تہ کيس سموريون سهولتون فراهم ڪيون وينديون. پر هن چيو تہ هڪ تہ انهي جي علاج جو سامان پاڪستان مان ايندو ۽ آئون آمريڪا ۾ رهي نہ سگهندس. جنهن ڪري ڪمپني ۽ هِن وچ ۾ معاملا نہ نهي سگهيا.

ڪجهہ سال اڳ ۾ سمورن دوستن جي خواهش تي هُن فيصلو ڪيو تہ سندس سوانح عمري ترتيب ڏجي. سندس پُٽ سليم حيدري جي سئي سدرن گئس ڪمپني ۾ نوڪري بحال ٿيڻ کان پوءِ کيس انهي ڳالهہ جو بہ اطمينان هو تہ هاڻي اسلام آباد ۾ ويهي آرام سان اهو ڪم ڪري سگهجي ٿو انهي دؤران سندس نظر ڪم ڇڏي ڏنو پر هُن انهي محتاجي کي پاڻ مٿان طاري ٿيڻ نہ ڏنو. اسلام آباد ۾ سندس پُٽ سليم حيدري اهو ڪم سرانجام ڏنو شمشير صاحب ٻڌائيندو ويندو هو ۽ سليم لکندو ويندو هو پر شايد ڏيڍ بہ سؤ صفحا مس لکيا هئا تہ شمشير صاحب کي ڪراچي وڃڻو پيو ۽ اهو سلسلو اتي رُڪجي ويو.

شمشير صاحب سان ڪافي دوستن ۽ ادارن ان قسم جون ڪچهريون ڪيون هيون. جن ۾ سوالن جوابن دؤران کيس گهڻو کوٽڻ جي ڪوشش ڪري هن جون يادگيريون حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي بہ حاصل ٿي.

شمشير صاحب هڪ ڏينهن ڪچهريءَ دؤران پاڻ چيو هو تہ جيترو موقعو ملي سگهيو ايترو پاڻ لکون ٿا. باقي سنگت جو ڪم آهي هو انهي رهيل سلسلي کي پورو ڪندي.

هن ڀرپور زندگي گذاري. ڪڏهن بہ ڪنهن جي آڏو هن انهي ڳالهہ جو اظهار نہ ڪيو تہ کو کيس پڇتاءُ هجي. نہ هُن ڪڏهن ڪنهن کي معيارون ڏنيون. هن زندگي ۾ محبتن جي بچت ڪئي سندس حصي ۾ ماڻهن جو پيار آيو بلا جو خوددار ماڻهو هو. ڪڏهن بہ ڪنهن تي بار نہ ٿيو ۽ آخر تائين قلمي پورهئي مان پنهنجو پيٽ گذر ڪندو رهيو هن پاڪستان ٽيلي ويزن ۽ ريڊيو تي شاهڪار ڊرامہ ۽ لوڪ گيت بہ لکيا. هو بلاشڪ اسان جو ليجنڊ هو هن جو شمار ملڪ جي سڀ کان وڏيڪ قلمي پورهيو ڪندڙن ۾ ٿئي ٿو.

هو حيدري هو جنهن هستي جي نالي پويان مائٽن هن جو نالو رکيو. هو انهيءَ جي ئي يوم شهادت تي وفات ڪري ويو آهي، ۽ انهي ڏينهن ئي کيس ڪراچي لڳ تاريخي قبرستان چوکنڊي ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. موت تہ هڪ ڏينهن هر ماڻهو کي اچڻو آهي، پر جنهن مسلڪ جو هو ماڻهو هو ان جي عقيدي جي بنياد تي هو اُجا بہ وڏيڪ خوش قسمت ثابت ٿيو آهي، اسان وٽ مالداري کي وڏ ماڻهپ جي ساهمي ۾ توريو ويندو آهي، پر شمشير جيئري بہ وڏو ماڻهو ۽ وڃڻ بعد بہ اهو اعزاز پاڻ سان گڏ پنهنجي اولاد وٽ ڇڏي ويو آهي.

اسلام آباد ۾ هجڻ ڪري آئون شمشير صاحب جي تدفين ۾ شرڪت نہ ڪري سگهيس، اهو افسوس سڄي حياتي رهندو. آئون شمشير صاحب جي وفات تي سليم سان ۽ پنهنجو پاڻ سان عذر خواهي جو اظهار ڪريان ٿو ڇاڪاڻ تہ هو اسان سڀن لاءِ ايترو ئي اهم هو جيترو پنهنجي اولاد لاءِ!!.

نثار ابڙو

# مولا تي ننگ آ

(هي ليک مون سيپٽمبر 2005ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ سنڌي رسالي "سنڌ رويو" لاءِ لکيو هو)

شمشير علي عرف شمشيرالحيدري..... سنڌ جو ناميارو ۽ هر دلعزيز شاعر، ڊرامہ نويس، فلسفي ۽ عظيم انسان، جنهن کي آءٌ مخلص، سچي، بي لوث ۽ معصوم انسان جي حيثيت سان سڃاڻان..... سنڌ جو هر سڃاڻ شخص حيدريءَ کي چڱيءَ طرح سان سڃاڻي...... سندس ادبي، سماجي ۽ صحافتي خدمتون سنڌ جي تاريخ ۾ نمايان آهن...... جيئن تہ آءٌ سندس گهر ڀاتي آهيان ان ڪري بهتر ٿيندو تہ سندس باري ۾ "جيئن ڏٺو آهي مون" جي بنياد تي ڪجهہ لکان.....

جيتوڻيڪ مون لاءِ شمشير تي لکڻ، ڪوزي ۾ سمنڊ سمائڻ برابر آهي..... سائين ٻارن سان ٻار، عورتن سان محترم، بزرگن سان بزرگ، اديبن سان اديب ۽ فلسفين سان فلسفي...... سندس شخصيت گهڻ پاسائين، شفاف هيري جيئان آهي جنهن جي هر ڪنڊ کان نئين رنگ جي روشني نڪري ٿي...... آءٌ سندس گهريلو ۽ شخصي زندگيءَ جي ڪجهہ اهڙن پهلوئن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس جنهن سان، شمشير جي ساده، حقيقت پسند ۽ اصول پرست شخصيت نروار ٿئي ٿي.....

## حيدري ۽ سندس ڪمرو:

دال۔ ڀت سندس خوراڪ، سادگي حيرت جوڳي، گهر ۾ ضروريات زندگي جو سامان ايترو جو چادر پيرن تي تہ چهرو اگهاڙو ۽ جي چهرو ڍڪيل تہ پير اگهاڙا. ڪيسي ۾ پئسا ايترا جو اڄ جو خرچ اڦورو سياڻي لاءِ "مولا تي ننگ آ....." هونئن تہ سائينءَ جو گهر ۾ ڪو خاص ڪمرو آهي ئي ڪونہ، سندس اولاد ۽ مهمانن جي ضروريات مطابق، بابا جو بسترو ۽ سامان، هِنَ ڪنڊ کان هُنَ ڪنڊ ڏانهن پيو سفر ڪندو آهي، تنهن هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڪمري تي سندس قبضو ٿي ويندو اٿس...... سادي سودي

مين هڪ ٻه پڳل ڳنڍيل ڪرسيون، ڪٽ آهي ته ٺيڪ، نه ته بسترو پٽ تي، پڙدا اٽڪيل سٽڪيل، آهن ته به ٺيڪ، ناهن ته به پرواهه ناهي.... ناليدار ڇت سبب ڪمرو سخت گرم، پراڻو پکو لڳل، هلي ته به ٺيڪ نه هلي ته به پرواه ناهي.... نوان پراڻا ڪتاب وکريل پکڙيل ۽ انهن وچ ۾ بابا سائين پڙهڻ لکڻ ۾ مشغول..... مهمانن ۾ عزيزن ۽ رشتيدارن کان علاوه سنڌ جي ادبي، ثقافتي ۽ سياسي لڏي سان تعلق رکڻ وارا هميشه موجود..... هر وسيلي سان سندن مهمان نوازي ڪئي ويندي آهي....

هڪ ڀيري گهر جي نياڻين کي خيال آيو ته ڪيئي اهم شخصيتون بابا سان ملڻ اچن ٿيون ۽ ڪمري جي حالت مناسب ناهي، ڇو نه پٽ ست ڪري ڪمري جي حالت سڌارجي، بابا سان صلاح ڪئي وئي، آرام ۽ صبر سان تجويز ٻڌڻ کان پوءِ سندس جواب جو مفهوم هن ريت هو "........اوهان منهنجي ڪمري جو فڪر نه ڪريو آرام سان آهيان، منهنجا ملڻ وارا حيدريءَ سان ملڻ اچن ٿا، حيدري کٽ تي يا پٽ تي، پلي ڳنجيءَ ۾ گوڏ ۾ ملڻ وارا ضرور ايندا".

## نسيم ۽ شادي:

1987ع ۽ 1986ع ۾ اسان ڪجهه نوجوانن، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ تعليم يا سنڌي ادب ۾ ڊگري وٺڻ لاءِ داخلا نه ورتي هئي بلڪ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي نوجوانن جي طاقت ۽ تعداد وڌائڻ لاءِ آيا هئاسون....

نسيم حيدري اسان جي ڪلاس ۾ هڪ ٿي ڇوڪري هئي، سنڌي چهرو معصوم، مخلص، محنت ڪش ۽ ٻوليءَ جي مٺاس سان سنواريل، ملڻ سان ٿي پنهنجائپ جو احساس ڏيندڙ.... قومپرستيءَ جي جذبي سان سرشار، مطلب ته سنڌ جي روشن خيال نياڻين مان هڪ نياڻي، ڪلاس ۾ حاضر ٿيندي، استادن سان شخصي ۽ ادبي بحث ڪندي، قومي حقن جي ڳالهه ڪندي، ثقافتي سنگت لاءِ پروگرام منظم ڪندي، ڪينجهر جي سير دؤران شهيد خالق سومري کان قومي گيت ٻڌندي، خبر ٿي نه پئي ته ڪڏهن هڪ ٻئي کي پسند ڪرڻ لڳاسين..... سندس ساٿ جو ايتري قدر عادي ٿيڻ لڳو هوس، جو هڪ ٻه ڏينهن نسيم جا يونيورسٽيءَ ۾ نه اچڻ مون لاءِ ڳرا گذرندا

هئا، ڊڪي وچي پاڪستاني ڪوارٽرس پهچندو هيس ۽ ڪنهن بهاني سان ملي سڪون محسوس ڪندو هيس..... مون من ئي من ۾ فيصلو ڪري ورتو تہ شريڪ حيات نسيم ئي ٿي سگهي ٿي، ڪٿ يا پٽ تي خوش رهڻ واري ڇوڪري آهي ۽ منهنجي حالت بہ ڪڏهن پريءَ ۾ تہ ڪڏهن پاڪر ۾ رهندي آئي هئي..... آخر مون ڪيس پنهنجي ان فيصلي متعلق آگاهہ ڪيو. خبر پئي تہ حالت هڪ طرفي ناهي......

مون لئہ هاڻ سڀ کان ڏکيو مرحلو هو سائين حيدريءَ کان سڱ گهرڻ جو...... سندس شخصي مطالعي مان اهو معلوم ٿيو تہ سائين روشن خيال، ترقي پسند ۽ عملي انسان آهي..... ان ڪري اها جرئت پيدا ٿي جو اڪيلي سر ئي وچي حاضر ٿيس...... معمول مطابق آڏرياءَ ٿيو چانهہ پيئڻ کان پوءِ مون پنهنجيون سموريون قوتون گڏ ڪندي ڪجهہ هيٺين ريت شروع ٿيس،

"سائين اڄ آءٌ انتهائي ضروري ۽ نازڪ مسئلو کڻي حاضر ٿيو آهيان، ٿڌي دل ۽ کليل ذهن سان ٻڌو تہ عرض ڪريان...." گهور پائيندي ڇوڻ جي اجازت ڏنائين ۽ مون ادب ۽ احترام سان پنهنجي وڪالت پاڻ شروع ڪئي.....

"آءٌ سمجهان ٿو تہ اها ڳالهہ منهنجي وڏن ۽ رشتيدارن کي ڪرڻ گهرجي ها، پر مجبوري... وڏا ڀائر خاندان سميت سعودي عرب ۾ رهن، ماءُ ڪراڙي ۽ بيمار آهي، والد گذر ڪري ويو آهي ۽ ڀينرون پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ آهن، مالي حالتون بہ پوريون ساريون آهن. عمر ڀر محنت ڪشي سان ۽ پنهنجي مدد پاڻ جي نظريي تحت گذاري اٿم ۽ مستقبل بہ ساڳيءَ طرح گذارڻ جي اميد اٿم....."

سائين شفيق پيءُ جي نظرن سان ڏسندو رهيو ۽ آءٌ اڳتي وڌيس.....

"نسيم ۽ مون گڏ تعليم حاصل ڪئي آهي ۽ ڪيترن ئي قومي ۽ ادبي مسئلن ۾ گڏ هجڻ جا موقعا مليا آهن، انهيءَ عرصي دؤران مون هن ۾ اهي سموريون خوبيون ڏٺيون آهن جي ڪنهن مڪمل ۽ باشعور عورت ۾ هجڻ کپن، ڏک سک ۾ بردبار ۽ حقيقت پسند آهي....."

سائين لفظن جو ماهر ۽ حساس طبيعت جو مالڪ آهي، شايد پهرين جملن مان ئي منهنجو مقصد سمجهي چڪو هو..... "پنهنجي شاديءَ جي خواهش ڪٿي آيو آهين" مخاطب ٿيندي چيائين..... مون اڪين ئي اڪين حامي ڀري.

**"نثارا جهڙيءَ طرح سان تون آيو آهين ۽ پنهنجي حقيقت بيان ڪئي اٿئي، سا پنهنجي جاءِ تي، پر ان حقيقت ۾ جمع ۽ ڪٽ جا ٻئي پاسا موجود آهن..... مثبت ڳالهه اها آهي تہ فطرتن سڀ والدين پنهنجي نياڻيءَ کي خودمختيار ۽ پنهنجي گهر جي پاڻ ذميوار ڏسڻ چاهيندو آهي ۽ تنهنجي انداز ۽ ٻڌايل حقيقت مان اهو ظاهر آهي تہ تنهنجي اڳيان پويان ڪوئي بہ ناهي ان ڪري آزاد ۽ خودمختيار آهين ۽ منفي عنصر اهو تہ سياڻي تون نسيم کي ڪو رنج رسائين تہ جوابدار ڪير ۽ شڪايت ڪنهن سان ڪبي؟"**

مون لئہ سوال تہ وڏو هو پر اندر جي سچائيءَ جواب ڏنو..... "بابا سائين! اوهان جو انديشو بلڪل درست آهي، آءٌ صرف ايترو چوندس تہ سچو ۽ باغيرت انسان نہ فقط پنهنجن بزرگن بلڪ شريڪ حيات جي والدين ۽ رشتيدارن جو پڻ اوترو ئي احترام ۽ عزت ڪندو ۽ سمورا حق بجا آڻيندو جي سماج جي اخلاقي اصولن سندس مٿان فرض ڪيا آهن، سمورا رشتيدار گڏ ڪري وٺي اچي سگهجن ٿا پر جيڪڏهن آءٌ سچو سٺو انسان ناهيان تہ پوءِ اوهان سميت سمورن رشتيدارن جي ڪهڙي پرواهہ ۽ عزت ڪندس!" سائين جي پارکو نظر منهنجي سچائيءَ کي پرکي ورتو ۽ بغير ڪنهن شرط جي شادي ٿي وئي......

## پيٽ جو ميلو ۽ نوڪري

1993ع ۾ بابا شمشير "سنڌي ادبي بورڊ" جو سيڪريٽري مقرر ٿيو ۽ بورڊ جي سيڪريٽري هائوس ۾ رهڻ لڳو هو..... بورڊ لاءِ ڪهڙيون خدمتون سرانجام ڏنائين، انتظامي امور ڪيئن رهيا ۽ آخر ۾ ڪهڙي طرح سنڌ جي بيوروڪريسيءَ جي ظلم جو شڪار ٿيو هڪ ڪربلائي واقعي

ذريعي ڪيس نوڪريءَ ۽ گهر مان ڪيئن بي دخل ڪيو ويو قطع نظر ان جي آءٌ ڪجهه الڳ روئداد بيان ڪندس.....

ايم اي سنڌي ادب ۾ پوزيشنون حاصل ڪرڻ کان پوءِ نسيم ۽ آءٌ سنڌ ماڊل اسڪول ڪراچيءَ ۾ پڙهائيندا هئاسين ۽ گلستان جوهر جي جوهر اسڪوائر ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي.... خير سان نسيم اميد سان ٿي ته ڊاڪٽرن کيس ڏاڪڻيون لهڻ چڙهڻ منع ڪئي، اسڪول ۾ ڏاڪڻ تان لهه چڙهه ۽ وري گهر به ٻي منزل تي سو فيصلو ڪيوسين ته ڇام شوري جي پرفضا ماحول ۾ سائينءَ سان ڪجهه عرصو گذارجي، سو الله تي آسرو رکي نوڪري ۽ ڪراچيءَ کي خيرآباد چئي اچي ڇام شوري نڪتاسين..... سائين پنهنجي روزمره جي معمولات ۾ مصروف ۽ اسين بيروزگار، ڪتابن پڙهڻ ۽ آرام ڪرڻ ۾ پورا.....

سنڌ جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ساليانو عرس ٿيڻ وارو هو سائين حيدريءَ جي نالي سنڌ حڪومت پاران عرس جي تقريبات ۾ شرڪت جو دعوت نامو مليو، جنهن ۾ وزيراعظم، وزيراعليٰ ۽ ٻيا ڪئي ڪامورا شرڪت ڪرڻ وارا هئا...... دعوت نامو ڏسندي ئي هڪ خيال ڊوڙ پاتي ته ڇو نه بابا کي ان دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آماده ڪري، نوڪريءَ جون درخواستون اعليٰ عملدارن تائين پهچائي نوڪريون حاصل ڪجن ۽ پيٽ تان پٽر لاهجن..... شام جو بابا بنگلي جي باغ جي گلن ٻوٽن جي خدمت ۾ گذاريندو هو، مناسب موقعو سمجهي کيس عرس جي دعوت ۾ شريڪ ٿي پنهنجي نوڪرين جون عرضيون اعليٰ عملدارن تائين پهچائڻ جي گذارش ڪيم..... ڪجهه بحث کان پوءِ عرض قبول ٿيو عرس ۾ ڪجهه ڏينهن باقي هئا، مون درخواستون ۽ ٻيا ضروري ڪاغذ پٽ جمع ڪري فائيل تيار ڪري ڇڏيا.... خيالن ئي خيالن ۾ پيٽ تان پٽر لهندي محسوس ٿيا، اوسيئڙي جي آخري ڏينهن تي شام جو هڪ مهمان عمرڪوٽ کان ڪهي آيو ۽ سائينءَ کي سڀاڻي تي عمرڪوٽ ۾ ٿيندڙ سنڌي ادبي سنگت جي مشاعري ۾ شرڪت جو دعوت نامو ڏنائين، مشاعري جو مهمان خاص پڻ شمشيرالحيدري ئي لکيو ويو هو..... دعوت قبول ڪئي وئي..... منهنجين

اميدن جا ڏيئا گل ٿيڻ لڳا. مهمان وڃڻ کان پوءِ مون کيس سياڻي تي شاهه جي عرس جي ڪوٽ ۽ نوڪريءَ جي درخواستن جو ذڪر ڪيو..... سائينءَ چند گهڙين جي سوچ کان پوءِ ڪجهه هن ريت مخاطب ٿيندي چيو".

**"نثار احمد! مون ڇمار ساري شاهي دسترخوان بجاءِ غريب دوستن سان پٽ تي رُکي سُکي کائڻ کي ترجيح ڏني آهي، اڄ به هڪ طرف شاهي دسترخوان ۽ ٻي طرف غريب ۽ مخلص دوستن جي دعوت، تون ئي ٻڌاءِ ته آءٌ ڪهڙي پاسي وڃان. اُن طرف جن جي دلين ۾ احترام، محبت ۽ اندر ۾ جايون آهن يا هِن طرف، جت صرف ڏيکاءُ، لالچ ۽ ڍونگي ڪامورن جو ميڙ...... ۽ هر ڪنهن کي مطلب جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو وڃي؟"**

ٻي ڏينهن تي مون سائينءَ جي ڊرائيور جا فرائض ادا ڪندي عمرڪوٽ لاءِ روانا ٿي وڃي محبتن جا ميڙ ميڙياسون.....

## نوجوانن واري وزارت ۽ قرض:

پيپلز پارٽيءَ جي دؤر ۾ "نوجوانن واري وزات" جو وفاقي وزير هو سيد پرويز علي شاهه ۽ سنڌ جي نوجوانن کي روزگار لاءِ مالي امداد ڏيڻ واري اداري جو سربراهه هو. سائين شمشيرالحيدري، وزارت جي اهم مقصدن ۾ نوجوانن جي تعليمي، ثقافتي ۽ معاشي ترقيءَ جا معاملا شامل هئا.... اها ڄاڻ شايد تمام ٿورن ماڻهن کي هوندي ته وفاقي سرڪار جي "نوجوانن واري پاليسي" Youth Policy حيدري صاحب جوڙي ترتيب ڏني هئي..... جيڪا بينظير صاحبه کي پڻ پسند آئي ۽ پاڪستان جي سڄ سماءَ وارن ادارن پڻ ان جي گهڻي تعريف ڪئي هئي..... سنڌ لاءِ نوجوانن واري وزارت جي مکيه آفيس ڪئنٽ اسٽيشن واري پاسي، هڪ ڪشادي بنگلي ۾ قائم ڪئي وئي هئي.... آءٌ به بيروزگاري، معاشي تنگي ۽ ذهني پيڙائن کان مجبور ٿي، سائينءَ وٽ لنگهي ويس...... روايتي آڌرياءُ ۽ حال احوال ٿيو.... چانهه چسڪيءَ کان پوءِ مون ڪجهه هن ريت عرض ڪيو.....

"بابا سائين هُتهان ۾ ضروري ڪم آهي..... اوهان جي مدد سان اميد ته آسان ٿي ويندو!"

ڪاغذ پٽ اٿلائيندي ۽ جاچيندي چيائين "چئه بابا"

”قرض کپي“ مون عينڪ درست ڪندي چيو.

”هائو بلڪل وٺي سگهين ٿو بلڪ آهي ئي اوهان نوجوانن لاءِ“

آءٌ ڏاڍو خوش ٿيس تہ بس اجهو ڪم ٿي ويو..... بابا ڪاغذن کي پاسيرو ڪندي، مون ڏانهن متوجهہ ٿيندي چيو ”قرض وٺڻ جو ارادو سوچي سمجهي ڪيو اٿئي؟“

”قرض ملي وڃي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪبو“.

”مطلب تہ ڪو منصوبو ناهي“ ڳالهہ سمجهندي چيائين.... ”نثار احمد! قرض مرض آهي، قرض هميشہ سوچي سمجهي کڻجي ۽ ان جو پورو پورو لاڀ حاصل ڪجي، ٻيءَ صورت ۾ نقصان وڌيڪ ۽ فائدو گهٽ ۽ حڪومتي تڪليف الڳ.... وڃ وڃي رٿابندي ڪر ۽ قرض وٺڻ لاءِ سمورا ڪاغذ ۽ گهربل ضرورتون پوريون ڪري جمع ڪراءِ، اميد تہ قرض منظور ٿي ويندو.....“

مون تہ پڪ ۽ يقين جا جبل ناهي ڇڏيا هئا تہ بابا سربراه آهي، بس قرض گهرڻ جي دير آهي!!! پر بابا جي نصيحت، مشوري ۽ ڪاغذن جي پوري ڪرڻ واري ڳالهہ ڪجهہ ٿڏو ڪري ڇڏيو.... گهڻي سوچ کان پوءِ قرض وٺڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو.

پنهنجي گهريلو زندگيءَ ۾ روزمره ڪيئي اهڙا واقعا ٿين ٿا، جيڪي سائين شمشيرالحيدري جي حق پرست، ۽ اصولن تي مبني زندگيءَ جي دلالت ڪن ٿا....... سائينءَ جي پوري ڄمار اصولن جي پاسداريءَ ۾ گذري آهي ۽ انهيءَ پاسداريءَ جي پاداش ۾ ڪيس ڏکيا ڏينهن بہ پسڻا پيا آهن. پر ”مولا تي ننگ آ“ واري پروسي تي سندس زندگيءَ جو گاڏو گڙڪندو رهي ٿو......

سچ ۽ سانيهہ ڪنهن اٽاسيءَ وسري،
حيف تنين کي هوءِ وطن جن وساريو.

مظهر خاصخيلي

# ڏيئي جي لاٽ...!

## شمشيرالحيدري جي وڇوڙي تي لکيل

لاڙ جي شهر ڪڍڻ ۾ 15 سيپٽمبر 1931ع تي رسول بخش خواجہ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ شمشيرالحيدري شاعري، ادب، سياست، صحافت، تصوف، فلسفي، مختلف مذهبن جي ڪوجنا، علامہ مشرقي کان مولانا ابوالڪلام آزاد جي فڪر، مارڪسٽ لٽريچر کان مزاحمتي ادب تائين مسلسل 81 سال علم جي عرق ريزي ۽ عملي طور تي انتهائي خودداريءَ کي برقرار رکندي، ڪالهہ اسان کان وڇڙي ويو. شمشيرالحيدري، سنڌ گريجوئيٽس جو بنياد رکندڙ ۽ سنڌي ادبي سنگت جو باني ميمبر رهيو. جيڪو سنڌي ۾ ووٽر لسٽن جي مهم ۽ ون يونٽ خلاف لکين سنڌين جون صحيحون ڪرائڻ واري مهم ۾ انتهائي سرگرم رهيو. جنهن ڪيترن نون لکندڙن ۾ ادب لاءِ اتساهہ پيدا ڪيو. جنرل ضياء جي دهشتناڪ مارشل لا جي دؤر ۾ بيباڪ ايڊيٽوريلن، ۽ "پير تي ڏونڪو" ۽ "فقير بيان ڪري ٿو" ڪالم چڱ شمشير جو ظلم جي خلاف قلم سان جهاد هو.

پي ٽي وي جو پهريون سنڌي ڪمپيئر، پي ٽي وي تي پهريون ڊرامو ۽ پهريون سنڌي گيت لکڻ جو اعزاز بہ شمشيرالحيدري کي آهي. فلم سينسر بورڊ ۽ اردو ڊڪشنري بورڊ جو ميمبر، سنڌي ادبي سنگت جي لاڳيتو 10 سال جنرل سيڪريٽري سِگا جي باني ميمبر هئڻ جو اعزاز پڻ کيس هو.

1956ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل نالي وارو اديب اياز قادري صاحب ٿيو ۽ ان پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي، جنهن کان پوءِ ان جي جوائنٽ سيڪريٽري شمشيرالحيدري نئين سيڪريٽري جنرل سنڌي ادبي سنگت جون ذميواريون سنڀاليون، ان کان پوءِ هي پهريون سنڌ جو اهڙو اديب ۽ شاعر آهي، جيڪو لاڳيتو 11 سالن تائين سنڌي ادبي سنگت جو جنرل سيڪريٽري رهيو ۽ ان دؤران ون يونٽ

خلاف جيڪا تحريڪ سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان سنڌ جي اديبن، شاعرن، سياسي، سماجي ۽ سنڌ دوست ڌرين سان گڏجي هلائي، اها اڄ بہ تاريخ ۾ بي مثال بڻيل آهي، ۽ ان ڪان سواءِ سنڌي ٻولي قومي ٻولي جي حوالي سان جدوجهد ائين ڪٽي چئجي تہ سڀ ڪان پهريان سنڌي ادبي سنگت شمشيرالحيدري جي وقت ۾ هلائي ۽ اها جدوجهد بہ جاري آهي ۽ اڄ جنهن موڙ تي سنڌي ادبي سنگت پهتل آهي ان ۾ سڀ ڪان گهڻي جدوجهد ان محبتي ماڻهو شمشيرالحيدري جي آهي، جيڪو 21 رمضان تي پنهنجي سنڌ امڙ جي گود ۾ سمهڻ لاءِ اسان ڪروڙين سنڌ رهواسين کي آلين اکين سان هتي ڇڏي پاڻ هليو ويو آهي. شايد 21 رمضان جي حوالي سان شمشيرالحيدري هينئون سٽون تخليق ڪيون هيون.

چوندو رهيو تہ مولا تي ننگ آهي،
جهان عشق جو سردار آخري آهيان،
حضور حسن ۾ حاضر وري وري آهيان،
ملنگ مست الستي قلندري آهيان،
عجيب آهيان، هزارن ۾ حيدري آهيان.

۽ اهو ئي سبب آهي تہ اڄوڪو ڏينهن شمشيرالحيدري کي نصيب ٿيو آهي، اهو تہ هو شمشيرالحيدري جو پنهنجي مرشد سان عقيدو پر سچ تہ شمشيرالحيدري پنهنجي زندگي جي گذاريل ڏينهن ۾ سمورن پاسن ڪان ڏسبو تہ هڪ اهڙو سنڌ دوست فرد هو جنهن جي وڇوڙي کي ڪيترو بہ برداشت ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي پر سندس ڪمي پوءِ بہ پوري نہ ٿيندي

پوري دنيا اندر شمشيرالحيدري جهڙن سچن ۽ ارڏن ماڻهن کي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي. اُهي سنڌ جا اديب شاعر قلم ڪار جيڪي پنهنجي قلم جو سودو ناهن ڪندا ۽ سچ کي هميشہ سچ ۽ ڪوڙ کي هميشہ ڪوڙ چوندا رهندا آهن. جيئن شمشيرالحيدري پنهنجي سٽن ۾ چيو آهي تہ:

سدا ظلم جي مات چوندا رهياسين،
سر عام هر بات چوندا رهياسين،

اوهان ڪيترو ئي ڏتاريو ڏہايو
اسان رات ڪي رات چوندا رهياسين.

هنن سٽن ۾ شمشيرالحيدري جي اندر جو آواز ظاهر ٿيو آهي ۽ سچ بہ اهو آهي تہ شمشير سمورن پاسن کان جيڪڏهن صحافت جي حوالي سان ڏسبو تہ ڪافي اخبارن ۽ ڪيترن رسالن جو ايڊيٽر رهڻ سان گڏ سوين مضمون لکڻ سميت ڪيترائي ڊراما لکيا. هن پنهنجي زندگي ۾ جيڪو پورهيو ڪيو آهي ان کي ڪامياب چئي سگهجي ٿو. ڇو تہ جيڪو ماڻهو سچ جو راهي هوندو آهي ان جي هر ڳالهہ سچ هوندي آهي، جيئن شمشيرالحيدري پنهنجين سٽن ۾ چيو آهي تہ:

ڏيئي رهيو آهي جڻ چٽي رهيو آهي،
انڌرين ۾ پلجي پئي روشنائي وڏي ڳالهہ آهي،
اجان وقت کي پئي ڳولي سچائي، وڏي ڳالهہ آهي.

اهي سچائي جا ڪرڻا شمشير جي سيني ۾ هئا. انهن ڪرڻن جي سهاري هميشہ ديس دؤرهين سان مهاڏو اٽڪائيندو رهيو هو سچو هن بيتن جيان مزاحمتي ڪردار هو. ان جي جدوجهد جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، اهو سچ آهي تہ اڄ جسماني طور تي اسان کان شمشيرالحيدري موڪلائي ڪري ويو آهي پر سندس سنڌ لاءِ ڪيل خدمت کيس هميشہ سنڌ واسين جي دلين ۾ زنده رکندي.

خالد پنهور

# هڪڙو شمشير هو زماني ۾...

هڪڙو شمشير هو زماني ۾ سو بہ دنيا مان اڄ گذاري ويو.
تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو چڻ تہ سنڌوءَ جي ڀئي ڪناري ويو.

اهڙو زبردست خيال ڏيندڙ جنهن جو ڪو مٽ ثاني نہ هجي تہ هڪ باضمير انسان جو موت ائين جيئن ڪنهن ٻيڙي تي چڙهي سِنڌوءَ جي هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري ويو هليو جتي سمورا ڪم ڪار لاهي سڪون سان سمهي پوندو. شمشيرالحيدري سنڌ جو عاشق هو جنهن سنڌ جي حقن، ٻولي، ادب لاءِ ڏگهي جدوجهد ڪئي. 1960ع ۾ ايوبي آمريت جي فيصلي خلاف دستخطي مهم سڄي سنڌ ۾ هلائي وئي. سنڌي ٻولي کي بچائڻ لاءِ سنڌ جي شهرن، ڳوٺن، واهڻ، وستين ۾ صحيح مهم هلائي نيٺ حڪومت کي مجبور ڪيو ويو تہ هو صوبن مٿان پنهنجو فيصلو مڙهڻ کان پاسو ڪري. جيڪڏهن حيدري صاحب ان وقت ان جدوجهد جي شروعات نہ ڪري ها تہ ٻہ قومي ٻولين کي نہ بچائي ها تہ اڄ اسان ڪٿي بيٺا هجون ها. اهڙا ڪوڙ سارا تاريخي ڪم شمشير جي کاتي ۾ اچن ٿا. شمشير صاحب جهڙا ماڻهو تاريخ ۾ گهٽ پيدا ٿيندا آهن. هڪ ئي وقت گهڻ رخي شخصيت جيڪو هڪ ئي وقت سٺو شاعر بہ هو سٺو اديب بہ هو. سٺو صحافي بہ هو تہ وري سٺو ڊرامہ نگار بہ هو. ايترين سارين خوبيون ڪنهن هڪ شخص جي حصي ۾ گهٽ هونديون آهن. شمشير صاحب پنهنجي صحافتي زندگي جي شروعات حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ پهرين سنڌي اخبار هلال پاڪستان کان ڪيائين، جنهن جو باني عبدالشڪور منشي هو.

شمشيرالحيدري جهڙي شخصيت تي ڪالم لکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي پر تنهن هوندي بہ مون جيئن سائين شمشير صاحب کي ڏٺو ۽ جيترو وقت منهنجو ساڻس گذريو ان جو احوال پڙهندڙن کي ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو. سائين شمشير سان منهنجو گهاٽو تعلق 2006ع ۾ ٿيو جڏهن اسان ٻئي هڪ ئي بيچ ۾ ڪراچي پريس ڪلب جا ميمبر ٿياسين تہ سائين بہ اڪثر ٽي وي، ريڊيو تان پنهنجو قلمي پورهيو ختم ڪري ڪراچي پريس

ڪلب اچي سڌو ڪينٽين ۾ ويهندو هو ۽ اڇڻ شرط پهرين سليم ويٽر کي سيپريٽ چانهه جو آرڊر ڏيندو هو. هميشہ روايتي طور سليماني چانهه ۾ اڌ چمچو کير جو وجهي پيئڻ کان پوءِ ٻاهر تيرس ۾ اچي دوستن، چاهيندڙن سان ڪچهري ۾ مشغول ٿي ويندو هو. اها منهنجي خوش قسمتي آهي جو سائين شمشيرالحيدري ڪراچي پريس ڪلب ۾ هوندئن تہ سيني ميمبرن سان محبت ڪندو هو پر مون تي وڌيڪ مهربان رهيو ۽ اڪثر جڏهن بہ ايندو هو تہ مون کي فون ڪري گهرائي ونندو هو ۽ اسان گڏ ويهي ڪچهريون ڪندا هئاسين ۽ ڪچهرين دوران مان اڪثر کيس محبت مان عرض ڪندو هوس تہ سائين مهرباني ڪري پنهنجي جيئري ئي پنهنجي بايوگرافي سميت سمورو رهيل ڪم لکو ۽ ان جي پاداش ۾ پاڻ ۽ سندس ٻچڙن بکون ڪاٽيون پر ڪنهن جي آڏو مجبور نہ ٿيو. شمشير سنڌ ترقي پسند ادب جو شهسوار آهي. سنڌ جو باڪمال شاعر، اديب، مصور شمشيرالحيدري بدين جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪيڙڻ ۾ 15 سيپٽمبر 1932ع ۾ ڄائو ۽ بدين ۾ پرورش ورتائين. شروعاتي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيو. حالتن جي ناسازگار هجڻ سبب واپس ڳوٺ موٽي آيو. ڪجهہ عرصو ڊبليو ڊي ۾ ملازمت ڪيائين، پوءِ ٽن سالن تائين بدين جي ڪوآپريٽو بينڪ جو مئنيجر ٿي رهيو. جڏهن تہ حيدري صاحب 1967ع کان پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي جي ماهوار نئين زندگي جو ايڊيٽر رهيو. ان کان سواءِ 19هين گريڊ ۾ ڪيترن ئي ادارن ۾ نوڪريون پڻ ڪيائين پر ايڏن وڏن موقعن هوندي بہ هن پنهنجي زندگي لاءِ ڪجهہ بہ نہ ناهيو. اهو ئي پاڪستان ڪوارٽر ۾ ننڍي گهر D/9 ۾ رهي سنڌ جي دردن، اهنجن تي لکيائين ۽ هو ڪڏهن بہ ڪنهن ڪرپشن ۾ نہ رهيو.

شروعات کان وٺي زندگي جي آخري ڏهاڙي تائين قلم جو پورهيو ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليائين پر ڪڏهن بہ ڪنهن وزير يا حڪومت کان ڪو معاوضو طلب نہ ڪيائين. بيماري جي بستري تي هجڻ باوجود پنهنجي اولاد کي منع ڪندو رهيو. سندس علاج لاءِ ڪنهن کي بہ اپيل نہ ڪئي وڃي. سنڌ جي انهي سرموڙ شاعر جي تاريخي دؤر جي پڄاڻي

ٿي، جنهن کي سنڌ جي عظيم شاعر ”هن جنم هن جنم وچن وچن ٿو ڪيان، مان جتي بہ هجان، سنڌ تنهنجو ٿيان“. جهڙي شاعري ارپيندڙ تاجل بيوس جي پير ۾ سوين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جنهن وقت شمشير صاحب کي مٽيءَ جي هنج ۾ آرام ڪرڻ لاءِ لاٿو ويو تہ جتي سندس چاهيندڙ اکين مان نير وهائي رهيا هئا، نيڪ ان وقت بادل بہ پنهنجا نير روڪي نہ سگهيا ۽ روئڻ لڳا ۽ هلڪي هلڪي بوند وسڻ لڳي. شمشير صاحب جي تدفين ۽ جنازي جي نماز ۾ ڪراچي سميت سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ مان اديبن، شاعرن ۽ سندس چاهيندڙن سنڌ جي تاريخي قبرستان چوکنڊي ۾ پهتل هئا، جن ۾ علي بابا، بدر ابڙو تاج جويو، سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري ڊاڪٽر مشتاق ڦل، ڊاڪٽر سليمان شيخ، ڊاڪٽر آڪاش انصاري، اسحاق انصاري، نذير قريشي، علي احمد رند، سليم ميمڻ، اصغر باغي، اياز جاني، لعل محمد پنهور، جاويد سومرو محمد خان سيال، صوبائي وزير ساجد جوکيو حاجي شفيع جاموٽ، سيد خدا ڏنو شاهہ، نظر محمد ڳاهو رحمت الله ماجوٺي، ڪامريڊ آفتاب چنا، غني ڪانڌڙو علي حسن چانڊيو، مٺو مهيري، پروفيسر عبدالله ملاح، ولي محمد روشن سميت سوين سياسي، سماجي، ادبي، صحافي شخصيتن سندس آخري رسمن ۾ شرڪت ڪئي. تدفين جي موقعي تي شمشير الحيدري صاحب جي نياٽي پڻ موجود هئي.

”هلال پاڪستان“

آچر 12 آگسٽ 2012ع

رضوان گل

# هڪڙو شمشير هو زماني ۾...

## ٽيجهي جي حوالي سان

شاعر صرف لفظن جا ئي ڪاريگر نہ پر انساني جذبن جا بہ عڪاس هجن ٿا. شاعري، جنهن جو تعلق شعور سان آهي، اها شاعري جنهن ۾ ساحري بہ هجي سا يقينن پڙهندڙن جي دلين ۾ جايون جوڙي ٿي. شاعر پنهنجي شعرن وسيلي قومن ۾ جدوجهد ۽ جاکوڙ ڪرڻ جي حوالي سان نئون جوش ۽ ولولو پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. اهڙا شاعر، جن پنهنجي سموري ڄمار پنهنجي ڌرتيءَ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي، ڏکين حالتن ۾ بہ مخالفن سان اکيون اکين ۾ وجهي مهاڏو اٽڪايو ۽ سچ لکڻ کان نہ ڪڏهن ڪيٻايو ۽ نہ ئي ڪا سودي بازي ڪئي. سنڌ جي اهڙن اوڏن ۽ بيباڪ ليکڪن ۾ تمام اهم نانءُ شمشيرالحيدري جو بہ آهي، جنهن پنهنجي حياتيءَ جا 80 سال هڪ ئي نظريي ۽ اصول تحت گذاريا. ۽ سندس اصول جو بنيادي نقطو هو پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ واسين سان سچائي.

شمشيرالحيدري هڪ دؤر جو نالو آهي، اهو دؤر جنهن ۾ سنڌ جون سياسي، سماجي، ادبي ۽ ٻيون ڪيتريون ئي تحريڪون وجود ۾ آيون. هي اهو شخص هو جنهن پنهنجي ساٿين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سنڌ جي خلاف ٿيندڙ هر سازش جو مقابلو ڪيو ڌرتيءَ ڌڻين کي سندن حقن جي آگاهي واري مهم کان وٺندي اقتداري ايوانن تائين پنهنجو آواز پهچائڻ واري عمل ۾ شمشير سدائين اڳيرو رهيو هو نہ وڏيرو هو نہ ڪو تمام گهڻو شاهوڪار پر هن اهي سمورا ڪم پنهنجي لکڻين ۽ عملي جدوجهد وسيلي ئي ڪيا. سندس شخصيت جا ڪيترا ئي پهلو آهن. هو هڪ ئي وقت آزاد نظم ۽ گيت جو سهڻو شاعر بہ آهي تہ بهترين ڊرامہ نگار، برجستو ڪالم

نويس، بيباڪ صحافي ۽ اردو ايڊيٽر پڻ. جيتوڻيڪ پاڻ ڪيترن ئي سرڪاري عهدن تي بہ رهيو پر پنهنجي مؤقف تان ڪڏهن بہ پنتي نہ هٽيو.

سندس تربيت سندس مامي نذير حسين حيدري ڪئي جيڪو پاڻ بہ سياسي ۽ سماجي حوالي سان نہ فقط ساڃاهہ ۽ سرت رکندڙ ماڻهو هو پر هو عملي طرح بہ ماڻهن جي ڪم اچي سندن مدد ڪندو هو. شمشير ڪانئس گهڻو متاثر هو جنهن ڪري ئي هن پاڻ بہ حيدري سڏرائڻ شروع ڪيو.

شمشيرالحيدري سموري حياتي لکندو ۽ ظالم قوتن کي للڪاريندو رهيو هن ترقي پسند ادب جو نہ فقط گهرو مطالعو ڪيو پر پاڻ آخر تائين ترقي پسند ادب جو حصو رهيو اهو سبب آهي جو سندس لکيون ماڻهن جي دلين جي ترجماني ڪندڙ آهن. وقت جي آمرن سان قلم ذريعي جنگ جوٽيائين. ضياء جي مارشلائي دؤر ۾ هن جا ڪالم ۽ ايڊيٽوريل بمن، بارودن ۽ شعلن کان گهٽ نہ هئا، جن کي پڙهڻ لاءِ ماڻهو انتظار ڪندا هئا. ان دؤر ۾ جڏهن ماڻهو حڪومت خلاف پاڻ ۾ گفتگو بہ آهستگيءَ سان ڪندا هئا اهڙي صورتحال ۾ هن پنهنجو صحافتي ڪردار انتهائي بهادري ۽ برجستگيءَ سان ادا ڪيو پاڻ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ ۾ تہ ماهي ”مهراڻ“ جو اسسٽنٽ ايڊيٽر مقرر ٿيو تہ هن رسالي کي باقاعدگيءَ سان وقت ڏئي معياري لکڻين کي جاءِ ڏني. ترقي پسند ادب ڇاپڻ کان علاوه هن ان دؤر ۾ جهڙي ريت مُهراڻ جي سهيڙ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو سو يقينن قابل تعريف آهي. سندس لکيل ايڊيٽوريل پڻ هڪ دؤر جي تاريخ آهن. پاڻ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جو بنيادي ۽ پهريون ميمبر بہ آهي تہ هن تنظيم جي مول متن ۽ مقصدن کي آئيني شڪل ڏيڻ ۾ بہ سندس ڪردار اهم رهيو ون يونٽ جي تحريڪ هجي يا سنڌ خلاف ٿيندڙ ٻي ڪابہ سازش هجي هن حيدريءَ پنهنجي هر هنڌ پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ضرور ڏياريو سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري ٿيڻ کان اڳ، ان

دؤران ۽ ان کان پوءِ پاڻ سمورو وقت هي ادبي سنگت سان ئي سلهاڙيل رهيو. ادبي سنگت جي سيڪريٽري رهڻ دؤران هن سموري سنڌ جي اديبن سان خط و ڪتابت ذريعي رابطو رکيو ۽ ڪيترن ئي شاخن کي ٻيهر سرگرم ڪرايو.

شمشيرالحيدري جي شاعر واري حيثيت وڏيڪ آهي يا سندس نثر وڏيڪ اثرائتو آهي! ان جو فيصلو ڪرڻ ته مشڪل آهي. البته گهڻي قدر کيس هڪ شاعر واري سڃاڻپ مليل آهي. اهو شايد ان ڪري به ته سندس شاعري مختلف ڳائڻ جي ذريعي عام ماڻهن تائين رسائي حاصل ڪري چڪي آهي. جنهن سبب کيس عام ماڻهو هڪ شاعر جي حيثيت ۾ وڏيڪ سڃاڻن ٿا.

تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو.
جرڻ ته سنڌوءَ جي هئي ڪناري ويو.

شمشير جي سڃاڻپ جي حوالن مان هڪ اهم حوالو اهو به آهي ته هن پاڪستان ٽيليوزن ڪراچي سينٽر تان سنڌي ۾ پيش ٿيندڙ پروگرامن ۽ ڊرامن جا ڪيترائي اسڪرپٽس لکيا. بلڪ کيس اهو به اعزاز آهي ته هو ڪراچي ٽي وي جو پهريون اسڪرپٽ رائيٽر آهي ۽ ڪمپيئر آهي.

شمشير اهڙو دلبر انسان هو جنهن سان سڄي سنڌ پيار ڪري ٿي، سائين شمشيرالحيدري جي مشهور غزل "تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو" جي زمين ۾ نوجوان شاعر امر پيرزادي کيس خراج پيش ڪندي لکيو هو ته:

تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو
نيڻ پنهنجا اُتي وساري ويو
مست سنڌو ۾ جا رواني آ،
پنهنجي نظمن ۾ سا اُتاري ويو
هُو لِکڻ لاءِ آيو ڌرتي تي،
سينڌ تخليق جي سنواري ويو.

شمشيرالحيدري جهڙا انسان جن پنهنجيون زندگيون سڦل مقصدن جي حاصلات ڪندي گذاريون ۽ عام ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجي لاءِ جايون جوڙيون انهن لاءِ تمغا ۽ اعزاز جيتوڻيڪ ڪا به اهميت رکندڙ نه ٿا هجن پر سندن مانَ ۾ مڃتا ۾ ڪين ايوارڊ ۽ تمغن سان به نوازيو ويچي ٿو.

شمشيرالحيدري 11 آگسٽ 2012ع تي جيتوڻيڪ اسان کان جسماني طور وڇڙي ويو آهي پر سندس تخليقون سدائين سندس هئڻ جو احساس ڏياريندڙيون رهنديون. محفلن ۾ سندس غير موجودگيءَ جو احساس ضرور ٿيندو ڇالاءِ ته هو محفلن کي مچائيندڙ سهڻو ڪوي هو ۽ ان ڳالهه جو احساس ڪيس به هو جو هن پاڻ ئي چيو هو ته:

'شمشير' کي سڏ ڪريو 'شمشير' ڪٿي آهي؟
محفل کي مچائيندو ان جو ئي سخن شايد.

محمد بخش ڏاهري

# شمشيرالحيدري جو وڇوڙو، دل جي اڪيلائي جو داستان

رات آسمان ۾ اڪيون اٿڪائي تصديق جي تلاش ۾ ستارن ڏانهن نهاريو هوم، تڏهن سڄي آڪاش تي شمشيرالحيدري جي لاڏاڻي جي سوڳ ۾ اماس رات ۾ ڪيئن سوڳ جا سلسلا پولار ۾ پکڙجي ويا هئا. هي يگانو سنڌ ڪي ڇڏي الوداع ٿي ويو پر پنهنجي پٺيان درد ۽ ڏک جا ڪيئي سمنڊ ڇڏي ويو جنهن جي ساحل تي غم جون گهٽائون برسنديون آهن. سانوڻي مند جا آخري ڏينهن آهن، پر سنڌ جو آسمان گهنگهور گهٽائڻ جي مالها کان محروم آهي. سانوڻ جيڪو هاڻي بدي ۾ برسي ٿو تنهنجي وسڪارن گذريل سال اڌ سنڌ ٻوڙي ڇڏي هئي، لکين ماڻهن کي بي گهر ڪيو هو جهوپا جهري پيا هئا. وستيون واهڻ ويران ٿيا هئا پر ڪيئن شهر بہ مسمار ٿيا هئا. گذريل سال جي برساتن جا خوفناڪ منظر اڄ بہ اکين جي آڏو آهن، جڏهن مون پنهنجي ئي گهر ۾ پنهنجي ڪتابن، اخبارن، رسالن ۽ قلمي نسخن کي وسڪاري جي نظر ٿيندي ڏٺو هو جن ڪتابن ۾ منهنجو ساهہ هو سي ڪنهن زخمي پوپٽ جيان ڪا ڪنيڙاٽي بہ هڻي نہ سگهيا هئا. اها تيز برسات منهنجو سڀ ڪجهہ برباد ڪري گذري ويئي هئي ۽ سانوڻ مند ۾ اکين ۾ ڪئين اوسيئڙا خيما کوڙيندا هئا، پر جڏهن گهر جي ڇت برسات ۾ ٽمندي هئي، تڏهن بيوسي بي منداڻي موسم جيان اندر جي فضا کي غمزده ڪري ڇڏيندي هئي. سڀ سانوڻ سيارا گوندر ۾ گذري ويا. سانوڻ رت جا بادل رمندا رهيا، پورن، ناسي بادلن کي اکيون گهوريندڙيون رهيون. اپ ۾ ڪيتريون اندلنون نڪتيون پر اندر جي اڻ تڻ ختم ٿي نہ سگهي. جڏهن 11 آگسٽ 2012ع جي اخبارن ۾ پڙهيم تہ شمشيرالحيدري بہ هڪ اهڙي ئي ڪوارٽر ۾ رهندو هو جيڪو تہ پاڪستان ڪوارٽر جي نالي سان مشهور آهي پر ان جي حالت بہ اهڙي ناڪاره آهي، جو شمشير جي ڪوارٽر جي ڇت بہ برساتن ۾ ٽمندي آهي. سنڌ جو شمشير جنهن سڄي زندگي "مولا تي ننگ

آ" واري طرز جي گذاري ۽ ڪنهن اڳيان هٿ نہ ٽنگيو هو چاهي ها تہ پنهنجي لاءِ خوبصورت بنگلا بہ ٺهرائي ٿي سگهيو پر اصولن تي سوديبازي نہ ڪرڻ واري هن عظيم انسان جي حياتي جو سمورو سفر ڪٺن راهن تي ڪشالا ڪاٽيندي گذريو. سنڌ جو عظيم سرمايو جنهن جو اسين قدر نہ ڪري سگهياسين. تنهن پڇاڙي تائين زندگي جا آخري ساهہ ڳڻيندي بہ پونئيرن ۽ گهڻ گهرن کي منع ڪئي تہ هو سندس علاج لاءِ ڪنهن کي بہ ڪا اپيل نہ ڪن. اهڙا ليجنڊ ماڻهو تہ صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن پر شمشير اسان جي وچ ۾ رهندي بہ اسان لاءِ اوپرو رهيو ۽ هو زندگي جون گهڙيون ڳڻي خاموش ٿي ويو.

هو سنڌ جي سونهن جا سپنا ڪڻي هي سنسار ڇڏي هليو ويو پر ڌات ۾ جيڪا لاٽ ٻاري ويو تنهن ڪيئي ڪهڪشائون روشن ڪري ڇڏيون. هن مفلسي سان بہ جهيڙيو تہ تنگدستي سان بہ مقابلو ڪيو ويساهہ گهاتين، الميہ جا منظر بہ اکين سان ڏٺا، پر تر جيترو بہ پوئتي نہ هٽيو اها سندس ارڏائي هئي، جنهن سندس ڌات کي ٿي انوکو ٻڻائي ڇڏيو. ورهاڱي جي وڏ ۾ ڌرتي ڌڻين جي لڏپلاڻ هن اکين سان ڏٺي پر جهڙي ريت ويجهڙائي ۾ ٿيندڙ بدامني لاقانونيت جي ٻاهہ اصل ڌرتي ڌڻي کي ساڙي وڌو آهي، تنهنجو سيڪ ڪير محسوس ڪري يا نہ پر سنڌي هندو ڌرتي ڌڪاڻا بنجي جهڙي ريت پنهنجا اجها ڇڏي جلاوطن ٿيندا پيا وڃن، تڏهن سندن لڙڪن سنڌ کي رئاڙي ڇڏيو آهي. لڙڪن جي سمنڊ ۾ ٻڏندڙ هنن ماڻهن جي هڪ هڪ ڳوڙهي جو درد صدين جي اتهاس جي ڏک کان گهرو آهي پر اسين ماڻهو جيڪي بيحسين جا بادشاهہ بنجي ويا آهيون، تن کي تنگ نظري جي ڪٽ بہ کائي-وئي آهي. تيزي سان اقليت ۾ تبديل ٿيندڙ سنڌي قوم کي خوش فهمين جو ڪوبہ ڪوٽ بچائي نہ سگهندو. هاڻي تہ شمشير بہ هليو ويو. ڌرتي ڌڻين جي ڏک کي ڪير سميٽي ۽ اسان وٽ اقتداري ايوانن جا مسند نشين ذوالفقار آباد جي ماڊل جي چمڪندڙ قلعي کان تہ ايڏا مرغوب ٿي ويا آهن، جو باقي سنڌ تہ ڪين نظر ئي نہ ٿي اچي. هٽ نوڪين سورمن جا اخبارن ۾ روزانو اڌ پيج جا اشتهار ڏسي اندر ڪامندو رهي ٿو پر هي دوست

اقتدار جي جنون کان جان ڇڏائي سنڌ جي اجڙيل ڌرتي کي سنڀالڻ لاءِ تيار نہ آهن. حالتن جي جبر جا اسين ستايل ماڻهو بک، ڏک، بدحالي جو گهر بنجي ويا آهيون. هنن حالتن کي ڏسي منهنجو پيرم ٽٽي پيو آهي. مون شدت سان محسوس ڪرڻ شروع ڪيو آهي تہ آئون بيوس آهيان. ڪجھ بہ منهنجي هٿ ۾ نہ آهي. لوڪ کي اها خبر ناهي تہ شمشير جي وڇوڙي تي منهنجو جهول سندس جدائي جي غم ۾ ڳوڙهن سان پرجي ويو آهي. آئون پنهنجي غم کي ڪيئن شيئر ڪيان. رات جڏهن آڪاش تي ترندڙ اڇي بادل تي منهنجي نظر پئي هئي، تڏهن سوچن جا ڪئين سلسلا ورڻ ويڙهي جيان اڻ پوري وجود کي وڪوڙي ويا هئا. تارن سان ٽاڪيل رات ۾ سانوڻ مند جو ڪڪر هوا جي لهرن تي اڏامندو پئي ويو. منهنجي اداس دل جيان تنها، ويڳاڻو محسوس ٿيو. هو بہ منهنجي من جيان اڻ ٿانيڪو ٿي اکين کان اوجهل ٿي ويو. پنهنجي پنيان سوچن جا ڪئين سلسلا جوڙي الوپ ٿي ويو. زندگي ۾ ڪي ڪي ماڻهو گمنامي جي باوجود پنهنجي ڇاپ ڇڏي هليا ويندا آهن.

اهڙو ئي هو نواب شاهہ جو عبدالمالڪ. جنهن کي امر جليل پنهنجي آتم ڪٿا جي ڪتاب ۾ امر ڪري ڇڏيو. هو پنهنجي ڇاپ قمر شهباز، شمشيرالحيدري ۽ گل محمد چنہ تي ڇڏي ويو. جن سندس ياد ۾ ”ادا“ نالي رسالو ڪڍيو هو ڇاڪاڻ تہ نوابشاهہ جا ماڻهو عبدالمالڪ کي ادا چوندا هئا. هو ڦوهہ جواني ۾ 18 سالن جي ڄمار ۾ ڪنهن ٽڙيل گلاب جو گل پنڙ جيان زندگي جي ڏارا کان ڌار ٿي ويو. مون ڪيس ڪڏهن بہ نہ ڏٺو پر اڄ بہ هفتي ۾ ہہ ڀيرا سڪون هوٽل کان سنڌو روڊ ڏيئي ايچ ايم خواجہ گارڊن کان ٿيندو ڊاڪٽئين پاسي پي ايم سي اسپتال وارو روڊ ڏئي موٽندو آهيان. تڏهن ”لطيف هال“ تي نظر پوندي ماضي ۾ ٽپي هٽي تصورن جي سنسار ۾ گم ٿي ويندو آهيان. مون کي محسوس ٿيندو آهي، امر جليل، شمشيرالحيدري، گل محمد چنہ ۽ عبدالمالڪ اتي ئي ويٺا آهن. منهنجي ڄمڻ کان بہ اڳ انهن عظيم انسانن هن ئي هال ۾ زندگي جا انيڪ پل گڏ گذاريا هئا. هو تہ هن

شهر جون فضائون چڙهي زندگي جي ڪن ۾ ڪک پن جيان ٽڙي پکڙي ويا پر هو پنهنجي سڳنڌ هنن ئي هوائن ۾ ڇڏي ويا.

سنڌي ادبي سنگت شاخ نوابشاهه طرفان هڪ ادبي پروگرام جي ڪوٺ شمشيرالحيدري کي ڏني وئي. مقرر وقت ۽ ڏينهن تي اچي پروگرام ۾ پهتو. پروگرام ختم ٿيڻ کان پوءِ رائل هوٽل ۾ چانهه پيئڻ وياسين. ساٿس ڪچهري ڪئي سين. پنهنجي وچ ۾ ايڏي عظيم شخصيت کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿياسين. هن ڪچهري ۾ سنڌ جي تاريخ تي اسان کي ڀرپور ڄاڻ ڏني. ساڻس ٿيل يادگار ڪچهري منهنجي اندر جو سوجهرو بڻجي ويئي. شمشير نوابشاهه جي ساروٽين کي به ساريو منجهس نه وڏائي، نه غرور. واپسي ۾ ڪيس شاليمار ڪوچ ۾ روانو ڪيوسين. اڄ سندس ٻول ڪنن ۾ ٻرن پيا پر هاڻي هن جي ساهه جو پکي هن دنيا مان اڏامي هليو ويو آهي. اسين اتي ئي بيٺا آهيون. اسين ماٺهو طبقن ۾ ورهايل بدبخت معاشري ۾ زندگي جو قيد ڪاٽڻ تي مجبور آهيون. رنج، غم الم واريون حالتون اسان کي ورثي ۾ مليون اسان جي زندگي جا سونهان اهي درد آهن، جن کي ڏسي نه سگهبو آهي. ڪنهن سائبان جي تلاش ۾ عمر جا ڪيترا ورهيه زندگي جي ننڌڻ ۾ گذري ويا آهن. اڱڻ تي ڪئين خزائون آيون ويون آهن پر دل جي آتشڪدي ۾ چانوري جي تلاش جاري رهي ٿي. زندگيءَ نه ڪٽندڙ سفر بڻجي ويو آهي. من جي وشال اڱڻ تي درد ڏک جون ڪئين ڪائناتون آباد ٿي ويون آهن. احساسن ۽ تصورن جي پيانڪ ۽ اونداهي جهنگ ۾ ڀٽڪندي هي زندگي گمنامي ۾ گذري وئي آهي. جيڪب آباد، گهوٽڪي ۽ ٻين جاين تان ڌرتي ڌڻين جي جلاوطني تي جيترا ڳوڙها اکين مان ڳڙيا آهن، شمشير جي وڇوڙي تي به ايترو ئي رنو آهيان. وجود جي بي مقصديت جو مفهوم سمجهڻ ۾ نه اچڻ جي باوجود خبر ناهي ڇو آئون شمشير جي وڇوڙي تي ايترو دکي ٿيو آهيان. مون جهڙن ماڻهن لاءِ زندگي جو وهنوار بي معنيٰ، بي رونق ۽ بيزار ڪندڙ ٿي پوندو آهي، جو ڪل ئي نه پوندي آهي. شايد تاريخ اسان کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيون. "اڄ کان به هزار ست سؤ سال ٻهرين جڏهن سڪندر سنڌ تي حملو ڪيو هو ان وقت سنڌ جا مور ڏسي حيران ٿيو ان

مور پڪڙائي پنهنجي ماءُ ڏانهن تحفو موڪليا. سندس ماءُ مور پکي ڏسي حيران ٿي ۽ چوڻ لڳي. جنهن ديس جا پکي اهڙا سهڻا آهن تہ ان ملڪ جا ماڻهو ڪيڏا نہ خوبصورت هوندا". مون 27 مئي تي پنهنجي ڪالم ۾ مورن جي ٿهوڪن جي خاموش ٿيڻ جو ذڪر ڪيو هو پر جڏهن سنڌ ۾ "راڻي کيت" نالي بيماري مورن ۾ لاابارو وجهي ڇڏيو آهي، تڏهن بہ اسين غفلت ۾ غرق لڳا پيا آهيون. سرڪار جي ذميواري مور بچائڻ ڪونهي. فطرت جي سونهن جا ڏٽي اسين خود آهيون. اسان مورن کي بچائڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو تہ دنيا جي هن خوبصورت پکي جو نسل سنڌ مان ختم ٿي ويندو. مورن ۾ بيماري جا سبب تہ سيني کي ساريا پيا آهن۔ صرف غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿيڻو آهي. هاڻي تہ اسان جي مرده ضمير کي زنده ڪندڙ بہ ڪوچ ڪندا وڃن. شمشير تہ ويو. باقي ڪسمپرسي جي حالت ۾ جيئندڙ ذات ڏٽين لاءِ اسان ڪا ڇا ڪرڻو آهي، ان لاءِ سوچڻ جو وقت اڄ آهي، سياڻي نہ!! اڄ اها تاريخ آهي، جڏهن انگريزن 1839ع ۾ ديبل ۽ ڪراچي تي حملو ڪري قبضو ڪيو هو ماڻهو لڏپلاڻ ڪري ائين نڪتا هئا. جيئن سنڌ مان هندو سنڌي پنهنجا سامان ڪٽي ريل گاڏين ۾ روانا ٿي سنڌ ڇڏيندا ٿا وڃن. هو هر اسٽيشن تي غم ۽ اداسي جا منظر ڇڏيندا ٿا وڃن. ڪاش اسان کي خبر پئجي سگهي تہ سنڌي قوم پنهنجو ڪيڏو نقصان اکين آڏو ڏسي رهي آهي. بي ترتيب خيالن جي مٺ ۾ پکوڙيل پيري اوهان آڏو اڇلائي اٿم. تڏهن ان ۾ توهان لاءِ ڪجهہ نہ آندو اٿم. زندگي جي رڻ ۾ پٽڪندي جيڪي ورهيہ وڃايا اٿم، هي ان بي ترتيب سفر جي اڌوري ڪٿا آهي. هي ٽٽل خوابن جو عڪس آهي، بي رونق راتين، اداس شامن جا اڌورا احوال آهن. روح کي فنا ڪندڙ المين جا داستان آهن، هڪ دل جي اڪيلائي جي اپٽار آهي.

"هلالِ پاڪستان"
آچر 12 آگسٽ 2012ع

شمشير الحيدري

# امڙ جي ياد

## چوند نثري ٽڪرو

فقير جي ڄمار 6 سال هئي تہ سندس امڙ وفات ڪري وئي، ڪيس ٽي بي ٿي پئي هئي تڏهن ٽي بي جو علاج ڪونہ هو لڪين ماڻهو بي موت مري ويندا هئا. انهيءَ بيماريءَ جو پيانڪ پاسو اهو هو تہ اها هڪ ماڻهوءَ کان ٻئي ماڻهوءَ کي وچڙي پوندي هئي. جيڪو ماڻهو ٽي بيءَ ۾ ورتل ماڻهوءَ سان گڏ رهي ساڻس ڪائي پيئي، سندس ٽهل ٽڪور ڪري تہ اهو بہ ونجي وڃي. تنهن ڪري حڪيم، ڊاڪٽر جهليندا هئا تہ ٽي بي جي مريض جا ٿانوَ ٿپا، ڪپڙا، هنڌ بسترا ۽ ٻيون سڀ استعمال جون شيون ڌار ڪن ۽ ٻيو ڪير بہ انهن کي استعمال نہ ڪري، خاص ڪري ٻارن کي انهن کان پري رکجي ڇو تہ انهن کي هيءَ بيماري جلد وچڙي ٿي. فقير کي ياد آهي تہ سندس امڙ ڪٽ تي بيمار پئي هئي هوءَ ڪيس مامتا وچان سڏيندي هئي، اشارا ڪندي هئي پر ٻيا گهر وارا فقير کي سندس ويجهو وڃڻ کان جهليندا هئا ۽ فقير پري وڃي روئيندو رهندو هو.

فقير وٽ امڙ جي هڪڙي نشاني آهي، فقير ڪو تمام ننڍڙو هو ۽ هوءَ نماز پڙهي فارغ ٿي ۽ ٻن جي ٻيڙي دکائي پيئڻ لڳي تہ فقير ڊوڙ پائي وڃي ڪيس ياڪر پاتو، دکندڙ ٻيڙي فقير جي هٿ تي ڏنڀ جيان لڳي پئي جنهن جو جهڪو نشان هيڏن سالن کان پوءِ بہ موجود آهي.

فقير جي يادگيرين ۾ اهو منظر چٽو آهي جنهن ۾ سندس امڙ ڪيس اشارن سان سڏي رهي آهي ۽ هو ڊپ وچان هڪ هنڌ ڄمي بيهي هن ڏانهن ڏسي رهيو آهي. اڄ ٽي بي جو علاج موجود آهي پر فقير ڄي امڙ گهڻو اڳ هلي وئي.

"روزاني عوامي آواز"
آچر 12.08.2012

انٽرويو

# شمشير الحيدري جو هفتيوار سنسار کي ڏنل يادگار انٽرويو

# لوڪ شاعري اسان جي تهذيب، ثقافت، مزاج ۽ ذهن جو هڪ چٽو پٽو اولڙو آهي

سنڌ جو برک شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامہ نگار شمشير الحيدري اڄ اسان سان موجود ناهي، هو هزارين چاهيندڙن کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو آهي پر قدرت پاران کيس ڏنل ڏات ذريعي هو هميشہ ياد رهندو. شمشير الحيدري سان ڪجھہ مهينا اڳ سنسار پاران ڪيل ڪچهري جو ڪجھہ حصو توهان پڙهندڙن لاءِ پيش ڪيون ٿا.

سنسار: سائين شمشير صاحب! شروع ۾ اوهان کان هڪ روايتي قسم جو سوال پڇنداسين. علم ۽ ادب سان لاڳاپيل اڪثر دوست اوهان جي شخصيت ۽ ادبي ڪمن کان سونهان آهن، پر ٿي سگهي ٿو تہ ڪافي دوست اوهان جي خانداني پس منظر ۽ اوهان جي تعليم بابت ڄاڻڻ چاهيندا هجن.

شمشير الحيدري: منهنجو نانو حاجي غلام علي پنهنجي وقت جو وڏو ٽونگر هيو پاڻ ڪڇ، ڀڄ ۽ رحم ڪي بازار ۾ چمڙي جون وڏيون واپاري ڪوٺيون قائم ڪيون هئائين. هو وڏو وقت رحم ڪي بازار ۾ رهيو هيو رحم ڪي بازار هڪ تمام وڏو واپاري بندر هيو. جڏهن اُتي زوال آيو ۽ ڪاروباري سرگرميون جهڪيون ٿيون تہ منهنجو نانو اتان لڏي پلاڻي اچي بدين ضلعي جي شهر ڪڍڻ ۾ آيو. ڪڍڻ هڪ تاريخي شهر آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين بہ چڱو موچارو ڪاروباري مرڪز آهي. اها ڳالهہ تہ ٿي منهنجي ناني جي. منهنجو ڏاڏو وري ٽنڊي باگي تعلقي جي ”ڪوچاهين“ نالي شهر ۾ رهندو هيو اهو اسماعيلي خواجن جو شهر هيو ۽ اڄا تائين بہ اتي اسماعيلي خواجا آباد آهن. ڏاڏو وري اتان هجرت ڪري بدين شهر ۾ اچي ويٺو اهڙيءَ طرح بدين منهنجو ڏاڏاڻو شهر ٿيو. اسان وٽ سنڌ ۾ اهو عام رواج آهي تہ والدين

پنهنجي ڏيءَ کي پنهنجي گهر ۾ ويم ڪرائيندا آهن. تنهن ڪري منهنجي امان کي بہ سندس والدين بدين مان ڪڍڻ وٺي آيا. جتي مان پيدا ٿيس، يعني منهنجي پيدائش جو شهر ڪڍڻ آهي. باقي مون گهڻو وقت ڪڍڻ کان ٻاهر ئي گذاريو آهي. منهنجو نانو جڏهن ڪڍڻ کان ننڊي شهر ۾ لڏي آيو تہ منهنجو ٻالڪپڻ ان شهر ۾ گذريو منهنجي ناني ننڊي شهر ۾ زمينون خريد ڪيون. پاڻ سکيو ماڻهو هيو وٽس اٺ بہ هئا، گهوڙا گڏهہ بہ هئا ۽ مال ڍڳو پڻ جام هيو اهڙيءَ طرح منهنجو ننڍپڻ بہ اهڙي ئي ٻهراڙيءَ واري ماحول ۾ گذريو ننڍپڻ ۾ ٻني ٻاري جو ڪم ڪار ڪرڻ ۽ انهن گهوڙن تي چڙهڻ جو شغل ڏاڍو رهيو.

مان اٺ گاڏو بہ هلائي ويندو هيس، گهوڙن کي وهنجاري بہ ويندو هيس. مان وڏ ڀرو ٿيس تہ مون کي بدين شهر جي هڪ سرڪاري پرائمري اسڪول ۾ ويهاريو ويو. ان وقت اسان بدين شهر جي غريب آباد پاڙي ۾ رهندا هئاسين. سنڌ جو نالي وارو شاعر ۽ ڏاهو شخص مولوي حاجي احمد ملاح ان ئي پاڙي ۾ رهندو هيو پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ کان اڳ مون کي مولوي حاجي احمد ملاح جي مدرسي ۾ ويهاريو ويو. مان اتي قرآن پاڪ پڙهيو ۽ ديني تعليم پڻ پرائي. اسڪول ۾ خوشخطيءَ تي گهڻو ڌيان ڏنو ويندو هيو ڪاٺ جي پٽيءَ تي بار بار ميٽ هڻائي ڪانهن جي ڪلڪ سان ڪاري يا نيري مس سان اکر لکرايا ويندا هئا. تنهن ڪري اکر ڏاڍا سهڻا ٿيندا هئا. هاڻي تہ اهو رواج ئي ڪونهي. شروع ۾ ئي ٻار بال پين کڻن ٿا. تنهن ڪري اکر بہ مزي جا ڪونهن. پرائمريءَ کان پوءِ وري مان انگريزي اسڪول ۾ داخل ٿيس جتي چار درجا انگريزيءَ جا پڙهيس. منهنجو مامو نظير حسين حيدري ۽ ٻيو منهنجي ناني جو سؤٽ، جنهن کي اسان نانو ئي چوندا هئاسين، سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ پڙهيا هئا. تنهن ڪري مون کي سنڌ مدرسي موڪليائين.

سنسار: پر توهان تہ سنڌ مدرسي ۾ پنهنجي تعليم جاري نہ رکي سگهيا. ان جا ڇا ڪارڻ هئا؟ اوهان پاڻ سنڌ مدرسو ڇڏي ويا يا اوهان کان ڇڏرايو ويو؟

شمشيرالحيدري: مان چار درجا انگريزيءَ جا بدين ۾ پڙهي سنڌ مدرسي ۾ آيو هوس. ميٽرڪ ۾ ٿي هوس تہ مون کي سنڌ مدرسي مان ڪڍيو ويو. اهڙيءَ طرح مان ميٽرڪ نہ ڪري سگهيس. ڳالهہ اها آهي تہ منهنجو مامو ڪامريڊ نظير حسين حيدري انقلابي طبيعت جو ماڻهو هيو. سندس شخصيت جو مون تي تمام گهڻو اثر هيو. پاڻ سٺو اديب بہ هيو شاعر بہ هيو خطيب بہ هيو. قومي اڳواڻ بہ هيو سياسي اڳواڻ بہ هيو جيل ۾ بہ ويو هيو. پاڻ مسلم ليگ ۾ شامل هيو ان وقت ہي ڪابہ سياسي پارٽي ڪونہ هئي. پاڪستان جي تحريڪ زورن تي هئي. مامي واري تحريڪي ۽ انقلابي طبيعت جو مون تي بہ اثر پئجي ويو. مون جڏهن اسڪول ڇڏڻ جو سرٽيفڪيٽ ورتو تہ اسڪول جو هندو هيڊماسٽر ريمارڪس وارن سيني خانن ۾ Very Good لکيو صرف هڪ خاني ۾ Good لکيائين. سندس نالو هيرانند ڪرم چند هيو ڏاڍو ذهين ۽ مثالي استاد هيو هاڻي تہ قدر پئي انهن املهہ انسانن جو سو هڪ جاءِ تي رکيو Good ڏسي مون کي بہ خار لڳي وئي ۽ سرٽيفڪيٽ ڦاڙي سندس ٽيبل تي اڇلائي گهر هليو آيس. ان ئي اسڪول ۾ بابي جو هڪ دوست عبدالجبار صاحب استاد هيو بابي جي چوڻ تي هن هيڊماسٽر کان ہيو سرٽيفڪيٽ نهرائي ڏنو ۽ پوءِ مان سنڌ مدرسي هليو آيس. تحريڪي ذهن ڳوٺان کڻي آيو هوس. مدرسي ۾ هڪ هال يا آڊيٽوريم هوندو هيو. شام جو اتي ڇوڪرن کي گڏ ڪري ليڪچر ڏيندو هوس. اهي ليڪچر اڪثر اسڪول انتظاميہ خلاف هوندا هئا. ڪڏهن ڪين پڙهائيندو هيس تہ هتي ماني سٺي ڪانهي، پڙهائي سٺي ڪانهي، صفائي سٺي ڪانهي. مطلب تہ ڇوڪرن جي چڱي خاصي Brain washing...... ڪري ورتم. ان دوران مون کي مدي جو بخار ٿي پيو ۽ مان موڪل وٺي ڳوٺ هليو آيس. مهينو ڏيڍ بخار ۾ مبتلا رهيس. پويان ڇوڪرن هڙتال ڪئي ۽ اسڪول بند ڪرايائون. اسڪول جو پرنسپال ڪي آر ٿامس هيو ڇا تہ اصول پرست شخص هيو! هو ڇوڪرن کي سمجهائڻ هاسٽل تي آيو پر ڪيس ڌڪا ڏئي اتان ڪڍيو ويو. گندر صاحب ۽ آفندي صاحب بہ ڇوڪرن کي ڏاڍو سمجهايو پر ہاڪرا ڦر مڙيا ئي ڪونہ.

هل هنگامو ڪري پنيور کي باھہ ڏئي ڇڏيائون. نيٺ هڙتال ختم ٿي. مان موٽي آيس تہ پرنسپال مون کي هڪدم پاڻ وٽ گهرايو ۽ چيو تہ اسان انڪوائري ڪئي آهي ۽ خبر پئي آهي تہ ان گوڙ گهمسان پويان تنهنجي رٿابندي آهي. تنهن ڪري توکي اسڪول مان ڪڍيو ٿو وڃي. ميڙيون منٿون ڏاڍيون ڪيوسين، پر هڪ بہ ڪونہ هلي. هو ڏاڍو ڪٽڙ ڪ ۽ اصول پسند انسان هيو ڪابہ رعايت ڪونہ ڏنائين. ان وقت هڙتالن جي ڪابہ روايت ڪونہ هئي، تنهن ڪري پرنسپال لاءِ اهو سڀ ڪجھہ ڏاڍو ڏکيو ۽ برداشت کان ٻاهر هيو اهڙيءَ طرح مون کان سنڌ مدرسو ڇڏرايو ويو ان کان پوءِ ٽي مهينا اين جي وي اسڪول ۾ پڙهيس. اتي سرٽيفڪيٽ ڪونہ ڏئي سگهيس، سو اُتان بہ ڪڍيو ويو. پوءِ وري حيدرآباد ۾ نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ آيس. اتان بہ جواب مليو چيائون تہ توکي تہ اسڪول جو سرٽيفڪيٽ ئي ڪونهي. داخلا ڪيئن ڏينداسين؟ ائين ڌڪا ٿاٻا کائيندي سال پورو ٿي ويو. مون کي جيئن تہ سنڌ مدرسي مان هڪ سال لاءِ ڪڍيو ويو هو تنهن ڪري هڪ سال گذرڻ کان پوءِ مون کي سرٽيفڪيٽ ملي ويو سرٽيفڪيٽ وٺي سڌو ٽنڊي باگي جي تاريخي اسڪول "مير غلام محمد خان ٽالپر هاءِ اسڪول" هليو آيس. اتي آزمائشي امتحان ڏنم ۽ ستاويهن ڇوڪرن ۾ ٽاپ ڪيم. هوشيار تہ ننڍي هوندي کان ئي هيس. اهو امتحان پاس ڪيم ۽ پوءِ مون کي ميٽرڪ ۾ ويهاريو ويو اڪثر ڪري نمونيا ۽ ڪجھہ ٻين بيمارين جي ڪري مان چڱيءَ طرح پڙهي نہ سگهيس ۽ ميٽرڪ جي امتحان ۾ پاس نہ ٿي سگهيس. هڪ پيپر دوران مون کي نمونيا ٿي پئي ۽ پوءِ مون کي ڳوٺ پهچايو ويو. پوءِ وري مون سپليمينٽري امتحان ڏنو پر فيل ٿي پيس. نيٺ بابي چيو تہ هاڻي توکان پڙهائي ڪونہ ٿيندي. ڪا نوڪري ڪري ۽ شادي ڪري گهر آباد ڪر. مون ائين ئي ڪيو پوءِ وري 1954ع ۾ مان حيدرآباد هليو آيس. جتي منهنجي ويجهڙائپ محمد عثمان ڏيپلائيءَ سان ٿي. پاڻ ڏاڍو جاڪوڙي، انقلابي سوچ رکندڙ ۽ محب وطن انسان هيو. هڪ پيري ڳالهيون ڪندي چيائين تہ علم پرائڻ جي ڪابہ عمر ڪانهي. بهتر آهي تہ اوريئينٽل ڪاليج مان اديب سنڌي جو امتحان ڏجي. ان ڪاليج جو

پرنسپال مخدوم امير احمد هيو. پاڻ وڏو عالم ۽ داناءُ شخص هيو. ساڻس ملياسين ۽ پوءِ وري اديب سنڌيءَ جو امتحان ڏنوسين. ڊيپلائي صاحب انگريزي پڙهيل ڪونہ هيو پر مون کي تہ انگريزي ايندي هئي. سو اديب سنڌيءَ سان گڏ انگريزيءَ جو پرچو بہ ڏنم ۽ اهڙيءَ طرح مون کي ميٽرڪ جو سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو اتان ئي مون ٻارنهن درجا پاس ڪري ورتا. انٽر ڪرڻ کان پوءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا مون کي صلاح ڏني تہ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺ ۽ سنڌي ادب ۾ ايم اي ڪر. مان داخلا ورتي، بي اي آنرس ڪيم ۽ پوءِ وري ايم اي ڪري ورتم. لا ۾ پڻ داخلا ورتي هيم. پهريون سال بہ ڏنو هيم پر پوءِ وفاقي حڪومت جي ماهوار رسالي "نئين زندگيءَ" ۾ نوڪري ملي وڃڻ ڪري ڪراچيءَ هليو آيس ۽ پوءِ لا نہ ڪري سگهيس. اهو آهي منهنجو تعليمي ڪيريئر.

سنسار: توهان هڪ ڊگهو تخليقي سفر طئي ڪيو آهي. ان سموري سفر ۾ اوهان جا جي ڳولا ڪئي آهي؟ توهان جي تخليقي ڳولا جا رخ ڇا رهيا آهن؟ ڇا Objective رهيو آهي توهان جو؟ ڇا ڏيڻ چاهيو آهي توهان پنهنجي تخليقن ذريعي؟

شمشيرالحيدري: مان تہ ائين ٿو محسوس ڪريان تہ ڄڻ مان تہ هڪ پٽڪيل ماڻهو آهيان. مان اڪثر انٽرويوز ۾ اهو چيو آهي تہ مان تہ شاعر بہ ڪونہ آهيان. اوهان چيو تہ منهنجي سڃاڻپ شاعري آهي، پر مان پاڻ کي ڪڏهن بہ شاعر نہ سمجهيو آهي. منهنجو مطالعو وسيع رهيو ۽ ورهين جا ورهيہ "مهراڻ" ۽ "نئين زندگيءَ" جي ادارت مون وٽ رهي تہ شاعري، افسانا، تحقيق ۽ ٻيون کوڙ ساريون تخليقي شيون منهنجي هٿان گذريون، تنهن ڪري مون کي بہ لکڻ پڙهڻ جي رمز ۽ اٽڪل اچي وئي ۽ نثر ۽ نظم لکڻ جي سگهہ ۽ صلاحيت اچي وئي. نثر هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا هر ماڻهو ڪجهہ نہ ڪجهہ لکي ٿو سگهي.

شاعري اصل ۾ پيغمبري درجو آهي، جيڪو شاعر کي نصيب ٿو ٿئي. مان پاڻ کي ان درجي تي فائز ٿيلن ۾ شمار نہ ٿو ڪريان. شاعر ڪائنات جي رازن سان گڏ انسان جي نفسيات کي پڻ سمجهندو آهي. بس!

مون کي شاعري ڪرڻ جو هڪ ڏانءُ اچي ويو آهي ۽ ڪجهه وزن بحر جا چڪر سمجهه ۾ اچي ويا آهن باقي مون ڪجهه ڏنو ڪونهي. مان پٺتي رهيو آهيان. تنهنڪري مون آڏو ڪوبه مقصد ڪونه رهيو آهي. شاعريءَ جهڙي ڪا شيءِ مون ڏني آهي، پر اها شاعري ڪونه چئبي.

**سنسار:** سائين! اها ته توهان جي ڪسر نفسي چئبي. انگريزيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي ته "Diamond never says itself diamond" جيڪي سنڌي ادب جا پارکو ۽ نقاد آهن، سي شاعريءَ جي حوالي سان اوهان کي نهايت مٿانهون رتبو ڏين ٿا. خاص ڪري جديد شاعريءَ جي حوالي سان. توهان انهن جي راءِ کي رد ته نه ٿا ڪري سگهو نه؟

**شمشيرالحيدري:** ٽي ايس ايليٽ چيو آهي ته: جيڪڏهن ڪوبه شاعر جيڪو پنهنجي وقت ۾ اهڙي شيءِ ڏئي ويو آهي جيڪا ماڻهن کي پسند اچي ٿي ته پوءِ ان جي معنيٰ آهي ته اهو هڪ "هالو چالو شيءِ" ڏئي ويو آهي ۽ جيڪي سٺا شاعر آهن سي اهڙي شيءِ ڏيندا آهن جنهن کي پڙهندڙ گهٽ هوندا. زمانو ۽ زندگي لاڳيتو اڳتي وڌندو رهي ٿو. ايندڙ زماني ۾ مٿيري ذهن جا ماڻهو ايندا رهندا ۽ اهي وڏيڪ تخليقي ذهن رکندڙ هوندا. اسان وٽ اها ڳالهه هلي پئي ته فلاڻو عوامي شاعر آهي، انقلابي شاعر آهي، مهان شاعر آهي، اهي اسان جا پنهنجا لقب ڏنل آهن. بس، اهو پنهنجي دل ۽ ٻين جي دل خوش ڪرڻ لاءِ ڪريون پيا. زماني جو جيڪو وهڪرو آهي، تنهن جي حساب سان برابر اهي عوامي، انقلابي ۽ مهان شاعر آهن، پر تاريخ ڪنهن کي پنهنجي ورقن ۾ جاءِ ڏيندي يا نه ڏيندي، سا هڪ ٻي ڳالهه آهي. تنهن ڪري ٽي ايس ايليٽ جي ان راءِ سان اسان کي سهمت ٿيڻ کپي. اسان جي ڪم جي ننڍي وڏي، معياري ۽ غير معياري هجڻ جو فيصلو ايندڙ وقت ڪندو، اسان ڪنهن لاءِ ڪجهه به نه ٿا چئي سگهون.

**سنسار:** سائين شمشير صاحب! اوهان ان ڳالهه کي ٺورو ڇنڊ ڪندا ته آخر مستقبل ئي ڪنهن جي مقام ۽ مرتبي جو تعين ڇو ڪري؟ حال ۾ ان جو تعين ڇو نه ٿيڻ کپي؟

شمشيرالحيدري: ڪنهن جي علمي قد ڪاٺ جو تعين پلي حال ۾ ڪري ڇڏجي، پر جيڪڏهن مستقبل ان کي رد ڪري ڇڏيندو تہ پوءِ اوهان ڇا ڪندا؟ مستقبل تہ اوهان جي هٿ وس ۾ ناهي نہ؟ مستقبل جي ماڻهن جي ذهنيت اسان کان مٿي هوندي، ان ۾ اسان ۽ توهان جو ڪو ڏوهہ تہ ڪونهي نہ؟

سنسار: هاڻي توهان جي شاعريءَ طرف ٿا اچون، توهان شاعريءَ جي شروعات آزاد نظم سان ڪئي هئي؟ توهان پنهنجي ايم اي (سنڌي ادب) جو مونوگراف بہ آزاد شاعري بابت لکيو آهي؟

شمشيرالحيدري: مان پنهنجي شاعريءَ جي شروعات آزاد نظم سان نہ ڪئي هئي. شروع ۾ مون ڪجهہ پارا ٽا نظم سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپرايا هئا. اهي نظم پابند هئا يعني اها پابند شاعري هئي. پوءِ وري مون غزل لکيا. آزاد نظم مون پهريون پيرو ان وقت لکيو جڏهن مان حيدرآباد آيس. تہ ماهي ”مهراڻ“ جي ايڊيٽر طور مهراڻ جي ڪنهن پرچي ۾ سائين ع. ق شيخ هڪ آزاد نظم لکيو پر اهو حقيقت ۾ نثري نظم هيو ع. ق شيخ جو اهو نثري نظم پڙهڻ کان پوءِ لڳو تہ اهو تہ آزاد نظم ناهي. مون آزاد نظم جو اونهو مطالعو ڪيو هو. تنهن ڪري سوچيم تہ معاملي کي ڪجهہ چٽو ڪجي. سو مون آزاد نظم جي ٽيڪنڪ تي لکيو ۽ ٻڌايم تہ آزاد نظم هيئن لکبو آهي. اهڙيءَ طرح مون آزاد نظم لکڻ شروع ڪيا. ان وقت نام نهاد ساڃي ڏر ۽ ڪاٻي ڏر جو ٽڪراءُ هليو پئي. ساڃي ڏر وارن اها فتوي ڏني تہ آزاد نظم لکڻ ڪفر آهي. مون کي حيرت ٿي ۽ مان ڪيسن چيو تہ ڪابہ تخليقي صنف تہ ڪافر نہ ٿي ٿي سگهي. جيڪڏهن آزاد نظم لکڻ ڪفر آهي تہ پوءِ غزل لکڻ بہ ڪفر آهي ڇو تہ غزل ۾ بہ ڪفر جي ڳالهہ ڪري سگهجي ٿي. انهن معاملن کي چٽو ڪرڻ لاءِ مان آزاد نظم تي مونوگراف لکيو.

سنسار: توهان جي خيال ۾ هاڻوڪي دؤر ۾ سنڌي شاعريءَ ۽ ادب جي اُفق تي ڪي تبديليون آيون آهن، معيار ۽ مزاج جي لحاظ کان؟

شمشيرالحيدري: منهنجي خيال ۾ تہ ڪي بہ تبديليون ڪونہ آيون آهن. تبديليءَ لاءِ پليٽ فارمز هوندا آهن، جيڪي هن وقت ڪونہ آهن. ڪو دؤر هيو جڏهن مهراڻ، سهڻي، آرسي، سوجهرو ۽ روح رهاڻ باقاعدگيءَ سان نڪرندا هئا. هن وقت هر شاعر ۽ ليکڪ جو پنهنجو رخ آهي. اهي سڀ ٽڙيل پکڙيل آهن. شاعري جيڪا نہ پر نعري بازي آهي. شاهہ لطيف رح پنهنجي شاعريءَ ۾ رڳو هڪ پيرو لفظ "سنڌ" ڪتب آندو آهي. يعني "سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار" سڄي رسالي ۾ اوهان کي "سنڌ" لفظ هڪ پيرو ئي ملندو، سنڌ جو نالو وٺي يا لکي اهو چوڻ تہ مان قومي شاعري ٿو ڪريان تہ اهو مناسب ناهي. قومي شاعريءَ کان پوءِ بہ شاعري آهي، عشقيہ شاعري، اها نهايت غير معياري ۽ بازاري قسم جي شاعري آهي. معياري عشقيہ شاعري تہ اسان وٽ آهي ڪونہ.

شاعريءَ ۾ ڪا گهرائي ڪونهي. عشقيہ شاعريءَ ۾ تہ رمزيت هوندي آهي، شاعريءَ جو بنيادي نڪتو ئي رمزيت آهي. بنيادي نڪتو نہ هوندو تہ پوءِ معيار ڪونہ هوندو. پوءِ بہ اسان جي شاعرن کي جس آهي جو مڙيو ئي پرتي ڪيو وينا آهن. ڪي شاعر اميد آهي تہ چڱا بہ نڪرندا.

سنسار: اوهان ائين چوڻ چاهيو ٿا تہ سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جو جيڪو هاڻوڪو دؤر آهي يا جيڪو ڪجهہ اڄڪلهہ لکيو پيو وڃي، سو سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي پوري روايت کي Continue نہ ٿو ڪري. ڪو دؤر هو جڏهن ادب ۽ شاعريءَ ۾ سگهہ هئي ۽ هاڻي ان جي سطح هيٺ ڪري پئي آهي؟

شمشيرالحيدري: مان هميشہ نوجوان شاعرن کي چوندو آهيان تہ ڪابہ شاعري يا لکت جيڪڏهن هوا ۾ پيدا ٿيندي تہ پوءِ هو اِم ئي اڏامي ويندي. ان کي نہ ڪو جٽاءُ هوندو آهي ۽ نہ ئي ان جي ڪا اهميت هوندي آهي. شاعريءَ جا ڪي بنياد هجڻ گهرجن. ڪين چوندو آهيان تہ پهرين مطالعو ڪريو اسان جي لوڪ شاعريءَ جو بنياد اسان جو اهو آهي. اياز هجي، امداد هجي، يا مان هجان. اسان سڀ مصلحت يا ڪوڙ کان ڪم وٺي سگهون ٿا، پر لوڪ شاعري ڪوڙ نہ هوندي آهي. اها سچي شاعري هوندي

آهي. اسان پلي لوڪ شاعريءَ کي گهڻ اهميت ڏيون، پر حقيقت اها آهي تہ لوڪ شاعري اسان جي تهذيب، ثقافت، مزاج ۽ ذهن جو هڪ چٽو پٽو اولڙو آهي. ان شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جو ذخيرو هوندو آهي، تنهن ڪري ٻوليءَ جو ذخيري مان لاڀ پرائڻ ۽ ان جي روايت کي برقرار رکڻ لاءِ ان جو اڀياس ڪرڻ ضروري آهي. اسان جون قومي حقيقتون ان ۾ سمايل آهن، تنهن ڪري پنهنجو هاڻوڪي شاعريءَ کي لوڪ شاعريءَ جي روايت سان ڳنڍڻ اٽٽر آهي. ان کان پوءِ ڪلاسيڪي شاعريءَ جو مطالعو ڪجي. ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ اسان جا سمورا صوفي سٽ جا شاعر اچي وڃن ٿا. جمعيت شعراءِ واري روايتي شاعري بہ پڙهجي چو تہ اسان ان تجربي مان پڻ لنگهي آيا آهيون. پوءِ وري جديد شاعري کي پڙهيو وڃي. مهراڻ جي اوائلي دؤر ۽ سنڌي ادبي سنگت جي عروج واري دؤر جي شاعريءَ کي پڙهيو وڃي. اهڙيءَ طرح شاعريءَ جا بنياد ملندا. جيڪڏهن نوجوانن جو مطالعو ۽ مشاهدو ناهي تہ پوءِ اها شاعري، شاعري نہ پر ڪا ٻي ڪچڙي هوندي.

سنسار: ڪنهن نقاد چيو آهي تہ نوجوان نسل جي شاعري سڪل سڙيل پنن وانگر آهي، جنهن مان رڳو مستقبل لاءِ پاڻ ٿي نهي سگهي ٿو. تہ ڇا توهان جي خيال ۾ نئين شاعريءَ ۾ ڪي نوان گس، ڪا نئين منزل بہ آهي يا رڳو مستقبل لاءِ پاڻ ٿي نهي پيو؟

شمشيرالحيدري: مون کي خبر ناهي تہ اهي ڪهڙي نقاد سڳوري جي راءِ آهي. بهرحال، مان ان سان سهمت ناهيان، ڇاڪاڻ تہ اسان کي جيڪي اميدون آهن نوجوانن مان، سي ماضيءَ وارن کي بہ اسان منجهان هيون. جيڪڏهن اڄ اسان نئين نسل مان ڪا اميد نہ رکنداسين تہ پوءِ معنيٰ انهن ماڻهن جي اسان مان اميد رکڻ بہ غلط هئي. تنهن ڪري اهڙي انداز ۾ نہ سوچڻ گهرجي. جيڪڏهن هن وقت هزارين شاعر اسان وٽ آهن تہ پوءِ انهن مان ٿي بہ چار چٽي چنڊ جي اڳتي ايندا، معنيٰ تہ اسان جي سنڌيءَ شاعريءَ جو سلسلو هلي ٿو پيو سموري شاعري پاڻ ٿورو ٿي آهي.

سنڌ کي اڄان شمشير جهڙي انسان جي ضرورت هئي، پر ظالم وقت ڏاڍو بيوفا آهي، جو شمشير جهڙو ڏات ڏڻي اسان کان اڌري هليو ويو. ڪيس، سنڌ جي ڌرتي تي اڃان ڪيترائي گل ڦوٽا ڦوڪڻا هئا، پنهنجي قلم سان ڪيس اڃان ڪيترن يزيدن جو سينو چاڪ ڪرڻو هو. هُو مسلسل جدوجهد جي علامت هو. پنهنجي نالي وانگر حيدر جي تلوار هو. هُو هڪ پارس جهڙي شخصيت جو مالڪ هو. ادب جي جنهن به صنف کي ڇُهيائين ٿي ته اُن کي سون بڻائي ٿي ڇڏيائين. سندس لکڻين ۾ ٻولي توڙي معيار عُروج تي نظر اچن ٿا. هو عزم، ارادي ۽ عمل جو شاعر ۽ اديب هو. هُو پنهنجي لکڻين ۽، ڪردار ۾ زنده آهي. هُو جسماني طور، اسان کان الڳ ٿيو آهي پر روحاني طور اسان سان گڏ آهي.

اي شمشير!، هي سنڌ ۽ سنڌ واسي توکي قيامت تائين ياد رکندا. بيشڪ تو سنڌ ۾ جيڪو محبت جو باغ پوکيو، اُهو سدائين سائو ۽ سُرهو رهندو ۽ اُن جو واس هر هنڌ پکڙندو.

اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آديسي اُٿي ويا مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا.

- مهرالنساء لاڙڪ